يا آهيان گل گلاب جو جنهن سرِ ۾ سرهائي
۵. يا تہ چشمون آهيان جو آبر پريو آب
تهن ۾ سايو سج جو يا پاڇو ئي مهتاب
٦. ياتہ پاڇو حق جو آءٌ اصل کون آهيان
جنهن ۾ ڳالهہ ناهہ تا سوپي تا ناهيان
۷. ڳالهہ **سچوءَ** تا سمجهي کوڻ هاديءَ اهائي
تا غير خدا جو ناهين آهي صاحب سدائي

کافي سارنگ ۴۲۳

وٹيون سين وه واهہ
پڙهندي پروانو پرين جو
۱. اوڏا مينهن ملهار ٿيا
گل کليا ءِ گاهہ
۲. سيئي سڄڻ سامهان
حال پائي همراهہ
۳. محبت پنهنجي من ۾
چوريءَ مچايو چاه
۴. سِکَ تا سڄڻ جي
اُجهايو آڙاهہ
۵. ديس ڇڏي پرديس ويا
دوست پرين داناه
٦. هوتن ڏانهن نہ هکڑي
مڙيئي مانڈانهن
۷. پرين جي پيغام کيو
آرامي ارواح

Scanned by CamScanner

۸. قاصد تو تان آءٌ کریان هي
سر صدقي ساهُ

۹. اگڻ آسروند جي
آٹيندن الله

۱۰. سچو چوي رب ميڙي
روز پچان آءٌ راه

۴۲۴ ریختو سارنگ

لیا برہ بلبلی سوں، جب رت آئی بہاراں
فریاد وصل سیتے کرتا جوں بے قراراں
۱۔ ہم حال اس کوں پوچھا، عاشق گلوں کا تم ہے
کہہ وصل یا ہجر ہے، روتی ہو زارزاراں
۲۔ منقار بیچ گل ہے، کرتی ہولکھ فریادیاں
کہہ یہی سبب کیا ہے، حاصل ہے گل ہزاراں
۳۔ اُس مجھ سوں پھر سنایا، اے بے خبر برہ کا
اس کام میں رکھا ہے، مجھ کوں رے آں نگاراں
۴۔ آندیاں نہ خوش فریادیاں، موریاں رے اس صنم کو
تس واسطے نہ چھوڑوں سچُو رے یہی پکاراں

۴۲۵ کافي سارنگ

مارڪيان تلواريان، اکيان تيڏيان خون ڪريندیان
قهر ڪمائيندیان
۱. بجلي وانگر جهلڪا ڏيندیان
پارپیان ڪٽاريان
۲. مئين نماڻي دي مارڻ ڪارڻ
فوجان چڑهیان باریان

Scanned by CamScanner

٣. آءَ ساجن لهين **سچوءَ** سنيالان
مهر كرين سرماڙيان

كافي سارنگ ٤٢٦

رانجهن نُون پرچاوين، كيڙا رُنا تہ پي گهوليا وو

١. مئين رانجهن دي رانجهن مئيڏا
كيڙا كؤن بلائين

٢. لوك آكي چاك منجهيندا
رانجهو سِر دا سائين

كافي سارنگ ٤٢٧

تُنهنجي چشمن چيٹك لايو
آءٌ هاڻي كيئن كريان

١. كل نہ مونكي كا هُئي
عشق اچانك آيو

٢. دل اسانجڙي لعل لپيٹيو
رمزن جو رنگ لايو

٣. سدا گهرجي سپرين!
محبت جو مون مايو

٤. راتيان ڏينهان يار **سچل** جي
روح جو ايڈهن رايو

كافي سارنگ ٤٢٨

يار ٹئين وڃي ياقي، متان هي وسارين ميان

١. پيو سيو مُون وسريو
بره رهيو هك باقي

Scanned by CamScanner

٢. تنهنجي طالب آهيان
مُحب مون تا ميثاقي

٣. ڪر منهنجو ڪيچ ۾ وو
هاڙ هو سپ هلاڪي

۴. لاهج پنهنجي لطف سان
گولي ۽ ڪؤن غمناڪي

۵. ڪر پاچاڻي پانهنجي
سچو هي ڪُساڪي

ڪافي سارنگ ۽ بروو ۴۲۹

نيو هي نماڻي نال، مَ ڇڏ يار

١. جيهي تيهي تانهجي
سا تا پرين پال

٢. پير پيادي هلندي
جيهي تيهي حال

٣. هر دم اوريان دل دي اندر
ڳجهي تيڏي ڳالهه

۴. سائين لڳ سچو دي اُتون
ورق وڃوڙيدا وال

داستان سارنگ جي ڪافين جو پورو ٿيو

Scanned by CamScanner

داستان ستون

بروي ۽ تلنگ جي كافين جو

كافي برووَ ۴۳۰

اسين ساڳي خُود آهيون، عام چوي ائين ناهي

۱. ماڳ انهي ۾ وي ميان شاهه منصور جون وي. ڏنيون لک گواهيون
كيئن چڙهيو وجي ڦاهي

۲. شاه شرف جي ني وي ميان سر تي سَمهيون وي. سر وُڙهيون سرواهيون
عشق اوقات پي آهي

۳. بتخاني كون وي ميان رهي بيزاري وي. كيئن كعبه ڏي كاهيون
دين ايمان پي چاهي

۴. ساعت هِن ۾ وي ميان سڀ چنيون سي وي. قِكل واريون ڦاهيون
چاڙهه انهيءَ تؤن كير لاهي

۵. زوران زوري پون اوقاتان وي ميان. ڏاڍيون بره جيون باهيون
سچو آهي كڏهن ناهي

كافي برووَ ۴۳۱

هيءَ غريب نماڻي، كيئن بيراڳڻ كيئِي

۱. معاف مدايون كر تهين تئون الله لڳ آرياڻي
پيش اچي جا پيئِي

۲. بيڻي آهيان يار انهيءَ تي حُب منجهؤن هوتياڻي
ڳالهه چُكيءَ جا چيئِي

۳. هك خيال ني دل تي ٿُنهنجو تنهن كَيَسِ جوڳياڻي
خيال پيا سڀ كيئِي

۴. واعدن واري ڳالهه اسان سان هوت كَيَئي جا هاڻي
كيئن وسري سا ويئِي

Scanned by CamScanner

٥. ڏک ڏوراپا کهڙا توسان پرين سا کيئي پچاڻي
نال نماڻي نہ نيئِي

٦. پري ناوڪ نينهن جي سائين سچوءَ کي. ني سجاڻي
هوت پري جا هيئي

کافي برووِ ۴۳۲

آکوڙي آءٌ کير، آهيان ذات نہ چاڻان کير وي

١. سهي کري کين سگهان ٿو
پينر پنهنجو پيرُ

٢. کاٽؤن ٽي آءٌ کاڻي آيس
پريؤن پاٽُم پير وو

٣. ساڳوئي سو رانجهو آهيان
تنهن ۾ قند نہ قير

۴. پاٽون چاڻي پير گهمايم
سرهو کيڙم سير وو

٥. جوڳي ٽي کر جوڳ پچايم
ڏاڍو کيم انڌير

٦. مکي منجهه مسيت بنايم
جٽيون جيسلمير

٧. سچو نانؤ نہ آهي منهنجو
هڏ نہ آهيان غير وو

کافي برووِ ۴۳۳

آهيان آءٌ اسرار، جيڏيون! مونکي کير پانيو ٽيون

١. کن نہ ڏيان کيچ ڏي
پنيورؤن بيزار

Scanned by CamScanner

٢. ڇڏي پاتشاهي پانهنجي
ڪيڙم هِت شڪار
٣. آيس هن عالم ۾
باري چائي بار
۴. آٹيون صدق يقين سان
اديون ڏي اعتبار
۵. نوري ناري ناهيان
آهيان رب جبار
٦. ماريو آهه منصور جي
خُونن هن خمار
٧. مُرشد پانهون نه چيو
تون سچو آهين سردار

كافي بروو ۴۳۴

دوست تنهنجي درد جي هي ڳالهه
آءٌ ڪنهن سان ڪريان
١. ڇڏ پرين پرڏيهه تون ميان!
ڏک اوهان ٻاجهون ڏريان
٢. دوست رَهه هِن ديس ۾، ميان!
ساهه سرُ منجهون سورن پريان
٣. لک سيئي وٽي لنگهيس ميان!
پُورئون اوريان پريان!
۴. ساڻ چرخي چت جي ميان!
وره جا ڏاڳا وريان

Scanned by CamScanner

٥. سِرُ **سچو** چوي پانهنجو ميان!
دوست تو آڏو ڏريان

كافي برووَ ۴۳۵

كنهن ٿون آپ لكايئي وو كنهن ٿون آپ ڇپايئي وو

١. كسدي كيتي رانجهن سائين
جُهونا بگل هندايئي
٢. تون تا تخت هزاري دا سائين
كيون كر چاك سڏايئي
٣. جوڳي هوكر مُرلي هٿ كر
دردر ڦيرا پايئي وو
۴. منجهيندا تون مانجهي هوكر
كيڏا هُنر هلايئي
٥. سپ سنيان دي وچون والي
ويڑها ساڏا وسايئي
٦. بار بره دا سرتي چا كي
سچو نام ڏرايئي

كافي برووَ ۴۳٦

تون تا وسين منهنجي من ميان!
توكي چئي ٻُڌايان چا
١. هوت سنديوَ آءٌ حاضري
ٻيون سي ڏنڙيم ٻن ميان
٢. مقصد منهنجو تون ٽئين
ٻيا كعبي نيت كن ميان
٣. آءٌ گهٽو گهوري تن جي
كيو سر صدقي جَن ميان

Scanned by CamScanner

۴. عـرض اِلاهـون عـاجزن
ڪوه نہ ڪرين ڪن ميان
۵. اڪين عام آوڙي توکي
جانـي ڏڻـو جن مـيـان
٦. آهـي **سچوءَ** ڪي سدا
طلب توهانجي تن ميان

ڪافي برووِ ۴۳۷

سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بٹيجي
۱. وچ ميدان محبت والي
دم قـدم ڏريـجي
۲. اها تڪبير فنا في والي
پهلي پهر پڙهيجي
۳. مار نغارا اناالحق دا
سُولي سِرُ چڙهيجي
۴. اندر باهر هڪو هويون
موتواقبل مريجي
۵. وچ ڪُفر اسلام ڪڏاهان
عاشق تانہ اڙيجي
٦. سبحاني ما اعظم شاني
سچو سِرُ سٹيجي

ڪافي برووِ ۴۳۸

مئين ويسان تخت هزار، چوڙڪي جهنگ سيالينڊا سنيان وي
۱. پاپل وير تي مايو مئينوُن، حيلي ڪرن هزار
مئين تا شرم حيا ڪنُون ڳيان وي

Scanned by CamScanner

٢. لوڪاندا ڪوئي غرض نہ مئينون، رووان زارو زار
مئين تا در سُهٽيدي پئيان وي
٣. رنگپور مڏا روح نہ پاوي، ڪيڙي سپ خوار
مئين تا مِلڪ رانجهو دي ٿيان وي
۴. ويسان ويسان مول نہ رهسان، ست سيو سينگار
سچو بره لائيندا بهيان وي

ڪافي برووِ ۴۳۹

پول نہ پئي ڪنهن پُل، تون تہ آدم ناهِئين
١. لڪو ٿو لاتيون ڪرين
جيئن باغ اندر بلبل
٢. ملڪن ٿي سجدا ڪيا
واهہ مٿي تنهنجو مُلهہ
٣. ڪير ٿَپائي ڪير ڪُڏائي
شاه بنا دُلدُل
۴. احد منجهارؤن عبد سڏايُئي
هُئين تا پاڻ اصل
۵. **سچل** چوي سچ ٿي آئين
ڪونهي تُنهنجو تُل

ڪافي برووِ ۴۴۰

ساروئي سِرُ آهي، ڪاڻي سچل ڪاڻي ذات سچل جي
١. مؤج درياء حُباب ڪڙا ڪيا
ڇاڄ ڪو شڪ ناهي
٢. آهي اُونهو اسِرار الهي
ڇا منجهارؤن ڇاهي

Scanned by CamScanner

٣. پنهنجي پاڻ پسڻ جي ڪارڻ
ٿاهه لکين ٿو ٿاهي
٤. عاشق عشق معشوق اِهوئي
ڏانوءُ ڏاڍو ڪيو ڏاهي
٥. اِلاالله اثبات مڙيوئي
"لا" کي ڇڏ تون لاهي
٦. لي مع الله سمجهه اشارت
فيل لنگهيو منجهه پاهي
٧. واٽ اِهائي وحدت واري
ڪامل ايندا ڪاهي
٨. اوئي اندر اوئي پاهر
ڪيئن چوان ائين ناهي
٩. ڳالهه **سچل** جي سالڪ سمجهن
لوڪ ليکي پيو چاهي

ڪافي برووَ ۴۴۱

هيئين م وج تون ماريون
هوت نماٽيءِ کي ميان
١. سڪ ٿُنهنجي سپرين!
ڪُوڪان هنکي ڪاريون
٢. پرين پري ڇو وڃي
پارڻ دل ۾ پاريون
٣. پاجهه پاروچا تو پوي
سُٽي ضعيف جيون زاريون
٤. جايون ساري جيءَ ۾
وره اوهانجي واريون

Scanned by CamScanner

٥. ميان مشتاقن جون
سَهَ آرياٽي آريون
٦. سُک اُتي ٿيوَ سپرين!
ڏک هتي ڏيهاڙيون
٧. راتو ڏينهان ٿو روئي
سچو توکي ساريُون

كافي برو ٤٤٢

هوت كڏهن هت ايندو، كَهَ كانگا كَل ڏي كا
١. چؤكي وهِندؤ اتهين
كي ساڻ نماڻي نيندو
٢. هيكند اچي هوت مُون
هِن ٿكي سان ٿيندو
٣. پاڻ پنهنجو سپرين
ساڻ غريب گڏيندو
٤. پكا پاچاڻن كي
اوڏا يار آڏيندو
٥. هوت پنهنجا هٿڑا
هن ڏكي تي ڏيندو
٦. سنگت پنهنجي سپرين
سچوءَ كي بہ سڏيندو

كافي برو ٤٤٣

عشق عقل كيا لڳي، وو لڳي سُڻ ري قاضيا
١. دوڙ عقل دي كتلي توڻي
عشق دي منزل اڳي وو اڳي

Scanned by CamScanner

٢. نال عقل دي ڪيئي پساري
ڏيڪ بره ڪنون ڇڳي وو ڇڳي
٣. مئين رانجهو دي رانجهو مئيڏا
ڪيڏاڪيون وت وڃي وو وڃي
۴. بوءِ بره دي جنهان نون هوئي
يار اُنهان نون ٽڳي وو ٽڳي
۵. دوست منگي ٿو **سچو** جنهان نون
پرت تِنهاندي تڳي وو تڳي

ڪافي برووِ ۴۴۴

عشق عقل دي نهين نهين، سُڻ ري قاضيا
١. مسلي واليان ڳالهيان ڇوڙين
اڳون اسان ناڀهيون ٻهين
٢. وَسُ اساڏا ڪوئي نه آها
نال اسان ڪيون ڪهين ڪهين
٣. عشق اسان نون وي علم تسان نون
نال اسان ڪيون ٽهين ٽهين
۴. صاف دلياندي ڪيئي هوسن
پت پراڻي ڪنهين ڪنهين
۵. عاشق هوڪر آءٌ **سچوري**
سوز سڃڻ دا سهين سهين

ڪافي برووِ ۴۴۵

پرديسي گڏيا دوست لو هجر هلاڪي
آيا اڳڻ منهنجي جن ڪيو فراقي

Scanned by CamScanner

١. جن ڪاڻ سِڪيس سال ويٺي واڙين تي
مَون ساڻ اچي سي مُحب ٿيا مُلاقي
٢. پرديس لڳ مُون ٿي پانڌي روز پڇايا
مونکي ڪانہ پئي خبر اچي سي ٿيم اوطاقي
٣. پهريون پانڌي هٿ پاڻ مُڪائون ٿي
هاڻ هڪ ٿيا مُون سان جي يار هوا ياقي
٤. آهي سڳ **سچو** دوستن جي درجو اصل ڪون
تن ڏيڻ ڏوراپو ناهي مست ميثاقي

ڪافي برووَ ٤٤٦

يار پانڌي ڏي ميان يار، ساڻي ڏي ميان پلوڙي ميان
ڪيچيئڙا يار وي ٻيليئڙا ڪڏهن اسانوٺ ايندا
١. هوندا اسانوٺ يار هميشه
ڪي ڏڪ ڏئي پوءِ ويندا
٢. اهو اٿم آسرو
چوري تانہ چڏيندا
٣. صاحب پنهنجي ساڻ سان
هي غريب گڏيندا
٤. پڪا پنهنجا چؤ ڏي ساڻي ميان!
ڪي هٿ عجيب اڏيندا
٥. **سچو** توتي سپرين پلو ميان!
پاڻ اچي هٿ ڏيندا

ڪافي برووَ ٤٤٧

دوست دلاسا ڏيئي، ڏڪ ڏوڙو وري ڏيندئي
١. متان ويهين ماٺ ڪري، يار سڃڙ سان تو پيئي
ساڻ نيٽن دل نيندئي

Scanned by CamScanner

۲. مون تا ڏٺا ڪيترا، ماريا سي ڪجلين ڪيئي
اڄ صبح تو وٽ ايندئي
۳. **سچو** آڏو سڃڻان، پانهون ٻڌي آءٌ ٻيئي
سپ بديون بخشيندئي

ڪافي برووَ ۴۴۸

رات پرين ۽ ڪاڻي ٻيئي، اڙي ساڻي سُڌِ ڏيجو
۱. پڇاڻا پرين جي، حال اسان هِت هِيئي
ساڻ ٿَڪيءَ هڪُ ٽيجو
۲. پسڻ ڪارڻ پرين ۽ جي، ڪانگ اڏايم ڪيئي
نال وڃي هي نيجو
۳. عرض آرياڻي ڪي، نانؤُ ڏٺي ۽ هي نيئي
پانهون ٻڌي ڇگيان ڇئجو
۴. **سچوءَ** پاروُن ساڻيو! ڪين ڏوراپا ڏيئي
پيرين پانڌيو وڃي پئجو

ڪافي برووَ ۴۴۹

حال هلڻ جو مون ناهي، آءٌ تا ڪيڇ پهچان ڪيئن
۱. ناتو نماڻي ۽ جو اصل توسين آهي
هي هوت نہ ڇڏج هيئن
۲. تون تا صاحب سپريں سڳ نہ ٿي ڪو ساهيان
ڪر جاني وڃئي جيئن
۳. پسي حال حقير جو آءٌ ڪوهيارل ڪاهي
ڪر **سچو** پنهنجي سِيئن

Scanned by CamScanner

كافي برووَ ۴۵۰

آيو منهنجي گهر يار، جنهنجي ڪارڻ
مون ٿي ساڻي سنيايا

۱. در پيهي مون آئيو
دوست مِٺو دلدار

۲. سوئي گڏيو سپرين
هو جنهن جو جيءَ کي جار

۳. بلڪل ڪيائون پانهنجو
ڏنائون قول قرار

۴. معاف ڪيائون مهر سان
جا مونتي هُئي ميار

۵. **سچو** سرهائي ۾ رهه
ڇڏ روئڻ زارو زار

كافي برووَ ۴۵۱

منهنجي اڳهين لڳي، ناتا هاڻ لڳي دل
الوالو تنهن يار سان

۱. روز ازل ڪؤن اکيون لايون سي
دوست مٺي دلدار سان

۲. ڪيئي دِاناءَ ديوانا ڪيائين
چشمن جي چمڪار سان

۳. دوستن جي در اچي پيس
اصل سچي اعتبار سان

Scanned by CamScanner

۴. پـريـن اسـان وٽ پـيـهـي آيـو
صورت جي سـينـگـار سـان
۵. جيڪي ٿئي ٿو جوش وارن سان
سـو نـه ٿـئي هـوشـيـار سـان
٦. نـاز نـيـاز جي نـيـنـهـن وارن ڪـي
تِڪَ ڪـيـو تـلـوار سـان
۷. سـر **سچوءَ** ڪيو صدقي سائين
عـقـل ڇڏي اختـيـار سـان

ڪافي برووَ ۴۵۲

هُو ڪهڙي وات ويام، آءٌ تا ڳوٺ رهيس سڀ ڳولي
۱. عـشـق تـه عـاشـقـن جا اڳهـين ٿـي ٻُڌام
ٿـولـي ڪـيـئـن لـڪ ٿـولـي
۲. ڪوڪان ڇڙهي ڪوه تي ڪيڇيڙن ڪي ڪيام
ڇولـي سـر مـون ڇولـي
۳. ڏورينديَ مون ڏونگرين، سرتيون سال ٿيام
هـاڻـي رنـدلـڏم مـون رولـي
۴. **سچو** آءٌ تـا ناهـيـان، پـوءِ ساري سُڌِ پـيـام
ٿـو پـاڻ پـاروچو پـولـي

ڪافي برووَ ۴۵۳

ڳلي ڳلي مون ٿي ڳولي ڳولي، يار سڃڻ تنهنجي ڪارڻ
۱. ڇڏي لاڳاپـا لـوڪ جا، اسـان تـا پـانـهـپ پـولـي
۲. ٿيس ديواني دوست اوهان لاءِ، ڪري چيهاڙيون چولي
۳. اچي اچانـڪ انـدر اسـانـجي، حُب مـچائـي هـولـي

Scanned by CamScanner

۴. اصل لاکون آهي اوهانجي، هيءَ غريب سا گولي
۵. سڪ وارن کي **سچو** ملندي، ٽکر منجهؤن ٽولي

ڪافي برووَ ۴۵۴

اڄ تا خبران آيون آيون، دوست اوهانجي ديسؤن

۱. وري وسائيندو سگهڙي جاني
پسو پهنجيون جايون جايون

۲. ته کو ويندين نکري هيئن
پُلي کين پانيون پانيون

۳. ڏک وڏو ئي ڏيل منهنجي کي
وئين تون لعل لايون لايون

۴. راتو ڏينهان روح پنهنجي سان
ڳالهيون سنديوَ تا ڳايون ڳايون

۵. اچڻ اوهانجي جُون طرف **سچوءَ** جي
شال وري ٽين وايون وايون

ڪافي برووَ ۴۵۵

قلندر جوڳي کيسي تو بين بجائي

۱. دل درياه ديان سؤ لک لهريان، لهرين نال لڙهائي
۲. رانجهن آيا اڳڻ اساڏي، سُرهي سيج وڇائي
۳. الگ لکيو ني اڳهين، سُهٽي نال سدائي
۴. مئين رانجهن دي رانجهن مئيڏا، لؤن لؤن رانجهن ماهي
۵. **سچو** هي مسڪين الله دا، در در باب تي مائي

Scanned by CamScanner

كافي برووَ ۴۵۶

ڪريان اسرار مئين ظاهر هُئي حيرت ۾ حيراني
نڪا ڪا جوڙ جسماني رهي ڪٿ شڪل انساني

۱. عجائب بحر وچ پيوسي، جسم ۽ جان ڪون ڳيوسي
لهر آپي آپ هُڻ ٿيوسي، ٿئي سڀ مؤج نوراني
۲. سنو منصور کي سرسي، سُولي ڪنون نہ ڪڙا ترسي
بره دي بُوند سر برسي، جسم ڪنون ٿيا فنا فاني
۳. ماريُس اناحق دا نعره، ٿيا هس جسم سو پارا
پڙهيُس سِرُ حق دا سارا، ڪيتُس جند جان قرباني
۴. نظر ڪوئي غير آئندا نہ دم وچ غير سماندا
آپ نال آپ لؤن لائندا، ٿئي سڀ رُوح رُوحاني
۵. منجهہ انا اليہ اشارت، هُئي عبرت همہ حيرت
جيهي وحدت تيهي ڪثرت، سچو هي سِرُ سُبحاني

كافي برووَ ۴۵۷

اهو ويو هاڻي ڪاڏي، جنهن سچو سو نانءُ سڏايو

۱. مُڪڙيءَ منجهؤن ني وي ميان ٿيو گل پيدا وي ميان
مُنهن ڪري بيٺو ماڏي
۲. سُڌِ نہ پيئي وي ميان طرف انهي جي وي ميان
جان جٿو ويو جاڏي
۳. اهو هلي ٿو وي ميان اهو چلي ٿو وي ميان
گوشو ڪيو وڃي ڪاڏي
۴. ڏيهہُ ڏاڏاٽو وي ميان اڳ ڏڻوسي وي ميان
پلڪ ڪئي پڙ ڏاڏي
۵. نانؤ سچوءَ جو وي ميان ويو اوڏاهين وي ميان
طلب وئي پي تاڏي

Scanned by CamScanner

ريختو بروو ۴۵۸

خدا کس جا نهيں چهپدا، اله جگ لوك سارا هے
نه کوچے نا گلی چهپدا، اله جگ لوك سارا هے
۱۔ به هر جائيں به حاضر هے، اندر باهر بهی ناظر هے
اکهيں کهولو تو ظاهر هے، اله جگ لوك سارا هے
۲۔ کهاں دعوت کی درويشی، کهاں دردوں سے دلريشی
کهاں رکهدا هے بدکيشی، اله جگ لوك سارا هے
۳۔ کهاں لکهه ورد پڑهتا هے، کهاں آپ نال لڑتا هے
کهاں خُونناب کرتا هے، اله جگ لوك سارا هے
٤۔ کهاں بازيگراں بازی، کهاں ميدان کا غازی
کهاں مفتی کهاں قاضی، اله جگ لوك سارا هے
٥۔ کهاں دلقی گداگر هے، کهاں پيری مجاور هے
کهاں سلطان سرور هے، اله جگ لوك سارا هے

Scanned by CamScanner

ڪافي برووِ ۴۵۹

تون آهين صاحب صورت جو، هي آهي غلام تنهنجو
آهي ذوق شوق سهٹا مونکي مدام تنهنجو
۱. جي آهن اصل اوهانجا، سي ناوسارجو ميان
مُون تي آهي مقرر، سائين سلامُ تنهنجو
۲. راتو ڏينهان روئڻ ۾، هينئڙو اُداس هُئيڙو
رهبر آڻي رساٹيو، پريم پيامُ تنهنجو
۳. دلگير تون متان ٿئين، ڪر دُور درد کي ميان
اول آخر اسانوٹ، هوندو مقام تُنهنجو
۴. رد ڪر فنا فڪر کي، اُميد وار ٿي رَهه
هِت هُتِ يقين چاڻج، آهيان امام تنهنجو
۵. تونَ آهين اصل اسانجو، آهيون اسين سي تهنجا
آهي قبول ڪُلي، سچو ڪلام تنهنجو

ڪافي برووِ ۴۶۰

آءٌ اصل ڪوڻ آهيان ڪولو غلام ٿُنهنجو

۱. مونسان وعدو ڪيڙيءَ ويهي ڪالهه پکي هنِ پيهي
ناهيان ڏُور اوهان ڪوڻ ڏيهي، ڪن لايان ڪلام تنهنجو
۲. تنهن ڏينهن لاکُون تائين، مُنهنجو ساه سکي ٿو سائين
پيو اوچتو هندائين، دلکي دام تنهنجو
۳. چڏ سپ لاڳاپا لاهي، اُهو وڃڻ تہ واجب ناهي
اهو فرض اسان تي آهي، سجدو سلام تنهنجو

Scanned by CamScanner

۴. ڏاڍا خوني نيٽ خُماريئي سي ڏاڙي ڪارڻ ڏاريئي
ملڪ نيٽن سان ماريُئي هر جا حُڪام تنهنجو
۵. آئي سائين ڏهون وراڻي پيا خيال ويا اُڪاڻي
تون ته سرور بٽي سڃاڻي، **سچو** آهي امام تنهنجو

ڪافي برووِ ۴۶۱

سڃڻ تنهنجو بره باري، اسانجي تو ساڻ ياري
آءٌ تا پانهي تون تا سائين، پڌي پانهان ڪيم زاري
۱. اچانڪ لؤن جا تو لائي، پئي تا ڪَل نہ مُون ڪائي
وٽيئي جائي ڪيئي سائي، پاتيسُون ڳل ڳچيءَ ڳاري
۲. وڏوسين طلب ۾ توئي، نہ هو هِت حال مون ڪوئي
چوان هي حال ڪنهن روئي، معلوَم آهي توکي ساري
۳. اُليلان عشق جي لايون، ويون وسري سيئي وايون
اسانجي طرف ڏي آيون، ڪئي سپ لوڪ بيزاري
۴. لکان ڪيئن ڳالهه هن دم جي، ڏاڍي آهي راه هو غم جي
ملامت ڪُل عالم جي، اسان تا اصل اختياري
۵. **سچو** ڪرسو شڪرانا، پُڇي نا بره بيگانا
توڙي هت ٿياسي ديوانا، مليوسين دوست هڪواري

ڪافي برووِ ۴۶۲

جڏهن پرين پاتم جهاتي، تڏهن حاجت ناهي حج جي
۱. اچڻ ساڻ اُنهن جي يارو، عشق ڪئي اثباتي
۲. سپ ڪجهه ٿيئڻم حالون محرم، وسريُمِ ذڪر ذاتي
۳. چوريُ چوريُ يار سڃڻ سان، ڏس **سچو** دل ڦاٽي

ڪافي برووِ ۴۶۳

ٿيان خوشيان، جو پانڌي آيا هي

Scanned by CamScanner

اُهين دي پار دا. پلا ماهي يار دا

١. گهنڪي نياپي وي دلاسي دي وي ميان ساڏي طرف دي نال
پٽيان سئي چٽيان

٢. مئن وي اياڻي نينهن ڪي ڇاڻان ڳوڙهي عشقدي ڳالهه
لُٽيان سي ٽيٽيان وي

٣. ندي ڪناري وي رانجهن سائين، جاري ڇاڪاندي ڇال
ڪٽيان سي مٽيان

٤. ٽلي ڪرڪي سپ سيالیان وي. آندیان اپٽي خيال
جَٽيان سئي مٽيان

٥. رانجهن سائين تخت هزاري دا وي مئن ڪيا. هير سيال
وٽيان سئي ڪُٽيان

٦. جهنگ سيال پي وي **سچو** ساري وي ميان! ويڪو اساڏي جال
سَٽيان سيُ چُٽيان

ڪافي برووَ ٤٦٤

اصل اسانجڙو آهي، ننگ پاروچل توتي
چڏڻ مناسب ناهي، ننگ پاروچل توتي

١. ذرڙو جنهنڪي ذوق تُنهنجي جو
ڇپر تهنڪي ڇاهي

٢. جاڏي گهمائين تاڏي گهمون ٿا
ڏور وڏي مون ڏاهي

٣. جيهو تيهو يار اوهانجو
ڇڏڻ لائق ناهي

٤. ٽرين برين يار ٽڪيءَ ڪي
رس ڪوهيارل ڪاهي

Scanned by CamScanner

۵. ساه **سچوءَ** جو در تنهنجي ڏانهن
هڏ نه آسرو لاهي

كافي برووِ ۴۶۵

نٽي وٽي ڳالهه ٻي، ڏي جيڏيون! مونکي نٽي وٽي

۱. آءٌ نه ڪنديس وي اهڙي ٻلو ميان
ڪيچين جا مونسان ڪي

۲. اوهان مِڙن ۾ وي مَستُ جو ٽيڙس
پيالو عشق جو پي

۳. اوهين مڙيئي وي عقل واريون وي
آءٌ جو بيراڳڻ ٽي

۴. **سچو** پچاڻا وي سپرين، ٻلو ميان!
ڪوه ڪنديس هتي وهي

كافي برووِ ۴۶۶

آهي انهن اکين ڪي، خاصو خُمار تنهنجو
ويٺو وٽي مان آهيان ڪامل قرار تنهنجو

۱. هن ڪي اوهانجي ٻاجهون آهي نه ماڙ ڪائي
هي تا غريب آهي اميدوار تنهنجو

۲. ٽي پاڻ ڪوڻ پري تون، فرمائيو اوهان جو
آهي ڇميل اصل ڪون، هي اعتبار تنهنجو

۳. هن تي ڪرم وڏو ڪيو، جو درد دل بَڃايُوَ
ساريان لُطف سنپاريان، ني بيشمار تنهنجو

۴. چاهوڻ ٽيو اوهانجو، دامن لڳو جو آهي
سچو غلام چاڻي جو، داغدار تنهنجو

Scanned by CamScanner

كافي برووَ ۴۶۷

لنگهي ويون ڪالهه قطارون، ڪُونجڙين جون
ڪيچ وٽن ڏنهن ميان

۱. ڪنديون ويون وو ڪيچ ڏي ميان، الا
طرحين طرحين تنوارون

۲. ويچاريون ميان الا ولر ڪيو وڙڪن
ڦٽي ٽيون سي ڦارون

۳. ولر ڪُونجڙين جو، ميان
الا ڪنهن اندوه اُڏاريون

۴. انهن جي افسوس جو، ميان الا
پوندين ويون پچارون

۵. اٽن ڳانا پٽ جا ميان الا
موتين مڙهيون مهارون

۶. **سچو** هليو سوز ۾، ميان الا
لاهي لوڪ مياروں

كافي برووَ ۴۶۸

مني اساڏي ڳالهه اتي ڪوئي نه يارو
اهو افسوس اسان ون ڳِهندا وت ميان

۱. دشت بلا ڏنهن اسان جو ويندي وي
ڪوئي نه چلدا نال

۲. ڪڏهان دي اسان ڏسدي آئندي
درد مندان دي چال

۳. مرڻ جيوڻ تي آوڻ جاوڻ وي
پوين نه اهين خيال

Scanned by CamScanner

۴. ڏيندئين صلاحان لوڪان نون ڪيهيان
سچو تون آپ سنيال

ڪافي برووِ ۴۶۹

ندي دي ڪناري ڪڙا وي رانجهو وي، چل ويڪو ڪريندا ني زاري
پچ پچ آيا سو راج سيالينداِ وي. ونجهلي وڃيندا پهون پهون روندا
ليندا اکين رک رک ياري

۲. ڪڏهان ڪڏهان سو تا ٻيڻا روندا وي، ڳالهه سيالينديِ سيڪنون پڇدا وي
اُهين تي آيا ڪوئي بره باري

۳. سوهيدا سپ ويس ڪريسُون وي، جُوئي نال چنڊي وِال ڳنڍيسون وي
تن ڳل گهتيسون ڳاري

۴. مُشڪ گلاب دي نال ڏئيسون وي بويان خوشبويان لڳين لئيسُون وي
ڪرسُون ڪجليان ڪاري

۵. عطر عنبير دا مينهن وسيئسو وي **سچو**، سُرها چاه ڪريسون وي
تنهن تون ٽيسُون وارڻ واري

ڪافي برووِ ۴۷۰

اي پرين! تون پاڻ سان هي گڏاگر نئين گڏيون

۱. هو هميشه مُحب مُون وٽ
وَئون مَر هيئن لوئون لڏيون

۲. محبت اوهانجي مون پرين
ڪئين مال هن مِلڪ ۾ مڏيون

۳. مُحب مهميزان اسان تي
وره تنهنجي ڪيون وڏيون

۴. تنهنجي اچڻ جي ڪاڻ مون
جايون سي اکڙين ۾ اڏيون

Scanned by CamScanner

۵. دوست دلداريون ڏجانئي
چو وڃين هنڪي چڏيون
٦. ساڻ نيون سانول سائين جي
سڳ **سچو** پنهنجو سڏيون

كافي برووءِ ڪؤنسيو ۴۷۱

پينر هي پنيور، اسين چڏي ويندا سون
وس نہ آهيان پانهجي پلو ميان پورُن ڪيڙو پورُ
هت رتي نہ رهنداسُون
.۲. جاءِ عقل جي ناه ڪا پلو ميان! عشق ڏيکاريو هت زور
اُهو وڻي ويندا سُون
۳. پورهيو ڪنديس وي پِرَ جو پلو ميان! پيو **تڪ** تور
اسين جان ڪي جيئنداسون
۴. ڪاڪيون وجي ڪيچ ۾ پلو ميان، هينئن جو هور
ڏک ڏوراپا ڏينداسون
۵. **سچو** ڏڻي سچڙ پلو ميان شوق مچايو شور
تن جي پکي پهنداسُون

كافي بروو۴۷۲

نال ميڏي ڪيئي ڪيئي
يار سچڙ تيڏيان ڳالهين
۱. فضل ڪرم ڏهون ڏيک تون اپڻي
اسان هٿون پيئي پيئي
۲. ڏک ڏوراپي تئيڪون دلبر
مئين رهيس ڏيئي ڏيئي

Scanned by CamScanner

٣. ڏيڪ پيارل نال ڪرم دي
حال مئڏا هيئي هيئي
٤. هٿون اساڏي مُحب ملڻ دي
ويل اِها ويئي ويئي
٥. آوڻ مئڏا اڳون تساڏي
پانهان پڏڻ پيئي پيئي
٦. نال نماڻي دي ڳالهين جي ڪيئي
ياد ڪرين سيئي سيئي
٧. سچو حاضر تئيڏي ڪيتا
نينهن اجهل نيئي نيئي

ڪافي برووَ ۴۷۳

چوٿو چنين چو ٿو چنين، وو محبت لايئي جڙيا جاني مون سان

١. پانهو ڪيڙوَ پرين پانهنجو
ڳٽن سان ڳنهين وو
٢. جوڙي هنيوَ جان ۾
اکين پاڻ پنهين وو
٣. الا ڦٽ فراق جا
رکو اچي پاڻ پنهين وو
٤. سڳ سچو ڪيو در تنهنجي جو
اصل ڳالهه انهين وو

ڪافي برووَ ۴۷۴

وڃڻ آءٌ وڃڻ وو ڪيئن ڏيان
جُڙيا جاني توکي
١. وڃڻ تنهنجو سپرين!
منهنجو موت ميان

Scanned by CamScanner

۲. اوهان ٻاجهون سانول سائين!
وڃي زهر پيان
۳. صورت تُنهنجي سپرين!
ڏسيو ٿي جيان
۴. **سچو** ٻاجهون عشق الله جي
ٻيو سڀ آهي زيان

كافي برووَ ۴۷۵

زاريون كيو زار زار ميان!
ويٺي رُوان ٻڙي جيڏيون
۱. كيئن كريان كاڏي وڃان ميان!
ياقي ٿيڙم يار ميان
۲. راتو ڏينهان ڳالهه انهيءَ جو
جيڏيون ڏي جيءَ كي جيار ميان
۳. پاتو اٿم لڳ پرين جي
ڳل هنجن جو هار ميان
۴. عاشقن كي وو سوز **سچو** ڏي
آهي سدا سينگار ميان

كافي برووَ ۴۷۶

آهي معلوم توكي حال، ميان! اسان نماڻن جو ميان
۱. راتو ڏينهان، آهي اوهانجو خيال، وو
۲. نانؤ ڏڻيءَ جي، اسان غريبن سان، آءُ ٻلا كر ٻال وو
۳. آءُ اچي سُڻ وو يار سياڻا، **سچوءَ** جو احوال وو

كافي برووَ ۴۷۷

پرين نہ ڇڏ ٻئي پار، ساريو تهنجيون ڳالهيون رُوان آءُ

Scanned by CamScanner

١. اڳڻ آسرونـدجي والـي
ايـنـديـن كـهـڙي وار
٢. مـاري هِن مـشـتـاق كـي
كـانـڈ نـه وج كـوهـيـار
٣. آهـين جنـهـن تـون آسـرو
سـا ويـچاري نـه وسـار
٤. نمـاڻـيءَ جي نـجهـري
آءُ گـهـڙي هـك گـهـار
٥. كـيـئي **سچوءَ** سـان جي واعـدا
سـي پـرور لـئـي تـون پـار

كافي بروو ۴۷۸

مونكي هوتن هاڻي، كوڻي تا پنهنجو كيو
١. جت گهٽا پيا جگ ۾ سائين! منهنجو هوت آرياڻي
كنديس كون پيو
٢. لكين پچن پرين كي، آءٌ تا كير نماڻي
سندن نينهن نيو
٣. جيهي تيهي در دوستن جي، عاشق هي اگهاڻي
سارو كم ٿيو
٤. كيائون كناري پانهنجي، هيءَ تا پاڻون چاڻي
جڏو جيءُ جيو
٥. پرين كيو پانهنجو، **سچو** سگ سجاڻي
وچؤن وِرَه ويو

Scanned by CamScanner

ڪافي برووَ ۴۷۹

پرين اوهان ڪؤن پوءِ، ميان،
هت راتيون رهنديس ڪا
پُڻي ايندیس تانهنجي ميان الا
لال وري هن لوءِ پوءِ، سُور سهنديس ڪا
واعدا ويڙوَ وسري
هوت ڪيوَ جي هوءِ، ٻئي ٻول ٻهنديس ڪا
پرين تنهنجي پار ڏهن،
قاصد اچي ڪوءِ، وري هت وهنديس ڪا
سچو سڪ اوهاڻ جي،
هينڙي ۾ هوءِ، هوءِ، ٻئي ٺاهه ٺهنديس ڪا

ڪافي برووَ ۴۸۰

آءُ اڳڻ منهنجي آري، توکي صاحب ساريان ٿي
۱. وندر جي ني وٽن ۾، ميان! الاهوت مِلج هڪواري
توکي گهٽو نهاريان ٿي
۲. پرين وَڙوَن وو پانهنجي، ميان الا دوست ڏيو دلداري
سارو ڏينهن سنيهاريان ٿي
۳. دوست اوهانجي وو درد سان، ميان الا، ڪچي ٻائي ڳاري
سارو روه رُڳاريان ٿي
۴. ڪڏهن ايندين، وو تون پرين ميان الا، سچوءَ ڪج ستاري
هت هنجون ني هاريان ٿي

ڪافي برووَ ۴۸۱

پينر هئين نہ پايون، تہ هوت ڪندا ڪا ههڙي
۱. عشق تا آتش جهڙو
لالن وجن لايون

Scanned by CamScanner

٢. ڏيندیس پاروچن ريُ
پنيور کي باهيون
٣. سرتين سُڌِ نہ سُور جي
هي تَنُ وجن ٿا تايون
٤. ڏنءُ ڏين ٿيون ڏيل کي
سندیون جتن جايون
٥. **سچو** وجي ساٿڑو
چُپ چپاتيون چايون

کافي برووِ ٤٨٢

ڏي دلاسو دوست هِن کي اصل تنهنجو آءِ ميان

١. هت ٿي گذاريان ڏينهڑا، سانول اوهانجي ساءِ ميان
غُصو نہ کر غمناک سان، ناتہ حال هن هاءِ هاءِ
٢. دلبر اوهانجي در بنان، جاني نہ مون پي جاءِ
جنهن کي نہ تنهنجي دوستي، آهي انهيءَ واءِ واءِ
٣. ڏسي اسانجو حالڑو، تون پير اسان وٽ پاءِ
پاڇي وٽي هي پانهجو لالن پهنجي ڳل لاءِ
٤. مطلب اهو محبوب کر، طالبُ نہ هيئن ترساءِ
آهي دم اسان ديدار جو، کنهن وار هي ورساءِ
٥. راتو ڏينهان هُوتانهجون، ڳالهيون ويٹو هت ڳاءِ
کٹ نيٹ نالي ڏٹيءِ جي، هي سڳ **سچو** سرچاءِ

کافي برووِ ٤٨٣

هوندي سپ پر سائن ساڻ، جيڏيون
هي پورهيو بندي وجي کيچ کندي

١. کالهہ کالهوٹي سپرين!
اجان مون وٽ ها مهمان

Scanned by CamScanner

٢. لڳي ڪافن ڪيچ جي
پُرزا ڪنديس پاڻ
٣. اٽن اوتارن تؤن آءٌ
ڪاڪيون ڏي قربان
٤. هٽي ويڙو نڪري
پاروچو مون پاڻ
٥. وهڻ مونکي وِهہ ٽيو
چيٽڪ ڪيڙس چاڻ
٦. **سچو** سوز فراق جو
ڏئي ويڙم ڏاڻ

ڪافي برووَ ۴۸۴

هيڏي هوڏي نہ نهار، تنهنجي ويڙهي سو تا يار وسي ٿو

١. ساڻ سدا آهي تانهجي
پرين نہ آهي پئي پار
٢. ڦولي لهج پاڻ مؤن
ڇو وڃين وٽڪار
٣. پرين نہ پڇ پنڌڙا
تون **سچو** پاڻ سنيار

ڪافي برووَ ۴۸۵

ڏي جيڏيون آءٌ تا پيو نہ ڪندي
منهنجو پيچ پُنهڻ ساڻ آهي

١. آءٌ جنين جي آهيان
سوتا مهر نہ لاهي

Scanned by CamScanner

٢. ڪير ڪميٽي هوت سچڙ سان
سنگ سياپو ساهي
٣. هٿ وجي پئي هوت جي
وس نماڻي ناهي
٤. سوال **سچو** جو اهو آهي
نينهن سندن نيباهي

ڪافي برووَ ٤٨٦

ويجها شال رهن، ميان ڏور لايا جن ڏينهڙا

١. سِگها منهنجي سپرين
پڪي مانَ پهن
٢. وڏا طالع تن جا
جن جي راڄ رهن
٣. هن مُنهينجي حال جي
سگهڙي سي سُڌ لهن
٤. طعنا ڏيو تن جا
ڏاهيون سپ ڏنهن
٥. **سچو** صدقي تن تؤن
جي ٿا ڪيچ ڪهن

ڪافي برووَ ٤٨٧

ڏئي مون ڏيڪاري، اڙي وريو ويو در تون دلبر

١. ڏٺم اکيڙن سان، هوءِ هوءِ حُسن هزاري
٢. وس نہ هُن جو ڪو هيو، هوش نئين هڪواري
٣. دين ڪفر اسلام ڪؤن، بره ڪيئي بيزاري
٤. ڪنهن در ڏيان دانهنڙي، مونجهہ انهيءَ مونجهاري

Scanned by CamScanner

۵. سوز سفيران لايون، هن چُڪي کي چؤڏاري
٦. حاجت هن جي نه هئي، جا تاتل فوج قراري
۷. گهٽي مدت کان پوءِ اچي، دوست ڏني دلداري
۸. باسيائون تا بره جي ميان! **سچوءَ** کي سرداري

کافي برووَ ۴۸۸

هوت ڏهؤن هاڻي آيون
مانڈي خوشخبران هي

۱. اچي اڏيون تا اوڏڙيون
جار ٿُنهنجڙي جايون

۲. چڏي شهر پنيور کي
پير وري ايڏهن پايون

۳. ٿيون جيارن جيڏيون!
اِهي ويچاريءَ کي وايون

۴. **سچوءَ** سنديون دانهڙيون
دوست وري ورنايون

کافي برووَ ۴۸۹

ڏني ڏيکاري ڙي، ميان صورت سپرين جي لو

۱. حسن عه حُسين عه جي کارڙ، زاري ڙي زاري
۲. ورتيم ساري لوڪ کؤن، پينر بيزاري
۳. محبت محبوبن جي، مون اصل اختياري
۴. چوان حقيقت حال جي، هي سچڙ کي ساري
۵. هِت هُت کندا کاکيون، اُهي مون سان موچاري

Scanned by CamScanner

٦. **سچوءَ** سدائين گهرجي، يارن جي ياري

كافي برووَ ۴۹۰

ڳالهه صحيح كيم ساري، ٻڙي جيڏيون يار جي
وو ٻلو جيڏيون هوءِ هوءِ هوءِ

١. جي مون وسَهو جيڏيون!
آءٌ اُهو آهيان آري

٢. ٻوءِ پروڙڻ پانهنجي
لاتي خلق خواري

٣. پاڻ كري ٿو پاڻ كي
يار زوراور زاري

۴. **سچو** ري سِر پنهنجي
بره كيائون باري

كافي برووَ ۴۹۱

هوت وئين كيئن ماري، ٻلو هيءَ نماڻي ڇو

١. هيءَ كميڻي كوڙي، ويڻين كيئن وساري
مانَ قاصد مُنجين كو

٢. هيءَ كميڻي كوڙي، سكئون اوهانكي ساري
تون هوت اسان وٽ هو

٣. **سچو** سگ اوهان جو، واڻان نِتُ نهاري
هي لعل نه ڇڏج لو

كافي برووَ ۴۹۲

هو سو سڃڻ مون ساڻ، جنهنجي كارڻ مون ٿي پوڻيون پڻايون

١. وهو معكم اينما كنتم، آهي سندن اُهجاڻ
جنهنجي كارڻ مون تي فالون وجهايون

Scanned by CamScanner

٢. سدا مون وٽ سپرين، مُحب نآهي مهماڻ
جنهنجي ڪارڻ مون ٿي واٽون پڇايون
٣. اهڙي اوڏائي ۾ ڪونہ ٻيو مون ڄاڻ
جنهنجي ڪارڻ مون ٿي راتيون لنگهايون
۴. هيڏي هوڏي ٿي ڏٺم، ڪين پروڙيم پاڻ
جنهنجي ڪارڻ ويٺي ورهُ وسايون
۵. پري پڇ نہ پنڌڙا، **سچو** تون پاڻ سڃاڻ
جنهنجي ڪارڻ مون ٿي ميڙيون سنياهيون

جهولٽو روپ برووءِ پيروي ۴۹۳

آءُ ميان پاندي سائين! اسان غريبا دا حال. آکين وچ ياو پيارن نُون

١. يار دي ٻاجهون ٻهون مئين تا ماندي. ورهين ڪنون دل دم نهين واندي
بلڪل مئين تا اُهين يار دي باندي وو
٢. يار دي ڪيتي مئين تا جوڳڻ هوئي. خبر سُٹاوي مانَ قاصد ڪوئي وو
حال سُٹاوان تنهنکون سارا روئي وو
٣. دوستان ٻاجهون مئن ڪون هي دلگيري. آپي ڏيندا سانون **سچو** دل ڏيري
جواني ساڏي ڳئي آئي هُڻ پيري وو

ڪافي برووءِ جوگ ۴۹۴

هيڏي هوڏي نہ نهار، تنهنجي ويڑهي سو تا يار وسي ٿو
١. ساڻ سدا آهي تانهجي، پرين نہ آهي ٻئي پار
٢. قولي لهج پاڻ مؤن، چو ٿو وجين وٽڪار
٣. وفي انفسڪم افلا تبصرون، ويجهو ڪيم وسار
۴. پرين پري ناهِ تو، ٿُون **سچو** پاڻ سنيار

ڪافي برووءِ ۴۹۵

هوت اسان وٽ ايندا، وٽي نال پي نيندا

Scanned by CamScanner

١. سؤ دلاسا سرتيون، هِن ڏکي کي ڏيندا
گولي پاڻ گڏيندا
٢. پکا پاڃاڻن جي اوڏا، آڻ اڏيندا
چوري تانڻ چڏيندا
٣. جانچي ڏسجو جيڏيون! هڪ ٽکيءَ سان ٽيندا
وري پوءِ نه ويندا
٤. پسي حال حقير جو، بديون تا بخشيندا
سچو نانءُ سڏيندا

کافي برووَ ٤٩٦

ناهي پاروچو کو پيو، آهي اُهو، جو مان روز ڏسان ٿي

١. ويني هُئڙس واٽ تي، اچي وسيلو ٿيو
٢. ماڙيءَ منجهه معشوق ڏٺوسين، لالن پائي ليو
٣. دريءَ منجهؤن ديد ڏني سون، لالن پاتو ليو
٤. جتن کج جتن جو، سنگ سبب سان ٿيو
٥. صحي سڃاتم سپرين، يار يقينؤن ٿيو
٦. خلق الا شيا وهو عينها، شڪ وڃؤن پيو ويو
٧. کٽي وڃان آءٌ خوشيءَ سان، سرتيون جي سنهن ڏيو
٨. سير سارو ئي صورتين، پاڻ قربن کيو
٩. پريون پڃان ٿي کينکي، مونکي نينهن اُنهن جي نيو
١٠. کيو سچوءَ کي سرتيون! اُنهن خمارن کيو

کافي برووَ ٤٩٧

يار توسان منهنجي زاري
آهي سو لک واري، ميان

Scanned by CamScanner

١. وندر جي تہ وٽن ۾، واجهہ وجهي ويچاري
ساڻا محبت ماري

٢. هي تا حال حقير جو، آءُ اچي ڏس آري
ڪنيم بره باري

٣. ازل لاکون آهيئي يار توسان، منهنجي ياري
پاتم ڳچي، ڳاري

٤. سُور تنهنجا سپرين! چُڪيءَ کي چؤڏاري
وجهج گهوٽ نہ گهاري

٥. آهي هٿ حبيب جي، ڳالهہ **سچوءَ** جي ساري
ڪندا ني پوءِ واري

کافي بروو ۴۹۸

يار اسان کي ٿيون مارن
تهنجيون الغرضايون

١. دانهون دانهن تي سائين!
هن ڪيمٽي کارن

٢. باهيون تنهنجي بره جيون
پارڻ دل ۾ پارن

٣. ڪيئن جون ڏنئون خبران
سچو تو هُٽ سارن

کافي بروو ۴۹۹

ساڏي ويڙهي وسدا يار، وو

١. وهو معڪم اها اشارت
دور نہ ٿيو دلدار وو

Scanned by CamScanner

٢. اندر هڪو ٻاهر هڪو
توڙي صورت لک هزار

٣. آپي لِکُ لِکوٽي ڦِردا
آپي هويا اظهار وو

٤. جيڏي تيڏي سُهٽي دا هئي
سچو ڙي سينگار وو

كافي برووَ ٥٠٠

ناهي ويچاري سا وَس، هيءَ تا بيوس آهي ميان

١. پرين پنهنجي پار جو، ڏاها کو پَهُ ڏسِ
تنهنجي کس ني آهيان ميان

٢. اول آخر آهيئي رانول منهنجي رس
تنهنجي وس ني آهي ميان

٣. اوهان ٻاجهون سپرين، ڳالهيون نہ اچن کس
روح رس ني آهي ميان

٤. پچاڻا پرين جي، آهي پنيور کؤن بس
سو تا چس نہ آهي ميان

٥. ساڻ **سچوءَ** تون سپرين! هوت ڳالهائج هس
ٻيو کو جس نہ آهي ميان

كافي بروه ٥٠١

کيا ٿيا، اڄ کيا ٿيا، وي سيو سانون اڄ کيا ٿيا وي

١. دين کُفر کنون منزل چاتم
عشق اسان نون قابو نيا وي

Scanned by CamScanner

۲. پهلي ست سرير اسا ڏا
ناز نيٹان دي ناگهه نيا وي
۳. پُر پيالا مستي والا
ساقي اسان نو آڻ ديا ۽ي
۴. موتوا قبل انت موتوا
مئا هئا تا ڦير جيا ۽ي
۵. جنهندي ڪاڻ هاسي بيراڳي
سوئي **سچو** تون آپي پيا وي

ڪافي بروه ۲ ۰ ۵

آهي صبح انجام اسانجو
پرين تنهنجي پلا پار ڏي
۱. اسان ڪنيو تانهجو
سر تي ڪُل ڪمام
۲. دانهون ڪري درد مؤن
بره نه ڪر بدنام
۳. جي تون پڇين ڳالهڙي
طلب نه ڪج تمام
۴. اگڙ اچن ٿا تانهنجي
عاشق ڪر آرام
۵. **سچو** سيو تانهنجو
ڪيوسي قبول ڪلام

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٥٠٣

ڇوڙڪي جهنگ سيال، جو ويسون
اهو خيال اسانون جو هويا

١. ڪتلي ڏهاڙي آها اسان ڪون
خاطر وچ خيال

٢. نظر نگاهان ڪوئي نہ آوي
مئيڏي مُحب مثال

٣. ڪيڙاندي نگري ساڻ ڪراهُڻ
لائيسان، پوتي برحال

٤. **سچو** سايائدي وو حاضر هوسون
ٽوڙين پي قيل مقال

كافي بروه ٥٠٤

اسان ٽيو، اڄ اسان ٽيو، ميان!
نٽا ڇاڻون ڇا اسان ٽيو وي

١. هيڏي هوڏي هيون نہ باسي
سڃڻ اسان هت صحيح ڪيو

٢. عقل علم تا شرم حيا ميان!
وڏي ويلي اهو آڻي ويو

٣. دين ڪفر اسلام مذاهب
ناز نيٽن جي پري نيو

٤. پاروڻ پرين جي پُور اهوئي
مونکي اوچتو اچي پيو

٥. **سچو** عشق سائين جو ائين
جيئن انڌاري پري ڏيو

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٥٠٥

كيا ٹيوئي، وو كيا ٹيوئي، آكن سنيان تئيكون كيا ٹيوئي

١. راتو ڈينهان آهِ رُئڻ تُساكون
پوُر پريان دا مگر پيوئي

٢. دوستي دي وت ڳالهه وچون ڏي
آك اسان نون تا كيا هيوئي

٣. اسان سيالان كنون باهر پئين
كيا كيوئي ڏي كيا كيوئي

٤. نصيحت ساڏي نهين منيدئين
هوش تساڏا سارا ڳيوئي

٥. **سچو** پريان دي پاروَن اسان ڏي
اِهوئي نياپو عشق آيوئي

كافي بروه ٥٠٦

رانجهن تخت هزاري دا تنهن جهنگ سيال پچايا، وي ميان

١. اصلون ملك كيڏياندي ناهَس، مئين تا مِلك ماهيدي آهس
جنهن انگ پيوت رمايا وي ميان

٢. ماهي عشق كيتا درماندا، درد هجر كنون ونجهلي وڃاندا
جنهن بره دا مينهن وسايا وي ميان

٣. رانجهو چوڙيا راج پياٹا، عشقي كيتا آڻ نماٹا
جنهن كم چاكان دا چايا وي ميان

٤. ميڈي سِر تي نانءُ جهيندا، هر كنهن دي وچ ماڳ تهيندا
جنهن سچو نام سڏايا وي ميان

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٥٠٧

پيڙي ڪر ڪر آنديان، ساڏهون سڀ سيالیان وو ٻيلي

١. قسم الله دي ميڪون آهي
ذرا نهين هڪ ٻانديان

٢. ماهيدي طرفون مهٽي ڏيون
پڇون ڦتيان وو ڦڪڙيان لاندیان

٣. ڪڏهان اساڏي ڪڍ نہ ڇوڙين
ڦيرا ول ول ٻانديان

٤. اسان تي رانجهن هڪ ٽيوسي
ٻيان آپي **سچو** گهر جانديان

كافي بروه ٥٠٨

چئو ميان عشقا! ڪيئن ڪيئن، تون سوين سئيل بنائين ٿو

١. يا تون آهين ذات ديوانو، جو ڪيڏا ناهه ناهين ٿو
٢. ڪاٽئين مُلا قاضي تون، ڪاٽئين سيد سڏائين ٿو
٣. ڪاٽئين مُغ برهمڻ تون، ڪاٽئين ٻانگ ٻُڌائين ٿو
٤. ڪاٽئين مُنهن ۾ محراب، ڪاٽئين تلڪ لڳائين ٿو
٥. ڪاٽئين تسبيحان تون سورين، ڪاٽئين جٽيان پائين ٿو
٦. ڪاٽئين پيرين آهين پيادو، ڪاٽئين بور بڇائين ٿو
٧. ڪاٽئين منبر واعظي، ڪاٽئين پوٽيون پٽائين ٿو
٨. ڪاٽئين زربفت قبائون، ڪاٽئين ليڑان لڙڪائين ٿو
٩. ڪاٽئين ڏئين شرعي فتويٰ، ڪاٽئين منصور مارائين ٿو
١٠. ڪاٽئين هنومان ڪوٽائين، ڪاٽئين ڏهيسر ڏسائين ٿو
١١. ڪاٽئين ٽئين رامُ يا سيتا، ڪاٽئين ڇمڻ لڪائين ٿو

Scanned by CamScanner

۱۲. ڪاڻئين نمرود ابراهيم ڏي، ڪيئي بيڪ بنائين ڏو
۱۳. ڪاڻئين ڏي فرعون يا موسيٰ، سڀ صورت ۾ سمائين ڏو
۱۴. ڪاڻئين ڏئين پاتشاه مُلڪ جو، سارو ديس ڏيائين ڏو
۱۵. ڪاڻئين ڏي غرض گداگر، ڪاڻئين ڏوليون ڏڪائين ڏو
۱۶. ڪاڻئين مُفتي تون "خدائي" ڪاڻئين اناالحق فرمائين ڏو

ڪافي بروه ۵۰۹

ڪاڻ اچڻ تنهنجي ڪندي، آءٌ هِت حيلا هزارين وي

۱. پرچ پرين ڏِسُ پاڻ ڏي، بره اوهانجي بندي آءٌ
وري مان نهارين وي

۲. پرچي اگڻ آءُ تون، پايان ڪچيءَ منجهه گندي آءٌ
يار گڏ گذارين وي

۳. جيهي تيهي هوت اوهانجي، چگي سا توڙي مندي آءٌ
ساتون ڇو ڏو وسارين وي

۴. اوهان ٻاجهون سپرين! نيٺؤن وهايان ندي، آءٌ
پيو **سچو** پنارين وي

ڪافي بروه ۵۱۰

متان تون مونکي ڇڏين، سُونهان ڏي سڃڻ جا

۱. محبوبن سان نانءُ ڏڻيءَ جي
نِئي غريب گڏين

۲. نڏو ڇاڻان ڏينهن اُهوئي
ڏيندو الاجي ڪڏين

۳. جڏهن تون حاضر ڏئين حضور ۾
نانءُ **سچو** ڪري سڏين

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٥١١

جاني سو تيڏڙا جمال، كيها كيها هوندا

١. ذري هوندا شكر شيرين
ذري زهر زوال

٢. ذري آندا خوش اسانون
ذري جي دا جنجال

٣. ڏيكڻ دي وچ جوئي آندا
هيئي سو خاص خيال

٤. سُڻ وي **سچو** يار مئين جو كيتا
اهيندي نيهن نهال

كافي بروه ٥١٢

مئين رانجهو هك ٿيان
كيڙا سَتِ گهتيجي ميان

١. ظاهر ناهي جڏهان ذات كيڙاندي
تڏهان عشق رانجهو دي ليان

٢. در رانجهو دي مئين وكاڻي
ٻيان كيهان اسان تي بيعان

٣. جنهان دي آهس روز ازل كنون
وس أنهان دي مئين پيان

٤. كرين نصيحت سانون نہ كائي
شرم حيا كنون ڳيان

٥. دعويٰ اسان تي كنهندي نہ لڳدي
سُٹو سيي تسان سنيان

٦. كيون وهائندئين سُڻ **سچو** ري
نيٹين نير ديان نيان

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۵۱۳

حاجي اڃ ڪيوسي، ڪعبي مُنهن محبوب جي

۱. هاڻ حاصل سرتيون!
اڪبر حج ٿيوسي

۲. ٿيو قبوليت منهنجو
جيڪو عرض چيوسي

۳. هي تَنُ طوافي ٿيو
وڃڻ غير ويوسي

۴. هاريون ڏي حرمين ڏي
سندن نامُ نيوسي

۵. انهيءَ پاجهون ناه ڪو
اهو احرام پڌوسي

۶. اِهو ڪعبو اهو قبلو
سچو ڏسُ ڏهيوسي

كافي بروه ۵۱۴

اجهي آيا ڪلي گڏياسي، جنهنجي ڪارڻ پانڌي پچياسي

۱. فلڪ فراقي ڏينهن ڏُهيلا
سيي وسري وياسي

۲. پاڻڻ چاڻي سي پيهي آيا
جنجي ڪارڻ چلاڪڏياسي

۳. اسان پانيو آرام ٿيوسي
ڏ ساز نيٽن جي نياسي

۴. جيئن وٽين ڪين تيئن ڪرن سي
وس پرين جي وجي پياسي

۵. ويڑهي اسانجي سچو سي آيا
طرف جنهين جي قاصد ڪڏياسي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۱۵

يار چڳي توتان مونسان لائي لائي، ري دلبر لائي

۱. دوست دلاسي جي دردمندن ڏي
مُنج ڪتابت ڪائي ڪائي

۲. تنهنجي اچڻ جي يار پرين ڏي
هت وري ٿي وائي وائي

۳. جا وٽيوَ دل پنهنجي ڪي
ڪيوَ سانول سائي سائي

۴. خبر خوشيءَ جي پاروٺن اوهانجي
اڄ اسان وٽ آئي آئي

۵. حال ڏسي ڪري يار سچوءَ سان
ٿيءُ اچي ڏڪ پائي پائي

ڪافي بروه ۵۱۶

ڪالهه اسان وٽ ويهي ويهي
وو يار سڄڻ ڪيون ڳالهيون

۱. سي نه وسرن ساه منهنجي ڪي
ڳالهه ڪريان پي ڪيهي ڪيهي

۲. پهه پاروچا پاجهه پئي تون
آءُ پڪي هن پيهي پيهي

۳. ڏينهن ۾ ٽي چار دوست اساهنجي
دل سا رمزن ريهي ريهي

۴. هج هميشه يار اسان وٽ
پرين نه ٽج پرڏيهي پرڏيهي

۵. ڪيو بيراڳي ڏينهن اُنهيءَ لاڪون
دوست سچوءَ جي ديهي ديهي

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٥١٧

يار سچڻ تيڏي باندي هان، مئين باندي گهول گهماندي هان

١. تيڏي هڻون يار پيارا
جي مران تا چاندي هان

٢. ڪيا جي لوڪان ٽوڪان چايان
ساجهر جهوڪين جاندي هان

٣. ڏک ڏوراپي رانجهن والي
سيي سرتي سهاندي هان

٤. **سچو** ويڙهي يار سچڻ دي
پرتئون پانؤ مئين پاندي هان

كافي بروه ٥١٨

بيرنگي سچڻ رنگ لايو، ڏسو ڪيهو ڪيهو ڙي ميان

١. سُرخ، سياهي، زرد، سُفيدي
اُنهيءَ عجائب آيو

٢. ڪاڻي فرعون، ڪاڻي شداد
ڪاڻي موسيٰ نانءُ سڏايو

٣. تخت هزارو ڇڏي ڪري وو
تنهن تا جهنگ پچايو

٤. سج ككر ۾ سُنوري سهيان
ڪنهن تا چند چپايو

٥. ذات صفات كي **سچو** صحي ڪر
هاديءُ هئين سمجهايو

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۵۱۹

كـڏهـان آ مِل مـيـڈڙي جان، بـيـبـا

۱. عشق ديان باتيان منصوبا كرڻا
عشق دا كهڙا وو مكان، بيبا

۲. اسان نماڻيان تي سُهڻا سائين
آءُ كـريـن احـسـان، بـيـبـا

۳. عشق تُساڈي ڈيک جو كيتا
سچو كُون سـلـطـان، بـيـبـا

كافي بروه ۵۲۰

واٽ وندر جي كو ڏسي، وو ڏسي، مونكي جيڏيون!

۱. سپيريان جي سات جا، آهيون سو عاشق اسي وو اسي
۲. سُڌ تنهن كي سور جي، ڄام پنهون جا پسي وو پسي
۳. وهاَن كيئن پنيور ۾، خان ويو دل كسي وو كسي
۴. پريان سندي پار ڏهون، ماڻَ كو رهبر رسي وو رسي
۵. هيكند ٽيان جي هوت سان، هينڙو منهنجو هسي وو هسي
۶. سر سچوءَ جي ساوڻ وانگر، بره جو بادل وسي وو وسي

كافي بروه ۵۲۱

تهنجي حُسن ماريا، سُوريُ سي سنيپاريا، اِنهي ڳالهه ڳاريا هـزاريـن هـزار

۱. اُهي يار آيا، نيزن جي نوايا. نيئي سِرَ سلايا تـنـهـين تـو آهـار

۲. جنهين موج آئي، تنهين سُڌ سيائي، كيهي ڳالهه كائي لـنـگـهـيـا شـهـسـوار

۳. كمر جا ٻڌائون، وري نا ڇوڙيائون، نِئي سِرَ ڏنائون لاٽـائـون مـيـار

Scanned by CamScanner

۴. مڃڻ هٿ هڻي سي، اِها ڳالهه ڳڻي سي، تريءَ سِرُ ڪٽي سي
ڪيائون نثار

۵. جي موجن چڙهياسي، لهر هن لڙهيا سي، اناالحق پڙهيا سي
ڪنيا هِن خمار

۶. هي نعره هنيائون، اناالحق پڙهيائون، نئين سِر سليائون
ٿيا گم غُبار

۷. مَي جا پيتائون، هي سهرا ڳتائون، وڏي وڪ وڌائون
پاڙياَئون قرار

۸. پهلوان پاسي، نه ٿيندا ڪڏهان سي، اِها بات باسي
هليا حُڪم دار

۹. مُلڪان مُلڪ ۾، مَلڪ ۽ فلڪ ۾، سڀو سڀ خلق ۾
پئي هيءَ پچار

۱۰. منجهؤن حُب هليا سي، ماري چوٽ چليا سي، وجي رنگ رليا سي
تنهين هيءَ تنوار

۱۱. اُهي اعتباري، سُوري جن سُواري، عجب خوش خماري
ڪُٽن جي قطار

۱۲. نشانا ڪوڙيائون، مُنهن نا موڙيائون، ٻئي هٿ ٻڌائون
ڪُٽا قربدار

۱۳. ٿي منصور مستي. ڪيئن گم هستي، هنيائين دو دستي
تپش جي ترار

۱۴. ٿِي شبلي شابس آهه. سُورن جي سراپاء، ڏيکيائين لڳين لاءِ
وجودؤن وسار

۱۵. مُلا سو قاضي، ڪڙي ڪيائون بازي.منجهن گنؤ غازي
ڪڙو هو جهونجهار

۱۶. فتويٰ لکيائون، قتل سو ڪيائون، مبارڪ ڏنائون
ني ڪي هوشيار

Scanned by CamScanner

١٧. هُئين پير جنهن تي، ڏئين سِرُ پي تنهن تي، نہ سڏ هي سيني تي
ٽئين سچ سچار

١٨. سچو سڪ تنهين جي، جذب جاءِ جنهين جي، نہ پرواهہ ڪنهين جي
رکي نہ سنيار

١٩. وڍي سِر پچاڻون، اناالحق واڻؤن، اُهو سِرُ سچاڻون
آڻيو اعتبار

٢٠. هنيائين هڪل هي، وئي تا شڪل هي، نہ حاجت عقل هي
جليا جلوه دار

٢١. ڏنئون مُنهن متاري، نہ ڪاڏي نهاري، سٽيو سِرُ سچاري
دليون دوستدار

٢٢. سچي ڳالهہ ڪيائين، نہ ڪوڙي چيائين، نباهي نينهن نيائين
ڪارڙ هڪ نظار

٢٣. باهِن ۾ وڏائون، پوءِ لهرين لوڙهيائون، اناالحق ٻُڌائون
ٽي هَي هَي هُونگار

٢٤. پي بغداد سارو، مِڙيو بهُتُ پارو.مَنجهنِ نَر نعرو
هٽي هوشدار

٢٥. **سچو** عشق ايندئي، اچي ڏاڙ ڏيندئي، مَني ماؤ نيندئي
ڪندئي گل بهار

ڪافي بروه ٥٢٢

مهنجو هينئڙو هوتن ساڻ
ڪهڙي ڪريان پي آءٌ تا ڳالهڙي ڳالهڙي

١. وندر سندي وات تي
پُرزا ڪنديس پاڻ

٢. اچي لڳو مُون اوچتو
پاروچي جو پاڻ

Scanned by CamScanner

۳. دُعا ڪريجو جيڏيون!
شال موتي مُئي جو ماڻ
۴. ويڑو درد فراق جو
ڏيئي ڏکيءَ کي ڏاڻ
۵. اڳڻ ايندو تانهنجي
سچو سو سرواڻ

ڪافي بروه ۵۲۳

پانڌي نئي پهچاءِ، پلا هي نوان نياپا نينهن جا
۱. هوت اسانکي هيترو
تون سانول ڪيم سڪاءِ
۲. ڏينهن گذري ڏک ۾
راتيون هن هوش هواءِ
۳. اوهان ٻاجهؤن سپرين!
هيءَ ويٺي ورهه وساءِ
۴. پرين ڏِسج پاڻ ڏي
وايون هي ورناءِ
۵. اڳڻ اچي هِن جي
سڳ **سچو** سرچاءِ

ڪافي بروه ۵۲۴

نينهن ڏاڍي سان لايوسي
آءٌ تاهاڻي ڪيئن ڪريان
۱. عشق سَوَلو سرتيون!
هُت سيريايوسي

Scanned by CamScanner

٢. جو ڏنائون جيڏيون!
سو پلؤ پايوسي

٣. سوئي **سچو** سرتي
هاڻ چُمي چايوسي

كافي بروه ٥٢٥

آهِ علاج نہ كوئي، هن اكين ماري آهيان

١. كنهنكي سليان سرتيون!
حال اهو روئي

٢. ڦكيون ٻكيون لكين هزارين
كيون طبيبان توئي

٣. ناحق ٻڌين پَٽيون
كل نہ حاذق هوئي

٤. ويچ وڻي وچ واٽ اِهائي،
سانول ايندم سوئي

٥. دوست سچڙ جي دارون آهي
سچو يار سيوئي

كافي بروه ٥٢٦

اڙي مهر پئي، مونكي يار سچڙ مانَ دارون كو دل جو ڏئي

١. قدر پيو مونكي كاكيون!
ني وو وو، ويچن وئي

٢. اثر منهنجي درد جو اديون!
شال طبيبن ٿئي

٣. ورهيہ ويڑا گذري
هن عاشق آهون كئي

Scanned by CamScanner

۴. وره وهايم جيڏيون!
پوءِ تا پُرجهڻ پئي

۵. پُکي ڏين جي پاجهه جي
تا جِيءُ سچوءَ جو جئي

كافي بروه ۵۲۷

ڏس کهڙيون ڦيريون پائي
اهو لِکُ لکوٽي يار سڃڻ

۱. غمزي هن جي عبرت ٿي جو
عشق لڳن سان لائي

۲. علم عقل ويو اڏري
عين عشق جي آئي

۳. طبل پيا سڀ تَمرُ ٿيا
جڏهن نؤبت نينهن وڄائي

۴. نحو صرفُ ويو وسري
جاتي پاڻ خيال ڪپائي

۵. رمز پنهنجي راز جي
ٿو سچو کي سمجهائي

كافي بروه ۵۲۸

آءُ آرياٽي اوري، آءُ دامن لڳڙي آهيان

۱. سِرُ پهنجو سُپرين!
آءُ گهروڻ آيس گهوري

۲. هِيءَ کميٽي کينکي
ڏونگر سگهي ڏوري

Scanned by CamScanner

٣. ڪاجا تند طلب جي
چِتُ وئين تون چوري

۴. نيو پاڃاڻي پاڻ سان
تر نہ رهي توري

۵. **سچو** سڳ اوهانجو
ڪين پُڇي تهنجي ٿوري

ڪافي بروه ۵۲۹

متان ڪنهن لاري لڳين وو لڳين
هي بازي بازيگر دي ميان

١. ڪم آسئي عاشق!
اُها ڳالهہ اصلدي اڳين وو اڳين

٢. اي سڀ هين ني قرتيان قاهيان
تار طلب دي تڳين وو تڳين

٣. تڏهان ٿيسين ڪناري يار دي
جڏهان ٻول اِهي سڀ ٻڌين وو ٻڌين

۴. عاشق هوڪر ٿي ديوانا
مار برهہ ديان ڪڳين وو ڪڳين

۵. سر **سچو** دي آکر هُڻ ميان!
نينهن دي نؤبت وڳين وو وڳين

ڪافي بروه ۵۳۰

اُهي ڪهڙي طرف ويام، آءٌ ڳوٺ رهيس سڀ ڳولي

١. عشق تہ عاشقن جا ميان! اڳهين ٿي ٻُڌام
هاڻي ٿولي مؤن سؤ ٿولي

Scanned by CamScanner

٢. ڪوڪان چڙهي ڪوه تي ميان! ڪيچئڙن ڪيام
هاڻي چولي مؤن سؤ چولي
٣. ڏورينديَ مُون ڏونگرين ميان! سرتيون سال ٿيام
هاڻي رمز لڏي مون رولي
٤. **سچو** آءٌ تا ناهيان ميان! ساري سُڌِ پيام
اِتي پاڻ پاروچل پولي

ڪافي بروه ٥٣١

چاوڻ بار بره دا سنئيان، بيدليان دا نهين وو نهين

١. راه اِهيندي طالب ٿولي، لوڪان وچون تا مهين وو مهين
٢. لکين هزارين وچؤن وي ميان، پُور پرايا ڪنهين وو ڪنهين
٣. آءُ تہ ٿيوئي بره بيراڳي، ٿاه اِهين تي ٿهين وو ٿهين
٤. مئي دا پيالا پي ڪرا هُڻ، رنگ اِهين وچ رهين وو رهين
٥. عاشق هو ڪر، سُڻ **سچو** ري! سوز بره دا سهين وو سهين

ڪافي بروه ٥٣٢

تون تہ پاڻهين ٿو سائين ڇاڻي
ڪيهو حال چوان توکي هاڻي

١. دل ديواني ڪئي اسانجي
مُحب اوهانجي ماڻي
٢. ڏوهن ڏي ڏِسُ ڪين اسانجي
سائين تون پاڻ سڃاڻي
٣. درد مندي جي دل توئي سان
اڪين اڙائي آڻي
٤. ڪڏهن اسان وٽ ايندين دلبر
ويٺي وجهان ويڃاڻي
٥. سوال **سچوءَ** جو آهي اهوئي
تنهنجو عشق نہ شال اُڪاڻي

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٥٣٣

ڪالهه اسان تون ڪيون ڪيون
يار سڃڻ ڳجهيون ڳالهيون

١. ٽين پُراڻيون ڪينڪي
نتُ سي آهن نيون نيون

٢. رهيون آهن روح ۾
چڳيون اوهان جي چيون چيون

٣. ڪين وسرن ساه ڪؤن
اُهي تا پاڙڻ پيون پيون

٤. مٽيون ڳالهيون تاهنجيون
هِن سچوءَ ساه سيون سيون

كافي بروه ٥٣٤

ڏک وڏو وئين ڏيئي ڏيئي
وو يار سڃڻ اڄ مونکي

١. اوهان ٻاجهون يار پيارل
حال اسانجڙو هيئي هيئي

٢. پرين ڏسيجو وڙ پانهنجي ڏي
اسان هٿؤن هي پيئي پيئي

٣. ياد ڪرين يار ڏينهن اُهيئي
ڳالهيون ڪيوَ گڏ ڪيئي ڪيئي

٤. هو جي ڪيون ڳالهيون توئي سان
نينهن سچو ري سيئي سيئي

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٥٣٥

ويـــڑا جي وڻـــكـــار، اڃان وري ايـــنـــداســـي

١. كي ڏينهن پهچڻ ڪيچ ۾، قصد ڪندا ڪوهيار
اسين ڪاڏي نہ ويندا سي

٢. پوءِ مُنهن رکي جيڏيون! پاڻون ڇاڻي هن پار
اسين ڪاڏي نہ ٽيندا سي

٣. آيا ڇاڻ سپرين، جيءَ نـي پيڙو جار
نينهن نيبه ليندا سي

٤. ويئي سچو مونکؤن وسري، ڪتڻ واري ڪار
اسين جانکي جيندا سي

كافي بروه ٥٣٦

جي مون وٽ دوست اچي، آءٌ ڦيريون ڏي لک پايان

١. شال نہ ڏسي جيڏيون! ڏنهن هِن جي ڪر ڪچي
آءٌ ويڙي تاڳڻ ڳايان

٢. جيهي تيهي سرتيون! آهيان سام سچي
سِرُ پيرن ٽي لايان

٣. دل وڃي ٽي دورجي، ٽو جيئن مهرياڻ مچي وو
پاڻ جُٽي ڪي پايان

٤. ساه سچوءَ جو سرتيون! ٽو اِنهيءَ رنگ رچي وو
آءٌ پانهي هُو سايان

كافي بروه ٥٣٧

آيس آءٌ ڪي اوڏي، جهاڳيا مُون تا جبل جال

١. جي مُون وسِهو جيڏيون! آهيان ڪيچين جي آءٌ ڪوڏي

٢. حب جهينکي هوت جي، درد نہ ٻئي ڪنهن ڏوڏي

Scanned by CamScanner

٣. ڪيئن ڪريان آءٌ ڪاڪيون! هوت منهنجو سو هوڏي
٤. درد جهين کي دوست جو، لکن سا نہ لوڏي
٥. سيٽن خاطر سُڻ **سچوري**، گاه ڪنديس ٻڌي گوڏي

ڪافي بروه ٥٣٨

اڄ هوتن ريءُ هت هاڻ، ٻيا ڪير لهن مُون ساران

١. قاصد ڪيچ وٽن ڏنهن، سائين سگهڙو آڻ، ٿي روز وجهايان ڦاران
٢. وجهان وياڻا ڪيترا قربن جي ڪاڻ، يار ملن شل ياران
٣. آيون انهيءُ پار ڏهون، اديون ڪر اُڪاڻ، ڪونجن جون پي قطاران
٤. سنجهي صبح سرتيون، ميان! ٻاروچي جي ٻاڻ، آهن **سچوءَ** کي سنيهاران

ڪافي بروه ٥٣٩

اديون اُهي اڄ آيا، جن ڪاريو مونکي الله الله

١. سيئي گڏيا سپرين! ڏينهن گهٽا جن لايا
٢. ويٺا ويڙهي وچ ۾، جن لئي پنڌ پچايا
٣. ڏينهان راتيان ڏک جا، مٿي مُون مينهن وسايا
٤. جن جي ڪارڻ جيڏيون! ڪوڙين مون ڪانگ اُڏايا
٥. هيڏي هوڏي نہ ڏسين، **سچوري** وچ سمايا

ڪافي بروه ٥٤٠

هوت پرين هکواري
مونکي اڄ ملج ميان

١. ڏونگر ڏورڻ مون نہ ٽئي
اوري آءٌ تون آري

٢. ڪچيءَ پائي ڪپڑو ميان لا
زور ڪريندس زاري

٣. جا اوهانجڙي ميان ڪوڻجي
سا تو ڪيئن وساري

Scanned by CamScanner

۴. هيجؤن ڪنيم سر تي
بار بره جو سو باري
۵. ويٺي ڏسان واٽڙي
مُونجهه اوهانجي ماري
٦. **سچو** سَندُوَ سڃٽا
ٿيو فراق فراري

ڪافي بروه ۵۴۱

ڇوڙيا مئين جهنگ سيال، وي رانجهن رمز رلائي

۱. پار درياهُون جهوڪ رانجهن دي وي، رانجهو منجهيندا مهوال
وي ويندا لوڪ ڇپائي
۲. اسان ول جوڳي وي جادوگر ٿيوسي وي، ويڪ مُرلي دي هڪ تال
وي ويندا مند ڇلائي
۳. اکيان سُهٽياندڙيان وي بلن مُشعلان وي، ٻهڳڙ ٻٽوين جهندي وال
وي چولي اندر عشق نہ مائي
۴. **سچو** سائين جَجُ، ڪيڙاندي آئي وي، ڪيڙان ڪنون بيخيال
وي مولا مُحب ملائي

ڪافي بروه ۵۴۲

زاري پينر زاري، اڳيون عجيبن جي آهي اسانجي

۱. روز ازل ڪنون عاشقن جي، سُوريُ تي هسواري
۲. شاه منصور حلاج حُسيني، سوري ڪيئن سينگاري
۳. هي ٽئي گم اُهو ٽئي ظاهر، چُپ چپان چؤڏاري
۴. **سچو** ساه سري ڪر صدقي، سرسُ وٽين سرداري

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۵۴۳

اڙي پلو يار ڪيفي تهنجي ماريو مونکي اکن

۱. شوري مَٽَ شراب مؤن ٿُنهنجي
چکيو ڪي چشمن

۲. هو جي عاشق تانهجا
سي قهرون قتل ڪن

۳. گوءُنٽا گل گلاب جا
تن هنيون پاڻ پنهن

۶. هرڻ تا حيران ٿيا
سي ڏسو پَوءِ پچن

۵. جي نيزا لڳن نيهن جا
مٽي تا مستَن

۶. بڙجيون تنهنجي بره جُون
اُهي پاروُن پار لنگهن

۷. نرگس کي تن نيست ڪيو
ٿيو **سچو** ترس سين

كافي بروه ۵۴۴

ڙي جيڏيون هاڻي گهوريو
هوتن ري سارو شهر پنيور

۱. لاهيندا وو لطف سان
هِن ڏکيءُ کؤن ڏور

۲. هي هالاڻي اُنجي
شُعلي وڏڙو شور

Scanned by CamScanner

۳. منت نہ منهنجي موٹيا
زاري آهي نہ زور
۴. درسن ساڻ دفع ٹيندو
سندو هينئڙي هور
۵. **سچو** سندين راه تي
هڪ جفا پيو جور

كافي بروه ۵۴۵

ڏي جيڏيون! هاڻي هوت ويا جي
وو سي موٹي مان اچن
۱. دعا كريجو جيڏيون!
پري نہ هوت وڃن
۲. سگها موٹن پوءِ تي
اچي ويڑهي هو وسن
۳. وجي كيچ وٹن ۾
پورهيائت پچن
۴. كيچي كميٹيءَ جي
هُتِ كچي شال نہ كن
۵. **سچو** اصلون آهي
سرتيون سگ سندن

كافي بروه ۵۴۶

هوت اچج هت هاڻي، پنهنجا ڏک ڏسنديس ميان
۱. دوست اوهانجڙي آهيان، ميان الله، سائين لگ سجاٹين
پاڻ گولين گڏيندس ميان

Scanned by CamScanner

۲. تون تا صاحب وو سپرين! ميان الله، هيءَ سا نانؤ نماڻي
توکي سائين سڏيندیس ميان
۳. پکا پکن وو سامهان، ميان الله، آرياڻي مون آڻي
توکي اوڏا اڏيندیس ميان
۴. پُڻيءَ لڳس وو تانهنجي، ميان الله، حُبَ منجهؤن هوتياڻي
آءٌ کا پاند ڇڏيندیس ميان
۵ **سچو** اوتي وو سپرين! ميان الله، پنبڻن مؤن پاڻي
ڏک ڏوراپا ڏيندیس ميان

کافي بروه ۵۴۷

ڳوٺ ساري جيون ڳليون ڳليون
وو نِتُ ڏسڻ مونکي آئيون

۱. رت روئڻ کؤن آهي اکڙيون، کين سي جهلجن جهليون جهليون
۲. کيچيڙن جون وري قطارون، هيڏي ٻُڌيون سين هليون هليون
۳. سي نہ وسرن ڳالهيون، آهي يار سڃڻ جي تو سليون سليون
۴. چاڙهيئي اسان تي درد فراق جون، ڇوهہ ڏاڍي مؤن ڇليون ڇليون
۵. روز ازل کؤن کيو **سچوءَ** سان، يار پلا کيئي پليون پليون

کافي بروه ۵۴۸

جاني سوتيڏا جمال
کيها کيها هوندا
۱. ذري هوندا شُکر شيرين، ذري زهرزوال
۲. ذري آندا خوش اسان نون، ذري جي دا جنجال
۳. ڏيکڻ ديوچ جوئي آندا، هيئي سو خاص خيال
۴. سڻ وي **سچو** مئين جو کيتا، آهيندي نينهن نهال

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۴۹

هـــوت وئـــين ڪـــيـــئـــن مـــاري
پـــلـــو هـــيءَ نمـــاڻـــي ڇو

۱. هِيءَ ڪميڻي ڪوڙي، ويٺين ڪيئن وساري
مـــان قـــاصـــد مُجين ڪـــو

۲. راتو ڏينهان سپرين، سڪون اوهانکي ساري
تـــون هـــوت اســـان وٽ هـــو

۳. **سچو** سڳ اوهانجو، واڻان نِتُ نهاري
هـــي لـــعـــل نـــ ڇڏج لـــو

ڪافي بروه ۵۵۰

جي آئين، پلي آئين، ڪيچي ڏنوَ ڪالهه ڪاڻي
مـــان وهـــن اچي ويـــجهـــا

۱. سڳهو سڳهو وو تون ڏيج سنيها
ڏيـنـهـن گـهـٽـا ڇو لائـين

۲. ٿـورا لائـين ٿـو هـن ٿـڪـيءَ تـي
پـيـر اڳڻ جو تـون پـائـين

۳. پـاڻ تـوئـي تـؤن ڪـريـان قـربـانـي
جو ڳالـهـ سـڄڻ جي ٿـو ڳائـين

۴. طـرفـؤن تـنـهـنـجي هـيءَ نمـاڻـي
سـب پـلائـي ٿـي پـائـين

۵. ڏيـهـ سـڄڻ جو ڏسـيـون ڏهاڙيـون
سچو ٿـو ڪـانـگ اڏائـين

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۵۵۱

پورهيت پاٹي ڏوئي
خان ٻاروچا تنهنجي

۱. حاضر خدمت اچي اوهانجي
حال چوندیس روئي

۲. ساڻي اسانجي سڏِ لهڻ لئي
ڪڏهن نہ مُڪئہ ڪوئي

۳. قول ڪيو هوءِ جو هوت اسان سان
سائين پورو ڪر سوئي

۴. ڪيئن وساري وهان اوهان کي
ڪئي تا هيڙي توئي

۵. طوطي جي ڳچيءَ سَوَ سلامن
سچوءِ مُکا پٹ پوئي

كافي بروه ۵۵۲ ڪماچ

پياري ني رمزان لايان لايان، وي ميان!

۱. لڳا فراق ني وو ميان هادي والا سائين! ڳل کي ڪفني پايان پايان
۲. سپ سيالين وو ميان ميڙا ڪرکي سائين، سانون ويکڻ آيان آيان
۳. پنڌڙا ساڌا وو ميان اوڏنهن هوسن سائين، جڏان هادي ديان جايان جايان
۴. جڏان سايائدي وو ميان ڳالهہ نہ هوسين سائين، تڏان سو دوزخ پايان پايان
۵. نانءُ سچو تي وو ميان هي جو تيڏا سائين! پاند ڳچيءَ وچ پايان پايان

كافي بروه ۵۵۳

ٿو دوستيءَ جو دم هڻين، پر کين ڪُسي قرباني ٿئين
مهند منصورن جي تون منجهہ معرکي مردان ٿئين

Scanned by CamScanner

١. وري صحي انا سره، تنهن اسم تون انسان ٿئين
٢. جي تو پوي سُڌ سر جي، حيرت انهي حيران ٿئين
٣. جنازي گدائي جي منجهون صوبہ عجب سلطان ٿئين
۴. تون شاهہ تو شاهي ٿئي، تون گوءِ تون چؤگان ٿئين
۵. نعره اناالحق جو هٽي، ٿي مرد سر ميدان ٿئين
٦. جي دم سجاڻين پانهنجو، تون دين تون ايمان ٿئين
٧. هي پنڌ سيو پُرزا ٿئي، جي نينهن جي نيشان ٿئين
٨. **سچو** يڪايڪ يڪ ٿئين، تون شمع تون پروانہ ٿئين

ڪافي بروه ۵۵۴

گم هوئيان، مئين گم هوئيان، مئين اِهين سهٹي وچ گم هوئيان مين

١. خاڪي جسم مئين تا ناهيان
اصل ڪنون مئين دم هوئيان
٢. لامڪاني سير اسا ڈا
هر جا حاضر هوئيان
٣. الله وچون بندا بٹيا
اِهين ڳالهيون پُر غم هوئيان
۴. جيڈي ڪيڈي اَهو آها
ڇاڙ **سچو** تا تُم هوئيان

ڪافي بروه ۵۵۵

آهي ويچاري ڪا وس، ميان! توکي معلوم مِڙيوئي

١. ويٹي آهيان واٽ تي، گولي ء ڪجو گس، ميان!
٢. سارو وندر وڙيان، ڈاها تنهن ڈس، ميان!
٣. ماڻهو شهر پنيور جا، رُوح نہ اچن رس، ميان!
۴. **سچو** پوءِ پريان ڪؤن، آهي پنيوران بس، ميان!

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۽ كسوري ٥٥٦

گهوري گهوري، وو ميان!
جند سچڙ توتان گهوري

١. راتو ڏينهان وو آهي اوهانجي
سائين جهوري جهوري

٢. ڪچي، وڏيوَ عجب جيهي
سُهٽا ڏوري ڏوري

٣. تند نہ ڇاڻان وو ڪنهين هي
سهٽا چوري چوري

۴. دل ڪسيائي وو لٽ نيتيائي
سهٽا زوري زوري

۵. اول آساني ڳالهہ ٽي، پوءِ ڪيڙ
سائين ڳوري ڳوري

٦. سچوءَ لايوَ سچ منجهاروٗن
لالن لوري لوري

كافي بروه ٥٥٧

يار ساٽيوڙي ميان يار پانڊيوڙي ميان! پلوڙي ميان!
ڪيچن جي وو ڪل مونکي ڪائي ڏيجو

١. هيءَ نماڻي ني وو در وڪاڻي ميان
نال نباهي نيجو

٢. ڪير وساريو مُئي نہ ماريو، ميان!
چوري تا مَ ڇڏيجو

٣. ڏيو دلاسا ڪڏهن ايندا ميان!
لوئون تانہ لڏيجو

Scanned by CamScanner

۴. آءٌ اوھانجڙي اصل آھيان گولي
گولي ساڻ گڏيجو
۵. جنھن ويلي وو ھلو اِتاھين
سچو نانءُ سڏيجو

كافي بروه ۽ تلنگ ۵۵۸

رانجھو دي كيتي ڀھون وي ڀائندا اُتي ڀلا ڀھون وي ڀائندا
سو ڀائندا مھٹي يار دي ڀلا كلنگي والي دا

۱. ويل صبح دي ندي كناري، ونجھلي پس چاك وڃائيندا
۲. اگڻ اساڏي وو ميان جوڳي ھوكر، كڏھان كڏھان اوئي آئندا
۳. لوكان كنون چوري چوري ڳجھڙي، سو ليا وت پاوندا
۴. چال حُسن دي نال مھينكون ماركي، ول ول جائندا
۵. زوران زوري نال **سچو** دي، رمز نيٹاندي وو لائندا

كافي بروه ۵۵۹

ڏيكين يار تماشا لايا
جي كُجھ ھووي حال وو
۱. حيرت وچ ھميشه ھووين
كُلي جوڙين تال وو
۲. خاص خيال اوھيندي ڀاجھون
جيوڻ ھت جنجال وو
۳. مُوتوا قبل انت مُوتو! ڀاجھون
مرڻ محال وو
۴. دين كُفر كنون منزل چاوين
ھووئي خاص خيال وو

Scanned by CamScanner

٥. ٻيائي وچ ڏون ٽي ڏيکين
غلط هئي امثال وو

٦. **سچو** ڪنون زُهد ڇڙائين
بخش اهو احوال وو

ڪافي بروه ٥٦٠

اڄ اڳڙ اجهي آيم، پرديسي گڏيم ميان

١. هي پڪي آئيا، لئون جنهين سان لايم
٢. ڪوڙين قاصد ڪيترا، هوتن پار هلايم
٣. جن لئي هُيس اُباڙڪي، مولىٰ سي مُحب ملايم
٤. پڇيم جن لئي پنڌڙا، سي واليءَ پوءِ ورايم
٥. انهن ڪارڙ ڪاڪيون! سرتيون سُور سهايم
٦. سيئي **سچو** آئيا، جن لڳ ڪانگ اُڏايم

ڪافي بروه ٥٦١

اديون اهي اڄ آيا
جن ڪاريم الله الله

١. سيئي گڏيا سپرين
ڏينهن گهٽا جن لايا

٢. ويٺا ويڙهي وچ ۾
جن لئي پنڌ پچايا

٣. ڏينهان راتيان ڏک جا
مٿي مون مينهن وسايا.

٤. جن جي ڪارڙ جيڏيون!
ڪوڙيون مون ڪانگ اُڏايا

٥. هيڏي هوڏي نہ ڏسين
سچوري وچ سمايا

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٥٦٢

حال منهنجو كونہ هو، جيڏيون ري پنهنجو كرم كيائون

١. معاف كيائون مديون
ڏوهن ڏي نہ ڏنائون

٢. جيكو حال حوال هو سائين
الا! پاڻون واڻ پڇائون

٣. پاڻ پنهنجو وو پاڻهين
ساڻ غريب گڏيائون

٤. سچوءَ كي كيئي وو سرتيون
ٿي دلاسا ڏنائون

كافي بروه ٥٦٣

زار روئي كيم زاري، تورئتانہ سري

١. محبت ٿُنهنجي وو كيس مستاني، بار بره باري
دوست ري چوي لوك چري

٢. هن بندئ كي بخش بلوچا سائين وو
هوت جي هكواري، ذوق ذري

٣. ميلائي لگ مُحب اوهانجي واجهہ وجهي ويچاري
هوت ڏي وجان تام مري

٤. آهي مڙيوئي وي توكي معلوم سائين
وو حال حقيقت ساري وج م يار وري

٥.جيكي آهين وي سوتا توهين، سائين وو حكم سندو آهي جاري
دوست ڏي پيڙم خبر كري

٦. سچو آهي وو سگ اوهانجو سائين وو ڏجو تنهن دلداري
وجن گچ گري

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٥٦٤

لوكان ٹون لُكئيندا وو
رانجهن آپ ڇُپائيندا

١. رانجهن تخت هزاري والا
كس لڳ جهنگ پُڇائيندا

٢. كر كر ناز نياز محبوبان
چشمان تير چلائيندا

٣. جوڳي هو كر رانجهن آيا
گهٹ گهٹ آپ گهمائيندا

٤. اسي لباس ۾ ڪؤن سجاڻي
جهونا بگل هنڌائيندا

٥. اپڻا نانءُ ڪٹين دا سائين
سچو آک سُٹائيندا

كافي بروه ٥٦٥

گهٹا وجي ڏينهن لايا
يار پياري ميان

١. آءُ ري پانڊي كل كائي ڏي
هُون اچڻ جا سعيا

٢. انهن كارڻ راتو ڏينهان
مُون ٹي وره وسايا

٣. ڏينهن اُنهيءَ ڏي ڏسان ڏهاڙيون
هن ٹي كانگ اُڏايا

٤. يار مسافر مولي مهر سان
ساڻ غريب گڏايا

Scanned by CamScanner

٥. ٿورا تن جا **سچو** سنپارين
جي اجهي چون اچ آيا

كافي بروه ٥٦٦

ٿيون ورڻ جيون وايون
يار سانگيڙي جون

١. هٿ پانڌين جي پاروٺ پرين جون
اِهي سي خبران آيون
٢. ڪونجان هزارين ڪيچ وٽن ڏنهن
اهي سي دوست اڏايون
٣. اڳڻ اُهي ئي اسان پرين جون
جدا نہ هوندیون جايون
٤. ڪئين ڪتابتان پنهنجي اچڻ جون
مونڌي سي هوت هلايون
٥. ناهن ڳالهيون هي ڳرهڻ جهڙيون
سچو سي سوز سلايون

كافي بروه ٥٦٧

الا اُهي اچ ايندا، پرين جي هوا پرڌيهي
١. فلك فراق جو وو معاف ٿيوسي، ميان! هادئ ڪيا هيكاندا
ڳالهيون ڪيون سي گڏ ويهي
٢. پنهنجي ڪرم سان وو ساه سريروٺ پي، ڪيائون وره كوٺ واندا
آيا پكي هن پيهي
٣. اڳڻ پيهي وو آئيا پلو ميان! هواسين جن لئي ماندا
ڳالهه كريان پي كيهي
٤. آرامي وو رُوح اسانجو ميان! لٿياسين سپ سياندا
خوش ڪيائون هي ديهي

Scanned by CamScanner

۵. **سچو** هواسين وو سال گهٹيرا الا، دوست ٻاجهون درماندا ڈيهه گذيا آهي ڈيهي

كافي بروه ٥٦٨

هٹؤن پيتو مون تا پير مُغان جي
جام شرابون شوري
١. دؤر كارائي دل كي ٹو
چشمان كيف ككوري
٢. اصل كؤن منصور جو انهيءَ
كاٹيو كند كٹوري
٣. نشي منجهه نواز ٹي
گهوريون هي سِرُ گهوري
۴. جنهن ساقي سُرك پياري
آءٌ كيئن پچان تنهنجي ٹوري
۵. پنهان كيائين پاڻ كي
چِتُ **سچوءَ** جو چوري

كافي بروه ٥٦٩

كيڙاندي هن جهڳڙي چُوچكي ميان ماهيدي نال جالون وي رانولا
١. ٻاٻل پائي سانون سٹيندا وي، كيهي ڈوهؤن ڳالهيون وي رانولا
٢. هكو جيڈيان متين جو ڈيندیان وي، ڳئين كيهي وت حالون وي رانولا
مئين سُهٹين چاك دي پُكي پئيان وي رانولا
٣. مايان پيٹيان مهٹين جو ڈيندیان، ميان غرض آنهاندا كيها وي رانولا
۴. هك دل آهي رانجهو نيتي، ناكوئي اهين جيها وي رانولا
۵. سانگ بره دي وي ڈاڍي لڳڑي وي ميان، كنهندي اڳون وت نالون
مئين سهٹي چاك ذي پُكي پئيان وي رانولا

Scanned by CamScanner

٦. آٽ پهان پهڑ نہ ڈيندیان ميان، ڇٽي وٽي جهٽڪي وي رانولا
٧. وڏڙي ويلي وي عشق ماهيدا ميان، سر ساڏي تي ڪڙڪي وي رانولا
٨. عشق رانجهو دا غالب هويا وي ميان، ڳئيان آپ خيالون وي
مئين سهڻي چاڪ دي پُکي پئيان وي رانولا
٩. گهر ڪيڙاندي نون آگ جو لئسان. مئين ديواني ٿيان وي رانولا
١٠. خويش قبيلا ڇوڙ ڪراهڙ، در تيڏي تي پئيان وي رانولا
١١. جوڙڪي الفي ڳل وچ پئيان، ڇُٽ پيان هُڻ سيالون وي رانولا
مئين سهڻي چاڪ دي پکي پئيان وي رانولا
١٢. پن ڪيڙاندا نانءُ گهتيجي گهہ ڪيڙاندي راڃي وي رانولا
١٣. رانجهي طرفؤن ڏي جو پٹيان سانون عشق دي پاڃي وي رانولا
١٤. ڪيڙي نون وو ڏاج ڏتوني، آءُ **سچو** آگ پارلون رانولا
مئين سهڻي چاڪ دي پُکي پئيان وي رانولا

ڪافي بروه ٥٧٠

آٽ گهتيا هَسِ دُونهين دُونهين
رانجهو سائين اگهڙ اساڏي
١. مئين تي رانجهو هڪ ٿياسي
مست رهياسي ڏونهين ڏونهين
٢. راه اهيندي واقف ناهي
عشق اسان ڏي سونهين سونهين
٣. ڪٿان مئين تي ڪٿان رانجهو
سؤدا ڪيتا هي روحين روحين
٤. ايڏي اوڏي مُول نہ ڏيڪين
سچو يار سموهين سموهين

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۵۷۱

شال اوڏاهون ايندا وڃي خاطي خبران خير جون

۱. مون هِن نماڻي ڪي، اڃان دلاسا ڏيندا
۲. پرين پاڻهين پاڻ سان، هي گولي گڏيندا
۳. محبت مون مسڪين سان، شال نباهي نيندا
۴. ڏک سُک پائي سپرين، هن ڏکي سان ٿيندا
۵. ڪيچي ڪڏهن ڪينڪي، هِيءَ ڇپر ڇڏيندا
۶. جيڪي اڳيون پويون، بديون سڀ بخشيندا
۷. پڪا پڪن سامهون، آڻي اوڏا آڏيندا
۸. ٻاجهه پريا پي ٻاجهه مؤن، ڪري **سچو** سڏيندا

كافي بروه ۵۷۲

دل اسان ٿون سا چاهيئي، پلو ڪيهي گناهون يار

۱. اها صلاح ني وي دلبر سائين
ميان سمجهه دي وچ آهيئي
۲. وصل والي وي ڳالهه اسان نون
ميان اپڻي مُک الايئي
۳. **سچو** تيڏا وي در دا بردا ميان
تنهن ڪون سرڪ پلايئي

كافي بروه ۵۷۳

بره بيراڳي ڪيو ڙي جيڏيون! مونکي درد ديوانو ڪيو

۱. پچو ڪيم طبيب پيا، مونکي نينهن سو نيو
۲. هاريون اچي اوچتو، پور پرين جو پيو
۳. اونده عشق عجيب جو آهي، ڏوکي ني ڏيو
۴. جو امر اوراڻو ڏنس، سوتا ساڳي ٿيو

Scanned by CamScanner

٥. سرتيون ٻاجهون سوز جي، آهي جُنن گاڏوڻ جيو
٦. راتو ڏينهان روح تي، خيال ڪيو هن ڪيو
٧. **سچو** باقي سچ ٿيو، غير وچوڻ تا ويو

ڪافي بروه ٥٧٤

جاني آءٌ ڏي جاني ميان! آءٌ تا روز پڇان ٿي پانڌيوڻ

١. تنهنجي اچڻ ڪاڻ آءٌ هت پوٽيون پٽايان، سنجهي صبح سرتيون ٿي پانڌي پڇايان
ڏاها تنهنجي ڏيهه ڏي ٿي ڪانگل اڏايا

٢. پرين تهنجي پار ڏنهن اچي قاصد جي ڪوئي، حال سڏايان پانهنجو تنهن رهبر کي روئي
جاني جال اسانجي هاڻي هجر ۾ هوئي

٣. دلبر تنهنجي ديس ڏي ٿي ڏسان ڏيهاڙيون، نانءُ تهنجو سپرين اسين وس نہ وساريون
ڳچيءَ پائي ڪپڙو اسين ڪريون ٿا زاريون

٤. اتي ويڻي اوتيان آءٌ پنبڑين مؤن پاڻي، اچي ڏسج سپرين! تون حال منهنجو هاڻي
درد منديُ جي دل ۾ تنهنجي سڪ تا ساماڻي

٥. تاڪون سڃڻ تانهنجي هينڙي حيراني، ڏئي ڏکيءَ کي وئين تون نينهن تہ نيشاني
سدا **سچو** آهي ميان! تنهنجي ڳچيءَ ۾ ڳاني

ڪافي بروه ءِ سارنگ ٥٧٥

پري ٿين نہ شال، پرين پاڙيچا پرڏيهي

١. ساڻن ٿيس نہ سنگتي
هيَ هيَ هيَ هڻي حال

٢. جتن ڪيڙُم جيڏيون!
جتن سان مون جال

٣. دوسن بنان ديس ۾
جيئڻ منجهہ جنجال

Scanned by CamScanner

۴. ڪنهن در ڏيان دانهنڑي
هُوجي ڪُهي ويڑا ڪالهه
۵. ڪوڑيون ڪيئڑم ڪيترا
اُنهن ڪاڻ ڪشال
٦. سيئي **سچو** آئيا
جن لڳ وجهايم فال

ڪافي بروه ۽ سارنگ ۵۷٦

پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ڪيا آگم اکڑين
۱. ملڻ لئي محبوب جي
ٽيون راتو ڏينهن وسن
۲. جهور نہ لهي جُهڑ جي
نا ڪڏهن اوکاٽن
۳. سدا ساوڻ تن ڪي
بُوندان بس نہ ڪن
۴. **سچو** سپيرين لئي ٽيون
جهوريُ منجهه جهڄن

ڪافي بروه ۵۷۷

منهنجو پانڊيئڑا، پرئين کي ڏيج هي نياپو
۱. ڏئي باه پنيور کي، هي ڪيچ ڪندِي ڪاپو
۲. اصل لاکون آهي، منهنجو ساٽوَ سياپو
۳. آهي اوهانجو سپرين! هن چوري تي چاپو
۴. منهنجو محبوبن کي، ٻيو ڏيج نہ ڏوراپو
۵. سدا آهين **سچوءَ** کي، تون جيءَ جو جياپو

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۵۷۸

پُڇيو ڪي پرين، ميان! حال منهنجي جيون خبران ساڻيوري

۱. ساه سڪي ٿو جن ڪي، مونکي ڪي سارن
۲. هن دم دلاسا ڏنا، سرتيون ساڻيئڙن
۳. تون هت ڪهڙيءَ ڳالهه ۾، هُو هُت ياد ڪرن
۴. آهين جنين جي آسري، سي توکاءِ ڇڏن
۵. **سچو** سنگت پانهنجي، مانَ غريب گڏن

كافي بروه ۵۷۹

هاريون هڙي حال، ڏيان ڏوراپو ڪهڙو وو پرين ڪي

۱. مئين نماڻي ياد يارانون
آپئون نيندا نال
۲. راتو ڏينهان آهِ اسان نون
جوشان دي وچ جال
۳. نال تُساڏي دلبر آها
سچو آپ سنيال

كافي بروه ۵۸۰

يار ٻُڌا هوا لوءِ بلوءِ پي، هاجا تنهنجي حُسن جا وو

۱. جهڙي ڪيئي اُهڙي پرين
سا ڪندين پوءِ پي
۲. تاب تنهنجي ڪؤن سچ صريحن
ڪير سگهي ٻيو چوءِ پي
۳. ڪيرنماڻي آءٌ عالم ساري ڪي
تنهنجي آهي ووءِ ووءِ پي
۴. جي ڪارايو يار پيارل
سچوءَ ڪي هوءِ هوءِ پي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۸۱

ڏونگر آهي نـي ڏسُ ميان
هاريون منهنجي هوت جـو

۱. هلان تـ هلڻ نـ ٿئي
نـاه ويـچاريُ جـو وس

۲. راتـيـون رهـڻ راه ۾
ڪاڪيـون آهـي ڪـسُ

۳. ڪيڙو عشق عجيب جو
هينـئڙي منجهـ هـنبس

۴. آهـي عـجيـبن جـي
سـچـو سـڪ سـرسُ

ڪافي بروه ۵۸۲

ڳالهـ ڪريان ڪيهي، تهنجي مزگن ماري آهيان

۱. پرين وڙون پانهنجي ميان الله
آءُ پـڪـي هـن پـيـهـي

۲. پاڙي ساڻ وو پرينءَ جي ميان الله
وره وهـايم ويـهـي

۳. پلؤ لڳي وو پرينءَ جي ميان الله
جيـهـي سـا آهـي تـيـهـي

۴. ڳالهـ ڏسيائون وو سا تا ناهي وي ميان!
سچـو سـلـڻ جيـهـي

ڪافي بروه ۵۸۳

ڪيهي چال چلي ٿو وو، اڙي جيڏيون! يار منهنجو

۱. ونفخت فيه من روحي
ساري ڳالهـ سلـي ٿـو

Scanned by CamScanner

٢. انا عبده ورسوله
مُلن گهر ملي ٿو
٣. ڪائنين تعظيمان ڏئي
ڪائنين ڪل ڪلي ٿو
٤. ڪائنين سُکيو سپرين
ڪائنين جوشِ جلي ٿو
٥. **سچو** سڀ ڪنهن صورتين
هڙي طرح هلي ٿو

ڪافي بروه ٥٨٤

چاکي ڏونگر ڏوريان
من وسي يار منهنجو
١. پرين آهي پاڻ سان
تک ٻيا چو توريان
٢. راتو ڏينهان رُوح ۾
آرياڻي ٿي اوريان
٣. سيڪنهن پارين پاڙي سُپرين!
آءٌ گهٽوئي گهوريان
٤. هوت هميشه حاضري
وندر ڪنهن لڳ وڙيان
٥. **سچو** سچي ڳالهڙي
چت اهائي چوريان

ڪافي بروه ٥٨٥

هوت اچي هٿ ڏيندو، پلو جيڏيون! مون هن نماڻيءَ تي ووءِ ووءِ
١. پرين وڙون پانهنجي
چپر تانه ڇڏيندو

Scanned by CamScanner

٢. ڏسندیو اکڑین سان
نال نماٹي نیندو

٣. پاٹؤن پاسي نہ کري
گولي ساڻ گڏیندو

٤. پانڈین پچارون کیون
آریاٹي اچ ایندو

٥. اگڻ آسروند جي
پکا پاڻ اڏیندو

٦. کیچین سندو قافلو
لوئون تا نہ لڏیندو

٧. ساجن سنگت پانهنجي
سچو شال سڏیندو

کافي بروه ٥٨٦

کیچ منهنجڑو کم ني، آهي پلو پینر ڑي

١. ویا کیچیئڑا نکري
گولي، ڏیئي غم ني

٢. دعا کریجو جیڏیون!
جاني، ٹیان جم ني

٣. کنهین چن نہ چڏیان
دوستي، وارو دم ني

٤. قیامت تائین کینکي
ٹیندي طلب تم ني

٥. پیر نہ چڏیان پرین جو
توڑي ٹئي چیهاڑیون چم ني

Scanned by CamScanner

٦. جهڙ نہ پائنجو جيڏيون!
اِهـو اکـين جو آگـم نـي
٧. سکؤن **سچو** پرين ڏي
راتـو ڏيـنـهـان رم نـي

کافي بروه ٥٨٧

توکي جاني نہ جڳائي ٿو، رُسڻ نماڻن سان

١. جيهي تيهي تانهجي، آءٌ اصل کؤن آهيان، اوهانجي تا اچڻ جو آسر هڏ نہ لاهيان
سرتي سو فراق جا، هي مينهنڑا وسائي ٿو
٢. پري کر نہ پاڻ کؤن ڏي دلبر دلاسو، توريُ سُجهي ڪونکو مونکي پرين ٻيو پاسو
جيهو تيهو اصل کؤن هي سندوَ سڏائي ٿو
٣. سُکن مٿي ڏُکڑا ٿي مُحب مٿايان، غم خوشيءَ کؤن اڳرو آءٌ ٻليرو ٻايان
مُنهن مقابل تانهنجي اِهو گوندر گڏائي ٿو
٤. اڳڻ نماڻي جي تون اچج الله کاڻ، هيکر وت کريج تون يار ٻيرو منهنجي پاڻ
سوز تنهنجو سُپرين هت سانول سجهائيٿو
٥. وٽي ويٺي آهي اهو وعدو ويچاري، ڪچيءَ پائي ڪپڑو هي کري ٿي زاري
سچو سگ اوهان جو هت پانڌي پچائي ٿو

کافي بروه ٥٨٨

خبر کا مُون ڏيو ساڻيو، سائين عجيبن جي اچڻ جي

١. ڪيچيئڙن جو قافلو
وڃئـــين رات ويـــو
٢. آئين نہ چڏيو چپرين
هـــي تـــا نـــال نـــيـــو
٣. تـــوڙي وره وهـــاريـــو
ڪنديس کونہ ٻيو

Scanned by CamScanner

۴. وندر سندي وات تي
مون صدقي سر ڪيو
۵. ڇڏ ساها بنا سنبر
سچوڙي جي تو پُور پيو

ڪافي بروه ۵۸۹

تيڏي طرفؤن ڏيندا لوڪ اي جاني، طعني سؤ طعني

۱. اگڙ اساڏي وو آوين پيارل، ميان! مئين ڪيتي قرباني
جاني سؤ جاني
۲. ڳل اساڏي وو آڻ گهتيائي ميان! پانهپ دي نشاني
ڳاني سوڳاني
۳. صحي ڪران مئين وو ڪيڪُر تيڏي ميان! ڪُل يوم هُو في شاني
باني سوباني
۴. دل اساڏي ڪون وو لڳ جو رهيا ميان! تيڏي ديدار دي رُوحاني
داني سو داني
۵. **سچو** هوندا ني وو يار سهڻي ديان ميان! شرط سيئي سُلطاني
خاني سو خاني

ڪافي بروه ۵۹۰

ميڏي تيڏڙي نال ني، لک زاري هوءِ هوءِ يارڙي

۱. مئين تا آکان وو اڳون سايان دي ميان! حال حقيقت ساري
روءِ روءِ يارڙي
۲. سهج ڪنون وو سرتي چائي ميان! بره تُساڏا باري
ڪوءِ ڪوءِ يارڙي
۳. هار هنجون دا وو ڳچي پايم ميان! يڪدل چاتر ياري
پوءِ پوءِ يارڙي
۴. تيڏي طرفؤن وو طبل طعني دا ميان! **سچو** آهِ سرداري
سوءِ سوءِ يارڙي

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۵۹۱

جاني تونہ جڳائي، رُسڻ نماڻي سان يارڙي

۱. دوست اوهانجي در تي
ويٺي وِرهُ وسائي

۲. ٻاهر ٻانهي تانهنجي
سانول هي سڏائي

۳. اچڻ لاءِ اوهان جي
پانڊي روز پڇائي

۴. فالان فلک فراق جيون وو
وريتن کان وجهائي

۵. سوال **سچوءِ** جو سپرين!
عجز ساڻ اگهائي

كافي بروه ۵۹۲

هيئي عشق نيشاني ايهي
آکاڻ ڳالهہ اُنهاندي کيهي

۱. سپر سينہ ڪر اڳون سولاندي
مند کڙون ديهي

۲. وچ درياءَ محبت والي
ڳئي ٻنجاهي پيهي

۳. سولي اُتي ويڑ وڃائيندي
نينهن دي نوبت نيهي

۴. عاشق اولي مول نہ اٽکن
کي ويل وجائيندي ويهي

۵. **سچو** سوز واليان دي اٽان
هي ڳالهہ نہ آکڻ جيهي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۹۳

ڪنيون نيڻ نهار ڙي ميان! پلو منهنجا يارڙي وو

۱. مون من گڏي گوندرين
ٽئين تون ڪيچ قرار

۲. ڏکيا سُکيا ڏينهنڙا
گڏ غريب گذار

۳. دلبر پنهنجي دل ڪؤن
ويچاري نه وسار

۴. منهن نہ مؤن ٻئي پار ڏي
پنهنجي ڪي قطار

۵. **سچو** آهين اسان جو
هنجون هڏ نه هار

ڪافي بروه ۵۹۴

سڪ هُئي جنهينجي سر وو، دوست آيو اسانجي در

۱. پرين وڙؤن پانهنجي، ڪيئي ويچاريءَ ڏي ور
۲. هي سر ڪريان صدقي، گهوٽ اچي مون گهر
۳. ڏڻم هن اکين سان، پرين موچاري پر
۴. جاءِ ڪيائون جيءَ ۾، ٺهريا هڏ نہ ٽر
۵. قرب ڪارڻ سڻ **سچوري**، ڪوشش ڪائي ڪر

ڪافي بروه ۵۹۵

ڏنوهي پانڊيءَ پيغام، تنهنجي اگڙ اڄ يار اچي ٿو

۱. عاشق عجيبن جو توکي
سؤ لک آهي سلامُ

۲. سپ قبوليو سپرين
جيڪو ڪيوَ ڪلام

Scanned by CamScanner

٣. پڪو آهي پرين جو
تو سان اڄ انجام
٤. روءُ نہ رت اکين مؤن
عاشق ڪر آرام
٥. **سچو** گڏ جن پوءِ پي
آهہ نہ طلب تمامُ

ڪافي بروه ٥٩٦

هوت پارؤن مونکي هاڻي
ڏنا نينهن نياپا هي
١. هٿؤن پئي تانهنجي ميان!
عُذر ڪيها پيا آڻي
٢. اوتين کهڙئ گالهہ ڪؤن
پنبڙن مؤن پاڻي
٣. وينئن ڪيئن پنيور ۾
سُور هُيئي جي ساڻي
٤. **سچو** توکي ساه ڪؤن
آهہِ اوڏو آرياڻي

ڪافي بروه ٥٩٧

اسان غريباندي نال
دلبر چگي ڪيئ
١. آڳي پيڇي گل تُساڏي
جيوين وڻئي تيوين پال
٢. ونحن اقرب اها اشارت
ورق هجر دا وال
٣. **سچو** ڪون هيء عُمر سيائي
جوشاندي وچ جال

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۵۹۸

كيڇوڻ آيم كالهه، سي تا سڻو سنيها

۱. ڳالهيون كندي گذريئي
سُوراتي توكي سال

۲. أكنڊ اسان ڏي كانه تو
ڏينهن اتي جاليئي جال

۳. كنهنجي كارڻ ٿي كيا
لَكَ روئي تو لعل

۴. كرين نه قطري جيتري
ساعت هك سنيال

۵. پڌي ڏوراپا مُون ٿيو
جيڀ منجهه جنجال

۶. جن لئي ڏونگر ڏوريان
تن پي هڙا حال

۷. سي سپ تنهنجا اگهيا
جي كيئي كالهه كشال

۸. پُڌندو پاروچو وري
سچوءَ جايي سوال

كافي بروه ۵۹۹

مُون كُر تا كين پڇيائون، هاڻ كانگل كل كاڏي

۱. ڏوڻ ڏوراپا وو كيترا، ميان الله، ڏئي سي سخت مُكائون
هت حال اسانجا هي

۲. سگها ايندا وو سپرين! ميان الله، كي تاپاڻ أتيائون
جڏوجيءُ جيارن جي

Scanned by CamScanner

٣. ڏاها ڏيهه وو پرينءَ جي، ميان الله، آهيان اُپاٽڪو آئون
منهنجو هيءُ نياپو ني

٤. طعنا طرفؤن تانهنجي، ميان الله، هِن ڏکيءَ کي ڏنائون
سائين سپ قبوليم سي

٥. سي نه وسارج وو سپرين! ميان الله، ساڻ **سچوءَ** سمجهائون
اهي قول کيا هُيءِ کي

کافي بروه ٦٠٠

يارو! منهنجو يار، ڪئي ڪئي صورت سير ڪري ٿو

١. ڪاٿئين ٻُڌڻو پير ٿيو
ڪاٿئين ٻولي ٻار

٢. ڪاٿئين بيراڳي ڦري
ڪاٿئين ڪَيُس قرار

٣. ڪاٿئين وظيفن ۾
ڪاٿئين خَمرُ خمار

٤. ڪاٿئين آهي بادشاه
ڪاٿئين چونريدار

٥. ڪاٿئين پيرن پنڌ ڪري
ڪاٿئين گهوڙي جو هسوار

٦. ڪاٿئين احمد ٿيو علي
ڪِٿ عبدالحق اظهار

٧. آهي دلبر دوست جو
سچو سپُ سينگار

کافي بروه ٦٠١

ديس اساڏي آوين، يار پيارل وي ميان

Scanned by CamScanner

١. رَهـُ اساڏي وه دلبر نيڑي
دُور نه ساٿون جاوين
٢. اگڻ نماڻي دي وو سهڻا سائين
پير سگهيرڙا پاوين
٣. تسان باجُهون ڦران بيراڳڻ
ڇِرتا وت ڪيون لاوين
۴. نانءُ الله دي ٿيوان ايلازي
چت **سچو** تون نه چاوين

ڪافي بروه ٦٠٢

تيڏي طعني ڏيندیان شه واليان، سائُون سپ سيالیان

١. ڪاوڙ ڪيتي وو ماسُ يتيمان دي، تيڏيان بحريان اکيان ني توپاليان
٢. زُلفان تيڏي وو نانگ بسيهر، تيڏيان اکيان ني وه ڪجليان ڪاليان
٣. نال ڪرم دي وو ڏيڪ **سچو** ڏهون، سهڻا يار سُٹي تهنديان ناليان

ڪافي بروه ٦٠٣

ڳالهه ڪريان آءٌ ڪيهي، حال پنهنجي جي ڏي جيڏيون

١. ڪالهه ڪالهوٹي سپرين!
ويا وڃُون مون ويهي
٢. ڇڏي شهر پنيور کي
ويا پهاڙين پيهي
٣. ڪري پريشان ويا
درد مندیءُ جي ديهي
۴. آءٌ اُنهن جي آهيان
جيهي جي تيهي

Scanned by CamScanner

٥. مـــارڻ پـــوءِ جيـــارڻ

رسـم أنـهـن جي ايـهـي

٦. **سچو** سـوز فـراق جا

بـار کـٹـن کـي نـيـهـي

کافي بروه ٦٠٤

هـوت ڏهـون هاڻـي آيـون

مـونـڏي خوشـخبـران هـي

١. اچي اڏيون ٿا اوڏڙيون

جـار اوهـانـجڙي جـايـون

٢. چڏي شهـر پنـيـور کـي

پـيـر وري ايـڏي پـايـون

٣. ٿيون جيارن جيڏيون!

اِهـي ويـچاري کـي وايـون

٤. **سچوءَ** سنديون دانهڙيون

دوســت وري ورنــايــون

کافي بروه ٦٠٥

هوت اوهان تي آهـ، ميانُ، سارو ننگ نماڻيءَ جو

١. سائين کارڻ سپرين! پير اگڻ مَهنجي پاءِ، ميان

٢. پرين وڙڻ پانهنجي، لڻ نماڻي سان لاءِ، ميانِ

٣. ماڻهو شهر پنيور جا، ساه نہ اچن ساءِ، ميانُ

٤. ڏسنديس آءٌ اکڑين سان، جانب ٿُنهنجڙي جاءِ، ميان

٥. کاري ڪٹن تانهنجي، **سچوءَ** کي هاءِ، هاءِ، ميان

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦٠٦

هوت اچڻ جي كا كر ميان! پانڌي روز پڇايان ٿي

١. راتو ڏينهان روح كي ميان الله، سڪ اوهانجڙي سر
ميان توئي هت كانگ اڏايان ٿي

٢. سِر ٿوئي تؤن وو صدقي ميان الله، گهوٽ اچين جي گهر
ميان گهوريو پاڻ گهمايان ٿي

٣. ايندیس اهڙي وو حال سان ميان الله، دوست اوهانجڙي در
ميان ڳچيءَ پلؤ پايان ٿي

٤. پرين! پارؤن وو تانهنجي ميان الله، ٿئي ويچاريءَ جي ور
ميان ويٺي ڏک وسايان ٿي

٥. سارو مطلب وو مون ٿئي ميان الله، پرين اچي ڪنهن پر
ميان هت پوٽيون پٽايان ٿي

٦. **سچوءَ** أتي وو سپرين ميان الله، دست مبارڪ ڏر
ميان سنديوَ يار سڏايان ٿي

كافي بروه ٦٠٧

آءٌ ڪوهيارل ڪائين، وري ويڙهو وسائج ميان

١. پانهون پانهنِ وو جان ٻڌي ميان الله، پاند ڳچيءَ ۾ ٿي پائين
مون تؤن چت نہ چائج ميان

٢. مون هؤن مدايون وو ٿيڙيون ميان الله، ٿيس ايلازڙ آئين
پرين پاڻ پسائج ميان

٣. آءٌ ڪنيزڪ وو تانهنجي ميان الله، تون منهنجڙو سائين
ٻيو عيب نہ لائج ميان

٤. ڏئي حال وو حلاج جو ميان الله، **سچوءَ** كي سمجهائين
سارو سرُ سٽائج ميان

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦٠٨

هم هويا تم هم هويا، ڏوجهي رمز چليندا ڪوڻ

١. عاشق ٻڪرا معشوق ڪاسائي، ذبح ڪريندا ڪوڻ
٢. ڏو ڏو ڏڪڙان تال تماشي، طبل وڄيندا ڪوڻ
٣. تسبيح ڦردي منُ نهين ڦردا، مَٽڪا ڦريندا ڪوڻ
٤. حسن حُسين شهادت پائي، قتل ڪريندا ڪوڻ
٥. **سچو** سچ ڪر ڇاڙ اٽاهين، رامُ رجهئيندا ڪوڻ

كافي بروه ۽ پيروي ٦٠٩

هينئڙي ڳالهيون ياد
آريءَ ٻاروچي جيون

١. ويا ويساهي نڪري
عشق ڏئي امداد

٢. پينر شهر پنيور ڪوڻ
آءٌ ٿيندس آزاد

٣. انهن ٻاجهون جيڏيون!
عُمر مڙئي برباد

٤. درد مندن جي دلڙي
شال ڪنداسي شاد

٥. **سچوءَ** سندي سرتيون!
پُني سڀ مراد

كافي بروه ٦١٠

آءٌ اچي رَهـُ رات ٻلو، منهنجا يارڙي

١. راتو ڏينهان روح ڪي
آهـِ اوهانجڙي تات

Scanned by CamScanner

٢. مشر آهي مُلڪن ۾
سنديوَ ڏاڍي جات
٣. اچڻ ريُ اوهان جي آهِ
هينئڙي ڪي هيهات
٤. **سچوءَ** ڪي تنهن سرت جي
ڪاٿهون ٿيندي ڏات

ڪافي بروه ٦١١

آءُ ويڙهي تون تا وَسُ، ڏي پلو پُنهڙ يار ميان
١. پرين مونکي پانهنجو
ڏاهه ڏي ڪو ڏَسُ ڏي
٢. نماڻيءَ جو حالڙو
پريم اچي پسُ ڏي
٣. ڪاهي ايندي ڪيچ ڏي
گولي وڻي گس ڏي
٤. پوي پاڇاڻي جو ڪو
توکي مان ترس ڏي
٥. وهڻ آهي پنيور ۾
بنا عشق عبث ڏي
٦. سوز اوهانجو سپرين!
سچوءَ آهِ سرس ڏي

ڪافي بروه ٦١٢

ڪيون هيريندئين يار وي، سائين! غريبان نون
١. خبر ٿئيڪون درد ميڏي دي، روڻ زارو زار وي
ڪيهي ڪل طبيبان نون

Scanned by CamScanner

٢. ڏوه اسان تي ڪوئي نه آها باري، سو برهين بار وي
ڪوئي آکي عجيبان نون
٣. يار دي ڪارڙ سُنوري سنيان! هنجون دا ڪيتر هار وي
هوئي ستڙ حبيبان نون
۴. جهٽڪان ڏيکر آپ جهليندئين، وس نه مئيڏا وار وي
ڪيها ڏوه رقيبان ڏون
۵. سچ صريحن سُڙ **سچوري**، آکي ني سو هڪ وار وي
پيا ڪوڙن قريبان نون

ڪافي بروه ٦١٣

اچي لايوَ ڪيئن، سچڙ توتا نينهن نماڻي سان
١. ماريس انهيءَ مامري، هوت ڪندين ڪو هيئن
٢. ساتا ڪَيئي پانهنجي، جاني وڃيئي جيئن
٣. جهڙي پُنهڙ توڪئي، آءٌ پڙ ڪريان تيئن
۴. ڪان وڃندي ڪڏهين، نالو سندوَ نينهن
۴. وري وهاريو ويجهڙو، **سچو** پانهنجي سيئن

ڪافي بروه ٦١۴

اهو ڏونگر ڏهاڙي، مون ڏوراپو ٿو ڏئي
١. هاري هڙا هوت تون
ٿي ويجها وسارين
٢. هيڏي هوڏي ٿي گهمين
تون نال نه نهارين
٣. پنيورؤن بيزار ٿي
جي سانول سنيارين
۴. پاڙ **سچو** تون پاڻهين
وجي ساڻن سلهاڙين

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦١٥

وسئون تانہ وسار، پلو يار ڏي، آءٌ اوهانجڏي آهيان پلو ميان

١. سڪائِي ڏي سپرين!
ڪٽي نيٺ نهار

٢. هيڏي هوڏي نہ ڇڏين
پنهنجي ڪِ قطار

٣. توکي ڏسان مون ڏسين
پرين ڪهڙي پار

٤. **سچو** صبر ۾ رهين
گوندر ڏينهن گذار

ڪافي بروه ٦١٦

هُئي نہ مون ڪل ڪائي، سِر انهيءَ جي ڏي جيڏيون

١. اڳ نہ سيم ڪڏهين
هي وراڻي واري وائي

٢. ڳالهہ نہ ڳرهٽ جهڙي
سائن جا سجهائي

٣. ڏوهہ ثواب جي ڳالهڙي
سڀ ويساه وجائي

٤. سائي حقيقت حال جي
سر اچانڪ آئي

٥. **سچو** سانيج ڳالهڙي
پرين جا پُرجهائي

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦١٧

رهبر روز بروز، اچن مونڊي يار جا

١. كنهن سان سليان سرتيون!
سُپيريان جو سوز

٢. اندر منجهه عجيب جي
كيڙو سك سروز

٣. هيكند كارڙ ٿي كريان
خاطر اندر خوض

٤. شال كنهين تي نه ٿئي
سندو جانب جوز

٦. **سچو** اجهو آئيو
آرياڻي امروز

كافي بروه ٦١٨

طعنا سر تي سهندي هان، سرتيون! ساري لوك جا

١. پاجهون پاروچل جي، راتيون هت كا رهندي هان
٢. كاف منجهارؤن كاكيون! لعلن لوڙي لهندي هان
٣. پسڻ بنان پرينءَ جي، ٿاه نه پئي كنهن ٿهندي هان
٤. پينر هن پنيور ۾، ريءُ پاوچي نه پهندي هان
٥. **سچو** سچيءَ سك كؤن، كيچن كي كهندي هان

كافي بروه ٦١٩

دل جيون ڳالهيون ميان! آءُ تا توسان اوريان

١. ڳجهيون ڳالهيون وو كريان كن سان الله
تك ويٺي ٿي توريان

Scanned by CamScanner

٢. سڳو تنهنجي وو سڪ جو، ميان الله
ساه اندر ٿي سوريان
٣. سڪ اوهانجي وو سر ٿي ميان
ڏيهه ساريوئي ڏوريان
٤. راتو ڏينهان ڪاڙ اوهانجي ميان الله
چت ۾ چرخو چوريان
٥. اڳڙ سچوءَ جي آءُ پيارا، ميان الله
پاڙ گهٽوئي گهوريان

ڪافي بروه ٦٢٠

هيئن نه مونکي ماريو، اوڙڪ اوهانجڙي آهيان

١. ٻانهي آهيان وو تنهنجي ٻاروچا الله، پورهيت پنهنجي پاريو
سڳ نه ٿي ڪو ساهيان
٢. آسروندي وو آهيان ميان الله، واڳ مُئي ڏي واريو
لالچ نه ٿي لاهيان
٣. ڏاڍا ڏونگر وو لڪيون ميان الله، توه پنهنجي سان تاريو
ڇپر اڳيون نا ته ڇاهيان
٤. آءُ اوهانجڙي وو آهيان ميان الله، وسئون ڪير وساريو
جوڙ اوهانجڙي ناهيان
٥. سانول انهين وو سڏ ۾ ميان الله، ڳالهين تنهنجن ڳاريو
ڪيچ وٽن ڏي ڪاهيان
٦. آءُ اڪندي ووهوت اوهانجي الله، سچو ڪِي سانول ساريو
ڳاه بره جو ٿي ڳاهيان

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦٢١

رهو مون وٽ رات، اڙي پانڌيو پرين جا

١. آءٌ اوهان تؤن صدقي، جا وائي مٽيو وات
٢. پسان اکڙين سان، ٻاروچاٽي جات
٣. راتو ڏينهان روح کي، تن جي آهِي تاتِ
٤. هئي همیشه ساڻيو! **سچو** سندو ساٿ

كافي بروه ٦٢٢

ڙي جيڏيون آءٌ تا ٻيو نہ کندي
منهنجو پيچ پُنهونءَ سان آهي

١. آءٌ جني جي آهيان، سو تا مهر نہ لاهي
٢. کير کميٽي هوت سڃڻ سان، سگ سياپو ساهي
٣. هٽ وڃي ٽي هوت جي، وس نماڻي ناهي
٤. سوال **سچوءَ** جو اهو آهي، نينهن سندن نيباهي

كافي بروه ٦٢٣

تون آءٌ آرياڻي اوري، تنهنجي دامن لڳڙي آهيان

١. سِرُ پنهنجو سرتيون!
آءٌ گهرؤن آيس گهوري

٢. کامل کڏهن کينکي
آءٌ ڏونگر سگهان اڏوري

٣. کاجا تند طلب جي
چِتُ وئين تون چوري

٤. نيو نماڻي پاڻ سان
تِرُ نہ رهي توري

٥. **سچو** سگ اوهانجو
کيئن پڃي تنهنجي ٿوري

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦٢٤

مونكي تايو طبيبن، ميان! بن بكيون وجهان تن جيون

١. نظر ساڻ نهال كيو
هاريون حبيبن ميان

٢. آزارؤن آزاد كيو
اچي عجيبن ميان

٣. دل كي دلاسو ڏنو
كاكيون قريبن مِيان

٤. ڏيندا **سچو** سپرين!
گوش پي غريبن ميان

كافي بروه ٦٢٥

خود هي آهوئي خود هي نهين اور كوئي اليندا

١. طرحون طرح تماشا اپڻان جو آپ كريندا، منصور هوكي ويكو سولي اُپر چڑهيندا
٢. عاشق ٿيوي آپ تي ڏيک حُسن اپني كون، نعره اناالحق دا وچ بيخودي مريندا
٣. كيا وصل كيا هجر وچ آپي جو آپ هوندا، وت عشقدي النبي آسمان پر اڏيندا
٤. مئكون قسم مُصحف دا هويا قسم هادي دي، نهين دوسرا بي كوئي اوئي ڏيكيندا سڻيندا
٥. موسيٰ فرعون هكو اهو پول كوئي ركا هئي اهو، سيكنهين صورت وچ هوليان لكين هوليندا
٦. كافر مومن آهوئي اس ۾ نهين تفاوت، كڏهان پوٿيان پٿيندا كڏهان وت ورد پڑهيندا
٧. سينگار كر بازاريان لاءِ تلك آپ ٻيڻا، سؤدا سلف تنهين وچ آپي جو آپ كريندا
٨. عالم كُون چڑهه مُناري واعظي وعظ سناوي، مُلان بي هو مهت وچ بانگان بُلنديان ڏيندا
٩. لشكر پچون تي لاءِ كي آپ بادشه سڏا وي، وت خرقه پهر آئندا درويش آپ سڏيندا
١٠. هر كوئي آكي مئيكون اهو جسم جان گم كر، گم كنون پچي تا آپي آهو خود لَهيندا
١١. عبرت رهي اسان كون اِهوئي سخن بجا نهين، هئي جسم جان اهوئي كُوڙي حرف بنيندا

Scanned by CamScanner

۱۲. جانن جسم جاڻ ڪنهندا ڪهڙي طرفون جو آيا، آپڪون جو آپ ٻڌايس ڪس واسطي ڀُلينداِ
۱۳. جنگ و جدل اُهوئي اوئي صلاحيت وچ، بيرنگ وچ رنگان دي اِهي چاليان چلينداِ
۱۴. **سچو** تون ڪٿ نهين اندر ٻاهر اُهوئي، بدنيڪ اوئي ڪرينداِ تون آپ ڪيون ڳٽينداِ

ڪافي بروه ٦٢٦

مُنهنجو هئينڙو هوتن ساڻ، ڪهڙي ڪريان ٻي آءٌ تا ڳالهڙي ڳالهڙي

۱. وندر سندي واٽ تي
پُرزا ڪنديس پاڻ
۲. اچي لڳو مون اوچتو
پاروچي جو پاڻ
۳. دعا ڪريجو جيڏيون!
شال موتي مُئي جو ماڻ
۴. ويڙو درد فراق جو
ڏئي ڏکيءَ کي ڏاڻ
۵. اگڙ ايندو تانهنجي
سچو سو سروراڻ

ريختو بروه ٦٢٧

اس چشم سورے ، ايسا اسرار ديکھا تھا
بيچ ابر کے ، آفتاب کا انوار ديکھا تھا
جس نور کی تجلی ، سارا طور جلايا
اس دل کی گلی ميں، اوئی چمکار ديکھا تھا
۲۔ جس جاء سے علمائوں، پرہيز کيا ہے
تس جاء ميں سر نور کا، جھلکار ديکھا تھا
۳۔ بے فکر بہ ہر ذرہ، نہ ديکھن ہے مناسب
ہر شے کی نگہ ہم نے، ذوالفقار ديکھا تھا

Scanned by CamScanner

۴۔ از دیکھن ہادی کے، سارا کام میرا تھیا
اس صورت مرشد کعی سوں، دیدار دیکھا تھا
۵۔جیوں سورج کا نور، ہر جا ہے برابر
تیوں ہر مظہر اس کا، انظار دیکھا تھا
جس کوئی آیا ہے، اس رنداں کے بزم میں
یکبار ہوا منست، نہ ہشیار دیکھا تھا
۶۔ کہہ کلمہ اناالحق کا، یکبار یقیں سے
منصور یہ اسرار، اوپر دار دیکھا تھا
۸۔ تس بحر میں آیا ہے، سچو جس نہ کنارہ
اس بحر میں عشاق، نگونسار دیکھا تھا

ریختو بروہ ۶۲۸

ایك دن بزار میں، میں دیکھا عجب نظارا
طفلاں کے ہاتھ میں رے، بلبل ہوا بیچارا
۱۔ پر بال رشتہ سیتے، اس نے کیا ہوا محکم
تڑپن سے اوئی نہ چھوٹے، کرتا ہے لکھ پکارا
۲۔ ہم حال اس کا پوچھا، کہہ بلبل ہمن سوں
کس جاء آپڑا ہیں، چھوڑیئی چمن ہزارا
۳۔ ہس ہس ہمن سے گویا، ہویا ہے تجھ خبر نہیں
عاشق جو کوئی ہوا ہے، جانے حال وئی ہمارا
۴۔ دم عشق جس نے ماریا، اس گلے پڑی ہے گاری
سر جان صدق سجن پر، سچو سریر سارا

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦٢٩

نينهن ڏاڍي سان لايوسي
آءٌ تا هاڻي ڪيئن ڪريان

١. عشق سولو سرتيون!
هت پينر پايوسي

٢. پچي اسان جا پکڙا
اديون اجهو آيوسي

٣. پينر شهر پنيور جي
هت طعنن تايوسي

٤. جو ڏنائون جيڏيون!
سو پلئي پايوسي

٥. سوئي **سچو** سرتي
هاڻي چُمي چايوسي

كافي بروه ٦٣٠

اسين آهيون ڇا اسين آهيون ٻيلي. نٽا ڇاٽون ڇا اسين آهيون

١. ذري باران برساتيون لايون، ذري ٻرن ٽيون وڏيون باهيون
٢. ذري پڙهون ٽا نمازان روزا، لوچ مٽي تؤن ذري لايون
٣. ذري چئون ٽا آهيون سيئي، ذري چئون ٽا اصل ناهيون
٤. ذري آرام آهي هن دل کي، ذري وهايون نيٽؤن واهيون
٥. ذري چون ٽا اسان پاڻ سجاٽون، ذري چون ٽا اسين ڇاهيون
٦. **سچو** اصلؤن سوئي آهين، ٽاه هتي ٻيو ڪيهو ٽاهيون

كافي بروه ٦٣١

ڪوئي نہ آندا وي يار دي پارون، ڪڏهان خاطي سگها ساڻي

١. سڀ سيان دي وچون لوڏ سڃڻ دي، مايو اسان وو سجاتي، هُڻ ڇاتي

Scanned by CamScanner

٢. ويجهو وهاري دوست پيارل، اندرون وت جهاتي، ڏيکو پاتي
٣. نال اساڏي روز ازل ڪنون، رمز رانول هي لاتي، دل ڦاٽي
٤. ٻيان ٻگالهيان سپ وسر ٻگيان عشق ٻڏي ميڏي ڇاتي، دن راتي
٥. ڏوه ٿوابون زُهد ريا ٿُون، دل **سچو** هُڻ ڇاتي، ڏيک ذاتي

ڪافي بروه ٦٣٢

محبت مست مجنون ڪيا ڪئين خاصا خماري لو

١. اصل ڪؤن عاشقن آهي، مٿي سُوريءَ سواري لو
٢. هُئي هڏ شال منصوري، جريده راه جاري لو
٣. هِتؤن مُنهن سانه موريندي، هوندي جا وره واري لو
٤. سنو جو مير محبت جي، ڪُٽن ڪي ڪوٽ ڪاري لو
٥. جنين ڪي جوش جاڳايو، تنين ڪهڙي تياري لو
٦. ڇڏي هي عيش عالم جا، هلياسي هڪواري لو
٧. پياسي هُوءِ حيرت ۾، ڇڏيئون سُڌ سار ساري لو
٨. بره جي بابَ ڏِسُ تن ڪي، سيا وائي وساري لو
٩. سدا تن آهي ساجن جي، اچڻ جي انتظاري لو
١٠. **سچيڏنه** سمجهه ڪي اتهين، متان ٽئين هُتِ مياري لو

ڪافي بروه ٦٣٣

ڪڏهن الاجي ايندا
يار سانگيڑا ميان
١. سگهي اچڻ جون ڪانگ اسانکي
اچي واڌايون ڏيندا
٢. ڏئي دلاسنا دل منهنجيءَ ڪي
نال نماڻي نيندا

Scanned by CamScanner

۳. اِهي اُميدان آهن اسانکي
هڪ ٽڪيءَ سان ٽيندا
۴. ڪين ڏسندا ڏوهن اسانجن ڏي
بديون سپ بخشيندا
۵. آهي اوسيئڙو اکڙين کي
گولي ساڻ گڏيندا
٦. ڪيچ وٽن ڪوڻ پٽي سي پکڙا
آڻي هت هُو تہ اڏيندا
۷. جيهو تيهو سچو سندن آهي
پانهنجو ڪين ڇڏيندا

ريختو بروه ۶۳۴۰

دوست میرے گھر جھاتی پاکے،درد ہمن سوں لاءِ گیا
بڑچھیاں نیزامڑ گاں والا،سینے میں سٹکاءِ گیا
۱۔ وہ وہ کر سینگار سجن،میرے ساتھ اکھیں اٹکاءِ گیا
غمزے رمزے نازے سیتے دل، ایك واری چٹکاءِ گیا
۲۔ سنو سہیلیاں حال میرا،مجھ کوں رے صنم پھتکاءِ گیا
پیچ زلف کے وچ ہماری،دلبر دل انکاءِ گیا
۳۔ کوکُوں آہ فریاد سیتے،مجھ کوں رے سجن ھٹکاءِ گیا
بحری باز بر ہیں کے باشے،طرف میری چھٹکاءِ گیا
۴۔ کس کوں میں فریاد کروں،جو کنڈی دل اٹکاءِ گیا
سینے وچ سچُو کے آتش،برھے کی بھڑکاءِ گیا

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦٣٥

رانجهن جهنگ پچايا وي پچايا
الله ٻيلي تنهندا سو الله ٻيلي

١. ڳالهين سڻ كي سيالين واليان
ڏاڍا تنهن پُور پرايا پرايا

٢. تخت هزارا چوڙ كراهڻ
كنڌي چناه وي آيا آيا

٣. مال ملك تي ملك خزاني
تنهن لحظي وچ لٽايا لٽايا

٤. رانجهن سائين نال هيري دي
مولي سو آڻ ملايا ملايا

٥. سوز سهڻي دا حاصل هويا
سچو دا بخت سوايا سوايا

ريختو تلنگ ٦٣٦

كياكروں ميں، جو ميرا كوئى اختيار نهيں
ہاءِ ہاءِ پاس ميرے، آج وہ دلدار نهيں

١۔ مجھ كوں اس ہجر ليا، ديدوں كسى كوں فرياد
ہاءِ ہاءِ حال ميرے، جو يكدل يار نهيں

٢۔ نبض ديكھن سے افلاطون، سوں ليا بے خبرى
ہوءِ ہوءِ كرنے رہيا، مست سو ہوشيار نهيں

٣۔ يار بن ہے زندگى، ايسى مجھ كوں عذاب
خاك ہے ديده اسى ميں، جسے ديدار نهيں

٤۔ يوں كہا يار سچو، تجھ كوں ميرا درد نهيں
روءِ روءِ ہميں، پڑا ہوں، تو بهى اعتبار نهيں

Scanned by CamScanner

ربختو بروه ٦٣٧

میری جند جان قربان ہے، دلبر تیرے دیدار پر
میرے حال کی تجھ کوں، تیریاں خوبی کریں گیاں خوشخبر
١۔ تیری آنکھیں کے ظلم کا، ہوکا پھرے گا دربدر
چھٹ کے خدنگ مژگاں کا، کیتا ہے میں سینا سپر
٢۔ میں کون ایك مسکین ہوں، تیرے ہرہ سے ہے خبر
زوری زلف کے پیچ میں، تھیا قید دارا سکندر
٣۔ لقمان افلاطون کیا، دیوانہ نیناں کی نظر
ساجن اسی سنسار میں آئینہ تم مارن مگر
٤۔ تس کوں خبر اس سر کی، جس عشق کا ہوتا اثر
سر جھل سچو اس راہ میں، مقصد تیرا سارا صبر

كافي بروه ٦٣٨

كيهي لاءِ ڳيا پرديسڑا
توبه توبه پرديسڑا
١. اپٹي نال دل اساڈي
هكواري چاءِ ڳيا
٢. روز ازل كنون اسان نماٹيان تي
بار بره دا آءِ ڳيا
٣. عقل علم تي شرم حيا كون
عشق سجن دا گهاءِ ڳيا

Scanned by CamScanner

۴. جو ڪجھ هيئي عشق هيئي
ڳالھ سجن سچي فرماءِ ڳيا

۵. ڳالھ عشق دي يار پيارل
سچو ڪون سمجھاءِ ڳيا

ریختو تلنگ ۶۳۹

تیرے آون کا مجھکوں، یہی انتظار ہوناں
تیرے مکھ دیکھن کے کیتے، دل بے قرار ہوناں
۱۔ اس دل میں عشق تیرے وہ شور شر مچایا
تیری ہجر سوں رووں، مجھ بار بار ہوناں
۲۔ سولی اُوپر چڑہا ہے، منصور اس درد سیں
پیوں شراب سیتے، خونی خمار ہوناں
۳۔ چشماں تیریاں شکاری، مجھ کوں قتل کریں گی
تجھ کوں نی عاشقاں کا، شوقِ شکار ہوناں
۴۔ تجھ بن نہیں کائی طاقت، مجھ کوں رے اے سریجن
روز ازل سے یوں میں، بے اختیار ہوناں
۵۔ عاشقاں کی آہ سیتے، تجھ کوں کنارہ لینا
یہی آگ عشق کی میں، شور شرار ہوناں
۶۔ سچُو بے چارہ کیا ہے، آشفتہ تو صنم کا
عاشق تیرے درسن کا، کوئی لکھ ہزار ہوناں

ریختو بروہ ۶۴۰

تیرے ملن کے کیتے، میں منتظر ہواہوں
بے زر غلام تیرا، ہم سر بسر ہواہوں

Scanned by CamScanner

۱- پھر دیکھ طرف میرے، تجھ بن پھروں اداسی
تیرے کیتے گداگر، میں دربدر ہواہوں
۲- رو ون تیرے ہجر سیں، دن رین ہمن ہوتا
حبل الورید سیتے، ہم بے خبر ہواہوں
۳- امید ہے فضل کی، تجھ میں ئی عاشقاں کوں
لاتقنطو من رحمت، میں بے خطر ہوا ہوں
۴- دوری نی ہمن جاتی، کوئی دم نہ دور تم ہیں
تیرے کرم کے سیتے، ہم درد نظر ہواہوں
۵- فریاد اے سریجن، سن نائوخدا سچُو کی
آءُ دیکھ حال میرا، کہ اندر شرر ہواہوں

كافي بروه ٦٤١

سرتيون ڏين صلاحان، چت تون چرخي لائين
آءٌ ڪتان ڪي ڪانگ آڏايان

١. راتو ڏينهان روان انهن لڳ
پرين جي ٿيم پراهان

٢. دل جميعت تڏهن ڪي ٿيندي جڏهن اينڊا
ڪي هوت اڳاهان

٣. اديون آنهي ۽ جُون، ويٺي اچڻ جون
روز نهاريان ٿي راهان

٤. والي ورائين وري ٻنيور ڏي
سُٽي اسانجون آهان

٥. ڪيون قبوليت سيئي سچوءَ جون
سائين عرض اِلاهان

Scanned by CamScanner

ریختو بروہ ۶۴۲

اگر اپنا قدر جانو،سپہ سالار تم ہو گا
کیا اندر او کی باہر،ہمہ اظہار تم ہو گا
۱۔ عجب ہے بات باطن کی،بگوش دل کے تم سن کر
یقیں کے آءُ میداں میں،اصل اسرار تم ہو گا
۲۔ گمان کر ٹوٹ آو یکھن،دوئی کر دور وادی سے
جسی کی طلب کرتے ہو،اوئی تکراتم ہو گا
۳۔ اسی جگ موں جو مطب کر،چلے منصور مستی سوں
تصدق سوں انالحق کہہ سبھو دلدار تم ہو گا
۴۔ سولی پر وہ چلے حلاج،فارغ ہوا سو ہستی سوں
کمر بند انا احمد کی،نہ ڈر نروار تم ہو گا
۵۔ کیا کیا کام سکندر جو،سارا ملك لے جاتا
پکڑ لے ملك دل کا تم،سکندر وار تم ہو گا
۶۔ رموز یسمع و یبصر،تحقیق میں صحی کرنا
عجب کیا جانتا ناہیں،یکایك یار تم ہو گا
۷۔ سچُو کی ذات معلوم ہے،سچُو سچ ہے جو اوئی ہے
نہیں کوئی دوسرا دلبر،اوئی دلدار تم ہو گا

ریختو بروہ ۶۴۳

میٹھا جب سر اول کرنا،عشق بازار آون کیا
نہ کجھ دیویں نہ کجھ لیویں،اسی سودے میں جاون کیا
۱۔ کھڑا ہے یار چوسول میں،دیکھن آیا تماشے کوں
نکل کر جان سر صدقہ،عاشق اب مکھ چھپاون کیا

Scanned by CamScanner

۲۔تیکوں حاصل نہ کب ہووے،ایسارے اور کوئی سودا
دیویں سر دوست تب لیویں،خریدی اس میں تاون کیا
۳۔ بہت عاشق یھی سودا،کرن آئے ہیں خواہش سیں
سودا لے اسی سوں،آگے اوراں سوداکماون کیا
۴۔ گرم بازار دیکھن سے،ملاحظہ سرکار کرتے ہیں
ایسی سوداگری میں سچُو تب پائوں پاون کیا

ریختو تلنگ ۶۴۴

ناو نوش نوش دارو، مجروح کی دوا ہے
یہی اصل عاشقاں کو، اس درد کی دوا ہے
۱۔ یہی ہے طریق مشکل، آسان نہیں رے جانی
دم عشق کے میں یارو، جور و رے صد جفا ہے
۲۔ سر کی چھوڑین تمنا، جب راہ عشق کی پوچھیں
خونریزی عاشقاں کی، دوستوں کو یہی روا ہے
۳۔ اس کوں خبر نہیں کائی، اس قرب کی وے یارو
یوں جو کوئی کہے رے، معشوق بے وفا ہے
۴۔آشفتگان ہزاریں، قربان سر کیا ہے
سچو بے چارہ مسکین، درگاہ کا گدا ہے

كافي بروه ۶۴۵

اوهين پهنجو پاڻ آهيو، ننگ نباهڻ وارا
۱. هي نماڻي وي عيبن هاڻي، هٿ مٿؤن مون نہ لاهيو
نيـڻ وهائن نارا
۲. عاشق سندوَ آهن اُداسي وي، چاه منجهؤن سي چاهيو
وره ڪيا ويچارا

Scanned by CamScanner

٣. ميلائي جو وي مشتاقن سان وي، ٿاهم ڪو سگهڙو ٿاهيو
مَرُتا ڪرن نظارا
٤. اصل لاڪون وي آهن اوهان تي وي، پاڻ پرين پُرجهايو
ڪر سچوءَ جا سارا

ڪافي بروه ٦٤٦

اکيان جو ڪوئي ڪولي
نهين سو دلبر اولي
١. ڪؤن ڏيکيندا، ڪؤن سُڻيندا
ڪؤن زبانون پولي
٢. خلق الا انسان علي صورته
پن پئي سپ پولي
٣. سولي اُتي سهين چڙهيا
شاه ڪيئي اهين شعلي
٤. ذاتين دي وچ ظاهر هويا
ڏَڪُ ڪيتا ڪيها ڏولي
٥. ڪِس ڪيتي سڻ سچيڏنا
چاڪ ڪريندئين چولي

ريختو بروه ٦٤٧

کانگے مجھ کوں خبر کیتی، اب یار میرے گھر آویگا
آویگا ول جاویگا، پھر تجھ کوں برہ بجاویگا
١۔ یار غیور ضرور اول سے، عاشق کو آزماویگا
پھلوں مکھ وکھاکے ول ول، سیتے ھجر اڑاویگا
٢۔ دم دم دوست دلاسا دے کر، پیالا سوز پلاویگا
کس دن آپ دکھاویگا، پھر کس دن آپ چھپاویگا

Scanned by CamScanner

۳۔ سجو تجھ کوں دبر اپنا، اپ دیدار دکھاویگا
جب تب اول آخر ساجن، پاؤں تیرے در پاویگا

ریختو بروہ ۶۴۸

کانگے مجھ کوں خبر کیتی ،اب یار میرے گھر آویگا
آویگا ول جاویگا،پھر تجھ کوں برہ بچھا ویگا
۱۔ یار غیور ضرور اول سے ،عاشق کوآزماویگا
پہلوں مکھ دکھالے ول ول، سیتے ہجر اڑاویگا
۲۔ دم دم دوست دلاسا دے کر،پیالا سوز پلاویگا
کس دن آپ دکھاویگا،پھر کس دن آپ چھپاویگا
۳۔ سچُو تجھ کوں دلبر اپنا،آپ دیدار دکھاویگا
جب تب اول آخر ساجن،پائوں تیرے در پاویگا

کافي بروہ ۶۴۹

اي اچي ڈس حال منھنجو
آ اچي سڻ عرض هي
۱. نينھن مون کي نيو طاقت نہ کاتن کي رهي
مشتاق جي مارڻ سندو آهي اوهان کي عرض هي

Scanned by CamScanner

٢. ڏاهـا وڃي ٻيـا ڇو پُڇان مـون تـا پـروڙي ڳالـهـڙي
درد ٻيو مون کي نہ آهي محبت تنهنجي جو مرض هي
٣. دل کسـي مـون کـؤن وئـين موڙي نـہ آئين ڇا چوان
سُڌ لـهـو سـاجن اچي آهـي اوهـان تـي قـرض هـي
٤. آ اچـي امـام ٿـي تـو تـي اسـان نـيـتـي نمـاز
سـر کـرڙ صـدقـي اوهـان تـؤن آهـي **سچوءَ** تـي فـرض هـي

کافي بروه ٦٥٠

جانـي ڇواب نـہ ڏيـنـدا
عـرض اسـاڏيـدا سـائـين

١. بـي نـيـازي دي نـال پـيـارل
اسان ڏهُون نـہ ڏيکيـنـدا
٢. جي مـئـين آکـان حـال اپـٽـا
تـاپـي نـہ يـار الـيـنـدا
٣. پاند ڳچيءَ وچ جي مئين پانديان
جهڙکا ڏيکي جهليندا
٤. هڻين پي پونديان پيرين پي پونديان
تڏهان پي نال نہ نيندا
٥. سُنوري سنيان ڳالهين مُحب ديان
مار ويچاري کون ويندا
٦. رمزان غمزان دي موج کرا هُڻ
ڏاڍي سو ستم سهائيندا
٧. سوال **سچو** دا جڏهان تڏهان
سارا سو مُحب منيندا

Scanned by CamScanner

ریختو بروه ۶۵۱

ایسی رے جمعیت سے حیران ہوں بیران ہوں
کب پشیمانی میں ہوں گہ گاہ پریشان ہوں
۱۔ کعبہ کنشت دور ہے منزل میری کوئی اور ہے
بدنام ہوں بدکار ہوں صورت میں گر انسان ہوں
۲۔ ہنسنا کب رونا کب خوش رہوں تصدیع پر
تسبیح کی خواہش نہیں زنار پر خندان ہوں
۳۔ نہ ورد خواں نہ متقی زاہد نہ ہم عابد ہوا
مجنون ہوں مفتون ہوں مستانہ ہوں دیوانہ ہوں
۴۔ نہ دین کوئی میرا ہوا، مذہب ملت سے دور ہوں
بذکار نیکوکار میں ہرگز نہیں میخانہ ہوں
۵۔ پہروں قبا کب اطلسی، فرقہ ہماری شان ہے
بلبل ہوں کب گل بوستاں ہم شمع ہم پروانہ ہوں
۶۔ قاضی نہ مفتی میں ہوا ملا نہیں میں محتسب
ملحد اور کافر ہم رہوں، مومن نہ مسلمان ہوں
۷۔ صورت بشریت میں ہوں ظاہر گداگر ہو رہوں
باطن پچھانے کو میرا سلطان ہوں سلطان ہوں
۸۔ اس دینداری سوں رے میں بیزار میں بیزار میں
میر غیر اللہ کے نہیں جناں یا سبحان ہوں
۹۔ سچو ہمارا نام نہیں نامی ہمارا پاک ہے
معشوق سروپاء ہم گوئے ہم چوگان ہوں

ڪافي بروه ۶۵۲

تو ڪيئن آهي وسري ويا، جن ٿي ڪارُون توسان ڪيان
۱. پانڌي پرين جي پارڌنهن، آندي خبر اِها يار ڌنهن

Scanned by CamScanner

آيو اصل اسرار ڏنهن، دوستن سندي دربار ڏنهن
٢. ڪيئن تون پئين پي ڳالهه ۾، هئي جيءُ وڏئي جنجال ۾
چئو آهين کهڙي خيال ۾، رهين هميشه حال ۾
٣. ڳالهيون سچڙ جون ياد ڪر، دل ساڻ سپ عاشق اپر
تاتو اچي نازڪ نظر، هَي هَي متان ٽين بيخبر
۴. بيڪس فراق جي فال هئي، ڪا ڪين تنهنجي ڳالهه هُئي
تو گڏ جيڙ جي جال هُئي، اڄ تو نه تن سنيال هئي
۵. اتي وساريئي ڪيئن ويهي، جي ڏيهه هُنا تهنجا ڏيهي
توکي آئي مصلحت ڪيهي. هاڻ پاڻ اڄ ايندا پيهي
٦. **سچو** متان دلگير ٽئين. اڄ پاڻ فرمائيون ائين
طالب وجي تسلا ڏئين. معافي مدايون ڪيون مئين

ڪافي بروه ٦٥٣

هڪ ڏهاڙي پير مُغان مونکي ڳالهه ڳجهي فرمائي

١. سلڻ جهڙي ناهي سا، جا پاڻ پرين پُرجهائي
٢. عام نه مڃن ان کي، جا صاحبن سمجهائي
٣. مٽ منجهارؤن مَئي جي، تنهن ساقي سرڪ چکائي
۴. پيالي مؤن پرواز ٽيو، واءِ وئي پي وائي
۵. عبد چاتو ٽي وو جنين، تن بازي هٽ هارائي
٦. حق ڪؤن حق نصيب ٽيو، ٽي مُدعا **سچو** سپائي

ڪافي بروه ٦٥۴

واعدا آهي اڄ يادپيا مُون سان قريين جي ڪيا

١. ڳالهيون ڳجهيون آهي يار جون، اصلون ٻڌيم اسرار جون
سي ٽيون سپ اعتبار جون. دل ۾ رهيون دلدار جون
٢. والي اهو واعدو ڪيو، جو ڪر چيوسي سو ٽيو

Scanned by CamScanner

هڪ ٻول توسان ٻيو، وسري نہ مونکوڻ سو ويو
٣. فائق وري فرمائيو، تو سر اسانجو سائيو
اِهو ڏسڻ مون آئيو، دل ساڻ سو مون لائيو
٤. **سچو** سدا سرهو رهين، هن ٻول اسان جي تي ٻهين
تون ٺاه تا هن تي ٺهين، سر بار برهي جو سهين

كافي بروه ٦٥٥

مئين ناهيان، مئين ناهيان، قسم سچي صاحب دا

١. آهيان وچون ناهيان، ٽيندیان ناهيان وچون آهيان
٢. طلسم نقش نقاش ڇاڻين، ويڪو رنگ الاهيان
٣. غوطي دي وچ غوطہ مارن، ڪيئي ڪج ڪلاهيان
٤. اِهين ڪُوچي وچ سنوري سنيان، گم هويان بادشاهيان
٥. شاه محمود دا مال لٽيو ني، **سچو** سچ سپاهيان

كافي بروه ٦٥٦

هوت غريب نماڻي، اِتي ڪيئن وساريئي ميان

١. اڳڻ آسروند جي آءُ تون پاڻون ڇاڻي
هوت سُٽي ڇو ماريئي ميان
٢. وندر جن وڻن ۾، حُب منجهؤن هوتياڻي
مُون تا گهٽو نهاريئي ميان
٣. ٽورا گهٽا ڏينهڙا، هِن عاجز سان آرياڻي
مان گڏ گذاريئي ميان
٤. اُٽي هلي هيڪلي، پرت منجهؤن پاڇاڻي
جڏهين سانول ساريُئي ميان
٥. ڇڏي وئين ڇپرين، ڪيئي پنهون ڇام پچاڻي
هي ڪيئن آزاريئي ميان

Scanned by CamScanner

٦. **سچو** سگ اوهانجو، سائين لگ سجاڻي
پنهنجي ڪڍ قطاريُئي ميان

ڪافي بروه ٦٥٧

آءٌ ڪا رهندي هوتن ريُ
هوندیس سانول ساڻ

١. لون لون منجهه لڳي رهيو
وو پاروچاڻو پاڻ

٢. وندر سندي واٽ تي
پرزا ڪندیس پاڻ

٣. ڏير ڏئي ويا ڏک جو
هن ڏکيءَ کي ڏاڻ

۴. درد مندي داهون ڪري
چيٽڪ ڪيڙس چاڻ

۵. مانَ اچي ٽئي ڪڍهين
هِن مُئي جومهماڻ

٦. **سچو** سگ اوهان جو
سوتم پنهنجو چاڻ

ڪافي بروه ٦٥٨

ڙي جيڏيون هوتن ري
آءٌ ڪندیس ڪوه رهڻي

١. اندر وره وڻاڻ ڪيا
لون لون منجهه لهي

٢. چڏي شهر پنيور ڪي
هي ويندي ڪيچ ڪهي

Scanned by CamScanner

۳. ڪونهي ڪوهيارل ري
سرتيون! هت سهي
۴. قول پاريندو پانهنجو
ڪيو پاروچل پهي
۵. **سچو** گڏيم ساڻڙا
پنڊن منجهه پهي

ڪافي بروه ٦٥٩

پرين نا ٻئي پار، ميان جانب تنهنجي جان ۾
۱. سبق ڏيئي سُور جو، ڪتابي نه ڪار
۲. حرف صحي ڪر هيڪڙو، ورق سپيئيِ وار
۳. نينهن وارن ڪي ناحقي، مُلا هيئن مر مار
۴. راتو ڏينهان آهي توئي ڪي، ڪتابن جي ڪار
۵. ٻاجهون نالي نينهن جي، **سچو** سبق وسار

ڪافي بروه ٦٦٠

پُرجهي پاڻ نه ڄاڻان
ڪير آهيان يار ڏي ميان
۱. مورت موڳائي ڪئي
صورت تانه سڃاڻان
۲. ڪنهن تا ڳالهيۇن ڪاڪيون!
ٿياسين هت اجاڻا
۳. جان جُٹو دل سيوئي
آڏا ٿيم آڏاڻا
۴. ڏنم ڏاڍي ڏڪ سان
عشق جا اوراڻا

Scanned by CamScanner

۵. خام خيال ني سُڻ **سچو** ري
انهيءَ فڪر اُڏاٽا

ڪافي بروه ٦٦١

اُهو بر پي بازر آءِ جتي ديرو دوست جو

۱. ڏونگر ڏولي پائيان، سپيريان جي ساءِ
۲. چمنديس چپن سان ميان! سندي جانب جاءِ
۳. محبت محبوبن جي ڪارڻ، هينڙي کي هاءِ هاءِ
۴. ويڻي ڪانگ اُڏايان، لکين لعلن لاءِ
۵. مونکي ڪيچ وڻن ۾، نئي پانڌيڙا پهچاءِ
٦. ساڻي سپيرين سان، هي گداگر گڏاءِ
۷. **سچو** سڃڻ کي ميان! پاند ڪچيءَ ۾ پاءِ

ڪافي بروه ٦٦٢

ڙي جيڏيون هاڻي گهوريم
هوتن ري شهر پنيور

۱. لائيندا وو لطف سان
هن ڏکي، کي ڏور

۲. هي هالاڻي ان جي
شعلي وڏڙو شور

۳. مِنت نہ منهنجي موڙيا
زاري نہ آهي زور

۴. درسن ساڻ دفع ڏيندو
سندو هينڙي هور

۵. **سچو** سندن راه تي
هڪ جفا پيو جور

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٦٣

حال معلوم توکي هيئي، آءٌ تا وس نہ ويٺياس

١. پرين تنهنجي پار ڏي، قاصد مُنجان ڪيئي، ايڏنهن مُنهن ڪيون بيٺياس
٢. ڇڏي وڃ نہ ڇپرين، مُنج دلاسا ڪي ڏيئي، تنهنجي محبت ماريـاس
٣. ڇئي ٻُڌايان سرتئين، هن سپاجهـا سيئي، آءٌ تا وار نہ وسريـاس
٤. پاڻون پري نہ ڪرين! آءٌ پلئي اوهان جي پيئي، تهنجي پکي ني پيٺياس
٥. ساڻي ڏيج **سچوءَ** اهي، نياپا تون نيئي، آءٌ تا گهٽو اُڪنڌياس

ڪافي بروه ٦٦٤

ڏي جيڏيون! هاڻي هوت وياجي وو سي موڻي مان اچن

١. دُعـا ڪريـجو جيڏيـون! پـري نـہ هـوت وڃن
٢. سـگهـا مـوڻـن پـوئـتـي، اچي ويـڙهـي هـن وسـن
٣. وڃي ڪـيـچ وڻـن ۾، پـورهـيـائـت پـچن
٤. ڪيچي ڪميٽيءَ جي، هُت ڪچي شال نہ ڪن
٥. **سچو** اصـلـون آهـي، سـرتـيـون! سـگ سـنـدن

ڪافي بروه ٦٦٥

منهنجو پنڌڙو پهہ آهي، پلو سرتيون! سانول ساڻ

١. سو تا ڇنڙ جيهـو اصل ڪوڻ ناهي، آهي سگ تہ پنهونءَ ساڻ
٢. ايندو، اٿم آسرو، آسر هڏ نہ لاهي، ٿيندو مُئي جو مهماڻ
٣. ڇڏي شهر پنيور ڪي، ڪيچ ويندي هي ڪاهي، لڳم پاروچي جو پاڻ
٤. هي ڪميٽي ڪوڙي، سگ ڪا ساڻن ساهي، پر پرين ڏسندا پاڻ
٥. **سچو** ڇاڻ صحي ڪري، توڙي باب سندن هي ٿاهي، تہ پي نيندا سپاجهـا ساڻ

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦٦٦

دل آپـنـي سـنـيـال، تـيـڏا عـشـق كـٽ لـڳا

١. دين كُفر تي كُل مذاهب، هيئي سو سارا ٽڳا
٢. سـروپـاءِ ٽـي اگـهـاڙا، وره سـارا هَئـي وڳا
٣. ونحن اقرب سُڻ **سچو** ري، هيئي سا تن كُون ٽڳا

كافي بروه ٦٦٧

هوت اچج هت هاڻي، پانهجا ڏک ڏسيندیس ميان

١. دوست اوهانجڙي آهيان، ميان الله، سائين لڳ سُجاڻي
پاڻ گولين گڏيندیس ميان
٢. تون تا صاحب وو سپرين، ميان الله، هي سا نانؤ نماڻي
توكي سائين سڏيندیس ميان
٣. پكا پكن وو سامهان، ميان الله، آرياڻي مُون آڻي
توكي اوڏا اڏيندیس ميان
٤. پُكي لڳيس وو تانهنجي، ميان الله، حُب منجهؤن هوتياڻي
آءٌ كاپاند ڇڏيندیس ميان
٥. **سچو** اوتي وو سپرين، ميان الله، پنبڙين مؤن پاڻي
ڏک ڏوراپا ڏيندیس ميان

كافي بروه ٦٦٨

آءٌ اوهانجڙي آهيان، مونكي كير وسارج ميان

١. دوست اوهانجي وو در تي، ميان الله، مران تا نابرناهيان
پنهنجي كي قطارج ميان
٢. ميلائي جي وو مُون پرين، ميان الله، لالچ هڏ نہ لاهيان
كٽي نيڙ نهارج ميان

Scanned by CamScanner

٣. سچو ٻڌي وو سندرو، ميان الله، ڪيچ وٽن ڏي ڪاهيان
اچي گـڏ گـذارج مـيـان
٤. هي ڪميٽي وو ڪوڙي ميان الله، سگ ڪو ساٿوَ ساهيان
پـانـهـنـجي وٽ وهـارج مـيـان
٥. سوال **سچوءَ** جو وو اهو آهي، ميان الله، نينهن سندوَ نيباهيان
پـانـهـنـجو سگ سـنـيـارج ميان

ڪافي بروه ٦٦٩

پير اسان وٽ پاءِ، سڪندي سال اوهان کي گذريم

١. هي هت هجر هلاڪ ڪيو، آهي هينڙي کي هاءِ هاءِ
٢. حال نہ هن جو ڪو هُئو، تنهنجي بره ڪيو برپاءِ
٣. راڳ رڳن ڪـي تـانـهـنـجو، راتـو ڏيـنـهـان آءِ
٤. اچي نـظـر ڪـون پـيـو، سـانـول تـنـهـنـجي سـاءِ
٥. عـرض ڪـريان آءٌ ڪـهـڙو، تـون جاني آهين هـر جاءِ
٦. **سچو** سـگ اوهـان جو، تـون دانـهـن تَهـنـجي ورنـاءِ

ڪافي بروه ٦٧٠

ويندي تا وٽڪار، جيڏيون! هي لگ هوت بلوچ جي

١. آءٌ ڪيئن وهان هتهين، آهي منهنجو ڪم ڪوهيار
٢. سـاه مـنـهـنـجو سـرتـيـون! آهـي پـريـن جي پـار
٣. هـي دل ديـوانـي ڪـري، هـو ٿـيـا پـاڻ قـرار
٤. جات جتن جي جيـڏيـون! جيءُ وڏو آهـي جار
٥. **سچو** نـہ وسـار سـاه ڪـؤن، دوسـتن جي درپـار

ڪافي بروه ٦٧١

أهـين پـيـرمُغان دي پـيـالـي
مَئي مَست مَنُ ڪيتوسي

Scanned by CamScanner

١. ڏونهين جهانين وسرگيوسي
اُهين خُمر دي خيالي
٢. لاڏي حجابان هكواري
اُهين پيالي هادي والي
٣. سُري دي سُرکي کيتا اسان ڏون
ڀئي معاف کل کشالي
٤. سر اساڏي تؤن لهه ڀئي لوري
اهين جگ دي سپ جنجالي
٥. سُرها کيتا وو ساه **سچو** دا
اُهين ناز ڀري دي نالي

ريختو بروه ٦٧٢

اگر اثبات کر جانو نه ہرگز تم گدا ہوگا
یقیں کرنا گدا گر ہیں ولیکن خود خدا ہوگا
١۔ فنا کی بات باطل ہے اگر پوچھو ہمن سوں ے
بقا باالله ہمیشه تو خدا تانا فنا ہوگا
٢۔ نہیں دیدار کوئی دوجہاں نا جائے دیکھن کی
نظر کی جائے تمہاری ہے ببیں تا خود لقا ہوگا
٣۔ زمیں پر کیا فلك پر کیا کیا عرش کرسی پر
درون بیروں ہم اندر ہے کہ کلی جابجا ہوگا
٤۔ ہوالاول، ہوالآخر، ہوالظاہر، ہوالباطن
یہاں اوئی وہاں اوٹی سچو کہہ تم کجا ہوگا

Scanned by CamScanner

ریختو بروہ ۶۷۳

عشقا امام میرا، دیگر امام کیا ہے
میخانہ میں ہوا ہوں، جرعہ کا جام کیا ہے
۱۔ میں یار، یار میں رے، تس میں نہیں تفاوت
انا معی انت معکم، دیگر کلام کیا ہے
۲۔ اس جاء ملائکاں رے، مجھ کوں سلام کیتا
کہہ قاضیا ہمن سوں، اس جاء سلام کیا ہے
۳۔یسمع و بی یبصر جانوں یقین سیتے
ہم خانہ یار ہوتا، پٹھنا پیغام کیا ہے
تحقیق الحقیقت ساری، نی ہے اللہ کوں
صاحب سچو ہواہے، دوجا غلام کیا ہے

ریختو بروہ ۶۷۴

کہا کر سرانا ہُو کا،سرِ میدان آئونگا
۱۔ گلی اب چھوڑ دلبر کی،طرف دیگر نہ جائونگا
کہا اسرار اناسِرّہی،یھی معلوم ہوتا ہے
جتھاں پائوں خلق نہیں پایا، اتھاں کونتل کڈائونگا
۲۔ مزد کر سر چلاتا ہوں،جو رکھ کرخیال خانی کا
بساطِ برہ کی بازی،بلاشك وہ بنائونگا
۳۔ دُئی کا دین باطل کر،نکل باہر مذاہب سوں
حکم یھی ہیکڑائی کا، چپ وار سو چلائونگا
۴۔ وبی یسمع وبی یبصر،نشانی حق کی یھی ہوتی
وبی ینطق صحی کر کے،سبھوسر ہم سنائونگا
۵۔مقرر ہوں میسر ہوں،قدم باہر نہ دھرتا ہوں
ملامت بار باری ہے،جو اب سر پر اٹھائونگا

Scanned by CamScanner

۶۔ کہا ہے پیر یوں مجھ کوں،نہ ہوتا غیر حق کا تم
ولا موجود الا ھو نغارا یھی لگائونگا
۷۔ حکم ہوتا ہے جب مجھ کوں،بجانب اناالحق کی
اسی عالم میں برھے کا، تماشا تب دکھائونگا
۸۔ ہواالظاہر ھوالباطن جو دونوں جگ میں حق ہوتا
جو کجھ منصور سر سولی، کہا اوئی ہم کہائونگا
۹۔ سچُو ہے سرّ معنیٰ کا،جو جس دیکھا ہے تس دیکھا
عشق کی آگ میں یارو،دل وجان دم جلائونگا

کافي بروہ ٦٧٥

مرِع خیال دا سنوري سنیان پانؤ نہ پر کوئي ڈردا
لامکان پرواز کریندا، یا وت عرش اُڈردا
١. جاءِ نھین آشیان نہ تھندا، ھیر کھین کس گھر دا
جاءِ نہ کنھن جمیعت، تھنکُون کردا کام گذردا
٢. زندہ ذوق ھمیشہ ھوندا، کڈھان مؤل نہ مردا
لھر جھین وچون اُڈردا آیا، وت بحري شوق بحردا
٣. ڦڑکڻ نال ڈیندا سؤ ڦیریان، چوٹ برابر چڑھدا
اپٹي اوئي اختیار والا ھي، کس مکان نھین کڑدا
۴. ھو ھواءِ وچي وچ پوندا، ناھین خط خبر دا
سچو رنگ رُوپ تنھیندا، نا امکان نظر دا

کافي بروہ ٦٧٦

عین اٹو انسان
یول متان یلي کائي

Scanned by CamScanner

١. دلـق درويـشـي پـهـري آيـو
صـورت هِـن سـلـطـان
٢. آهـي جگ ۾ سـنـوري جيڏيـون!
صـاحـب جو سـئـيـلان
٣. ڏسـي تمـاشـو يـار سـجڻ جو
هـر هـمـه حـيـران
۴. واهـ عجائب جيهو ڪيائين
سچو ري سـامـان

ڪافي بروه ٦٧٧

بُت اهوئي ضايع ٿيسي
اول آخـر ڏيـکـٽـان وو
١. ضايع ڪنون اڳ مايا ٿيوين
حـرف انـاالحـق آکـٽـان
٢. مـستـان دي تا منصب هيئي
پـوءِ اڳي هـڪ چاڻـٽـان
٣. عـشـق لـهـر دم جڻان ماريا
غيـر نـه اُڻـان آئـٽـان
۴. خاکـي اُتـي نـظـر نـه آڻـين
اپـٽـا سـر سـجاڻـٽـان
۵. صوفي هو ڪر صافي پاوين
گـردا گـرد اُڏاوڻـان
٦. **سچو** سُولـي اُتـي جاويـن
جي تـو درسـن پـاوڻـان

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦٧٨

رکٹا جي ايڪ خيال وي، تون سمجهه سمجهه، ٻُڌ پاوين

١. خيال خُودي سَتِ جان جلاوين بيخودي پاوين ٻوجهه
دردرمانوين هستي چتڑا چاوين تڏهان آئسئي هٿ حال وي
٢. دل درياءَ ديان ڪئين لک لهريان، بي پايان گوناگون
جنهان وي اِهين وچ غوطه ماريا چُڪ پئي هي قيل وقال وي
٣. عشق اَتانبر ڪُل اڏارئي رهي نه رسمان ريت
ملامت مُول اُسي گهر پاوين ڪرسئي بره بحال وي
۴. هاڻ اتي پنڌ پير نه چلٹا، اکيان ڪنين مت ناه
سمجهه صفاتي هر ٻول پچاڻين هئي سو ڳالهه محال وي
۵. **سچو** اي دم هُو حق رهٹا ويسئي وسر وصال
حال نه قال ڪُسي نهين هووٹا ناڪوئي اَمر اعمال وي

كافي بروه ٦٧٩

ٻاروچي لؤن لائي، ميان! ڪوهياري لؤن لائي

١. ڳالهه نه ڳرهڻ جهڙي، ڏاڍي سُور سلائي
٢. سرتيون! مونسان سُور ۾، پينر ڪانهي ٻائي
٣. هير وڻي سا هانوَ ڪي، ڏانهن عجيبن آئي
۴. سِرُ ڏيڻ سيٹن ڪي، **سچو** آهي سچائي

ريختو تلنگ ۽ بلاولي ٦٨٠

جگت ادهيں،توں تا کاہے کوں جاؤں
١۔ جس گھر تیرا بھیرا ہوا تھا،جل پل کوئیل ڈھیر
آپ میں سادھو آپ پچھانو،ہمری ذات ادھیں
٢۔ بہوں ساگر میں کھیل ہمارا،جانی تا کچھ جان جانیندے
آوے سادھو ہستی دکھاوے،ہمری ذات تسیں

Scanned by CamScanner

۳۔ طلب تُلس مکھ ماہ سمائی، جان سکے تو جانی
گُر کی چرن سادھو چیت سدھاروجانی تا تو سدھیں
۴۔ پیر ہمارا حق الحق،جس گُر راہ بتایا
آپ میں ڈھونڈھ تو آپ ہی رہ گئی سچُو نا نوء مسکین

کافي بروه ٦٨١

صحيح سجاڻج ساري، خود آهين وي خدائي

١. لکين ستارا گم ٿيا، روز ڪئي روشنائي
٢. ڪوڙين قطرا کاروُنپار ويا، ڪئين سموند سمائي
٣. سُدِ جنهين کنهين سِرَ انهيءَ جي، مٿي جهين جي آئي
۴. تخت هزارو اوري رهيو، پري رهي بادشاهي
۵. **سچو** سچي ڳالهڙي، پاڻ پرين پُرجهائي

کافي بروه ٦٨٢

جاني تون آءُ اسان گڏ جالين، ڪرون ڏک سُک ديان ٻهہ ڳالهين

١. اڳڻ ڪيڙاندي وڃن شرنائين، ڏوڏو دُهل گنجن شرنائين
تون تاميڏي سردا سائين، جهڳڙي ڪرکر رهسان سيالين
٢. اي تا ڪوٺن ڪميٽا ڪيڙا، نال اساڏي لائيندا جهيڙا
وسدا تهندا مُول نہ ويڙها، رانجهو سائين هک تون ڏکالين
٣. آوڻ ساڏا تخت هزاري، رهٽا راوي دي ڪناري
بانهان ٻڌسي عرض گذاري، دامن لڳڙي دي لج پالين
۴. اي تا ڪوئي ڪميٽي ڪيڙي، جنهاُن ٻڌي ڪُوڙي ٽيڙهي
لهيسين ڪٿون تون رانجهن جهڙي، دم دم لهين ساڏيان سنيالين

Scanned by CamScanner

۵. ڪهنيدي خويش نہ ڪنهندي قبيلي، ميڏي نال راڄ رسيلي
ڪيتم لک هزارين حيلي، بٹ اُنهان دي طول نهالين
٦. پچ پچ آيون راڄ ٻپاٹا، عشق دي خواهشن ڪيتئي ٹڪاٹا
ميڏي دل وچ تون هڪ سماٹا، ڪنهندي مئين اٹان مئين نالين
۷. مئين تا مِلڪ تُساڏي آهي، ڪيڙان نال اصل دي ناهي
ميڏي دل وچ ماهي ماهي، **سچو** ديان هِن اهي حالين

ڪافي بروه ٦٨٣

لڳي وي رانجهي نون واءُ عشق دي تکيرڙي ڪائي، هُڻ ڪائي ملڪ سيالينڈي

۱. جڏهان وت دائي چاگهٹڙيس جهولي، تڏهان سُولان ڏٹڙيس لولي
ياڇي عشق دي تهين ڪني آئي
۲. تنهن تا آڻ ڪي جهنگڑا وڪايس، هڪ هڪ نون ڪر پلڑا پايس
ڪاڻ ڏڪان دي ڇٹيان مائي وي مائي
۳. ندي دي ڪناري ونجهلي وڇئيندا، وڏڙي ويلي ڪٹيان چاريندا
ڪڙدا اٹان اکيان لائي وي لائي
۴. رلل آنديان سي ٻاٻل واليان، نازان نيازاندي نال سيالين
آونديان پچون فوجان چائي وي چائي
۵. سوهيدا سپ ويس ڪريندیان، چوئي چندن نال ڏڙيان ڳنڍيندیان
تهندي اتي سُرخي لائي وي لائي
٦. هار سينگار تي ڪُڙيان ڪريندیان، غمزين رمزين نال مريندیان
آنديان **سچو** چُلڪيان چائي وي چائي

ڪافي بروه ٦٨٤

وس ڪا آهي ويچاري، هئڻ هن جو هوت ريُ ناهي

۱. اٹن اٹارن تؤن، سائين الا، صدقي آءٌ سؤ واري
۲. چايم ڏاڍي چاه مؤن، سائين الا، بره بلوچي باري

Scanned by CamScanner

٢. هيڏي هوڏي جان ڏسان، سائين الا، اندر باهر آري
٣. بانهان بانهن جان ٻڌي، سائين الا، زار ٿي كريان زاري
٤. **سچو** صحي جي كرين، سائين الا، حق حقيقت ساري

كافي بروه ٦٨٥

قيمت دي وچ كيون آيوئين، وچ پچو بي قيمت سُون

١. آپوُن آپ، بلايوئي، شور چاكيٽئي شربت كون
٢. مين اڃان حيران جو رهيان، مورچا كيٽئي پربت كُون
٣. جي تون ڇاڻين بادشاه ٿيوان، ترك ڏيوين چا تربت كُون
٤. سچل سائين سچ تون ويكين، غرق كرين چا غربت كون
٥. هئي حباب تي آپ **سچو** ٿيا، بعد ڇاتوئي كيون قُربت كون

كافي بروه ٦٨٦

يار سچڙ تيڏيان ڳالهين، نهين لوك سُڻاوڻ ديان

١. هكدل آهي رانجهن نيتي، كيڙان نون كيا ڏيسان
نهين لوك الاوڻ ديان
٢. مئين تيڏي بانهي تون ميڏا سائين، ادب نال اليسان
نهين هُل هُلاوڻ ديان
٣. اكيان تيڏيان عجب جيهان، كيهيان سكيان هڙ چالين
اهين دل لُٽاوڻ ديان
٤. تخت هزاري وچ جاءِ رانجهن دي، **سچل** سچ اكيسان
نهين سچ سچاوڻ ديان

كافي بروه ٦٨٧

ويكو چشمان دي چمكاري
دل حيرت دي وچ هو رهي

Scanned by CamScanner

١. انهان اکيان منصور مرايا
سولي اوپر نعري
٢. جيوين بجلي وچ بدل دي
کر جهڳ مڳ جهلکاري
٣. نال اکين وي نيزي مارن
هک ماري پي الاري
٤. مستان کون سرمست کتوئي
سچو کون بيچاري

کافي بروه ٦٨٨

تون آءُ اسان وٽ يار، تنهنجي اچڻ کاڻ جيئڙو جُکي ٿو
ساهڙو سکي ٿو
١. بس نه وَهڻ کؤن کرن
نيٽن سندا نار
٢. مات کنديئي چاڙهيا
بره اسان تي بار
٣. پرين پارج پانهنجا
جي کيئي قول قرار
٤. چمي چشمن تي کنيم
تنهنجو عشق الله توهار
٥. باهه جيهو آءُ پانئيان
جو دم توهؤن ڏار
٦. راتو ڏينهان تانهنجي
آهي **سچو** سار سنيار

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦٨٩

قاضيا! كيهي مسلي كريندئين
عشق شرع كيا لڳي لڳي
١. دوزخ بهشت دي ڏي نا دڙكي
پؤ اسان كنون پڳي پڳي
٢. باب بره دا كوئي نہ پڑهدئين
كاغذ لكيندئين بگي بگي
٣. مئين رانجهي دي رانجهن ميڏا
ازل كنون اڳي اڳي
٤. **سچو** هي مسكين نماڻا
توه تيڏي نال تڳي تڳي

كافي بروه ٦٩٠

درد مندن جي دل جو ميان! شوقي وو يار شكاري
١. يار سهڻي جون ڏسو ڏهاڙي
كن ٿيون خون خماري
٢. سوز وارن كي سيني اندر
ماري قئيبر كاري
٣. چشمان چوٽك ڏاڍو لائن
كجليان هن قهاري
٤. پانهون پڌير اڳيون انهن جي
زاري سؤ لك زاري
٥. دِل اسان جي وو لٽ نين ٿيون
پئي چشمان چاري
٦. پاڻان ڇاڻي ظاهر كيائين
هوءِ هوءِ حسن هزاري
٧. جِيءُ **سچوءَ** جو جار وڃائون
ڏيئي پاڻ ڏيكاري

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٩١

سڳها ايندا سڳها ايندا، پانڌي پرين جا ڪي تا

١. سڪائي سان سرتيون! الله ڏڪ پائي اچي ٿيندا، پلي ايندا
٢. دردمنديءَ جي دل ڪي ميان! دوست دلاسا ڏيندا، پلي ايندا
٣. ڪين ڇڏيندا ڇپرين ميان، نال نماڻي نيندا، پلي ايندا
٤. پڪا پڪن سامُهان ميان، آڻي پاڻ اڏيندا، پلي ايندا
٥. پاڻ پنهنجو سپرين، ميان، ساڻ غريب گڏيندا، پلي ايندا
٦. سو ڏينهن ٿيندو ڪهڙو جو، **سچو** نانؤ سڏيندا، پلي ايندا

ڪافي بروه ٦٩٢

تنهنجي محبت موهيو موهيو، رمزن ريهيو ريهيو
هي تا ساه، آڻئي الله

١. طرف تنهنجي راتو ڏينهان
چت ڪهٽيرو چاهه
٢. آهِ اسان سان سپرين
حُب سندو همراه
٣. پيو پناري تانهجي ميان!
هي ڏُهاري ڏاه
٤. واڪا ڪيون ٿو وهي
دل اندر درياه
٥. ڪاچي ڪري ڪپڑا
سچو مليندا پاه

ڪافي بروه ٦٩٣

هوت ڪڏهن نہ هلايو، پانڌي، پنهنجي پار ڏنهن اسان ڏي

١. طرف تنهنجي مُکو سين قاصد
سوبي وهندو ڪين ورايو

Scanned by CamScanner

٢. نياپو منهنجي نينهن جو
جيكس ساڻي كونہ سڏايو
٣. هو جو كيو هوءِ واعدو
سو تا ياد نہ آيو
٤. هر دم هونداسين اسين تئين سان
فائق هيئن فرمايو
٥. تنهن ڏينهن لاكون يار **سچوءِ** كي
باري سو بره بچايو

كافي بروه ٦٩٤

محبت عشق مولا جي گهٽاسي گهوٽ گهايا ها
هزارين ساه سانول تؤن كنين گهوري گهمايا ها
١. كنين سر ساه ساجن لئي مٿي سُوريُ سنپايا ها
وره جي واٽ تي ويرن كُلهن كؤن كنڌ كپايا ها
٢. ٿيوتن ميهڙو موٽڻ تكي كنهن تاوَ تايا ها
مٿا ميخانہ تي مستن وٽي جي وٽ وڃايا ها
٣. انهيءَ پڙ ۾ پهلوانن جوشؤن جيءَ جلايا ها
كنيان جي مؤج محبت جي اُهي هن آر آيا ها
٤. ڏسو هي نينهن جي ناتي كنين جا سرَ گنوايا ها
سچو ري ٿي صدق تن تؤن جنين هي رنگ رچايا ها

كافي بروه ٦٩٥

كالهہ قاصد اوڏانهون آيا، اِها كيؤن آگاهي
١. پار پنيور جي هوا اچڻ جا ساڻ ڏٺي كَي سعيا، چگي ڏنائون گواهي
٢. منهن محبوب جو ٿيو اسان ڏي، پيا سي پنڌ سجايا، كيها رهبر كريان راهي
٣. يار مسافر كيُم اُداسي، ڏُور جنهين ڏينهن لايا، آٽي تون ميڙ الهي
٤. پاند ڳچيءَ پائي اڳيؤن پرين جي، اسان ڏوهہ سيئي بخشايا، ٿياسي پاڻ صلاحي
٥. **سچو** اُتاهون اچي رهي، هت ويڑها سي يار وسايا، غم لٿي گمراهي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٩٦

هاري سو پاتُئي هار، تا آءٌ ڇام ڇنيسر آوڙان

١. جنهن دوست ڪسايو دم ۾، سَٽِ اُهو سينگار
٢. هٿون پئي تاهنجي آهي، روئين ڇو زارو زار
٣. داڍو هُئڙو درد جو، جنهن ڪيو بهشتؤن بيزار
۴. ڏوه ته تنهنجو ڪونہ هو، پر نينهن ڪيو نروار
۵. پلنگؤن پئين پٽ تي، ڪري گوندر گفتار
٦. **سچو** صحي ڪرين، هي هو عشق جو اسرار

ڪافي بروه ٦٩٧

هار چنيسر ڇام، ليلان ڪسايو دستؤن پنهنجي

١. ڏاڳو مٽيو هو ڪسوٽي، جو دل جو ٽي پيو دام
٢. نظر وڌيئي تا غير تي، تيلهان تون ٽئين تمامُ
٣. پُلي پولي ۾ پئين، هار پانيئي آرام
۴. تنهن ڏينهن آندئي پاڻ سان، سُورن جو سرانجام
۵. **سچو** ره صبر ۾، عشق ٽيئي انعام

ڪافي بروه ٦٩٨

گهن ٻيٽين آرام رانول! راوي دي ڪناري
وچ ڪيتئي آرام، ڊولڙ تخت هزاري

١. اسان نماڻيان ڏهون ڊولڙ سائين، ڪيتي ڪونہ انجام
٢. اسان يتيمان نون سگهي آوڙ دا، پٽيئي نا پيغام
٣. سدا ساڏا توتي آها، آءٌ ٽيوين تون امام
۴. تسان ٻاجهون سُهٽا سائين! مست قران وو مدام
۵. در تيڏي دا اصلون آهُس، غلامان دا غلام
٦. سڙ **سچو** ميان! اساڏا هيئي، ٻانهپ ڪُون جو سلام

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٦٩٩

البت ويسون، پار چناه دي، اسان ڇوڙڪي ويسون

١. جا ڪائي آسي اُهان منهن ڏيسون، جيڏي ڪون نہ جهليسون
٢. ڇاڙ رهيان مئين، اهو هيئي رايا، ڳل وچ الفي پئيسون
٣. ٿي نماڻي باندي حاضر سايان دي، عاجزي نال اليسون
٤. راڄ پاڻاڻا ڇوڙ دلون بجانون، راوي رنگ وِڪيسون
٥. پاڻهه سايائندي **سچو**، ساعت اٽان نہ مول رهيسون

كافي بروه ٧٠٠

ڪيئن ڇوين ٿو، ڪيئن ڇوين ٿو، لوڪ ناهي پيو ڪيئن ڇوين ٿو

١. لوڪ سيوئي اُهو آهي، ڪيئن پيائي منجهه پوين ٿو
٢. اڃا بنائي پاڻ بهاريئي، غمزي انهي ۾ ڇونہ گنوين ٿو
٣. ساڻ سچي تا **سچو** گذارين، راند روئڻ جي ڪيهي روين ٿو

كافي بروه ٧٠١

پُل وڃي ٿو پُل وڃي ٿو، لوڪ ساروئي پُل وڃي ٿو

١. مان ٿُون ويندي اُهوئي ٽيندو، پول اهوئي جيڪو پڃي ٿو
٢. اِهو اهوئي آهي سرتيون! اها نہ ڪوئي ڳالهه مڃي ٿو
٣. اَندر پاهر اُهوئي آهي، **سچو** هي سِرُ ڪنهنکي سڃي ٿو

كافي بروه ۽ جوگ ٧٠٢

سُونهون سگ ٽيو، ڪاڪيون ڙي ڪيڇ ڏٽين جو

شال مؤلو ميڙيندو

١. اڳئين ڪؤن پي اڳرو، پائن تا ورهُ ويو
٢. آريءَ جي اولاد سان، ڏاڏو پيڇ پيو
٣. بيڪسي جي دائري، تنهنکي نينهن نيو
٤. صدقي تن سيرن تؤن، **سچو** ساه ڪيو

Scanned by CamScanner

کافي بروه ۷۰۳

شال مونسان وریون وریون
کانگ کرین منیون ڳالھیون

۱. جدائي جیون جان جسم تي
کیون پُورن پریُون پریون

۲. درد سڃڻ جي دل منھنجيء کي
زور کیون زریون زریون

۳. ڏکن واریون ڳالھیون اسان ٻي
دل پائي ڏریون ڏریون

۴. وایون وصل جیون یار **سچو** تون
متان کرین ڏریون ڏریون

کافي بروه ۷۰۴

متان تون مونکي ڇڏین، سُونھان ڙي سڃڻ جا

۱. نڻو ڇاڻان ڏینھن اُھو تا ڏیندو، الاجي کڏین

۲. نانءُ مولا محبوبن سان، نئي غلام کي گڏین

۳. حاضر ڏئین حضور ۾، نانءُ **سچو** کري سڏین

کافي بروه ۷۰۵

جنھن ٻیلي دي وچ شیر، ٻیا کُل جناور گھر ڏیاوي

۱. اڳون شیر پچون ڦیکاري، سارا جھنگ سڏاءِ رھیا

۲. سُڌ نال گروڙ تھیندي، ٻیا سیو بیوطن ڏیا

۳. ھکو شیر اُڏاھین ڏکسي رھسي، اُڏان کون ٻیا

۴. ڏڏان اور دي باس نہ رھندي، جڏان شیرمکان کیا

۵. **سچو** دا کوئي وَسُ نہ ھویا، نینھن اجھل نروار نیا

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٧٠٦

اُهو آهي آهي، يار ساڃي ساڃي

١. اوهين ڃاڻون ساڻ يقيني، ٻيو سوناهي ناهي
٢. ميخاني وچ مست هميشه، ڪيئن سو ڪعبي ڪاهي ڪاهي
٣. لوڪ سارو ٿي هن جو آيو، سڀ حجابان لاهي لاهي
٤. ظاهر باطن آهي اُهو ئي، جان جُٹو وري ڃاهي ڃاهي
٥. نانءُ **سچوءَ** جو آيو صفت ۾، ڏانؤ ڪيو ڪيهو ڏاهي

كافي بروه ٧٠٧

آءُ ميان پانڊي وي، ماروئڑا ڪڏهڻ آسي

١. آپ وڃالي آپ نون ڏيوين، ڪائي خبر خاصي
٢. اهو اُهوئي هڪ ٿياسي، هويا ٻيا ڪؤن اُداسي
٣. تاج تخت ڪُون ڇوڑ ڪراهڻ، جُلسون وانگ سنياسي
٤. نال شراب دي رليا شرابي، پيالا رهيا سو پياسي
٥. **سچو** سمجهي ڳالهه اهائي، جيها آسي تيها جاسي

كافي بروه ٧٠٨

سائين ڪول حجابئون پردي
هن ڏُون ٿي ڏينهن گذر دي

١. آ گڏ جالين تون نال اساڏي
ڏينهن لنگهي او سردي

٢. ٻيان ڳالهين سڀ ڇوڑ ڏتيان سي
اسان عاشق هڪ نظر دي

٣. ڏونهين جهاني نه مطلب ميڏا
مئين طالب تو دلبر دي

٤. اپٹي حال دا عرض ٹُساکون
آک نه سگهنديان ڏر دي

Scanned by CamScanner

۵. تيڏي دا دلبر سائين!
اسان رهسُون بندي بردي
٦. **سچو** دا ايهو سوال مَنين تون
نيت سپ فقردي

كافي بروه ۷۰۹

هي پورهيت پاڻي ڏوئي
خان پاروچا تهنجي
۱. حاضر خدمت اچي اوهان جي
حال چوندس روئي
۲. ساڻي اسانجي سڏ لهڻ سان
سوال پورو ڪر سوئي
۳. ڪيئن وساري وِهان اوهان کي
ڪئي تا هڻي توئي
۴. طوطي جي ڳچيءَ سَوَ سلامن
سچو مُکا پڻ پوئي

كافي بروه ۷۱۰

وات مونکي آهي وائي
خان پاروچا تنهنجي
۱. پرين نہ مُکي طرف اسان جي
لکي ڪتابت ڪائي
۲. پيرو ڪندين وري پنيور ڏي
اهڙا آدر مون آئي
۳. حال منهنجي جي خبر نہ ڪنهنکي
ڇڳي سڃڻ تولائي

Scanned by CamScanner

۴. اِهو آسرو مونکي آهي
ٿيندين اچي ڏک پائي
۵. اڄ صبح تا اگهڙ **سچوءَ** جي
جاني ايندين شال جائي

كافي بروه ۷۱۱

سڙ منهنجڙو حال، دلبر ديس وسيئي
گهوريو ڙي پرڏيهه تو ٿؤن
۱. مونکؤن پري نه ٿيندين، سائين مج سوال
۲. منهنجو توسان تا آهيئي، خاصو يار خيال
۳. روان واٽڙين تي، کريون هڙو حال
۴. واڳان وطن پانهنجي، ڦيري آءُ في الحال
۵. توکؤن ڳجهو ناه کو، عاشق جو احوال
۶. کر **سچوءَ** کي سپرين، کٽي نيڙ نهال

كافي بروه ۷۱۲

کڏهن قاصد وري ويندين
ديس پاروچل جي ميان
۱. خبر خوشيءَ جي ونِي اُتاهون
سگهو اسانڏي کي ايندين
۲. دردمنديُ جي دل کي هاڻي
ڏيِ دلاسو ڏيندين
۳. سپيرين جي ڳالهه ڳجهيءَ جو
وڃي سو واقف ٿيندين
۴. سوز فراق جو **سچوءَ** جو
تون هي نياپو نيندين

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٧١٣

مئين كٽ نهين وو، كٽ نهين، اهو يار جو آليندا

١. عبرت ويكو يار دي، كيهي چال نوين چليندا
٢. آپ كون دلبر آپ كنون، كس واسطي ٻليندا
٣. گوش كڏان گهِن كي روندا، كڏهان همه نال هسيندا
٤. كڏان نَٿُوا كڏان ٻڪتا، كڏان بازيگر بليندا
٥. رانجهو هير تي ليلىٰ مجنون، سوين نام سڏيندا
٦. كجري هوكي صورت والي، **سچو** ناچ نچيندا

كافي بروه ٧١٤

مئين اُٽ ڳئي وو اُٽ ڳئي، شاهه جو ٻوليندا

١. آپي سُخن آپٽي آهو، سوين طرح سليندا
٢. اپٽي صورت سهٽي، وتدا آپكو ڏكيندا
٣. عاشق ٿيوي آپ اتي وت، آپي عين اَڙيندا
٤. كٽ مريد محبت والا، كٽ پير بنيندا
٥. لک مظاهر جوڙ كي، اٽ **سچو** نانءُ سڏيندا

كافي بروه ٧١٥

عاشق يار دمامان ماريا، ٿيا اناالحق اظهارا

١. شمس طلوع جڏهان وت كيتا، تاريكي كُون تهن وت نيتا
گم ٿيا وو ستارا ستارا
٢. عشق جڏهان آفتاب اُپاريا، ليكا چوكا كُل وساريا
ڳئي لک شمارا شمارا
٣. خاكي وچون ٿيا حق ظاهر، جيها اندر تيها ٻاهر
سيو نور نظارا نظارا

Scanned by CamScanner

۴. مؤج حلاج دي سِر چڑهه آئي، تڏهان نوبت نينهن وڄائي
ڪيتس قرب قرارا قرارا
۵. **سچو** سچ لڪاوڻ ناهين، اي تا سِرُ ڇپاوڻ ناهين
شاهي مار نغارا نغارا

ڪافي بروه ۷۱۶

آئين قاصد ڪالهه، پرين جي پار ڏنهن
آندئي جي سنيها سَلِ اهيئي
۱. هاريا هن جي حال جي، ڪا هُئي هُت قيل مقال
۲. پاڇيءَ ڪي پرديس ۾، سڪندر ٽيڙا سال
۳. پرين ڪِي مُون پڇيو، ڪا خبر ڏي خوشحال
۴. ڪي ڪيندا هجر فراق کي، ڪي ورندو واؤ وصال
۵. **سچوءَ** سندي ساه جي، ڪا هُئي هُت ڪين سنڀال

ڪافي بروه ۷۱۷

عاشق ڪر آرام، پرين گهٽو پڇيو تنهنجو
خوشيءَ ۾ رَهُ ري
۱. طرف تنهنجي آهه اچڻ جو، اسانجو انجام
۲. رهبر عاشق کي وجي، سَؤ لک ڏيج سلام
۳. اڳنان آهي تانهنجو، سَرهائي سر انجام
۴. جيڪي چيو تانهنجو، آهي ڪُلي قبول ڪلام
۵. **سچو** تنهنجي ساه کي، آهِ محبت بخش مدام

جهولڻو بروه ۷۱۸

رمزان سي هاديءُ يار جُون ميان جيڪي چيائون
مونکي سي تاسلڻ جيهون ناهن هوءِ هوءِ
ڏريون آهن دل تي ري ميان

Scanned by CamScanner

١. ڳالهيون ڪري ڳجهه جون ٿا صاحب سمجهائين
لا اِلٰه ڪؤن اڳنان ٿا هادي هلائين
سمجهڻ سمع بصر جو ٿا فائق فرمائين
٢. خوديون خاص نه پائنجو هي نِتُ نِتُ نمازان
چاڻو پلي ڳالهڙي هي سوزو گدازان
اڻو انالحق جا هي عبرت آوازان
٣. هيءَ هيءَ هڪڙي ڏينهنڙي ٿا هادي ائين چون
جن نه سمجهي ڳالهڙي سي سيان گهٽو رُون
جن سجاتو هتهين سي هُتِ پي ائين هُون
٤. جيڪي پليون ڳالهڙيون اُنهون پڇڻ پري آهِ
ڪُوڙا قصا ڪهه پيا يار سجاڻڻ سواءِ
پُرجهڻ آهي پاڻ ڪي پي پلي بات نه ڪاءِ
٥. هاديءُ حقيقت جي يار موتي هئين چيو
آغا آهي هي اداءِ آهي ڪونه پيو
جيئي لنگهيا جگ ڪؤن مقصد تن ٿيو
سائين ساڳيوسو اڻو جو وجودئون ويو
٦. مرشد هادي رهنما ٿا سمجهائن ائين
هو تون چاڻج پاڻڪي متان هِي ٿئين
وحدت جي چؤگان ۾ اِها گوءِ نئين
سچو ساڻ يقين جي هي حال ڏي هئين

ڪافي بروه ٧١٩

يار منهنجِي ڪي ڪريو منت وجي ڪائي

١. پرڏيهه وچ مَ مون پرين! يار تو سان مون تا لائي
٢. اندر هن جو اڏ ٿيو، ڪري وڃڻ جي ٿو وائي

Scanned by CamScanner

٣. ڏسو اوهين ٿيون دل ڏاڍي سان، اديون! مون اٽڪائي
٤. چڱا مڙيئي ميان! ائين چون ٿا، لائي ته توڙ نپائي
٥. هِجر منجهارؤن ٿيندي وصالت، اها ڳالهه **سچو** سمجهائي

ڪافي بروه ٧٢٠

هاڻي مونکي پرينِ پوءِ، جيڏيون جيڏ جنجال ٿيو

١. ويٺي واڙين تي، هي راتو ڏينهان روءِ
٢. وهڻ هن جو وِهُ ٿيو، هو لڏي ويڙا لوءِ
٣. درد مندي دانهون ڪري، آهي هوتن ريُ هوءِ هوءِ
٤. ڪاڪيون مونڊي ڪيچ ڪؤن، شال قاصد اچي ڪوءِ
٥. **سچوءَ** ڪندي سال ٿيا، وريتيون ووءِ ووءِ

ڪافي بروه ٧٢١

يار ساڃيو ڙي ميان! يار پانڊيو ڙي ميان پلوڙي ميان!

دوستن جي ڪل مونکي ڪاڏي

١. هيءَ نماڻي، دَرِ وڪاڻي
نال نباهي نيجو
٢. ڪيم وساريو، مُئي نه ماريو
ڇوري تانه ڇڏيجو
٣. ڏيو دلاسا ڪڏهن ايندا
لوئون تانه لڏيجو
٤. آءٌ اوهانجڙي اصل ڪؤن آهيان
گولي ساڻ گڏيجو
٥. جنهن ويلي هلو اتاهون
سچو نانؤ سڏيجو

Scanned by CamScanner

كافي بروه ٧٢٢

ساجن انهيئن سير، ايندئي ڏي اجا

١. سيئي پهتيون پرين سان، جي گهڙيون انهين گهيڙ
٢. سپيريان جي سير ۾، هيجوڻ هنيڙو هير
٣. ٻڌي نچج نينهن جي، ڇاتيءَ ڇاتيءَ ڇير
٤. **سچو** سائين جي پچين، ڦند سپيئي ڦير

كافي بروه ٧٢٣

مُنهن لڪائيندين اسان ٿون، ڪيهي گناهون يار

١. پانهون ٻڌ ڪر زاري ڪريسائين، جاني ميڏڙا جانو
٢. شمع حُسن دي ويڪ ڪراهڙ، آپ ڪيتُم پروانو
٣. عقل شرم تا ڇوڙ ڳيوسي، دوست ڪِتُم ديوانو
٤. سڌ تيڏي نون سدا مئين سڪدي، ڪُجهه تا پول زبانو
٥. سِر **سچو** دي آڻ ڪڙايا، شوق تيڏي شاهانو

كافي بروه ٧٢٤

هوت اسانجڙو حال، تون تاپاڻهين ٿو ڇاڻي

١. اوهان ٻاجهون وو سپرين! ميان الله ساعت ٻايان سال
اوري اڇج آرياڻي
٢. راتو ڏينهان وو روح ڪي، ميان الله، سندو خواب خيال
هي اٿو نماڻي
٣. ڇڏي ويندين وو ڇپرين ميان الله، تو لڳ ڪ ر ڪ سال
تون هيئن هِئين هوتياڻي
٤. معلوم توکي وو مون پرين، ميان الله! عاجز جو احوال
تون تا سانول سجاڻين
٥. سوز اوهانجي وو سپرين! ميان الله! بره ڪئي بيحال
تہ پي عُذر نہ آڻين

Scanned by CamScanner

٦. لاهـ فراق وو فقير ڪوڻ، ميان الله، **سچو** مڃ سوال
هيءُ هاديءُ لئي هاڻي

ڪافي بروه ٧٢٥

يار تو تا مون سان ڪيهي ڪيهي، ڪيهي لوڻ لوڻ لائي
١. درد منديءَ جي دلڙي دلبر، رمز اوهان جي ريهي
٢. سي نہ وسرن ساه منهنجي ڪوڻ، ڳالهيون ڪيو گڏ ويهي
٣. سپ ڪنهين جو ڪم نہ آهي، نينهن ڪٽن ڪي نيهي
٤. ملڪ فلڪ تا ڪين قبولي، عشق امانت ايهي
٥. پاجهـ پئي تون يار پاروچا، آءُ پڪي هن پيهي
٦. ڪرم ڪيڙئي يار **سچوءَ** سان، ڏيهـ گڏيا اڄ ڏيهي

ڪافي بروه ٧٢٦

توکي عاشق پنهنجو ڄاڻا، توکي سَوَنِ ۾ سڃاڻا
١. اسين تا توسان آهيون سدائي، وجهج ڪين وڃاڻا
٢. اُهي تا آهن نظر اسان ڪي، اچي جي در وڪاڻا
٣. دستئون ڪري ڏنوَ مون ڪي، يار دارؤن جا داڻا
٤. سهج **سچو** تون ساڻ يقيني، محبوبن جا ماڻا

ريختو بروه ٧٢٧

سجن چا بار برہے کا، اسی عالم میں آیا ہے
سیہ لالی سفیدی کا، برابر رنگ بنایا ہے
١۔ کڈھان موسن کڈھان مسلم، کڈھان کافر کہایا ہے
کڈھاں ملا کڈھاں قاضی، کڈھاں بانبہن بلایا ہے
٢۔ نہ جاناں اس معما کوں، کسی نوں کس بھلایا ہے
خلق الانسان علیٰ صورتہ، ابوئی کہہ سنایا ہے
٣۔ دیکھو منصور ہو کر کے، جو سولی پر سلایا ہے

Scanned by CamScanner

زلیخا ہو کے یوسف پر، ستر سوں دُھم مچایا ہے
۴۔ سچُو کی صفت میں ساجن، یھی انچھر الایا ہے
کوئی سمجھے لکھاں وچوں، رمز ربی رلایا ہے

کافي بروہ ۷۲۸

هادي ويڑهي آيو، هنئين سمجهايو، والي ويڑهي آيو
۱. ڪڏهن ٿيو ڪونڪو، عاشق آرام ميان!
راتو ڏينهان تن اُتي آهي محبت جو ماتام ميان
۲. خاڪوڻ هلج خاص ٿي، ڪرپاڻ ئي ڪون پرواز ميان
ڇڙيءَ چنبو ماريئي، ٿي شاهين آئون شهباز ميان
۳. جيڪو اصل آهي، ٿيو هاڻي سو سلطان ميان
گهوڙي چڙهندڙ گم ٿيو پيو گهوڙي ۾ جولان ميان
۴. آيو بحر جوش ۾، تڏهن مؤج پئي ٻاهار ميان
هئي هئي آيو نانؤ ۾، ٿيو ساوڻ جو سينگار ميان
۵. لڙ منجهون ٿيو اڇو ڪارو، اصل سو درياه ميان
بيحد رنگ گهٽا ٿيا ٻاهر، ڪير ٿيو گمراه ميان
۶. سانوڻ لٿو مان ٿي تڏهن پاڻي موتي پوءِ ميان
اڇو ڪارو لڙ ٿيو اهو سارو سمندوءِ ميان
۷. نانؤ لهي ويا ٻاهريان اهو باقي رهيو نام ميان
ڪُوران ڪسيان واهڙان، هُت ڪُلي ٿيا گمنام ميان
۸. هت سيئي درياه ٿيو، ٻيا ڪوڙا لٿا نانءَ ميان
ميان اول آخر هڪ ٿيو ويو وڃائون گناهه ميان
۹. اصل جيڪي هوس، آءٌ هت آهيان سو ميان
آخر ٿيندس سو وڃي، هڏ آهيان ڪونه ٻيو ميان
۱۰. اکيون اکڙين ۾ رکي، تون پنهنجو پاڻ سڃاڻ ميان
پئي نظر جتي تانهنجي تتي پنهنجي چشم ڃاڻ ميان

Scanned by CamScanner

١١. اکيون اکڙين ۾ رکي، تا هت هُت توهين آنهن ميان جي خبر اکين جي لهين، تا تَون نرالي نانءُ ميان
١٢. اکين مؤن معلوم اهو صورت جو سينگار ميان **سچو** سارو سچ ٿيو ٻيو ناهي تفاوت وار ميان

کافي بروه ٧٢٩

اوڏاهُون قاصد جي آيا تن هَلائي هيءَ وائي

١. هاڻي هوتياڻن جي هُئي توڏي تياري واڻان پڇي تانهجون ٿو اصل ڪؤن آري ساري سنديوَ حال جي هُت معلوم سپائي
٢. اهو رکج آسرو جو اَڄُ توڏي ايندا ڏئي پانهون ڳل تو وري پرين پرچائيندا هيکند ٿيندئين هوت سان تون جاڳندي جائي
٣. مارُئي ماندي نہ ٿي ڇو گوندر گذارين واڻان اچڻ اُنجون ٿي نِتُ نِتُ نهارين جهڙي تون هِت آهين آهين هُت پي اُهائي
٤. ويو وڇوڙو وچ مؤن تون گڏئين سائين ساڻ توسان آهنِ سپرين پري پانءِ نہ پاڻ **سچو** ٿيندیو سيگهڙي، اها وائي سوائي

کافي بروه ٧٣٠

عشق والي تکبير هکا ٿي، ڪيهان ٻيان تکبيران

١. جيهي تيهي نون بره نہ پچدا، ماري عشق ميران
٢. ڪاه پوسن پرواني وانگڻ، نينهن نہ نال نظيران
٣. چشمان چاون مزگان سارن، چوٽ چلاون نيران
٤. "الفقر فخري والفقرمني"، اهو بخشش حال فقيران
٥. **سچو** نينهن دي نئيل اسان ڪون، ڪيها زور زنجيران

Scanned by CamScanner

كافي تلنگ ۽ ڊوليو ۷۳۱

ڪرڪي ساڻي وو سڃڻان ديان مٽيان ڳالهين وي
نال ساڈي ڏون ٽي تا چار گهڙيان ڪي جالين
۱. فوجان تا حُسن چڑهيان سرتي عاشق دي
طرحين طرح ته ڪيتي عشقديان چالين وي
۲. هن لکين طالب ديدار دي اُنهين پاوين ڪؤن
رانجهو تا هڪ هويا سؤ ڪڑيان سيالين وي
۳. اصل نال سهڻيان دي ني رانجهو ڪيڏيندا
ندي دي ني ڪناري وو ٽڏيان ٽالين وي
۴. دانهن فرياد پهون آوي سڃڻان نون
خواه مخواهون در سُهڻان دي تون نالين وي
۵. يار دا خيال هڪ رک جي تون تا عاشق هيئين
دل اُتون غير دا خيال تا سڀي ٽالين وي
۶. عشقدا سبق سانون ڏيوين جي تون واقف هيئين
چوڙ مسلي مُلين والي پاس پرين دي جالين وي
۷. قاضيا ڪوري ڪاغذ ڪُوڙي تن ثابت نه هووي
سچو اهين راه وچون جان جُٹا تا ڳالين وي

كافي تلنگ ۷۳۲

ڳل پيان وو ڳالهيان، يار تساڈيان سانُون وي الله
۱. طرفؤن تيڏي طعني ڏيوَن، سانون سپ سيالیان
۲. راوي واليان پهون سُهٹاندیان، تيڏيان نديان ٽاليان
۳. راه تساڈي نهين چوڙيسن، ول ول ورهين واليان
۴. پٹر تساڈا سانون سيباوي، ڪهه ڪيڑاندیان قاليان
۵. عرض آکڻ اڳون تساڈي، نهين سچو ديان مجاليان

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٧٣٣

منهنجي اکڙ اڄ آءُ، پرديسيئڙا ڙي يار

١. والي شال وصال جو، ڪو وري لڳي واءُ
٢. اچي هڏ نه هتهين، سانول توريءَ ساءُ
٣. ميان مشتاقن جو، اچي صاحب لهه سماءُ
٤. دانهون ڪري درد ۾، جا ڏٺي فراقاءُ
٥. ٽيون منڌايون ڪيتريون، سائين **سچو** ڪانءُ

ڪافي بروه ٧٣٤

ڪيچي ڏڻم اڄ اتي
اوهين تا ڇاڻا پانيو

١. سال لنگهي ويا ڪيترا
ڪاڪيون ري تا ڪَتي
٢. اڄ تا ويندس، ڪاڏي ڪينڪي
هوت سو منهنجو هتي
٣. منزل محبن جي جتي هوندي ميان
هوندين سرهايون تتي
٤. موڳائي جي مُونجهه ۾، سائين الله
ڪانڌ ڏسي گپ ۾ گتي
٥. سودو سيڻن سان حاصل ٿيندو
ميان **سچو** تا سر ڏتي

ڪافي بروه ٧٣٥

ڪيها اکيان نُون رنگ لايوَ، رنگ لايو رنگ لايوَ

١. نال اکين دي وي عالم دي وچ ميان
ڪيڏا حڪم هلائيوَ
٢. جام ڪٽوريان نون جام شرابي
جيڪس سو پُر پلائيوَ

Scanned by CamScanner

٣. عاشق شودا وي لکين هزارين
کاتي نال کُهايوَ
٤. حيرت دي وچ هک جو ٿيان
سچو سر سلائيوَ

کافي بروه ٧٣٦

کيتي تيڏي دُوري جا بيقراري

١. بيقراري دي ميان کنهن نون هوئي، ڳالهه سمجهڻ اها ساري
٢. غين دا نقطا گم ٿيا هڻ عين کيتي اظهاري
٣. لک چالي وچ شهه دا هويا، هوءِ هوءِ حُسن هزاري
٤. خودي وچون ميان بيخودي آئي، بُت کنون بيزاري
٥. جان دي گردش کيهي کريندئن، هوش نيندا هوشياري
٦. بقا باقي دي آپي بخشش وي، **سچو** کُون سرداري

کافي بروه ٧٣٧

اڄ اوڏاهين سي آيون، مُون ڏي خبران خير جون

١. پيو تا توسان دوست ري، کونه برابر پايون
٢. لکئي مون معلوم ٿيو سائين! پير ايڏاهين ٿا پايون
٣. سيکو توکي ميان ڏيهه سنديوَ لک ٿورا ٿا لايون
٤. سُورن واريون سيئي ساعتان، تو تا لک لنگهايون
٥. توکي ٿيندیون وي هاڻي حاصل، **سچوري** سرهايون

کافي بروه ٧٣٨

يار ديواني سان کيتئي، پي تا کيهي آکين ڳالهه

١. درد مندان دي دلبر دلڙي ميان! نال نگاهان نيتئي
٢. چشماندي جو چوپڙ کراهڻ، ساري بازي جيتئي
٣. دلبر سائين مشتاقاندي وي، رت دلين دي پيتئي

Scanned by CamScanner

۴. آپڻي محبت وي سُهڻا سائين وي، نال **سچو** دي سيتئي

كافي بروه ۷۳۹

منهنجي حُجت تو سان ناءِ
توكي مؤلو ميڙي يار
۱. مؤن هن نماڻي كي
آسر سند آءِ
۲. اندر باهر تانهنجي
جانب آهي جاءِ
۳. ڏونگر ڏورڻ آئيا
ساجن تنهنجي ساءِ
۴. **سچو** آهي سڪ ۾
لعلن تنهنجي لاءِ

كافي بروه ۷۴۰

۱. مارڳئي غمزان دي نال هورهي هئي دل ديوان
مئين بچاري نِت جو بردي، رُسين كيهي گمان
۲. محرم هُوا اس راز كاتس سرديا ميدان
خلق اس سُون اُس جدائي هو سدا بيران
۳. عشق كر استاد ڪريون درد كا ديوان
تحقيق مئين تائب هُوا ايكدان تيرا مهمان
۴. جس سنايا هئي شوق سُون سارا ميرا فرمان
عشق كي ايوان ۾ كيا سِرُ اُسي قربان
۵. پهلوانان كي هي بازي عشق نهين آسان
تُجهه كون اپڻا هو كيا هي هو **سچو** سلطان

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۷۴۱

تئينون معلوم سائين!
حال نماڻي دا ميان

۱. كيڙي پيڙي وو آڻون ٿئي
رانجهو يار ملائين

۲. دل جا رانجهن سوگهي كيتي
كيڙا گهول گهمائين

۳. ڇڄ كيڙان دي اگهڙ آئي
تهنكون **سچو** آك سڏائين

كافي بروه ۷۴۲

پچن كوه طبيب، او سوز واريون سرتيون پلو الو

۱. پيدا ٿيندا پاڻهين
كول آيس قريب

۲. ڏين ڏيكاري ڏيل مؤن
اچانك عجيب

۳. **سچو** وسن سي سدا
هينئڙي منجهه حبيب

كافي بروه ۷۴۳

الا باري بره ڊولڙ جي دل ديواني منهنجي كيئي

۱. اوري اٽك نه رهي، خاص پرين ڪڪئي
۲. پياريائون پُر كري، پي سپ وائي ويئي
۳. راتيان ڏينهان روح ۾، ٿيا ٿيا آهي ٿيئي
۴. اكيون دل **سچوءَ** جيون، پاڻ سڪيون كيون پيئي

Scanned by CamScanner

كافي بروه ۷۴۴

يار لايو رنگ ڏس تون جي هئين كنهن حال ۾

۱. محكم رهين احوال ۾، قائل نہ ٿي تون قال ۾
۲. خيال ٻاجهون خاص ٿُنهنجو، هُئي جيڏ جنجال ۾
۳. جي هئين كو دم اتي تا هُج تون، خاصي خيال ۾
۴. اصل ۾ يكتا ٿئين، عاشق جو چئو امثال ۾
۵. محبت مگر مرشد سندي، آڻي انهيءَ احوال ۾

كافي تلنگ ۷۴۵

هَسُدا وي ميان! كركي ڳالهين رُسدا وسدا وي ميان

۱. جاءِ قتل دي ميان نال اشارت! سائين كڙكي ڈُورؤن ڈسدا
سيني اندر تير ماريوني، سو غمزه مُول نہ گسدا
۲. درد منديان ديان دليان دلبر، كل كي خوني كسدا
۳. ڈي پيار **سچو** كون سائين! كيون پر نسدا

Scanned by CamScanner

داستان انون ڪسوريءَ جي ڪافين جو

ڪافي ڪسوري ٧۴٦

عشق اول آزمائي، ڪاڪيون ڪيچن جو ميان
پير تهان پوءِ پائي

١. سر تي سهج وو سور ستاڻا
پاروچو پولائي

٢. صحي ملندئي هوت حقاني
رانول مؤن رولائي

٣. عاشق صادق سڻ **سچيڏنا**
پول نہ ڪنهن پولائي

ڪافي ڪسوري ٧۴٧

ڪيڙان نال گذاريم ڏينهڙي
هُڻ ويندیان رانجهن يار ڏهون

١. مئين مُئي دي هُڻ دلشاد هوئي
گهليا واءُ ٽڏا اُهين پار ڏهون

٢. اس جگ ديان جايان چوڙڪي
رک ڏيان سچي اقرار ڏهون

٣. توسين هنيان سپي هت
پاتيون دير نہ پوي دلدار ڏهون

۴. ڪتي تائين مهجور هوسئين
آيا پانڊي اصل اسرار ڏهون

۵. ڇڪي شڪ **سچو** دي غير ڪنون
دل آءُ پئي اعتبار ڏهون

Scanned by CamScanner

كافي كسوري ٧۴٨

عاشق مرندا كينكي، رهندا كين مكان ۾

١. ديوانـي درياه جو پيتو پيالو پُر كري
اجر منجهه امر ٿيو آهي گذيا كين جهان ۾
٢. غيب ۾ جي غرق ٿيا تن گهاوَ گردن ۾ لڳا
بولي بولن ٿا پي نڪا آهي رهن الامان ۾
٣. كني پڙهندي سال ٿيا روزا نمازا نفل ني
تن كٽن كل كانكا باطون جي بيان ۾
۴. چين ولايت گهر كري گهڙي گهارن كينكي
پس هاديءَ حق كي رهن ٿا بئيبان ۾
۵. هر دم آهي دم دوست ڏي آهي سُونهن ٿا سرانجام ۾
سو سچوءَ كي ئي مليو هي كُر اچي تہ گيان ۾

كافي كسوري ٧۴٩

آءُ كانگا كا پرين جي ڳالهه كر
واعدو كيئي كالهه سو بر حال كر

١. كيئن ڏٺو تو دوست مهنجو ديس ۾، خوش ڏٺو هُئي يار كهڙي ويس ۾
سا خبر مون سان ساري في الحال كر
٢. كي پڇيائون خبر هن جي حال جي، كي كيئي آگاه هن احوال جي
سو مونسان ڏاها اهو احوال كر
٣. هِت فراق آهي ماريو مُون ٻيو ڇا چوان، سور هن جي ساه كي نِتُ نِتُ نوان
آءُ ادا خاطر منهنجي خوشحال كر
۴. كي اڏاٽو هُئين پرين جي پار ڏي، كي نياپا هي نيا هُئي يار ڏي
كا مدد منهنجي ادا الحال كر

Scanned by CamScanner

۵. دوست جي بہ حضور جي حاضر ٿئين، زاغ زاريُ مؤن اهي نياپا نئين
لڳ سائين سارو **سچوء** جو سوال ڪر

ڪافي ڪسوري ۷۵۰

مانَ پرين پهچائي
هي نياپو ڪو نيئي
۱. ڳچي پائي ڪپڑو پاڃاڻي پرچائي
حال ڏئي وچ هيئي
۲. پرين ڏسج پاڻ ڏي
چت نہ وچ مون تئون چائي، يار اسان نال پيئي
۳. الله ڪارڻ آءُ تون سائين!
پانهي ٿي پاڏائي منج دلاسا ڏيئي
۴. اوهان پاجهون سپرين!
ويٺي ورهہُ وسائي ڪانگ اڏائي ڪيئي
۵. در اوهانجي جو دلبر سائين!
سچو ٿو سگ سڏائي، پانهون پانهون پيئي

ڪافي ڪسوري ۷۵۱

ميڙهون آوين، وو ساري روان تيڏيان ڳالهين
۱. اگڙ اساڏي وو نانءُ الله دي، آکر ڦيرا پاوين
۲. اسان يتيمان، ٿون سهڻا سائين! چِتُ نہ دلبر چاوين
۳. آءُ وس سهڻا ويڑهي اساڏي، جاني تون ول نہ جاوين
۴.**سچو** هي سگ در تيڏي دا، پڏي مُکڑا وکاوين

ڪافي ڪسوري ۷۵۲

ڪئنٿون آپ لڪيندا، سائين! ڪئنٿون آپ ڇُپيندا
۱. طرحين طرح هکائي ٻولي، آدم وچ الينڊا وي

Scanned by CamScanner

٢. نوعان نوع تماشا ڪيتا، اوران چال چلينڊا وي
٣. آپ انا الحق ٻيڻڊا، سولي آپ سليڻڊا وي
٤. هر ڪنهن مظهر ظاهر هوسين رنگان وچ رلينڊا وي
٥. **سچو** دي وچ ٿُوهين سائين! سارا سر سليڻڊا وي

ڪافي ڪسوري ٧٥٣

آپي سير ڪريندا، مولي آپي سير ڪريندا وو

١. جوڙ تماشا ملڪر دلبر، چهـ چپ نال چلينڊا مولي
٢. هر ڪنهن صورت هر ڪنهن ٻولي، عينؤن عين الينڊا مولي
٣. **سچو** سچ اهوئي آهي، ٻول ٻئي نه ٻُليڻڊا مولي

ڪافي ڪسوري ٧٥٤

زاري ٻينر زاري، اڳيون عجيبن آهي اسانجي

١. روز ازل ڪؤن عاشقن جي، سوريَ تي هسواري
٢. شاه منصور حلاج حُسيني، سوريَ ڪيئن سينگاري
٣. هي ٿئي گم، اهو ٿئي ظاهر، چَپ چنان چؤڏاري
٤. **سچو** ساه سري ڪر صدقي، سرسُ وڃين سرداري

ڪافي ڪسوري ٧٥٥

هيون هوتن هٿ آهي آهي
ڪير چوي تا ناهي ناهي

١. فهم فراست عقل ارادت
نينهن بنان سڀ ناهي ناهي

٢. مست ٿيا مخمور اٿاهين
ڪل نه پئي ڪنهن ڏاهي ڏاهي

Scanned by CamScanner

٣. ڏوڙا طالع ٿين انهن جا
يار جنهان نون چاهي چاهي

٤. وس مڙيوئي يار سڃڻ جو
هيءَ نماڻي ڇاهي ڇاهي

٥. سڳ سپاپو سڃڻ سان
ڪير **سچيڏنا** ساهي ساهي

داستان نائون

پهاڙيءَ جي ڪافين جو

ڪافي پهاڙي ٧٥٦

ڇوڙ گمان گدائي والا، شملا چا پڌ شاهيدا

١. مار نغارا وحدت والا، فڪر رکين پاتشاهيدا
٢. غير خيال گذار نہ دل تي، غمزا هئي گمراهيدا
٣. گمراهي وچ هَئي هدايت، نور سفيد سياهيدا
٤. هر ڪنهن طرفون تارڪ ٿيوين، ڪر ڪم ڪج ڪلاهيندا
٥. مارِ زُغا تا ظاهر ٿيوئي، سُرڪا پيءُ صُراحيدا
٦. آپ سڃاڻ اناالحق آکين، لوڙين عيش الاهي دا
٧. نفي **سچو** اثبات ڪريندا، ويڪو سيل سپاهيدا

ڪافي پهاڙي ٧٥٧

برها هئي سارا مشڪل بازي، ڪوڻ ري هاڻ لاويگا

١. بي سروپا يگانا هو ڪر، دلبر اس جگ آويگا
٢. عشق ڪي نيشاني پهلي، دين ڪُفر ڪُون اُڏاويگا
٣. جسڪا هاڻ پڪڙ ليا برهي، تسڪا سر ڪٽاويگا

Scanned by CamScanner

۴. عشوه عشق پي هئي يارو، سُولي سر چڑهاويگا
۵. ديکنا هي اب اُسکي پيڇي، کيسا رنگ بناويگا
٦. دليان کي ميدان کي اوپر، کونتل عشق کڏاويگا
۷. **سچو** سوز فراق ديان فوجان، پئي پئي بره بڇاويگا

ريختو پهاڑي ۷۵۸

برہا ہے سارا مشکل بازی، کون رے ہاتھ لگاویگا
بے سرو پاء یگانہ ہو کر، دلبر اس جگ آویگا
۱۔ عشقے کی نیشانی پہلی، دین کفر کوں اڈاویگا
جس کا ہاتھ پکڑ لیا برھے، تس کا سر کٹاویگا
۲۔ عشوہ عشق یہی ہے یارو، سولی پر چڑھاویگا
دیکھنا ہے اب اس کے پیچھے، کیسا رنگ بناویگا
۳۔ دلیاں کے میدان کے اوپر، کونتل عشق کڈاویگا
سچو سوز فراق دیاں فوجاں، پئے پئے برہ بچھاویگا

ريختو پهاڑي ۷۵۹

اے یار جب تم سر دیویں، تیرا نام عاشق ہوا
منصور اول سر دیا، تب سوں سارا اناحق ہوا
اس عشق انالحق کا، یہی مار نعرا آءُ کے
سِرّ اپنا جب ظاہر کیا، ہر طرف سوں تارک ہوا
طالب ہوویں جب یار کا، آءُ عشق کے میدان میں
عاشق اسی کوں ہم کہوں، جو تیغ سے دو تک ہوا

Scanned by CamScanner

۳۔ عشقے میں روون زار ہے، ناخواب ناآرام ہے
جس دل سیتے بربا لگا، اوئی سب سوں لاتعلق ہوا
۴۔ پیر مغاں کے آستان، سیتے پڑا وہ اے سچُو
تجھکوں کیسی پرواہ ہے، تیرا پیر عبدالحق ہوا

ريختو پهاڑي ۷۶۰

سجھ کوں جو مارتی ہے، جاناں تیری جدائی
دلبر تیرے ہجر سے، در در کروں گدائی
۱۔ در در پھروں دیوانی تیرے فرق سیتے
سجھ پر تمام کیتی، یوں خلق نے رسوائی
۲۔ دو چار دن وصل سے، دو چار دن فراقی
سکھتا نہ کس سوں جانی، یہی رسم آشنائی
۳۔ لُوٹا کے دل پڑا ہے، سچُو تیرے شہر میں
اس کے اندر میں تیری، نوبت بِرہ بجائی

كافي پهاڑي ۷۶۱

هوش مان پي هوش مان بي هوش
۱. ڪڏهان زاهد ڪڏهان عابد
ڪڏهان نوشا نوش
۲. ڪڏهان هجر فراق ڏسيندا
ڪڏهان غوشا غوش
۳. ڪڏهان دلبر دُور گهتيندا
ڪڏهان گوشا گوش
۴. ڪڏهان جاءِ ڪناري ڏيندا
ڪڏهان پوشا پوش

Scanned by CamScanner

۵. ڪڏهان مؤج وهيندي مائي
ڪڏهان جوشان جوش
٦. ڪڏهان سچو جاءِ نہ لهندا
ڪڏهان دوشا دوش

ڪافي پهاڙي ٧٦٢

تاب مان بي تاب

١. نہ مئين گويا، نہ مئن جويا نہ سوال جواب
٢. نہ مئن خاڪي، نہ مئن بادي، نہ مئن آگ، نہ آب
٣. نہ مئن جني، نہ مئن اِنسي، نہ مائي، نہ باب
۴. نہ مئن سُني، نہ مئن شيعہ، نہ مئن ڏوه ثواب
۵. نہ مئن شرعي، نہ مئين ورعي، نہ مئين رنگ رباب
٦. نہ مئن مُلا، نہ مئن قاضي، نہ مئن شور شراب
٧. ذات سچو دي ڪيهي پچدئين، نالي تا نايااب

ڪافي پهاڙي ٧٦٣

آءٌ پانهي تون سائين
وي پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪپڑو
٢. طرفؤن تنهنجي يار پيارا
ڪانگ اچن من ڪائين وو
٣. نانءِ مولا جي مهر پويئي
ٿورا مون تي لائين وو
٣. روز ازل ڪؤن تنهنجڑي آهيان
غئر نہ مونکي پائين وو
۴. هڪڑي ساعت اڳڙ سچوءَ جي
پير مُبارڪ پائين وو

Scanned by CamScanner

كافي پهاڑي ٧٦٤

پيو كو چاڻ محض گناه، هر كنهن صورت آپ الله

١. كٹي گداء گدائي والا، كٹي جو شاهنشاه
٢. دُونهان ڈيک متان كو پولي، اولي ابر ماه
٣. و نفخت فيه من روحي، آهه سهي كر ساه
٤. خلق الاشياء وَهُو عينها، اهو قول گواه
٥. صورت منجهه **سچوء** جي، پولي پاٹئي بي پرواه

كافي پهاڑي ٧٦٥

كيها غرض پيوئي وي
اپٹا ديس چوڑيوئي
١. خوشيان خورميان وي چوڑ كراهُڑ
ڈک قبول كيتوئي
٢. شان شاهي داگر كيتوئي
جهونا بگل هنڌيوئي
٣. أڻان هو كر اڻان جو آئين
رهبر عشق ٹيوئي
٤. تخت هزاريدا وي تون سائين!
كيونكر جهنگ پچيوئي
٥. درد هجر وچ سُڻ **سچو** ري
كيونكر آپ گهتيوئي

كافي پهاڑي ٧٦٦

نماڻي دا ننگڑا تئين تي، جيوين تيوين پالٹا

١. ميري آهيان مندي آهيان، بيشك بندي آهيان

Scanned by CamScanner

ڏکين ميڏا ڏولٽا مئيڏي عيب نہ ڦولٽا
٢. پيان پناري، لڳي آهيان لاري
جوڳي نال جالٽا، اسان ول هين آوٽا
٣. يار **سچل** تؤن لٽي ڪشالي
گهونگهٽ کولٽا، پهه پهه پولٽا

ڪافي پهاڙي ٧٦٧

ڪيوين ڪاغذ ڪيتي ني ڪارا، هاءِ هاءِ وي يارا
١. عالم ساري ڪُون مسلي والا
سبق پڙهايو سارا
٢. ڪيتئي مُنهن ڪتابان ڏهون
پُل ڳيون بيچارا
٣. ٻيان ڳالهيان سپ ڇوڙ ڪراهڙ
وِرهُ گهنين وڃارا
٤. ڪيڪر ڳالهه الست والي
وسر ڳيئي ويسارا
٥. ورد وظيفي دا راتو ڏينهان
ڪردئين لک شمارا
٦. **سچو** يار سڃڙ دا ڏيکو
هي تا محل موچارا

ڪافي پهاڙي ٧٦٨

سُٹو سنيان تسان ملڪر آئو، يار تماشا لايا هي
١. سُرخ سُهاءِ اکيان رنگ ڪيتس
بره بٹاءِ بنايا هي

Scanned by CamScanner

٢. سيرين بازارين آکر ڏيکو
لعلي کا رنگ لايا هي
٣. ڏيکو تسان اهو سيل سچڻ دا
جو کنهن جاءِ سمايا هي
۴. طرف اساڏي دلبر سائين
برها باز آڏايا هي
۵. ايڏي اوڏي هر کنهن طرفين
هوکا حُسن گهمايا هي
٦. **سچو** دا اهو آکڻ ناهين
آپي دوست آلايا هي

کافي پهاڙي ٧٦٩

پانڊي پريان ڏهون آوين، يار آوين

١. سگهڙا سگهڙا آندا رهين، مُدت مُور نہ لاوين، يار لاوين
٢. گهنکي نياپي ول ول وو ميان دل ميڏي کون سيباوين، يار سيباوين
٣. مويان نون وت قير جيوائين، اگهڻ قيرڙا پاوين، يار پاوين
۴. **سچو** تيڏا وي بندا در دا، چِتُ نہ تهين تون چاوين، يار چاوين

کافي پهاڙي ٧٧٠

عشق تي باز، اسان مرغابي، پيان دست شکاري دي

١. دين کُفر کنون ٻاهر پيان، لکيم خط بيزاري دي
٢. يار تا بي پرواه ٿي گهمندا، ناهي وس ويچاري دي
٣. ٻئي دن گهوريئي ڳئي اجائي، دم پلي دوستداري دي
۴. ساڻي **سچوري** آءُ اسان ڏهون، دوست کنون دلداري دي

Scanned by CamScanner

كافي پهاڙي ٧٧١

اکيان باز تي دل مُرغابي، پيان وچ دست شڪاري دي

١. عشق سارا اتفاقي هوندا، ڪر نهين اختياري دي
٢. جري جنهين ڪُون ڇنگل ماريا، خيال ڪيا سناري دي
٣. ٽڙڪڻ نال مُول نهين ڇڏيندیان، مُنهن پيان وچ ماري دي
٤. ڪل تنهين ڪون آپي هوسي، ماريئي حُسن هزاري دي
٥. سانگا ڇوڙ **سچو** سر سٽڻا، سودي نهين پساري دي

كافي پهاڙي ٧٧٢

عشق ديان اُلٽيان بازيان، ميان! اُلٽ بازيگر ويکو

١. بره ديان باتيان سنو سنيان
تن من اندر تازيان
٢. علم حقيقي عاشق ڇاڻن
ڪيا ڇاڻن مُلا قاضيان
٣. محبت دي ميدان وچون
گوءِ ڇاتي ڪنهان غازيان
٤. **سچو** سائين در الله دي
ڪردا سؤ لک آزيان

كافي پهاڙي ٧٧٣

سانورا جي ميڙي سو ماهي آويا، ميلاپاڪيي هوي سدا هووي

١. ابکي وڇڙي ڪب سون هو ملونگي جائونگي ندي دي ڪناري
٢. راتيان ڏينهان تانگهه تساڏي، سيني سڪ نه سماوي
٣. الله ڪريسي ڏينهن اهوئي، اڳڻ سچو دي آوي

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ٧٧۴

پلا اسان ڪريسُون تيڪُون حيلي هزاري وو هزاري

١. گهر اساڏي بہ ڇوڙين ندي دي وو ڪناري هو واري وو ڪناري
٢. تيڏي ڪيتي هار سينگار ڪردي ني، جي ساري هو واري وو ڪناري
٣. تنهن ڪنون پڇي ڏونهين رل ڪرويسون، تخت هزاري هو واري هزاري
۴. راڄ سيالين درست ڇوڙين، ٿيون فقير بيچاري، هو واري بيچاري

ڪافي پهاڙي ٧٧۵

عشق تنهنجي ماري آهيان، آءٌ اچي ڏي دوست دلاسو دل ڪي

١. سگهہ نہ ساريان پنڌ ڪرڻ جي، پلو ميان!
ڪيچ وٽن ڏي ڪيئن ڪاهيان
٢. آءٌ تا بانهي تون تا سائين
سگڻ نہ ٻيو ڪو ساهيان
٣. ڪر اچي جي هي سر تنهنجي، ميان!
تاپي نابر ناهيان
۴. آءٌ اڻ سُونهين سُنهين ناهيان
ڪاڏي ڪرهل ڪاهيان
۵. هوت ڪرين ٿو ڪهڙيون ميان!
آسر هڏ نہ لاهيان
٦. اگڻ آءٌ تون يار پيارا،
سڀ ٻلايون ٿي ٻايان
٧. وره اوهانجي ڪيئي ولوٽيا
سچو چوي آءٌ چاهيان

Scanned by CamScanner

كافي پهاڙي ٧٧٦

مئين تا كوئي خيال هان هُڻ ليسان نال خيال دي

١. زُهد عبادت تقويٰ طاعت، ناهن كم كشال دي
٢. فكر اهين وچ فاني ٿيوين، ويكين جوڙ جمال دي
٣. اُهين جو منزل سيي ويسن، صاحب جي احوال دي
٤. مئين ديدار مئين وچ، پهريم ويس وصال دي
٥. اصل اُنهان آگاه نهين جي، عاشق شئي شكال دي
٦. **سچو** سچ كريندئين ظاهر، الا كاڻ قتال دي

كافي پهاڙي ٧٧٧

جادو لايا جادو لايا، جوڙ بيبا اُنهان رنگ پريان

١. حُسن ماري عاشقان نون، عشقا وي هوءِ هوءِ
درد ڏاڍي آوٽو تا روز شب تا ووءِ ووءِ
بيبا يار دل دا ڏاڍا

٢. شمع حُسن دي تي عاشقان جيوين، سر سٽن پروانڑي
راتو ڏينهان كڙ رهي معشوق در ديوانڑي
بيبا موت باس كڙوتا

٣. عشق بازي وچ هوئي سپ جان بازي پاوٽا
عشق كي ميدان ۾ سركاٽ دي تا آوٽا
بيبا پنڌ هئي اڻنگا

٤. مئن پچيام سُهٽي يار ٿون تيڈي طرف كيونكر آوٽا
اها ٿي ولاٽين يار ڏهون جهنگ چوڑكي نا ول جاوٽا
بيبا ٻهون ڏك ڏسيندا

٥. ڏاڍي چالي سهٽيان دي ڳل گهٽن سوني هار
كنڈي چناه دي كڙ رهيان جوڳي ڏيك رانجهو سهٽا يار
بيبا ٻهون آزيان كردا

Scanned by CamScanner

٦. ديس اپٹا ڇوڙ ڪي هڻ يار چليا پرديس
هجر تنهندي مئنون ماريا ول آوي شال ديس
بيا رب آن ملاوي
٧. جوڳي زلفين والڙا ويڙهي ساڏڙون تي ول آئنداهي
پوڇو مئين نون حال حقيقت روح ميڏي پاندا هي
بيا اڪين نال مريندا
٨. ديدان اڄ عيد هوئي ٿيا حاصل ديدار
گهر **سچو** دي گهڙ جو آيا ڇوڙ ڳئي آزار
بيا خوشدل هوئي

ڪافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٧٨

اپٹا ديس سنيال، وو ميان! پلا پرديسيا وو
١. ديس اهوئي ڪيوين وساريئي جاني
ڪيتؤ اٹان جال
٢. پل ڳئي هي ڳالهه اهائي
ڪيهي پي قيل مقال
٣. ياد نه ڪيتئي، وطن اصل دا
پو ڳيؤن پئي خيال
٤. **سچو** سنيالين دوجا
ڪا آهي اصل دي ڳالهه

ڪافي پهاڙي ٧٧٩

آک اسان نون تون حال وو، ڪيوين ٿيون پرديسي
١. اٹان هوڪر، اٹان جو آئين
پيئي ڪيوين اهو خيال وو
٢. ديس تا اپٹا وو ڪيوين ڇوڙيوئي
ڪرين اسان نال ڳالهه وو

Scanned by CamScanner

۳. مئن نہ ڇاتي رمز اهائي
جاني وٹيئي اها جال وو
۴. اڄ تا اوڳي، سڻ سچو ڪنون
ڪيا هووين تون ڪال وو

ڪافي پهاڙي ۽ بلاولي ۷۸۰

ساڏڻي نال، وو ڪيتي ويندا ڏاڍپ يار
۱. يار زوراور اسان نماڻيان دي، وو
نهين منيندا ڳالهه
۲. روز الستي وو آهي اساڏي
جوشان دي وچ جال
۳. درد مندان دي وو ڏاڍا دلبر
نهين سٹيندا حال
۴. دوست اساڏا وو سٹوري سنيان
گهڙي گهڙي ٻئي خيال
۵. نال تساڏي وو مئن تا آهس
سچو تون آپ سنپال

ڪافي پهاڙي ۽ بلاولي ۷۸۱

ڪيوين دل لائي وو، تسان پرديسي نال
۱. نال تنيندي لنؤ تولائي، ڏک نہ ٿيوين پائي وو
۲. يار مسافر چيٹڪ لايئي، هت تئيڪون ڪيهي آئي وو
۳. جاءِ اُهيندي نان آهي، شل نہ هوئي ڪائي وو
۴. آوڻ جاوڻ دي سڌ نہ تئيڪون، اڳيان تيڏي دل چائي وو
۵. الٹ پلٹ دي وي ڳالهه سچو هي، سمجهه ساري اها وائي

Scanned by CamScanner

كافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٨٢

رانجهي دي رسوائيان
سارا لوڪ اسان نون ڏيندا

١. جو ڪجهه سانون رانجهن ڪيتا
سو ولا لوڪ سٽايان

٢. ڳجهيان ڳاڇيان رانجهي واليان
ڪنهن نون مين وکلايان

٣. **سچو** سؤ لک طعني تهمت
چشمان تي چُمر چا چايان

كافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٨٣

فوجان اسان تي ڏاڍيان
حسن والي ديان چڙهيان وي

١. غمزي رمزي لڳي اُهين يار دي
اسان وو نماڻيان نال اڙيان وي

٢. مزگان والي بڙڇين نيزي، لڳي تکيرڙي
دلبر تيڏيان زلفان قابو ڪڙيان وي

٣. ڳجهيان ڳجهيان ڳالهين سهڻا **سچو** سنيالي
حال ڏوليا سدا ساڏي جي نال جڙيان وي

كافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٨٤

سانون وو مريندیان،
حسن والي ديان چشمان وي

١. نينهن دي نيزي لڳي وو لڳي وو نظاري سهڻا
مئن تا لڳڙي وتان تيڏيان قدمان وي

Scanned by CamScanner

٢. برهه ديان بڙڇيان هرڇيان ڪتيان وو خُمار يار
ڪيڏيان هويان ڪيهان رسمان وي
٣. ڏاڍي ڏاڍي ڏاڍي وي ڇـــلا ونـــدئـــين
سهڻا مئيڪون تيڏيان قسمان وي
٤. تئيڏي ٻاجهون مردي جهردي ڏردي اداسين
سچو وو مليندا بسمان وي

ڪافي پهاڙي ۽ پيروي ٧٨٥

آءٌ ادا سالڪ صحيح ڪر تون طلسمانت ڪي
پڇ دُئي تا ڪل پويئي، دور ڪر درجات ڪي
١. سر اهو سارو سٽائج، ڪن نه ڏي ڪرامات ڪي
ظاهر ڏي تا ذات مؤن، پر سمجهه تون نه صفات ڪي
٢. غازي نه ٻانئج غير تون، هن محض موجودات ڪي
سر سڏج هن سر ۾، ڏي منهن نه ٻي مصلحات ڪي
٣. بي اعتباري سان ڪرين، هر هر نفي اثبات ڪي
اثبات ڪؤن اڳنان لنگهي، ڪر تم تون طاعات ڪي
٤. تون ڪيئن وڃي ويهي رهين، هي هاءِ دڪايات ڪي
ڳالهين منجهؤن تا ڪين ڏئي، پڇ اوڏ عُزي لات ڪي
٥. **سچو** رُئين ڇو هيترو بس ڪار هن برسات ڪي
تصديع تون ڇو ڏو ڏئين، محبوب جي محلات ڪي

ڪافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٨٦

اي يارو ميڏا ڪوئي اختيار نهين
آڪٽان اهو عشق دا اسرار نهين
١. درد اهيندي وو يار قيمت نهين، اهو جيها وو مرتبه حاصل نهين
عشقدا سؤدا شهر بازار نهين

Scanned by CamScanner

٢. عشق تا منصور نون ڏيک ڪيا ڪيتا، تنهنکون سر سولي اُنهين برهين نيتا
شوق واليان دا ڪوئي شُمار نهين

٣. ڪنهن پوڇا عاشق ڪنون جا تر پاس صنر، مرض تئيڪون آهِ ڪيها سوڪر معلوم
عشق جيها اور ڪوئي آزار نهين

٤. زهد تقويٰ آئون طاعت ڪيها ڪام ڪيتا، عشق بن ڪيا ڪُفر ڪيا اسلام ڪيتا
جيوين لک سپاهي هئي هڪ سردار نهين

٥. ڪيون نہ مروينديِ هجر والا هاءِ هاءِ، روز شب وائي تنهيندي واءِ واءِ
ڪنار ديوچ جنهندي يار نهين

٦. جي بره دي تيغ تئيڪون ٽڪ ڪيتا، يار تئنکون آپڻا عاشق ڪيتا
خون دي قيمت منگڻ درڪار نهين

٧. لک هزاران وچون ڪوئي عاشق ٿيا، بي سرو سامان اوئي لاشڪ ٿيا
هر ڪهين تي عشق دي تلوار نهين

٨. گم ٿيوين تون يڪا يڪ يار وچ، دل و جان آوين اُهين اعتبار وچ
ايوين آڪيا مرشد **سچو** انڪار نهين

ڪافي پهاڙي ٧٨٧

پلا پلا ڪيهان وو ڪيهان، تو تا سانون تانگهان لايان

١. هڪيئي پچون فوجان حسن ديان، چڑهه چڑهه آيان
٢. آوڻ دا وت ديس اساڏي، تيان سهٽي ديان
٣. وڏڙي ويلي ويسان اٽاهين، جڏي سهٽي ديان جايان
٤. هر هر توبه عشاقان نون، **سچو** سي بره پڙهايان

ڪافي پهاڙي ٧٨٨

تيرا تير لگا هي ميري جان جداهي مُجکون قسم خداهي

١. اس عاشق بيچاري کون تر مار چليا هو
سر اوپر چيرا لعلي ڪيئي اور تير چلا هي
٢. شمشير خونريزي ڪي سجن عريان مت ڪر

Scanned by CamScanner

تيري الم کي آگي عاشق جو فناهي
۳. گل پر جو لٽڪ زلف تيري شاه وگداکيا
تيريان اکيان خوني کيسا قهر کيا هي
۴. کسدن کريئي مهر ميري آءُ گلي ٿر
تيري خاک قدم کي تؤن سر ساه فدا هي
۵. الظالم اس ناز سون مشتاق مارياهي
عاشقان کي خونريزي تجهکون جو روا هي
٦. تيري نام کا عاشق جو پيا اصل همن هون
از روز ازل تيري **سچو** در کا گدا هي

کافي پهاڙي ۷۸۹

آءُ پانڊي کرنال اسان کائي گالهه سڃڻ دي آوڻ دي
۱. هجر تيڊي ميڊا حال وڃايا، اڃان هوت رهي ساوڻ دي
۲. خوب بسنت بهار جو کليا. هڻ آئي مُند ملاوڻ دي
۳. مين غريب نماڻي نون، ناهي قُوت عرض الاوڻ دي
۴. نال **سچو** دي سهڻا سائين! کرکا نينهن نياوڻ دي

کافي پهاڙي ۷۹۰

ٽڳدا وتدا دليان يار ني وي
۱. ساري عالم کون عاشق کيتا، چشماندي چمکار
۲. ده بده نون ديوانا کردا، اکياندا اسرار
۳. نکل باهر هُڻ بڻقعه چاوين، عشق هويا اظهار
۴. ايڊون ايڊون خون کريندا، اِنهان خونياندا خمار
۵. اکيان کول تہ هادي والا، **سچو** ڊيک سينگار

کافي پهاڙي ۷۹۱

پار چناب دي سڻو سنيان! رانجهو سائين وسدا وسدا
۱. سپ دي سيتي هر کنهن جائين، کڙکي آپي هسدا هسدا

Scanned by CamScanner

٢. اُيالمان وو يار اسان نون، نينهڑا لاکي ڏسدا پسدا
٣. ڳالهين نال وي دليان سپ ديان آکين، چاءِ کي کسدا کسدا
۴. سيان نال وو هکو جيها، کيون وو **سچو** کنون نسدا نسدا

کافي پهاڑي ٧٩٢

اُهي اکڻ مهنجي آيا، جن کاڻ سي پير پچايم ٿي

١. پکي اسانجي پيهي آيا، ڏينهن گهٽا جن لايا
جن کاڻ سي پوٽيون پٽايم ٿي
٢. جن لئي روز نهاريم راهان، مولي سي محب ملايا
جن کاڻ سي ساڻي سنيايم ٿي
٣. هن غريب کي گڏ نيڻ جا کياسي سڃڻ سعيا
جن کاڻ سي کانگ اُڏايم ٿي
۴. ڏينهن فراقي لنگهيا اسانون روئندا دوست کلايا
جن کاڻ سي ڏکڑا لنگهايم ٿي
۵. رهيا آهن روح منهنجي تي، فائق جا فرمايا
جن عشق جا سبق پڑهايم ٿي
٦. دل **سچيڏنم** جي تي اصلؤن هادي حکم هلايا
جن کاڻ سي وره وسايم ٿي

کافي پهاڑي ٧٩٣

آوين تون ميڏي کول، وي مئين مرديان

١. تيڏي ڏيکڻ کيتي سُهٽا لک لک خيالي کرديان
٢. اسان تسان وچون وهندي وي، راتيان نديان نديان
٣. سيالين وچون ٻاهر جو پيان، ٻانهي سا تيڏي در ديان
۴. لاوبالیان وي يار سهٽي ديان، ويک سچو مئي ڏردیان

Scanned by CamScanner

كافي پهاڙي ٧٩٤

آءٌ تنهنجي، سارو عالم ڄاڻي، يار چگّي تو تا لائي وو
١. گهوريو پرين پرديس اوهان تؤن، ڪر تون اچڻ جي ڪائي وو
٢. اندر اسانجي يار سڃڻ وي، سنديو سڪ سمائي
٣. طرف اسانجي شال اوهانجي، ٿئي ورڻ جي وائي
٤. مهٽا ڏئي ٿو لوڪ مڙيوئي، دوست توتؤن دل چائي
٥. شال **سچوءَ** جي يار پيارا، لهين تا سُڌ سپائي وو

كافي پهاڙي ٧٩٥

ناهي ڏوراپو ڪو ڏيڻ اوهانکي
يار توسان منهنجي زاري
١. روز ازل ڪُؤن ڇاڙهيئي اسان تي
بار بره جو باري
٢. جاڻي ڪاڻي صاحب ساريان
يار اوهانجي ياري
٣. راتو ڏينهان ڳالهه اوهانجي
پي وائي مُون وساري
٤. درد منديءَ سان ڪنهن ڏينهن
دلبر ڪرڪا ورهن واري
٥. حال احوال جي آهي اوهانکي
سُڌ **سچوءَ** جي ساري

كافي پهاڙي ٧٩٦

مئين بندا هويا ني يار تيڏا وي، شل جيوين، وي يار
١. نال اساڏي ني وي، رانجهن محبت لايوئي وي ميان
آڳ اندر وچ وي ماهيا آڻ جڳايوئي وي ميان
هُڻ ناپچدئين ڪيوين وو شل ڪيوين، وو يار مئين بندا

Scanned by CamScanner

٢. جهنگ سيال وي رانجهن ٿئي تون صدقي وي ميان
راج ڪيڙاندي نه وي ڏولڙ هويا رد ڪي وي ميان!
مئنون پاوين اينوين ايوين، وو شل ايوين، مئين بندا
٣. وِهُ ديان وٽيان نديان ني وي رانجهن سانون ڏسيندئين وي ميان!
نال بنهاندي وي ڏولڙ پهون هسدئين وي ميان!
ملڪ سچو دي ٿيوين ٿيوين، شل ٿيوين، مئين بندا

كافي پهاڙي ٧٩٧

مئن تا نالان كر كر رهيان،
سانون لڳڙا عشق اويڙا

١. ساڏي حال دي خبر نه كائي
تسان نال ميڏي كيهي لائي
كيون مريندیان سنيان

٢. هكو جيڏيان اسان تي هنديان
رلل هوكي رانجهو ڏسيندیان
مئن تا حال كنون هڙ ڳيان

٣. كيتا حسن اسان نون اُداسي
كڏهان رانجُهو مئن كني آسي
اهيندي كيتي بيراڳڙ ٿيان

٤. ميڏي حال دا محرم نه كوئي
كنهن كون آك سڻايان روئي
مئن تا وس انهان دي پئيان

٥. كيتا عشق هادي دي اليلان
آوي ڏيك نه ويل ڪُويلان
سچو لحظي لحظي مئن ليان

Scanned by CamScanner

كافي پهاڑي ٧٩٨

عشقي ۽اجهون ٻيا سڀ ڪوڙ، سُولي تي منصور

١. نہ ڪوئي دوزخ نہ ڪوئي، جنت نڪا حُور قصور
٢. من اساڏا نهين منيندا، مُليان دا مذڪور
٣. ڏينهن جواني لنگهه ڳيوسي، هُڻ ٽياسي جهُور
٤. ظاهر ڏيکيم يار سڃڻ دا، نيٽن والڙا نُور
٥. ٻيان سڀ ڳالهيان ڦڙتيان ڦاهيان، ڇوڙڻ هين ني ضرور
٦. سچو سچ صحي ڪر ڄاڻين، هيئين آپ حضور

ریختو پھاڑي ٧٩٩

تیرے چشم کا چمکار، میری دل کو اثر کیتا
وہ بات اثر کی نہیں، تس بلکہ حشر کیتا
١۔ وہ ناز غمزہ سیتے، آیا ہے یار میرا
یوں دیکھ لائو بالی، زاہد نے حذر کیتا
٢۔ ایك دن تماشے کیتے بازار وچ چلا تھا
تس بائے بائے عاشق سارا سو شہر کیتا
٣۔ ابروء کج کماناں، مژگاں کا تیر کاری
سینے میں عاشقاں کے، لاگن سے گذر کیتا
٤۔ لکھ میر شہزادے، حیران دیکھ ہوتے
دیکھ آپنی غریبی، سچو سو صبر کیتا
٥۔ دیون سے ہکا پھیری، لٹ لے گیا دل میری
آہا فتح سجن تیری، گھونگھٹ سے گذر کیتا
٦۔ تیرے دیداں کا ہے دور تم آپ ہم زور
وہ واہ کی عجب شور، ظاہر سے ضرر کیتا
٧۔ ہك چھیر کا چھکار، ڈوجھی دست وچ تلوار
ٹیچھی صورت سینگار، سچل کو سحر کیتا

Scanned by CamScanner

كافي پهاڙي ٨٠٠

چيرن تا اڄ ڇم ڇم لائي، يارويڪو رنگ لايا هي
١. غمزي رمزي ساز ڪڙي ٽئي، ڳاوڻ والي ڳايا هي
٢. مُنهن مهتاب ڪنون هئي زياده، صورت وچ سوايا هي
٣. شاه گداگر پيران ميران، ڦير اهين ڦٽڪايا هي
٤. عشق جنهاندي اندر وڙيا، نظر تنهان نون آيا هي
٥. رانجهن سائين جاءِ جوڙائي، وچ **سچو** تہ سمايا هي

كافي پهاڙي ٨٠١

نانءُ اهو ئي اهو نانءُ وارو، صورت مورت سائي وو
١. اسم خاني وچون اسما، اِهو ڏس هاديءَ جو جائي وو
٢. آهہ تعجب اهو جو ڪر لوڪان، ذات لڪائي وو
٣. گاهي طاعت گاهي عبادت، سجدو سهو سهائي وو
٤. پي پاروٺ تا ڏئي ڏيڪاري، اوڙڪ خلق منجهائي وو
٥. **سچو** صحي ڪيئي اها سيائي، جا بازي يار بنائي وو

كافي پهاڙي ٨٠٢

دلڙي ڪس ڪي ميري وي چل ڳئي تخت هزاري بيبا
سڀ سيالیان ٿون هُڻ تا هڪواري ٿُٽ پيان بيبا
١. ماهي ڀاجهون وو ڏکيان مئين ديواني ٿيان بيبا
هٽڙي ڏوڪي ول ڳيان سيي سنيان بيبا
٢. حال اساڏي تي روءِ روءِ رهيان، ويڪو سيالیان بيبا
ڏاڏيان ڏاڏيان هُيان عشقديان وو علحديان چاليان بيبا
٣. انگ پيوت رانجهو يار دي ڪيتي لڳئيسان بيبا
وچ هزاري ڀانهيان وانگون پلڙا پئيسان بيبا
٤. بره تڪبيران تكيان وو ني ويڪو اسان تي وهائيان بيبا
ساڏي سِر تي آڪ **سچو** اهي ڪيڏون آئيان بيبا

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ٨٠٣

رانجهـا طـبـيـب دلـيـنـدا پـيـارا
سـڏ اسـاڏي فـريـاد مـاهـي
١. مئن تي رانجهن ڪوٽ وساريا
هـنـجون دا ڪـيـتـم گـارا
٢. ڪـوٽ جُڙيـا بـر آمـد هـويـا
چوڙ چُلـيـا وڻـجارا
٣. مئن تي رانجهي ڪوٽ اُهين وچ
نـيـنـهـن دا مـاريـا نـعـرا
٤. ڏيـنـهـن آوڻ ڏيـنـدا نـاهـين
راتـين لـنـگـهـسـون چارا
٥. **سچو** سـئـل تـنـهـنـدا هـويـا
ڪـيـهـا مـحـل مُهـارا

ڪافي پهاڙي ٨٠٤

مُک مهتاب سچڙ تا سنيان، گهونگهٽ وچ لڪايس
١. ڏونـهـين نُور تجلا ڏيـنـدا، ڪـيـون وت آپ ڇپـايـس
٢. ظـاهـر بـاطـن سـوئـي آهـا، بـازي پـيـد بـنـايـس
٣. چشـمـان دي چمـڪـار نـه لڪـدا، لاشـڪ بـرهـا لايـس
٤. **سچو** وچ آدم دي آڪـي، سـارا سـوز سـمـايـس

Scanned by CamScanner

داستان ڏهون جوگ ۽ مارئي جي کافين جو

کافي جوگ ۸۰۵

اوڏنهن آئين کانگل ادا لئون تون چگي اڄ لات کا
کي هُت هُئي محبوب کي مشتاق جي مصلحات کا
۱. هيڏي اچڻ جي کا هُين ڏي تون مونکي تسلات کا
مُون هن نماڻي وٽ آهي رهندا اچي هت رات کا
۲. پي تا هوندي هيڻي ادا ظاهر جهڙيم ذات کا
پيغام مون ڏهن پرت جا ساڻي آندوَ سوغات کا
۴. هيکند هُئڻ جي هوت سان سائين کندم ساعات کا
دلبر ٻاجهون هکدم **سچو** بيهي اها برسات کا

کافي جوگ ۸۰۶

سر ساڏي آيا وو يار، عشق زورازور هئي

۱. حُسن ديان فوجان چڙهيان، لٽ پٽ سيتي لحظي لڙيان
مئين بيچارا کؤن وي يار! شهه مچايا شور پي
۲. مئي دا پيالا پُر ڏتوئي، هوش سارا لُٽ نِتوئي
ايک پيالي پيوڻ دي نال دل جو کاڏا دؤر پي
۳. دستؤن سوئي هادي ڏتا، بسمل سيتي مئن پر پيتا
قدر پيالي دا وو يار کؤن ڄاڻي اور پي
۴. مُدت پڇاڻون آءُ کي دلبر سانون ڳل لاءِ کي
اپٽا کيتس وي يار، ٿيا **سچل** دا غور پي

کافي جوگ ۸۰۷

عاشق شهادت کر قبول، رک فنا دا خيال پي

۱. ان في قتلي اشارا سخن اي تون سڻ سچارا
اينوين آکيا رب رسول، جسم هي جنجال پي

Scanned by CamScanner

۲. اِهين جسم دا ڪر وسارا مار اناالحق دا نعرا
وحدت اندر ٿي وصول، وصل برحال پي
۳. موج زورازور آسي، مُشت خاڪي لڙه ڪي جاسي
نينهن خود ڪرسي نزول، دم اُهين هڪ سال پي
۴. عشق انبوه ڪريسي، سير سڀ عالم وڪيسي
سر **سچو** ڪر قتول، پڪڙ نيسئي نال پي

ڪافي جوگ ۸۰۸

اڄ اساڏنهن آئي آئي
پانڊي پريان دي وو ميان
۱. روندي سڪدي سال جو لنگهه ڳئي
ڏينهن گهٽي وچ لائي لائي
۲. درد فراق رانجهن دي ميان
ڏاڍا ڪو مچ مچائي
۳. نينهن دي نياپي رانجهن والي
ڏاڍي سو جوش جڳائي جڳائي
۴. آگ عشق دي من ميڊي وچ
ڏاڍا ڪو دود دکائي
۵. بار بره دا مشڪل هويا
چُر **سچو** سِرچائي چائي

ڪافي جوگ ۸۰۹

مئين تا ڏيوان هو ڏيوان
سُهٽي ڪُون وي ڪيهي ڏوراپي
۱. اپڻا حال اڳون سيان دي
پيلي نيوان هو نيوان

Scanned by CamScanner

۲. وچ هزاري کوليانديِ کولي
پيلي جيوان هو جيوان
۳. هنجون دي نال چاڪ سيني دي
پيلي نيوان وو نيوان
۴. **سچو** پيالا محبت والا
پيلي پيوان هو پيوان

کافي جوگ ۸۱۰

حُسن دا هرکارا، سهڻي والا وي آندا
چڑهه کي سانگين والا پر پيالا
۱. ڏيندا دستؤن آڻ کي سانون، کيفي ٿيا هشيارا
۲. آوڻ نال جو لٽ نتوني، شهر دليندا سارا
۳. بانکي نيڻ انهاندي هوندي، مار گهتين سردار سهڻي والا
۴. **سچو** وکالت گهن جو آيا، بره وڏائڻ بار سهڻي والا

کافي جوگ ۸۱۱

يار وچ بيخودي کڏهڻ کڏهڻ آوندي هُون
چوڙ عناصر چارئي صاحب سڏاوندي هون
۱. مملکت مُفلسي بادشهه بيکسي
تنهن وچ اسکندري نؤبت وڄاوندي هون
۲. ياد نه کوئي آوندا غير نه سماوندا
هکو هک هورهيا راه نه پڇاوندي هون
۳. کشور کئخسروي طبل وڳا سنجري
اٿ اُٺ نغار دي چوٽ پي چلاوندي هون
۴. خيماهي خاک دا چاڪ کرون چاڪ دا
واءُ جو وحدت والي نال چا اڏاوندي هُون
۵. سچو اٿان نانءُ نهين، کنهندا اٿان پانءُ نهين
ظاهر اهو نانءُ رک عالم پُلاوندي هون

Scanned by CamScanner

كافي جوگ ٨١٢

رو رو رهيان يار، تئيكون آوڻ مناسب هي سائين

١. روز الستي سر چاتم، بره تُساڏيدا بار
هجر تساڏي كاهل كيتا، رووڻ زارو زار
٢. لون لون وچ لپيٽ رهي هي تن من تيڏڙي تار
لک كروڑين كتلي آكان، مارئيي سو حُسن هزار
٣. اكيان تيڏيان گل گلابي، خوني عجب خمار
ظاهر نال زبان كريسان، عشق تيڏيدا اسرار
٤. چشمان بحري باز تساڏيان، شوقي كرن شكار
عاشق كتلي قتل كيتا هئي، صورت دي سينگار
٥. تيڏي كارڻ جوڙ پاتوسي، گل هنجون دا هار
سولي تي منصور چڑهيا، تيڏي چشمان دي چمكار
٦. كيون كر اسان نون كيتا، برهي بي اختيار
دين مذاهب كل كنون، يار سچو هي بيزار

كافي جوگ ٨١٣

نهين آوندي اسانون كس وي يار
قاضي كيهي جو كريندئين مسلي
١. پاپل آڻ كي چاك كڑايا
گيا ميڈي دل كس وي يار
٢. چڑيسان وو تخت ضروري
ويسان جهنگ دس وي يار
٣. اهين دي خاطر ويندي ميڙ
اهين وي يار
٤.....
.....
٥.....
.....

Scanned by CamScanner

كافي جوگ ٨١٤

سيو ميڏي من پائندا پائندا، رانجهو محرم حالدا

١. پڳوي ڪپڙي پهر ڪرا هُڻ
ڳلي اساڏي ڳائندا ڳائندا

٢. سيرين بازارين ڳلي ڳلي وچ
ول ول ڦيرا پائندا پائندا

٣. تخت هزار چوڙ ڪراهُڻ
اٽان سوچاڪ سڏائندا سڏائندا

٤. ڪيهي ڳالهين رانجهو سائين
عالم وچ پلائيندا پلائيندا

٥. آها صاحب ملڪ ساريدا
عاشق هوڪر آئندا آئندا

٦. شاهي قرب وجاءِ ڪرا هڻ
ڪم چاڪدا چائندا چائندا

٧. ڳل ڪي ڪفني دست پهوڙا
آندا جهنگ پچائندا پچائندا

٨. ڪڏهان سيل سيان وچ ڪردا
ڪڏهان سچو وچ سمائندا سمائندا

كافي جوگ ٨١٥

جهانگيڙن ڪؤن جدا ٽيڙس جيلاهون،
سهسين سور سهٽا هتڙي تيلاهون

١. هئي هئي حال منهنجو عُمر هي آهي، اُنهن ٻاجهون جيئڻ منهنجو ناهي
پنوهارن ڪون وو پيڙس پراهون

٢. قسمت قيدالماء جي هت آندو، اُنهن ٻاجهون آهي هي هنڙو ماندو
وساريو مونکي جهانگيڙن ڇاهون

Scanned by CamScanner

٣. راتو ڏينهان رُڳان ٿي ساريون، ويٺي در الله جي ڪريان ٿي زاريون
پُڌندو آهو ئي هن جون ايلاهون

٤. مارو شال وري مونکي ياد ڪري، پلڪان ڪانئس جي هت پئيڙس پري
حال ڏسي اچي اوراهون

٥. ڇڏي محل ماڙيون وڃي پٽ پسان، بيگانن ڪوڻ وڃي پنهنجي راڄ رسان
ڳالهيون ڳرهيون ڪي ڳل ٻاهون

٦. وري پنوهارن جي پکي آءٌ پيهان، سگهڙي مارن سان لاوان شال لهان
ويٺي ڪريان اهي آهون ۽ دانهون

٧. **سچو** سنگهارن سان هيڪاندي آءٌ ٿيان، گڏجي انهن سان پاڻي مينهن پيان
ڪين جو خبرون وو ايندم اوڏاهون

ڪافي جوڳ ٨١٦

تجهه بن ڪهين نهين ڪيتا، دلبر وي دارو درد ميڏيدا حال ميڏا

١. مئين رانجهن دي رانجهن ميڏا
ڪيڙا لڪ پليتا

٢. آندي جاندي ڦيرا پاندي
نيٽين خيال نيتا

٣. مست پيالا رانجهن والا
دست انهان دي مئن پيتا

٤. ناڪنهن اُٽيا نا ڪنهن ٽُٽيا
سچو ڪهين نهين سيتا

ڪافي جوڳ ٨١٧

رات مُڪم روئي، ساري سلام سنگهارن ڏي ميان

١. اکيون اباڻي پار ڏي، بيٽيون جُهڙ جهوئي
٢. اباڻن جي آسري، ليڙون ٽيم لوئي
٣. ونڊن ورڃن پاڻ سي، ڏونرن جي ڏوئي

Scanned by CamScanner

۴. لکي ڪاغذ مون وڏو، پکيءَ کي پوئي
۵. کي ڏينهن ڏويم ڪيت سان، آب ۾ري اوئي
٦. اوهان ٻاجهون ڪونڪو، ڪل لهي ڪوئي
۷. مارو ملندئي مارئي، **سچل** کي سوئي

ڪافي جوگ ۸۱۸

ڏاڍا سقيلا وي جنهان لڳا، تنهان خاصيان خبران

۱. لکان وچون ڪوئي پڇسين، رانجهن والا ٻيلا
۲. جان جٹا جنهن صدقي ڪيتا، نال ماهي تنهين ميلا
۳. ٻارنهن ماه جو نال لوڪان دي، نال رانجهو هڪ ويلا
۴. وايان سيي ٻيان **سچو** وساريان، روح ڏنا اٹان ريلا

ڪافي جوگ ۸۱۹

تون تا ڪڏهين ايندين وو يار، تنهنجي روز نهاريان راه

۱. سرتي چاڑهيا سپرين، بره تنهنجي بار
۲. راتو ڏينهان رُوح کي، تنهنجي سار سنيار
۳. وهن ٹا واڪا ڪيو، نيٹن سندا نار
۴. آءٌ تا هڪڙو ناهيان، تنهنجا عاشق لک هزار
۵. سور سندئي ميان سپرين، مونکي ڪوه ۾ هٹن قهار
٦. پرين پارج پانهنجا، جي ڪيئي قول قرار
۷. ڏوه ڏيان ٻئي ڪنهنکي، آهي مؤن ئي سر ميار
۸. اندر منهنجو اڏ ڪيو، جاني انهيءَ جار
۹. اٹئي پهر ٹي وڃي، تنهنجي تند تنوار
۱۰. مُئي ماري اتهين، تون وئين ڏنهن وٹڪار
۱۱. **سچو** سڳ اوهان جو، ٹو روئي زارو زار

Scanned by CamScanner

كافي جوگ ٨٢٠

هجر ماهي دي ماريان
اڙي سنيان مئين تان
١. نال ڏاڍي دي زور نہ چلدا
پائي ڳچي وچ ڳاريان
٢. پون ميڏيان مانَ قبوليت
يار ڏاڍي نون زاريان
٣. فوجان فراق ديان ابر اساڏي
بره ڇاڙهيان هُن باريان
٤. ڳالهين رانجهو ديان يار راتو ڏينهان
سارين اُهي ٻيٽي ساريان
٥. نير ديان نديان سُڻ **سچو** ري
جوش ڪنون هويان جاريان

كافي جوگ ٨٢١

ميڏي تو دل زوري زوري دي نال نيتي هي
١. سِکين ڪنهان ڪنون سُهٽا سائين
چشماندي هڻ چوري چوري
٢. راتو ڏينهان آهہ تساڏي
جيءَ اساڏي ڪون جهوري جهوري
٣. ڳل اساڏي تيڏي آهي
يار ڏاهـا وت ڏوري ڏوري
٤. يار **سچو** ڪون سُهٽا سائين
لاءِ ڳيون ڪيهي لوري لوري

Scanned by CamScanner

كافي جوگ ٨٢٢

نينهن نشان كتوئي، هُڻ تا مُڙڻ ناهين

١. روز الستي آپي ڇاڻي، باري بره ڇاتوئي
٢. ظاهر هو كر مار نغارا، عشق كيون اكتوئي
٣. زهر پيالا محبت والا، پُر كر پاك پيتوئي
٤. سر **سچو** دا يار پيارل، ڳوڙهي رنگ رتوئي

كافي مارئي ٨٢٣

ڏوراپا ڏيئي، كنهن هٿ مُجان وو مارئين

١. وساري ويهي رهيوَ، حال ٻڌي هيئي
٢. مڙي اچو مُون ڳري، آهيو جهانگيئڙا جيئي
٣. كيئن سا پهنوارن، پري هيءَ پيئي
٤. لهو سڌ سنگهار جي، آهيو اتيئي
٥. كو رساڻي راج كي، هي نياپا نيئي
٦. **سچو** چيائون كين سا، جا ويڙيچون ويئي

كافي مارئي ٨٢٤

مارو اهي مليام، عمر ڇام، وو طلب جنهن جي آهي مون كي

١. كرم كيائون كيترا، ڏوڻي هٿ ڏڻام
٢. هٿ جنهن كي هٿ پي تنهن كي نا آرام
٣. پاريائون سي پانهنجا ميان! كيئؤن جي انجام
٤. كاڌهن **سچو** سالك سان، ميان ٿي طلب تمام

كافي جوگ ٨٢٥

پيارا لي ڇل اپٽي نال، نهين تہ مر مر جاندیان وو الله

١. عشق تساڏي ماريا نعرا. جهنگ سيال پي ڇوڙيم سارا
تخت هزاري مئن آندیان

Scanned by CamScanner

٢. تيڏي ڪيتي ڦران اداسي، ويس وڳا سڀ رنگ سناسي
ڀهون ڀهون اٽي ماندیان وو الله
٣. درد فراق جو مئنون ماريا، خويش قبيلا وطن وساريا
خون جگر دا ڪاوندیان وو الله
۴. تون تا ميڏي دلدا جاني، عشق گهتي ڳل وچ ڳاني
جوڳٽ ٽيڪر ڳاندیان وو الله
۵. گهت جدائي تؤن نہ مارين. **سچو** سائين تون نہ وسارين
پاند ڳچيءَ وچ پاندیان وو الله

ڪافي جوگ ٨٢٦

نِتُ نِتُ پچدئين سهٽا سائين! ساڏڙا حال ذري ذري وو

١. رانجهن سائين چا ڳل لائين، ڪيڙا ٽيون هُٽ پري پري
٢. عشق لڳا هُٽ دعويٰ چُڪ پئي، ڪيهي ڪيهي وت شري
٣. عشق واليان تي طعني جو مارن، سوئي ڪيد شال مري مري
۴. دوستان ڀاجهون ڪوئي ساڏا، نهين **سچو** سري سري

ڪافي جوگ ٨٢٧

رانجهو سردا سائين وي سُٽ هُٽ مايا وي مولي! ملايا وي

١. جٽان ڪٽان وي سنوري سنيان سڀ سهٽي ديان جائين
تنهندا مهٽا مئن سر چايا وي
٢. اندر ڀاهر اهو هي هادي، ڪيون تا تخت پچائين وي
لون لون ديوچ سچڙ سمايا وي
٣. بخشيا مئين وي آپ اُهينكون، تهندیان سؤ پلائين
تنهن تان ميڏا وي پاڻ وسايا وي
۴. وچ هزاري وي هُل جنهندا پاند تهينكون ني پائين
سچو يار وي چاڪ سڏايا وي

Scanned by CamScanner

كافي جوگ ٨٢٨

ماهي يار محرم ميڏي حالدا
مُنيكون كيڑاندي راه كنون

١. كهي كوڙي مسلي تون اكيندئين قاضي
ڏر عشاقاندي آه كنون

٢. كيڑي ڏهون ميڏا كوئي خيال نهين
دلؤن چاڪ چاتم ڏاڍا وي چاه كنون

٣. لڳا عشق مين تاهڙ چڪ پيان
اهين سيالياندي صلاح كنون

٤. سنيان سڏو سڀي رلمِل رانجهو
اوڏا وسي سو ساه پساه كنون

٥. جي تا مئين ٿون پوچو تكرار ٿيوي
ساري ڳالهه حاصل ويساه كنون

٦. هكو پل پاسي شال نا هووان
مئين تا يار ماهيدي نگاه كنون

٧. ملامت چاوين سر موڙ كڑين
اِهين عالم دي وهواه كنون

٨. **سچو** سر هادي دا وو حال جهليو ئي
گوشاگهن ثواب گناه كنون

كافي جوگ ٨٢٩

مئين تا آپ هويان رانجهو يار
سائين صحي كر ڏيكيا سارا سير اسان

١. توحيد والي ڳجهي ڳالهه هوئي
كيتي عشق سا اظهار

Scanned by CamScanner

٢. جائي ڳالهه لکايم لوڪ ڪنون
سائي اڇ ٿئي نروار
٣. لانگها لنگهه ڏريم پير سير اتي
وچ تار پيس تکرار
۴. چوٽي پير ڏيکيم سارا آپ دا
عجائب جيها اسرار
۵. منصور والا معلوم ٿيا
خونيان وچ ميڏي خمار
٦. **سچو** نام تيڏا عجائب سارا
کليا گل وچون گلذار

کافي جوگ ٨٣٠

جڏان گرد ٿيون روگردان
آکڙي خان وچ ميدان
١. وچ ميدان محبت والي، الله ميان
نهين آون نامردان
٢. جان جمعيت نهين أنهان نون
سدا هوون سرگردان
٣. اهو طريقا وحدت والا
آک چوڙيا شاه مردان
۴. عشق والي اهو درجا چاڻن
سُڌ نهين بي دردان
۵. **سچو** ساعت اِها ڪر چاڻين
ڪم نه گهٽين فردان

Scanned by CamScanner

كافي جوگ ٨٣١

اوڏهون آئي آئي
ڏاڍي ڏوراپي
١. انهان عتابان سنوري سيان
عشق دي مچ مچائي
٢. خاطي دي هٿون آک مُٽيوني
تهن ساري آن سٽائي
٣. سٽڻ نال مونجهه سو ڳيڙي
برهين بور بچائي
٤. تهين ڏهاڙي **سچو** نماڻا
انگ پيوت رمائي

كافي جوگ ٨٣٢

مون تا توکي اڳهين ٿي چيو، نه تون دل ڦاساءِ
١. آهون داهون ڇو کرين سير سيڙ سنديائِ
ڪُڇ پڇ ڪنهن سان ڪينکي، ٻولي ٻي نه ٻڌاءِ
٢. وڇڙيا گڏ گڏي پرين! والي ورق وراءِ
ٿوري گهٽي ڏينهڙي، ڪندءِ ماڙ خداءِ
٣. سانگي ويڙا سانگ تي، پنهنجي سانگ سُڌاءِ
پاڻون ڇاڻي پريت مؤن پوءِ کرين هاءِ هاءِ
٤. **سچو** سپرين لاءِ کوڙين کانگ اُڏاءِ
تو ٻئي ساريو جن کي، تن بي سک سنديائِ

كافيِ مارئي ٨٣٣

هوجي ماروئڙا ٻيهر مان ملن، شل الهه اوراهون ڪندن سانگي سانگ سندن

١. ويڻي آهيان واٽ تي
من اچيو حال پڇن

Scanned by CamScanner

٢. پڪا پڪن سامهون
اوري آڻـــــــــــي اڏن
٣. انهن کارڙ جيڏيون!
منهنجون اکيون رت رُئن
۴. اصل لاکون آهي
سچو سڏ سندن

کافي جوگ ٨٣۴

مئين اصل ڪنون وچ پاند نهين، اِها رمز لڏي لکان وچون ڪهين

١. ڪيڏي تسبيح ڪيڏي وو سجاد رهيا، ڪيڏي قيدي ڪيڏي آزاد رهيا
ڪيهي سُور تسان ول سِر تي سهين
٢. ڪيڏي ذڪر ڪيڏي وت فڪر ڪيا، ڪيڏي صبر ڪيڏي وت شُڪر ڪيا
هر پولي پڇن نِتُ پول رهين
٣. ڪيڏا هُل ڪيڏا غوغاءُ رهيا، اندر باهر اهو هو سَرُ پاءِ رهيا
اهين نال اٿين، اهين نال بهين
۴. ڪيڏي جان، ڪيڏي وت جسم ڪيا، ڪيڏي مئن تسان ڪيڏي رسم ڪيا
اهو اوئي هويا جو آکدا هين
۵. **سچو** ڪون وو هادي اها ڳالهه ڏسي، اٿان آڻان اها ول چال ڏسي
صدقي تنهن تون وڃان، ڪيتي بخش جهين

کافي جوگ ٨٣۵

آءُ وَسُ ميڏي ويڙهي، سڙ حال وي ميان رانجها

١. مئين تا تيڏي تون تا ميڏا، گهول گهتان سپ ڪيڙي
٢. ڪيڙياندي ننگري ڪنون توبه هيئي، لٽي اسان ٿون جهيڙي
٣. راتو ڏينهان تئن ڪاڙ سکدي، رب تسان نون ميڙي
۴. لڳيان دلين دي ڪيهي مسلي، قاضي ڪؤن نبيڙي

Scanned by CamScanner

٥. رانجهو سائين دُور نہ جاوين، وَسُ نيٹاندي نيڑي
٦. سدا تون آوين نال فضل دي، يار **سچو** دي ديري

كافي جوگ ٨٣٦

رهجي اچي يار، توسان منهنجي

١. آءٌ چا چاٹان عشق منجهارون، برهي والڑا بار، توسان
٢. طرف نہ ٻئي كنهين خيال نہ ٻايا، آهي سدائين يار، توسان
٣. هوندیون هي گڏ اسان سان، نيٹن وهايم نار، توسان
٤. ٻانهن **سچوء** جي سهٹا سائين، لاتي آهي سردار، توسان

كافي جوگ ٨٣٧

رانجهن ويڑهي آيا، هي هَل پيا وچ كُل سيالين

١. ڳل وچ كفني دست پهوڑ، اتهن كيا بيک بنايا هي
٢. جيڈي تيڈي رانجهو سائين، كيڑا كنهن كڑايا هي
٣. ايڈون اوڈون سنيان آكن، اج چوچک چاک منايا هي
٤. شاهي قُرب وجاءِ كراهڑ، تنهن كم چاک دا چاياهي
٥. صورت وچ **سچو** دي سائين، آكي آپ سمايا هي

كافي جوگ ٨٣٨

تخت هزارا چوڑ چوڑ آيا، ماهي ميڈي سانگي

١. لوكان ليكي چاک منجهيندا، ميڈي ليكي حق توڑ آيا
٢. تخت هزاريدا جوڳي آيا، ٻنهان كنون مُنهن موڑ آيا
٣. اسان رانجها هک ٹيوسي، ذات كيڑاندي ٻوڑ آيا
٤. **سچل** نون چا اپٹا كتوئي، گهت زلف دي ڈور آيا

كافي جوگ ٨٣٩

سو حقيقت سنيان، وو ماهي مزگان نال مريندا وو

١. دم دم دي وچ دوست سجڑ دي، لحظي لحظي ليان

Scanned by CamScanner

٢. زوري زور گهتدا سهٹا، رمزان کيتان ريان
٣. ناچو وانگر نينهن نچيندا، شرم حياکنون ڇيان
۴. شهر بحروچ هوکا ڦردا، مئن مستاني ٿيان
۵. مئين رانجهن دي رانجهن ميڈا، کيڙيدي پاس نہ پيان
٦. سيني ديوچ سرس **سچو** دي، برهي لايان بئيان

کافي جوگ ۸۴۰

غير دي خيال کنون، هڻ هادي، سانون توبه توبه

١. جيهي تيهي تيڈي آهس، دور نہ کرين وصال کنون
٢. آپون آپ جمال وکايئي، مئين ڇيان هر حال کنون
٣. نانءُ سائين دي سانون بچائين، اوران دي قيل قال کنون
۴. عرض اساڈا من تون هادي! سُنهن مئيکون ٻئي سوال کنون
۵. گڏ هووڻ دي آکيئي اسان نون، ڇهلي ٿيان اهين ڳالهہ کنون
٦. دين کُفر کنون قسم کنيو سي، بس اهين وو وبال کنون
٧. عشق اسان نون الف پڙهايا، ٿهہ ڇئي دل دال کنون
٨. کڙم سيوئي کوڙي آکي، سچي ٿيان سنيال کنون
٩. جند **سچو** دي نال تُساڈي، ڇُٽ ٻئي جنجال کنون

کافي جوگ ۸۴۱

رانجهو يار تساڈي مئن تان نال کيکر کتان
جيوين تيوين پالين ڇوڙين متان

١. راتو ڏينهان آهہ اساڈي جوشان دي وچ جال
تند نہ گهتان

٢. پيتم روز ازل ٿون سُهٹا عشقدي زهر پيال
کيتم نہ تان

٣. دل اساڈي ٿون دلبر سائين، ٻول ڇئي سڀ چال .
پنجان ستان

Scanned by CamScanner

۴. چوڙ آياسي اپٽا ديسڙا ماهي تيڏي خيال
رونديان رتان

۵. مهر پويئي يار لهين تون **سچو** دي بہ سنيهال
ڏيوين نيٽين لتان

كافي جوگ ۸۴۲

چو ٿو چڏين، چوٿو چڏين
آءٌ تانهنجڙي آهيان مونكي هاڻي

۱. پاڻ پنهنجو پاڻهين
ساڻ غريبن گڏين

۲. پكا پكن سامُهان
اوري سي دلبر اڏين

۳. **سچو** نهاري واڙيون ايندين
سو صاحب كڏين

كافي جوگ ۸۴۳

سهٽا توكي كيهو هاڻي هاڻي
ڏوراپو ڏيان پلو من موهٽا

۱. وس ويچاريءَ جو ناهه اصل كؤن
تون پرين پاڻهين چاڻي

۲. اندر منهنجي وو آهي اوهانجي
ڏاڍي سا سك ساماڻي

۳. اوهان پاجهون ويٺي اوتيان
پنبٽن مؤن پاڻي

۴. **سچو** اوهانجو آهه اصل كؤن
پنهنجو سو سگ سجاڻي

Scanned by CamScanner

كافي جوگ ٨٤٤

تسان نال ميڈي كيهي لائي، فرياد وي ميان رانجها

١. جي آوين تا آءُ پيارا نہ تہ ويسانئي مرجائي

٢. طرف اساڈي كڈهان نہ لكيئي، يار كتابت كائي

٣. اسان نماڻيان ٿون يار پيارا، كيون ويندئين چت چائي

٤. پاوين مئيكون سهڻا سائين! ڳالهہ تيڈي مئين ڳائي

٥. روز ازل كنون يار تساڈي، وات **سچو** دي وائي

كافي جوگ ٨٤٥

تخت هزاريدا رانجهو آيا وي آيا

سيالين تامُشك مَلاياوي مَلايا

١. عطر عنبير دي ٿئي هُيكاري

جهنگ سارا تنهان چايا وي چايا

٢. سوهيدا سپ ويس كتوني

رنگ رنگيليان لايا وي لايا

٣. عشق حُسن ديان فوجان رلكي

ڈوهين مچ مچايا وو مچايا

٤. فوج حُسن دي زور پؤگئي

عشق ايلاز الايا وي الايا

٥. سوز گداز دا سبق اسان نون

سچو يار سكايا وي سكايا

كافي جوگ ٨٤٦

آكہ تہ نالا فقير كيون كر سڈاوندئين

عشق دي ميدان وچ مول نهين آوندئين

١. غفلت وچ عمر سپ تيڈي برباد هُئي

Scanned by CamScanner

مستي ميخانہ ڈھون وقت نہ ڪنهين جاوندئين
۲. زندگي هئي عذاب هئي اونهين يار بن
سمجھہ تساکون نهين لوڪ نون سمجھاوندئين
۳. بات بره دي بيان ڪردئين عالم اڳون
واءِ تيڏي حال تي پانؤ نہ اوڏهون پاوندئين
۴. دعوا ڪرين عشقدي خوش رهين تعريف وچ
بار ملامت والا سر تي نهين چاوندئين
۵. خوش لباس آون غذا تيڪون پهون آرزو
يار دي جدائي ڪنون انگ نہ بسر لاوندئين
۶. حيف تا صد حيف هئي حال تُساڏي اُتي
ڪير منجهين دا پيوين قورمي رل ڪاوندئين
۷. مست **سچو** هو رهيا پيالاپي شوق دا
آپ تہ نچدا نهين لوڪان نون نچاوندئين

ڪافي جوگ ۸۴۷

مالڪ هئين مُلڪ دا چاڪ ڪيون سڏاوندئين
تخت هزارا تيڏا جهنگ ڪيون پچاوندئين
۱. عشق وي لاوڻ دي پئي خواهش تئينون ڪيهي
سيل سيالينديڪاڻ ڏڪ سر وساوندئين
۲. آيو ئي خوش درد ايهہ چوڙ گهتيوئي عشق ڪون
عشق دي ميدان وچ نوڪرڻي آوندئين
۳. ٽولي ڪر آونديان تيڏي ويڪڻ دي ڪيتي
ڪُڙيان سيئي سُهڻيان درس تينهان پاوندئين
۴. ويڪ چناه دي ڪنڈي سبز ڪڙيان ٽاليان
نال سياليان اٽان رلڪي جهمر پاوندئين
۵. اٽون آکر اٽان ويس جوڳياندا ڪيتئي وو

Scanned by CamScanner

مانجهي منجهياندا ٿي ونجهلي وڃاوندئين
٦. **سچو** پيا ڪوئي نهين باقي وحدت هوئي
جوڙ ڪي ڪثرت ساري اکيان اٽڪاوندئين

ڪافي جوڳ ٨۴٨

دم دم جا ديدار وو، اپر اسان جي ائيٽ تي

١. بگا ڏاند ٻڌائون ٻيئي، تن جي ڳالهه ڪريان آءٌ ڪيهي
وهن ڏارو ڏار، اسان ڳاڏي ڪاهه ڳٽڪارتي
٢. پاروني هڪڙي چڪريون ٻيئي آرا انهن جا آهن اهيئي
وهن بارو بار وو، اسان لٽ واري للڪار تي
٣. ڦرهيون ونگڙيون آهن اوپاريون، اِرڙيون سونهن مالهه ڪي موچاريون
جهلٽ جا جهلڪار، اسان لوٽن واري ڏڏڪارتي
٤. ڏيڏي ڇوڻڪ جوئر جا نسري، ڳنا تن جا ماڪي مصري
ڪيرن جا بے خمار وو آهن پيهي واري جي پونجارتي
٥. ڪانگن ڪانگيرو وهين واهيرو، ٻوڙين جهرڪين ڳيرن ڳهيرو
ڳوڙهن جا وسڪار وو، اسان جي جوئرجي جنسار تي
٦. آيو نيسر پاڙچ ۾ پاٽي، مرشد اچي ٽيڙم ساٽي
ساجُئرِ پچايم جار، آهن ڪر **سچل** جا ڪلتارتي

ڪافي جوڳ ٨۴٩

جڏهان موج مستي دي آئي، بيخودي ٽئي جسم ڳيا

١. ڇوه ڏاڍي ديان ڇٽڪيان ڇوليان، هڪي آون ٻيان وت نوليان
ٽي ڳئي موج سيائي
٢. وچ درياه وحدت والي، جان جسم دي ڳئي وي سنيالي
ڪار نه چلدي ڪائي

Scanned by CamScanner

٣. جنهندي وچ وجود نه رهندا، قيام قعود سُجود نه ٿهندا
رمز اناالحق لائي
٤. **سچو** سارا ٿيا وت پاٽي، وچلي وائي گرد اُڏاٽي
جوئي آها سو ٿيا جائي

كافي جوگ ٨٥٠

گهوري هي جدائي اڙي ميان! پنوهارن ٻاجهون پور پيا
١. صبح ويلي ميان سومرا، الله ميان خبر اها مون آئي
٢. لنگهي مُلک مليرجو، ويڙئي ويڙه سپائي
٣. لاڏن پنهنجي لوءِ ڏي، وائي پوءِ ورائي
٤. پائر كنڈئين كينكي، وهندا ساعت كائي
٥. . كنين ٻُڌان كينكي، وري اها شل وائي
٦. ڏوٽي پنهنجي ڏيهه مؤن، كندا كيئن نوائي
٧. عمر اباٽا ڏيهه ۾، سرها هُون سدائي
٨. موٽي نه وجن اوڏهين، جنجي سڪ سمائي
٩. هوءِ هوءِ هنجي حال تي، پاڳيا كرڙ پلائي
١٠. **سچو** سندن ساڻ ۾، كري مَرُ ته گدائي

كافي جوگ ٨٥١

ڏوجها كوئي نهين، هيئين آپ الله
١. صاحب توهين، صاحب ڄاڻين، كولي وچ گناه
٢. آپ كون مول نادان نه ڄاڻين، دوست هيئين تون داناه
٣. جوئي اندر، سوئي ٻاهر، متان ٿيوين گمراه
٤. **سچو** سچ اهو كر ڄاڻين، هوش ركين همراه

كافي جوگ ٨٥٢

تون تا ميڏي جان
رانجها وو تون تا ميڏي

Scanned by CamScanner

١. عاشقان ٿون دل ڪيوين وي چاٽئي
عالم پئي وچ گمان
٢. آپ چاٽيندي مئين تا آهس
تيڏيان قدمان تؤن قربان
٣. راتو ڏينهان دلڙي اسا ڏي
درد ڪيتي ديوان
٤. عشق تيڏي ڪنون يار **سچو** وي
هوئي جند حيران

ڪافي جوڳ ٨٥٣

آءُ ميان رانجها سائين ساڏڙي نيڙي
ڪيتوئي بيراڳي سانون آ وس ويڙهي

١. شوق تساڏي سائين شور مچايا، سوز فراق وچي دن رين گنوايا،
لوڪ ساريدا مهڻا سرتي مئن چايا
٢. تيڏي ڪيتي مئين تا ڦران وو فراقي. ڪِس دِن آوڻ مئين ڏهون ٿيوين اوطاقي
ڪيون ٿيون اسان ڏهون يار تون ياقي
٣. دور نہ جاوين ساڻون چٽڙا چائي. ڳالهہ ملڻ دي سائين ڪرين تون ڪائي
دل ڪون ميڏي ٿُسان هوءِ هوءِ لائي
٤. آهہ اُداسي ميڏا جيئڙا جاني. روح تي رهہ ڳيا نينهڙا نشاني
اِهين ڳالهيؤن مئين تا ڦران وو ديواني
٥. اسان وو مُسافر تيڏي شهر آيوسي. نال تُساڏي سُهڻا عشق لايوسي
ڏيک تُسان نون ڏوڙا ڏکڙا پايوسي
٦. نال هجر دي مئين تا دن رين گذاريئي. مئين نال ڪيتئي سي ڪيون واعدي وساريئي
طرف تساڏي مئين تا ڪانگ اڏارئي
٧. نال منجهيندي تسان ڇڙ ڳيون جاني. تيڏي ڪارڻ ڦران مئين تا مستاني
هوءِ هوءِ لايئي سانون پا گماني

Scanned by CamScanner

٨. آهِ تساڏا سائين **سچو** وو نماٹا. روز ازل ٹون تيڈي در وکاٹا
عشق نہ ٹيسي کڈهان يار پُراٹا

کافي جوگ ٨٥٤

تنهنجي کارڙ کاريو
هوءِ هوءِ هو ليڙو

١. کنهن سان کريان سپرين!
تنهنجين ڳالهين ڳاريو

٢. کنهن در ڈيان دانهنڑي
تنهنجي محبت ماريو

٣. آگ عشق جي اندر اسانجي
ڈاڍو ٻارڙ ٻاريو

٤. آءٌ اوهانجڑو آهيان
والي کيم وساريو

٥. پاڻوٺ پاسي نہ کريو
سڳ **سچو** پنهنجو ساريو

کافي جوگ ٨٥٥

يار تُساکون ني حال وو حال وو، آوين تہ آک سڏاوَئين

١. راتو ڈينهان طرف تُساڈي، ميڈا خواب خيال وو خيال وو
٢. آهِ اساڈي تساڈي ٻاجهون، جوشان دي وچ جال وو جال وو
٣. اسان يتيمان نون مُول نہ چوڑين، نيوٹا هئي نال وو نال وو
٤. نال اساڈي يار جا لايئي، پرت اهائي پال وو پال وو
٥. نال **سچو** دي آهي تساڈي، يار سا ڳجهڑي ڳالهہ وو ڳالهہ وو

کافي جوگ ٨٥٦

ناز اساڈي نال کريندئين، دردمندان دي وو دل لٹي

١. عرض کرڙ دي حاجت ناهين، هيءَ ويچاري کيون ڦٹي

Scanned by CamScanner

٢. ڪيڏي اسانون وڃڻ نہ ڏيندا، راهہ لنگهڻ دي گهٽي
٣. دل اساڏي آڇم ڪرڪي، چشماندي نال ڪيون ڇُٽي
۴. ول ول بازي بره لائيندئين، اسان هاري تو ڪٽي
۵. نال غمزي دي مئيڪون مريندئين، لوڪ سيا ٻئي نهين ڪٽي
٦. **سچو** ڪُون ٻئي ٻاڻ نہ مارين، گهاءُ اڳين پي نهين ڇٽي

ڪافي جوگ ٨٥٧

اگڻ ميڏي آوين، ميڏي دلبر وي
دامن لڳڙي نون ڇوڙ نہ پيارا وي

١. جيهي تيهي ميان تيڏي آهان، ڇڏ نہ مئي ڏون چاوين
٢. هووين هميشه نال اساڏي جاني نہ پري جاوين
٣. **سچو** هئي سگ در تيڏي دا. پير اُنهين ڏهون پاوين

ڪافي جوگ ٨٥٨

سهڻا ڪيون سانون فراقي، ڪيتوئي ٻلا يار

١. تيڏي ٻاجهون هئي هئي هلاڪي، برهي چاڙهيئي بار
٢. اگڻ اساڏي وو ٻاجهہ پويئي، ڏيوين اوطاقي. رووان زارو زار
٣. دل سا ميڏي وو لڏ نيتائي، ڪيون ڏيون ياقي، لڳڙي تيڏي تار
۴. نال تساڏي ميڏي آهي، محبت روز ميثاقي، بيحدبي شمار
۵. بخش **سچو** ڪون سهڻا سائين! آپڻي عشاقي، لئون لئون لائين لار

ڪافي جوگ ٨٥٩

آهي لڪ زاري، ساڏي تيڏي نال

١. نال تساڏي ميڏي آهي، يار ياري، جيوين وڃيئي پال
٢. ڪيوين آکان يار پيارل، هئي هڪواري تيڏي ڳجهي ڳالهہ
٣. مئين تا تيڏي ڇاڻ رهي هي، سُڏساري، ورق هجر دا وال
۴. روز ازل دي يار تساڏي، هئي ڳل ڳاري، آءُ گڏ اسان جال
۵. **سچو** هئي سگ در تيڏي دا، تنهنکون دلداري، ڏيوين تون غر ٽال

Scanned by CamScanner

کافي جوگ ۸٦۰

آءُ تا آپي پيڙس أتي
جت جاءِ ادب جي ناهي

۱. نادانن نادان آهي
بيهڻ أتي بُتي

۲. وحدت جو پيو بار جتي
مُئو مرغ ادب جو تتي

۳. وهم خيال وجايا غيري
خيال هيکڙي کتي

۴. سر کٹايو سوکين موٹي
ويڙو جو شرط تي

۵. **سچو** سچ اهوئي آهي
وسريئي ني پنج ستي

جھولٹو جوگ ۸٦۱

۱. يار مُسافر هوءِ ڳيا مئين کينون آکان کوک
خبر اسانون کنهين نہ کيتي ساري ڏٹا لوک
عالم ليکي ديس چوڑيوني ڳئي وساوڻ جھوک

۲. آپي وچ آرام پئي، سانون لايئي فلک فراق
راتو ڏينهان آهِ اساڏي اکڑئين اشتياق
مئين نماڻي دي سردا سهرا لوکان ليکي چاک

۳. آءُ کانگا کائي نال، اساڏي کرين پرياندي ڳالھ
آوڻ دي کائي ڏيوين واڌائي، بره کيتس بيحال
سوز فراقدي وچ اساڏي جاني هيئي جال

۴. دوست ٻاجھون پرديس اسانکون هجر لاتي هوءِ هوءِ

Scanned by CamScanner

حال ميڏا آکين يار پياري نون رهبر وچ روءِ روءِ
راتو ڏينهان آهي تساڏي عاشق کون ووءِ ووءِ
۵. جهاتي پا ڳيون دل دلبر سانون بره بچاءِ
هک واري اسان يتيمان ڏهون تون ڦيرا پاءِ
سُڻ ري کانگ فريادیان ميڏيان ساريان تون دل لاءِ
٦. آءُ ڏي کانگ الله دي کارڻ اڏر پرياندي پار
حال ميڏا وچ آک سڻاوين دوستان دي دربار
سوز فراقدي بيان کرين اڳون دلبر دي هنجون هار
۷. زاري نال تون عرض کرين جو ڏيک ويندئين احوال
ميڏهون مان مهر پويئي سڻي اهوئي احوال
عيبن ڏهون ميڏي شال نہ ڏيکين پلا کريسين پال
۸. آءُ کانگا تون لگ خدا کائي تن کون ڏين تسلات
سوز گداز فراق کنون ميڏي مونجهہ ڳئي مصلحات
طرفون معشوقان دي کائي سڻائين سانون پليري بات
۹. فلک فراقدا سهہ نہ سگهنديان بره کيتس بيتاب
اڄ توڙي تاکوئي نہ آندا جانب ڏهون جواب
دوست پاجهون پرديس اساڏا هويا جيوڻ عذاب
۱۰. اڏر جاوين تا طرف محبوباندي نيئي پهچائين پيغام
پانهان پڌ حبيبان نون آکين سؤ هزار سلام
سچو نماڻي ڏهون کرين کوئي آوڏا انجام

کافي جوگ ۸٦۲

روح رانجهي دي رمزان لڌ نيتا مئين نون، کيڙي کنون بيزاريان
۱. ماهي کيتي مهڻي جهولي پاءِ جهليم ساري خلق ديان خواريان
پيچي لگ انهان دي مئن رهہ ڳئي مست محبت ماريان

Scanned by CamScanner

٢. ڪينڪ هووان ٻانهان ٻڌڪڙان ڳچي پاءِ پاءِ لڪ زاريان
آسڙ وچ مهٽا سيئي ڏيون، ڪلان ڪن قبيلي واريان
٣. لوڪان ليکي منجهيندا چاڪ آها، مئين تا ٿيوان صدقي سو واريا
لَهسن ڪل سيئي جنهندي ڪاڙ مئين تاغمان وچ جو ڏينهن گذاريان
٤. پچي پوٽين چرخي ڪُون ساڙ گهتان تاڙين مُنا تمام اُڏاريان
سچو سپ سيالين وو ڇوڙ ڳئي مئين تا رانجهو دي ڪڍ قطاريان

ڪافي جوگ ٨٦٣

تهنجي آهيان، آءٌ پنهنجي ڪر ڇاڙ

١. جاڏي تاڏي توهين دلبر، ڪاڏي ڪاهيان، آءٌ هوندیس اوهان ساڙ
٢. آءٌ ڪنيزڪ تون تاسائين سگ نہ ساهيان، آءٌ چيٽڪ ڪَيس اڇاڙ
٣. سِڪن ڪيئي تولئي سانول، هڪ تاڇاهيان، آءٌ صدقي ڪيم پاڙ
٤. توهؤن ٻاهرسُڙ **سچو** ري ڪو دم ناهيان. آءٌ منهنجو جهلج ٻاڙ

ڪافي جوگ ٨٦٤

وسين اساڏڙي ويڙهي، يار وي ٿيوين نماڙي دي نيڙي وو

١. راتو ڏينهان تئيڪون سڪنديان، دوست آوين ساڏي ديري
٢. جي تون آوين اڳڙ اساڏي، ڦٽ پون سپ جهيڙي
٣. دل اساڏي ڪيتئي ديواني، ڪؤن ڪميڙي ڪيڙي
٤. آءٌ تون دلبر درد مندان ڏهون، اڏين ساجهرڪ اويري
٦. سبق وساريئي **سچو** ڪون ساري تيڏي سو عشق اويڙي

ڪافي جوگ ٨٦٥

انهين ڳالهيون بيراڳي مئين هوءِ رهي، ڏاڏا يار سانون بره لاءِ ڳيا

١. ڪينون ڏيوان فرياد فراق دي وو ميڏا يار دروني جهاتي پاءِ ڳيا
ڪيهي ڳالهه آکان مجنون والي، اهو حال اسان سر آءِ ڳيا

Scanned by CamScanner

٢. اُسي يار کيتي جوڳڻ هوءِ ڦران، هاءِ هاءِ بره بڃاءِ ڳيا
مزگان مار هکي غمزي نال ميڏي دل چاڪ برابر چاءِ ڳيا
٣. پچي پوڻين چرخي ڪُون سٽو سنيان، لڳا عشق دا واءُ اُڏاءِ ڳيا
رُليا روح تا وچ رانجهي نال ميڏا، تهندا سيني ۾ سوز سماءِ ڳيا
۴. مئيڪون محبت دي ميدان وچي ويکو، آگ ماهي ٻڙڪاءِ ڳيا
مهر نال آپي سهٽا يار سانون، سارا سِرُ **سچو** سمجهاءِ ڳيا

ڪافي جوگ ٨٦٦

مئين تا آپ مستاني وو هوءِ رهي
هُڻ نال سنيان آکان حال ڪيها
١. ماهي يار محرم ميڏي حال دا، ميڏا ڪم اوراندي نال ڪيها
٢. سٽو سپ سيالين وو ڳالهه ميڏي، رانجهو يار ٻاجهون ملڪ مال ڪيها
٣. ماهي چاڪ ميڏي دل لُٽ نِتي، تسان ڪون ڪيڙاندا خيال ڪيها
۴. جنهن دي روز الست مئين هوءِ رهي، تنهندا آهس ٻيا وو سيال ڪيها
۵. مئين ڪوڻ ڏوراپا جو تئيڪون ڏيوان، سڻ يار ميڏي هي مجال ڪيها
٦. رانجهو آءُ اسان وو نماڻيان تي، ساڏا ڏيک هيئي احوال ڪيها
٧. مهر نال پچين جي تون آپ مئيڪون، **سچو** آک تيڏا هئي سوال ڪيها
٨. ول آکان سُڃين تون هکو مئيڪون ميڏا ٿيوي اڻان اقبال ڪيها

ڪافي جوگ ٨٦٧

ميلو ٿيندئي ميلو ٿيندئي، نينهڙو لايو
جڙيا جاني مونسان ميلو ٿيندئي
١. وهو معڪم چيو وصالون
وري سو وره وسايو
٢. ونحن اقرب پاڻ اُتيوئي
موتي تابره بڃايو

Scanned by CamScanner

٣. اسين توسان تون اسان سان
پاڻ پرين فرمايو
٤. زلفان کوليو خيال اسان جي
ڏاڍو ڪو ستم سهايو
٥. ڪري اُمارو اڳيون اسان جي
تيرن ساڻ تپايو
٦. راند روئڻ جي سکئين **سچو** ري
ڏاڍو ڪو پُور پرايو

ڪافي مارئي ٨٦٨

ساريان آءٌ تا لوءِ پنهنجي جون لويون
عمر گهوريا هي پٽ پٽيهر ميان
١. هت ويڙهيچا وو وينا ورهائن ڏيهاڙيون
سي ڏونرن سنديون ڏويون
٢. سنگهارن ڏي سوز سنيها
راتين آئون تا روز مُجان رويون
٣. ڪنڌيون ڪوڪڙ وو سنديون ميان
ڳچيءَ پائن هت پيڪا پويون
٤. صبح سانجهيءَ وو ڪٽن خوشيءَ سان
اُهي سي تا آب پريون اويون
٥. پاندين پائن وو پُسيون، ساڳن سگر
سنگهار **سچو** سي سويون

ڪافي جوڳ ٨٦٩

رُڃان زارو زار، يار مانَ مارن کي ملان آءٌ
١. ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي، پري ٿيم پنوهار، يار
٢. وئي ويڙا پاڻ سان منهنجو ساه سنگهار، يار

Scanned by CamScanner

٣. اهـــو اٽـــر آســـرو، ايـــنـــدم اجڙوار، يـــار
٤. كـــنـــدا مُهـــڙ مـــلـــيـــر ڏي، رڻ ڇڏي ريـــڍار، يـــار
٥. ســـو دم گـــونـــدر گـــذري، جو دم اُن ريءَ ڏار، يـــار
٦. روئـــي رت اكـــين جا، جهـــونـــا ٽـــيـــا جهـــالار، يـــار
٧. وجي پـــڌنـــديـــس اُتـــهـــين، ســـنـــدي پـــنـــهـــن پُكـــار يـــار
٨. ركـــي ويـــڙهـــيـــچا ويـــا، مُونـــهـــين ســـر مـــيـــار، يـــار
٩. پـــيـــكـــين مُون پـــهـــچائـــين ســـومـــرا ســـردار، يـــار
١٠. راتـــو ڏيـــنـــهـــان اوڏهـــين، **سچو** ســـاه ســـنـــيـــار، يـــار

كافي جوگ ٨٧٠

اديون ري اُهي اچن، جن كاريو مونكي الله الله

١. هـــون ســـدا هـــت ســـپـــريـــن، وري نـــ شـــال وجن
٢. پـــري نـــ وجن مـــون پـــريـــن، ويـــڙهـــي ســـي هـــن وســـن
٣. آءٌ گـــهـــوري كـــاكـــيـــون! راضـــي ســـي پـــاڻ رهـــن
٤. دعـــا كـــجو شـــال هـــن كـــوڻ، رتـــي تـــانـــ رُســـن
٥. جيـــهـــو تـــيـــهـــو وو جيڏيـــون! **سچو** ســـگ ســـنـــدن

كافي جوگ ٨٧١

جائي وڻيئي كَيئي سائي، هن ڏكيءَ ڏوه كيهو كيهو

١. ڳالهـ اوهان جي عالـم سپ ۾، گڏي سا عشق اُڏائي
٢. حال منهنجي جي هوت پنهون ري، توكي تا سُڌ سيائي
٣. پاڻ لكائي سر پانهنجي كي، وري گهمايئي وائي
٤. ڳالهـ ڳجهي جي دوست پيارل! كل نـ هن كي كائي
٥. سائي نيائج نانءِ ڏڻي جي، لنؤن **سچوءَ** سان تولائي

Scanned by CamScanner

ڪافي مارئي ٨٧٢

مارُو ٿر ٿيام، پلو ميان وو ڏيان ڏوراپو آءٌ ڪنهن ڪي

١. سي پاريندیس پانهجا، ميان!
جي هُتِ قول ڪيام

٢. ڇڏي مُلڪ مليرِ جو
پريون وس ويام

٣. گهوريا پري ڏينهنڑا
جي پنوهارؤن پيام

٤. سنگهارن جي اچڻ جا
ميان **سچو** سنيه سُيامِ

ڪافي مارئي ٨٧٣

ڏوٿين ڪؤن نہ ڏُور آهيان، وو جيڏيون!
عُمر آءٌ اوڏي انڪي سائين الله

١. ناهيان ٻاهر تن ڪؤن ميان، هڪڑو ئي دم دُور
٢. الانسان سري وانا سره، دوستن جي دستور
٣. هي مڙيوئي آهي تا ميان! مارن جو مذڪور
٤. **سچو** سانيج ڳالهڙي، ميان! مارن جي مستور

ڪافي مارئي ٨٧٤

هلي هڻڙي حال ميان وجي ڏوٿن ڪي ڏسان آءٌ

١. پيڪين مُون پهچائين، پلا پنهنجي پال
٢. منهنجو ماروئڑڻ ريءُ، جيڙ آهي جنجال
٣. هڻڙي وڃوڑي جي، ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهه
٤. هئن سدا خوش سومرا، مارُو پنهنجي مال
٥. **سچوء** جي تہ سريرِ ۾، مارن جي آهِ مقال

Scanned by CamScanner

كافي مارئي ٨٧٥

مارو مونكي نہ وسارين، آهيان اُنهن جي ميان

١. درد جنين جو دل كي، كرم سين اُكارين
٢. اٹئي پهر اوڏهين، ٽا نيٺ نهارين
٣. هردم طلب جون تن اندر ۾، تارون تنوارين
٤. **سچو** سارين جن كي، سي پي تو سارين

كافي جوگ ۽ ڏناسري ٨٧٦

اول دلاسي ڏي ڳيون، هڻ كيهي گناهون تون رُس ويندئين سائين

١. دل اساڏي ٿُون وسر نہ ويندیان، تو ڳالهين اسان نال كيون
٢. سؤ سؤ طعني لك لك بديان، سانون ڏيندیان تيڏيان سپ سَنيون
٣. مهر تنهان ٿُون مول نہ چاوين، جي پيش ٿُساڏي آءُ پيون
٤. عشق تيڏي دا ديرا دلبر، ناگهه نيٽان تي آءُ نيون
٥. **سچو** اپٹا سگ نہ چوڑين، نيوين يار پيارل نال ليون

كافي جوگ ٨٧٧

اسان يتيمان نون كيوين وساريوئي
تيڏي ويكڻ كيتي، ٻهون مئين تا سكنديان

١. كينون كُوكان كينون آكان، سانون سيف هجر دي نال ماريوئي
٢. ڏك ڏوراپي تيكون ڏيسان، كڏهان كو دم ساڏي نال گهاريئي
٣. **سچو** تيكون مُك وكائيا، ميڏي كيتي راتو ڏينهن پكاريوئي

كافي جوگ ۽ ڏناسري ٨٧٨

سُنو حقيقت سنيان، وي ماهي مزگان نال مريندا

١. دم دم ديوچ دست سجڻ دي، لحظي لحظي ليان
٢. زوري زور گهتيندا سهٽا، رمزان كيتان ريان
٣. ناچو وانگر نيهن نچيندا، شرم حيا كنون ڳيان

Scanned by CamScanner

۴. مئن رانجهي دي رانجهن ميڈا، ڪيڙان پاس نہ پيان
۵. شهر بحر وچ هوڪا ڦردا، مئن ديواني ٿيان
٦. سيني دي وچ سرس **سچو** دي، برهي لايان بهيان

ڪافي جوڳ ۸۷۹

سانون متيان پهڻ ديان نا ڏيو، مئين تا جهوڪ هادي دي جانديان

۱. مئين تا طعني تهمت يار دي، ڪر هار ڳلي وچ پانديان
۲. سڻو سپي سنيان رانجهو نال هوسان، مئين تا ڪيڙي وچون نهين ڇاڻنديان
۳. راتو ڏينهان اُسي يار ديان **سچو**، ڳلي ڳلي وچ ڳالهين ڳانديان

ڪافي جوڳ ۸۸۰

تون تا تخت هزاري دا سائين اِت چليندئين چال چليدئين
وي رانجها هر ڪنهن دا سهنجا وي رانجها

۱. ڪيهي سبب وچ جهنگ سيالين، پول جو اپٹي پلندئين
وي رانجها هر ڪنهن دا سهنجا وي رانجها

۲. تون تا ڪڙدئين ندي دي ڪناري، حُسنان دي وچ هُلندئين
وي رانجها هر ڪنهن دا سهنجا وي رانجها

۳. اپٹي ذات تي اپٹا نالا، **سچو** ڪنون ڪيوين الیندئين
وي رانجها هر ڪنهن دا سهنجا وي رانجها

ڪافي جوڳ ۸۸۱

مئين تا تينون منگدي آهي
تون مئينون پهون منگدا رانجها

۱. تون جو پڌدئين سر تي چيرا، سبز سُرخ چورنگدا
۲. مئين تا تيڏي روز ازل ڪنون، ڪيڙا مول نہ سگندا
۳. اول آخر توتي هوسين، شرم اساڏي ننگدا
۴. نال پيڙاندي سُڻ **سچو** ميان، ذرا نهين ڪوئي زنگدا

Scanned by CamScanner

كافي جوگ ٨٨٢

سهڻي نال وي ساڏيان اكيان اڙكن هو اڙكن

١. بار بره دي درد مندان تي، ڇڙكن هو ڇڙكن
٢. غمزي رمزي يار سڃڻ دي، ٻيلي ڪڙكن هو ڪڙكن
٣. درد تيڏي ڪنون عاشق شُهدي، ٻيلي ڦڙكن هو ڦڙكن
٤. سوز تيڏي ڪنون برهي والي، ٻيلي ٽڙكن هو ٽڙكن
٥. سُولي اُتي سر عاشقاندي ٻيلي لڙكن هو لڙكن
٦. باهين بره ديان اندر **سچو** دي، ٻيلي ٻڙكن هو ٻڙكن

كافي جوگ ٨٨٣

مئين تا ٿيوان هو ٿيوان، سهڻي تؤن وي گهولي هو گهولي

١. رل مل سيالين ڪر ڪر آنديان، ٻيلي ٿولي هو ٿولي
٢. ڪانهن رانجهن دي سنوري سنيان! ٻيلي ڪهيلي هو ڪهيلي
٣. تختؤن آءُ ڪي جهنگ ڪون، رانجهو ڳولي هو ڳولي
٤. سر **سچو** دي تيغ عشق دي، ٻيلي تولي هو تولي

كافي جوگ ٨٨٤

سانون اداسي ڪيئُئي ٻلا يار، سانون اُداسي ڪيئُئي چگّا يار

١. تيڏي اسان نون دلبر ڪيتا، برهي بيماسي، ٿيوين نہ تون ڏار
٢. سهڻا سائين! ڪيتيان تي·يان سوزان سناسي، ٿيئڙا دونهن انڌار
٣. اگڙ اساڏي پل پل آوين، هويان پياسي، وچ نہ تون ٻئي پار
٤. ساه **سچو** دا ملڻ تُساڏي ڪيتا آساسي، تون آوين بار و بار

كافي جوگ ٨٨٥

ٻيلي زاري هو زاري، سهڻي نال وو ساڏي هوئي هوئي

١. دلبر اُتون مئين تا ٿيوان، ٻيلي واري هو واري
٢. ڏونهين جهانين ٻهون لٽيجي، ٻيلي ياري هو ياري

Scanned by CamScanner

٣. ڪل اساڏي يار سچڙ دي، ٻيلي ڳاري هو ڳاري
٤. بات بره دي سُنوري سنيان، ٻيلي باري هو باري
٥. ڳالهه **سچو** دي دست ماهيدي، ٻيلي ساري هو ساري

ڪافي جوگ ٨٨٦

جو اڳڙ پيهي اڄ آيو، سوسامي مُون تا صحيح سڃاتو

١: بيراڳيز جو بيڪ ڪري، تنهن ڪيڏو هنر هلايو
٢. سر جٽائون جوڳين واريون، تنهن لِڳين بسمون لايو
٣. مرلي مست آواز اُنهين جي، منهنجو روح ريجهايو
٤. رانجهو تخت هزاري وارو، مولٰي آڻي ملايو
٥. عطر عنبير اُنهين جي ڪارڙ، مون تا مشڪ ملايو
٦. پياري هي سِرُ پاڻون ڄاڻي، **سچوءَ** ڪي سمجهايو

ڪافي جوگ ٨٨٧

پاڙيچون ني پرين جو، مونکي پُور اڄ ني پيو

١. انترءِ جنترن مؤن ٽي، هي نينهڙي نيو
٢. جيڪي چيو نجومي، سو تا صحيح ٽيو
٣. چرخو ٻيجي چيهاڙيون، مون ڪاڪيون ڪيو
٤. هِي جان ٽئي جمعيت، لعلن جي پائي لِيو
٥. ڪو ڏَسُ اچي پرين جو، هن ڏاه کي ڏيو
٦. جي در اچي سو دلبر، تا جِيءُ **سچوءَ** جو جيو

ڪافي جوگ ٨٨٨

آيم رات عتاب، سخت سنگهارن جا

١. مونکي عمر ماريو، جهانگين جي ني جواب
٢. ويٺيئن اتي مارئي، ڪائي خوش ڪباب

Scanned by CamScanner

٣. هِت سارو ڏيهه ڏکائيو، عمر جي تک تاب
٤. مولي تا معافي کيا، **سچوءَ** تؤن سپ حساب

کافي جوگ ٨٨٩

اگهڙ ميڙي آوين، ميڙي دلبر وي
دامن لڳڙي نُون ڇوڙ نه پيارا وي

١. جيهي جي تيهي ميان تيڏي آهيان، چت نه مئين ٿون چاوين
٢. هووين هميشه نال اساڏي، جاني پري نه جاوين
٣. **سچو** هي سگ در تيڏي دا، پير اُهين ڏنهن پاوين

کافي جوگ ٨٩٠

آءٌ تا صدقي اُن تؤن، جي آيا پنهل جي پار

١. مُکم نياپا نينهن جا، هوتن ڏانهن هزار
٢. محبت محبوبن جي، ڪئي هينڙي ۾ هُشکار
٣. وجي ڏسنديس اکڙين سان، وڻ سندا وٽکار
٤. سڪ **سچوءَ** کي سرتيون! ڪيا اندر ۾ الغار

کافي جوگ ٨٩١

تون آءٌ ڙي قاصد آءٌ ميان! کا خبر ڏينهون کيئن جي

١. پرين سندي پار جو، کو لهي اڄ سماءُ ميان
٢. منهنجو ٿئي هِت کينکي، ٻاجهون هوت هلاءُ ميان
٣. ملڻ ٻاجهون دوست جي، ڪندو ورهُ وڏاءُ ميان
٤. **سچو** سمجهين کينکي، اهو اٽئي لوڪ لقاءُ ميان

کافي جوگ ٨٩٢

رانجهو کيڙا ڏونهين مئين هان، هير رهي وچ ڪٽي ڪٽي

١. جهنگ سيال پي تخت هزارا ڏونهين ڏٽم اِٽي اِٽي

Scanned by CamScanner

٢. اسان پياسي وچ اٿاهين، نانوٗ ڪنهندا تڏي تڏي
٣. گم هوئي بي هير اٿاهين، مؤج اڀي هئي جڏي جڏي
٤. **سچو** صاحب هڪو ها، وڏي وال نڪوئي وڏي وڏي

ڪافي جوگ ٨٩٣

پلپل پونم پُور، عمر تن مارن جا ميان

١. دم دم منهنجي دل ۾، ميان مارن جا مذڪُور، سرتيون سُورن جا ميان
٢. سانگيڙن کي سدا نِتُ ساريان، هينڙي هُريم هُور، پُورن جا ميان
٣. مَنِ مچائي **سچو** ويو سانگي دائم، دُونهان دستور، خاص ڪورن جا ميان

ڪافي جوگ ٨٩٤

والي تُساڏا واهي يار، سدا سُکيا هووين .

١. ڪوئي دم اسان ٿئون دُور نہ ٿيوين، خوش هووئي بادشاهي
٢. ڏونهين جهانين نال تُساڏي، هادي دي همراهي
٣. قيامت توڙي بخش تُساکون، اوجو عيش الهي
٤. وڏڙي ويلي ندي ڪناري، ڪران سو ماهي ماهي
٥. دُعا ڪريندي لکين هزارين، **سچو** پي هڪ سپاهي

ڪافي جوگ ٨٩٥

پلوٗ تساڏي پئيان، مئين پلوٗ تساڏي پيان

١. اوگڻ ڏهون ڏيڪ نہ ميڏي، حال ڪنون هُڻ ڳيان
٢. عشق پيالا پيِ ڪراهُڻ، اينوين ديواني ٿيان
٣. طعني تهمت ڏيون مئينون، رِلمل سيالين سنيان
٤. اگڻ **سچو** دي آءٔ پيارا، بره تساڏڙي ليان

ڪافي جوگ ٨٩٦

عشق نهين آساني، ڪم هئي ڪنهان ڪُوپاندا

١. ڏينهان رات برابر هويا، هئي هئي سپ حيراني

Scanned by CamScanner

٢. سِرُ ڈيوَن سلطان اٹاهين، ڪيا جي دُر دُراني
٣. فوج بره دي لکين هزارين، تالان ڪيا طولاني
٤. سِر **سچو** دي ساوڻ وانگون، بره ڪيتي بارانی

ڪافي جوگ ٨٩٧

لوڪان نون خبر ڪيهي، طعني ڏيوي ڇٽي ڇٽي

١. اصلون آهي نال رانجهن دي، پرت ميڏي گهٽي گهٽي
٢. مئين تا رانجهن گڏ پيتا سي، ڪير مکڻ جهٽي جهٽي
٣. پولِي جوگي وي دل ميڏي ڪُون، پهون پهون وٽي وٽي
٤. عشق دي مصلحت مئين تي ماهي، ڳوڙهي اها ڳٽي ڳٽي
٥. سُنوري سهيان پرت اساڏي، نال **سچو** دي بٽي بٽي

ڪافي جوگ ٨٩٨

سَندِيوَ سار سنڀال، يار مونکي آهي منهنجا ميان

١. مُون هئون ڏورڻ نہ ٹيا، الله آهن ڪاف ڪشال
٢. اوهان پاجهون سپرين، جيڻ منجهہ جنجال
٣. ڪريو فناءُ فراق کي، وجهان واجهہ وصال
٤. پاجهہ پاروچا تو پوي، هڻڙا ٹيئڙم حال
٥. راتو ڏينهان روح ۾، جُڪان لاءِ جمال
٦. سڪ **سچوءَ** کي سپرين! آهي جيءَ ۾ تنهنجي جال

ڪافي جوگ ٨٩٩

اري الوالو منهنجي يار سڃڻ جو ساڻ سلامت آيو

١. سيئي اگڻ آيا، مون جن لئي ورهُ وسايو
٢. اُهي گڏ مسافر هِن گڏيا، مُون جن لئي پنڌ پڇايو
٣. ڏئي دلاسا دل کي، تن ريهي روح رسايو

Scanned by CamScanner

۴. حال پائي اچي سي ٿيا، جن تا چيٽڪ لايو
۵. ريتيون وصال جو، هاڻ واليءَ ورق ورايو
٦. **سچوءَ** کي ري سرتيون! اُهو مولڻ محب ملايو

ڪافي جوگ ۹۰۰

مِٺڑا رانجهو تيڏا لڳڑا
سو ڪو ڳڻ زور

۱. ڏونهين جهانين ڪوئي نہ لڀي
هادي جيها ڪو هور

۲. مئين رانجهن دي رانجهن ميڏا
ڪيڑا گهتيندیان گهور

۳. بره دي بادل برسن لاگي
عشق ڪيتي گهنگهور

۴. تيڏي اسانون سهڻا سائين!
شوق مچايا شور

۵. تسان ٻاجهون سڻ **سچو** سائين
حُهرجُهر هوئيان مور

ڪافي جوگ ۹۰۱

مئينون لڳڑا نينهن نيارا، ڊوليا

۱. چشمان تيڏيان جادو ڪيتا، برهي بار اٹايا، ڊوليا
۲. اي ڪر ڪيتا وي عشقي ڏاڍا، درد فراق بچايا، ڊوليا
۳. شاهي نانءُ وجاءِ ڪرا هڻ آکي، تو چاڪ سڏايا، ڊوليا
۴. عشق رانجهندي ڏم مچائي وي، جهنگ سيال پچايا، ڊوليا
۵. اگڻ **سچو** دي رانجهن سائين! ول ول ڳيرا پايا، ڊوليا

Scanned by CamScanner

كافي جوڳ ٩٠٢

دامن تيڏي مئين لڳيان لڳيان
حاضر تيڏي اڳيان اڳيان
١. ماءُ پيءُ ڇوڙ لڳيس لڙه تيڏي
برهين بانگان وڳيان وڳيان
٢. سڳ سيالاندا ڇوڙ ڪراهڙ
طرف تساڏي مئين پڳيان پڳيان
٣. مئين تہ راجهندي رانجهن ميڏا
ڪيڙاندي گهر ڪڳيان ڪڳيان
٤. **سچل** هئي مسڪين الله دا
عشق تساڏي تڳيان تڳيان

كافي جوڳ ٩٠٣

تخت هزاري دا شاه، ميان رانجها، دامن تيڏي لڳي آهيان
١. جوڳي ٺيڪر ڦردا سيلاني، رهندا بي پرواه، ميان رانجها
٢. تو وت ٻاجهون نال كيڙان دي، نهين سو ٺهندا ٺاه، ميان رانجها
٣. نال كرم دي ديد مهر دي، مئين ٿون مُول نہ لاه، ميان رانجها
٤. نانءُ الله دي آپ سجاڻين، سنگ **سچو** دا پناه ميان رانجها

كافي جوڳ ٩٠٤

رانجهو سائين اڳڙ اساڏي
آڙ گهتايس دونهين دونهين
١. مئين تا رانجهو هڪ رهياسي
مست ٺياسي ڏونهين ڏونهين
٢. راه اُهيندي واقف نہ هاسي
عشق اساڏي سونهين سونهين

Scanned by CamScanner

۳. ڪٿي مئين تا ڪٿي رانجهو
سودا ڪيتا روحين روحين
۴. ايڏي اوڏي مُول نہ ڏيڪين
سچو يار سموهين سموهين

ڪافي جوگ ۹۰۵

رانجهو ڏٺم نال اکيندي، هُڻ تا مئين جگ جيندي هان يارو
۱. رانجهو اگڻ ميڏي آيا، پهون پهون خوش ٿيندي هان يارو
۲. رانجهو مئين تا صحي سجاتا، ڳليان شڪر وندينديي هان يارو
۳. زهر پيالا، وحدت والا، شربت ڪر ڪر پيندي هان يارو
۴. سيني اندر چاڪ **سچو** ڪون، صحبت نال مين سيندي هان يارو

ڪافي جوگ ۹۰۶

جو جوڳي زلفن وارو، سو سام مون تاکين سجاتو
ڳل ڪي ڪفني، دست پهوڙا، مشعل مُنهن موچارو
انگ پيوت بنائي آيو، بيک پئي وڃجارو
پئي لباس ڪو رانجهو ايندو، چڏي تخت هزارو
سبب انهيءَ ڪؤن ڪين سجاتم، ماريون مرليءَ وارو
سچو سچاتو رانجهو آهي، جڏهين حال سلياٸين سارو

ڪافي جوگ ۹۰۷

سهٽا توبن ساڏڙا حال وي. دُکي هويان نسي جيندیان وو الله
۱. ميڏي نال تسان جا لائي، وسر ڳيوسي پاپل پائي
زهر پيالا مئين پيندیان وو الله
۲. عشق جڏهان پي سِرتي آيا، ٿيا ٿيا نينهن نچايا
اينوين ديوانڙي ٿيندیان وو الله

Scanned by CamScanner

۳. مزگان تير مريندیان بڑچیان، سيني اندر لڳديان هَرچان
هوءِ هوءِ هوءِ آکيندیان وو الله
۴. بره اسان تي بڑچيان لايان، سڀ سهيليان مل ڪر آيان
مهٽي نال مريندیان وو الله
۵. **سچو** سوز سنيال ڏتوسي، جان تڏهان قربان ڪيتوسي
سانگان نال سلهيندیان وو الله

ڪافي جوگ ۹۰۸

پيلي وسدا رانجهو يار! اسان نماڻيان نون الله مليندا

۱. تنهندي عشق آرام وجايا، ڳيا سو صبر قرار
۲. ڏونهين جهانين وچون يار سڃڻ دا، عشق ڪير اختيار
۳. رانجهن جيها هور نہ ڪوئي، ٻئي تي ڪيڑي لک هزار
۴. اڳڻ اساڏي جي رانجهو آوي، ٿيوي سا دل بهار
۵. آهي **سچو** ڪون سُهٽي ٻاجهون، روئڻ زارو زار

ڪافي جوگ ۹۰۹

سانون مليا محرم يار، اري الا الا ميڏا ٻلا ٿيا

۱. مئن رانجهن دي، رانجهن مئڏا
ڪيڑا سو خجل خوار
۲. ڳيا فراق وصال ٿيوسي
سهج ڪيتم سنگار
۳. پچي پوٽين نون آگ جلايا
هوئي سا دل بهار
۴. **سچو** جان جميعت ٿي
هويا ماهي دي نال اقرار

Scanned by CamScanner

كافي جوگ ٩١٠

وچ ميدان محبت والي اپٹان سِر ستيسان هادي دا سُنهن هي

١. بات اُهائي، اڳي آکيم وائي، سا کين متيسان هادي دا سُنهن هي

٢. مئي دا پيالا، محبت والا، پيسان سو جام جهٹيسان هادي دا سُنهن هي

٣. ڳالهه هادي دي ظاهر ڪرسان، لوڪاندي ڳالهه لٹيسان هادي دا سُنهن هي

٤. بازي ڪليسان نال ياراندي، ڏيکو جا مئين ڪٹيسان هادي دا سُنهن هي

٥. رانجهو سائين ملک **سچو** دي، ڪيڙاندي پاڙ پٹيسان هادي دا سُنهن هي

كافي جوگ ٩١١

دم الله وسدا مُلک رباني

سڻ ميان قاضي، نهين دل راضي، تؤن ڪيها جهيڙا لايا

١. اول عشق الله نون هويا، جنهن رسول اُپايا

ڏوجها عشق محمد صه نون، جنهن ڪلمان جوڙ پڙهايا

ٽيجها عشق هئي چئون ياران، جنهان صدق خوب سنايا

چوٹان عشق حيات خضر جنهن نديان نير وهايا

پنجوان عشق زمين آسمان، جنهان ٽنيا نا جهٹڪايا

ڇهوان عشق هي هير ڇڻي جنهن جگ ڪُون ڪُوک سٹايا

ستوان عشق تون بخش اُنهان، جنهان زمينان ڪنڌ لٹايا

سرمد نون شهه عشق يارو اينوين قتل ڪرايا

Scanned by CamScanner

بخش دلاور گهتين نہ وڃوڙا قاضي مسلہ تينون هٿ نہ آيا
۲. قاضي! مس قلم نال ڪتلي ڪاغذ ڪيتئي ڪالي
عالم ڪُون وت ڪيها، ڏسدئين مسلي والي چالي
عشق جيهي ٻي راه نہ ڪائي اينوين آکيا متوالي
۳. جڏهان مئين دلبر دي وت هوئي ضديت تؤن ڪيهي لاتي
وچ پينگهوڙي پئي تڙپان، ميڏي ويڏن ڪنهن نہ ڇاتي
عشق قاصائي اندر وڙيا، گهن ڪُهاڙي ڪاتي
رڳين رڳيندا ماس ڪپيندا سيني اوپر ڇاتي
سؤ وره دي زحمت جائندي، جڏهان رانجهن پائي هڪ جهاتي
۴. جڏهان هير ڪُنواري هوندي سُٽڪي جواب نہ ڏيندي
شينهان تي هسواري ڪريندي، چهبڪ نانگ ڏريندي
جيڪو منگدا نانءُ رانجهو دي، ٻرڪي ڪٽورا ڏيندي
جيڪو جو منگدا نانءُ ڪيڙاندي، ٻريا چاتہ وٽيندي
۵. هڪ ڏهاڙي مُرشد مئنون آپ اينوين فرمايا
اهو طريقہ، وحدت والا، سانون ٻهون خوش آيا
سچل پنڌ عشقدا سچا، ٻيا ڪُل پنڌ اجايا

ڪافي جوگ ۹۱۲

مونکي عبرت آهي اهڙي، حال جي
هاريون! حيرت آهي انهيءَ ڳالهہ جي
۱. ڪاٹئين ڏاڏو ڪاٹئين هيٽو، ڪاٹئين جوڙ جٽيان ٽو پائي
۲. ڪاٹئين ٽوري، ڪاٹئين موچي، ڪاٹئين سيد سڏائي
۳. ڪاٹئين تارک، ڪاٹئين شارق، ڪاٹئين مُک ملائي
۴. ڪاٹئين شاهي ڪاٹئين، سپاهي، ڪاٹئين حڪم هلائي
۵. ڪاٹئين ڪافر، ڪاٹئين مومن، ڪاٹئين سُوريءَ سِرُ سلائي

Scanned by CamScanner

٦. ڪاڏئين گوسائين، ڪاڏئين سنياسي، ڪاڏئين ڏو بت بنائي
٧. ڪاڏئين سامي، ڪاڏئين انعامي، ڪاڏئين، تلڪ لڳائي
٨. ڪاڏئين قادر، ڪاڏئين نادر، ڪاڏئين **سچو** نانءُ سڏائي

ڪافي مارئي ٩١٣

شال نہ وسارين، مونکي شال نہ وسارين، درد جنين جو آهي دل کي

١. اٿ ئي پهر اوڏهون، نيڻ ڏا نهارين
٢. پهون پنوهر پاهنجا، ويجها وهارين
٣. جهور اسان جا جُهوپڑا، ماڙيون ڏيون مارئين
٤. هردم طالب جون تن ۾، تارؤن تنوارين
٥. سنگهارن جون ساه کي، ڳالهيون ڏيون ڳارئين
٦. **سچو** سارين جن کي، سي پي تو سارين

ڪافي جوڳ ٩١٤

هُتِ تا ڪير هُياس، ميان وو
هِت ڏي ڪير آيس نہ ڄاڻان

١. نانءُ ٻيو هُت هو منهنجو، هِت ٻئي نانءِ ڏياس
٢. اچڻ نہ هو هِت منهنجو، پر ڪنهن تا خواهش ڪنياس
٣. هُت هُيُس معشوقيءَ ۾، هِت عاشق ڏي آياس
٤. هئي هئي هُئي هُت ڪانڪا، هِت منجهہ پروڙ پياس
٥. **سچو** سارو وو سچ ڏيو، وڃؤن آءٌ وياس

ڪافي جوڳ ٩١٥

اري ساڻي سڄڻان دي اڳون تون ڪيوين جالين

١. تيغ ستم دي وهي تسان تي، سانون ماريندیان ڳالهين
٢. آه تيڏي ڪنون طول وهاڻي، جل ڳيان سي نهالين
٣. اڳي اسانون تو جي ڏتيان، اجاسي پٽيان آلين

Scanned by CamScanner

۴. جنهندي آندئي وو گهن نياپي، اُهو تا دوست وڪالين
۵. خوني خنجر دست سڃڻ دي، **سچو** تون آپ سنياليين

ڪافي جوگ ۹۱۶

ڳالهيون ڳارن ٿيون، ميان دل کي دوستن جون ميان
من کي مُحبن جون ميان!

۱. ياد اچن جي ڳالهيون، اُهي ڪوڪان ڪارن ٿيون
۲. هوجي ڪيائون ڳجهه ۾، اُهي مامان مارن ٿيون
۳. دلين واريون ڳالهڙيون، اُهي ڀارڙ ڀارن ٿيون
۴. پسڻ ڪارڙ اکڙيون، صاحب سارن ٿيون
۵. پاڻيءَ گاڏون رت جان، هنجون هارن ٿيون
۶. اکيون ڏسن غير جو، واحدؤن وارن ٿيون
۷. **سچو** اُهي ڳالهڙيون، نِتُ مونکي مارن ٿيون

ڪافي جوگ ۹۱۷

عاشق کيتئي اُداسي، وهواه ڳالهه خاصي

۱. روز ازل کؤن لُون لُون منهنجي، واءَ وره جي واسي
۲. دلڙي اسانجي سهڻا سائين! پهريون کيتي پياسي
۳. هيڏي هوڏي کون وياسي، باس اها اسان باسي
۴. عشق دا نعرا سڙ اشارا، هي دل لڳي هراسي
۵. بيخودئ مؤن باغ بهاران، خودئ کانءُ خلاصي
۶. بره آنجي کيو بيراڳي، **سچو** رنگ سناسي

ڪافي جوگ ۹۱۸

انهين سهڻي تؤن مئين تا صدقي ٿيوان ٿيوان

۱. صدقي ٿيوان وي جاني، جانکي جيوان جيوان
۲. دُعا کريو تُسين سنيان، نينهڙا نيبه شال نيوان نيوان
۳. هنجون والي ڏاڳي کر کر چاک سيني دا، مئين سيوان سيوان

Scanned by CamScanner

۴. هٹون سهڻي دي سٹوري سنيان، وي پيالا عشق دا پيوان پيوان
۵. **سچو** دامن دوست دي وي ميان، نال يقين دي ليوان ليوان

كافي جوگ ۹۱۹

اڈر پکيڑا پار پرين جي
خبر آڻي مُون ڈئين لا

۱. کين گڈيئي سي سپرين
واٹ تا کنهن پي وئين

۲. پاڑي ويهي پرين جي
وجي تون واقف ٹئين

۳. سُڈ سيائي مون ڈئين
جڈهن پاڻي اکين جو پئين

۴. سوز **سچوءَ** جو پاڻ سان
اداڑي نازک نئين

كافي جوگ ۹۲۰

ويٹا منهنجون ڳالهيون کن
هُٹ ماروئڑا بہ مليرِ

۱. عمر آندَيئي مارئي
تاسف ڈيئي تن

۲. سدا آهن سومرا
مارو منهنجي من

۳. مون جيڈيون بہ مليرِ
چانگن پاس چڑن

۴. چڈي پائر کنڈيون
مَنهيون اوري اڈن

Scanned by CamScanner

۵. سچوءَ جي بہ سرير ۾
ويڙيچا ٿا وسن

كافي مارئي ۹۲۱

غم ۾ ڪيئن نہ گذاريان
ڏوٿين وچوڻ مونکي ڏينهن پيا

۱. ميان مُلڪ مليـر ڏي
گهٽو نيڻ نهاريان

۲. پڪا پنوهارن جا
ساعت ساعت سنپاريان

۳. راتيان ڏينهان روح ۾
ساهيڙين کي ساريان

۴. وس جي هوکو منهنجو
گڏ هُن پاڻ قطاريان

۵. پت پنهنجي پاڻهين
پنوهارن سان پاريان

۶. ياد ڪيو سي ڳالهيون
پانهنجو پاڻ ٿي ڳاريان

۷. موڪل ڏينم متين مڙان
گهڙي هِت نہ گهاريان

۸. پڪر پاپاڻن جا
چهرائي سان چاريان

۹. جان مون روح رڳن ۾
ويڙهيچانہ وساريان

۱۰. جا لوئي آنديم لوءِ ڏنهن
عمر شال اُجاريان

Scanned by CamScanner

١١. حال پسي هي پانهجو
ماروئڙن لڳ ماريان
١٢. پٽ پٽيهر گهوريا
طول پايان تلواريان
١٣. ڪر لهڻ لئي ڪانگڙا
اوڏنهن روز اڏاريان
١٤. **سچو** سنگهارن ڪوڻ
هي سِرُ هڏ نه واريان

ڪافي جوڳ ٩٢٢

دل ناهي سا منهنجي وس، ڏي جيڏيون! ڪيئن ڪريان

١. انهن اکڙين کي، ناه ڏسڻ ڪوڻ بس، ڏي جيڏيون!
٢. اصل لاکون آهيان، پاڙيچون پروس، ڏي جيڏيون!
٣. ڪاکيون آهه نه عام سان، روح منهنجڙو رَسِ، ڏي جيڏيون!
٤. ٻاجهون ويڙهي دوست جي، ٻي ڳالهه نه لڳي ڪس، ڏي جيڏيون!
٥. ساه **سچوءَ** جو سرتيون! دوست وٽي ڪيو وس ڏي جيڏيون!

ڪافي جوڳ ٩٢٣

ياقي ٿيوَ يار اسان ڪوڻ
دل نماڻي جي ڪسي

١. ويٺي ڏسان واٽ اوهان جي، مان کو رهبر رسي
٢. اچڻ هن جو يار ايڏاهين، ڏيهه سندئي کو ڏسي
٣. سر **سچوءَ** جو، يار سدائين، وره جو مينهڙو وسي

ڪافي جوڳ ٩٢٤

سچو هي نا پيدا، سو تا ڏيکڻ وچ نهين آندا

١. تنهيندي نا پيدائي وچون، آپي آهائيندا
٢. تنهندي جات جمات نه ڇاڻان، پيٽا پيدا ڪاندا

Scanned by CamScanner

٣. سؤ پيرا هر گليان وچون، ڏيک نہ آندا جاندا
٤. گم ٿيوڻ هِن غمزي وچي، شاه شرف شهاندا
٥. ڏيکڻ وچ نهين مطلب کوئي، هوکا يارگهماندا
٦. آپون آپي پيدا ٿيوين، **سچو** سِرُ سٽاندا

کافي جوڳ ٩٢٥

جو تون پير پري آئين، تنهنجي ٿوري هک نٽي پچان الله ميان

١. عاشق هتي لکين هزارين، لئون اسان سان ٿو لائين
٢. عيب اسان ۾ آهن اپارين، اِهي پلا کيو ٿو پائين
٣. ڏوهہ ڏنگايون ڏسي اسان جون، چِت نہ اسان تؤن چائين
٤. راتو ڏينهان يار اوهان جا، ڳڻ **سچو** ٿو ڳائين

کافي جوڳ ٩٢٦

رانجهي تا ديس پڇايا، ڇوڙ هزارا اسان نماڻياندا

١. پڳوا کپڑا پهر اتاهون، اڳڻ اسا ڏڙي آيا
٢. نال اساڏي رانجهو جوڳي، عشق آڻ ملايا
٣. کنهن تا ڳالهيون سڻو سيالين، اڻان تنهن چاک سڏايا
٤. ناچاڻان مئين کس دي کيتي، رانجهي بڳل هنڌايا
٥. نال فضل دي يار اساڏا، ويڑها چاءِ وسايا
٦. ايڏون اوڏون آکن سيئي، **سچو** دا بخت سوايا

کافي جوڳ ٩٢٧

محبت جي مئي ماريو، ڏي مونکي
کاکيون کنهن سان وره وراهيان

١. عقل علم سپ ڇوڙ ڏتوسي، عشق ڏنو اولارو
٢. اکيان کول تہ ظاهر ڏيکين، سير سڃڻ جو سارو
٣. پُرجهي پير ايڏاهين پايو، هوت اٽؤ هاکارو
٤. محبت مؤن منصور وجهايو، ڳچيءَ جي وچ ڳارو
٥. سنبر **سچيڏنا** ڇوڙ سانباها، وره کيو جان وارو

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ۹۲۸

ويڪو سنيان رنگ رانجهن دا، جو آيا ويس مٽائي

۱. اپٽا ديس ڪٽان وت ڇوڙيس، اٽان آيا چاڪ سڏائي
۲. رانجهو تخت هزاريدا سائين، آندا جهنگ پچائي
۳. ظاهر اپڻي ذات نہ ڪيتس، لوڪان ٿون آپ لڪائي
۴. شال نماڻيان دي نال اُهوئي، منڙي محبت لائي
۵. سر جٽائون جوڳن وانگڻ، بسمہ انگ لڳائي
۶. ڳجهہ دي ڳالهہ سپائي ڳيا وت، **سچو** ڪُون سمجهائي

ڪافيِ جوڳ ۹۲۹

واعدا ڪيئن وساريوَ پلا سائين!
ڪيهي ڳالهيون ڳالهيون

۱. اسان نماڻن سان يار پيارا
ڪو ڏينهن مانَ گذاريوَ

۲. ڏک ڏئي وئين اڳي ڪؤن اڳرو
وري نہ پوءِ نهاريوَ

۳. هيڏنهن هوڏهن جُتي اسانکي
پنهنجي ڪِ قطاريوَ

۴. آٽ چرخو ويڻي چوريم
ڏيئي سو عشق اُڏاريوَ

۵. سپ ڪنهن ساعت سانول سائين!
سچو هت سنياريوَ

ڪافي جوڳ ۹۳۰

اسان جيها ڪوئي اور، ڪٽ نہ ملسي
ايڏي اوڏي اکين ڪول ويڪين

۱. نال اساڏي تون محبت لاوين، عشق ٻنهان ڪنون ٽوڙ

Scanned by CamScanner

٢. اسان جنهان ڪُون ياد ڪيتوسي، گهتون تنهان ڳل ڏور
٣. لکان دي وچون ڪوئي جهليندا، عشق اساڏيدا زور
٤. **سچو** راه اساڏي دي آتي، هڪ جفا پيا جور

ڪافي مارئي ۽ جوڳ ٩٣١

لڄايان نہ لوئي، وو عمر آنديم جا اوڏاهون

١. هي تا مُلڪ مليہ ڏنهن، قاصد اچي ڪوئي
٢. سارو سنگهارن ڏي، حال مُنجان روئي
٣. وجهان پرندي باه ۾، شالون پٽ سيوئي
٤. ڪٽي ڪنيم ڪيئي جي، اڏو پنڌ جا هوئي
٥. آنديم ڪٽي ڪوه تؤن، آب پري اوئي
٦. پيٽ ڪاڻ پنهوار جي، ڪلي مون تا ڏوئي
٧. اهڙي اڳي ڪنهن نہ ڪئي، جهڙي ڪيڙي توئي
٨. مونسان مدد ني ڪندو، **سچو** صاحب سوئي

ڪافي مارئي ٩٣٢

مارن کي وڃي ملان ملان، هادي الله الويلو

١. لاوان لهنديس کيت پنهنجي سان، سرتيون ٿيندين مون ڃڃان ڃڃان
٢. ڪيہ بنديائي بند مؤن، ڪُرف ڪڙا ٿي پيان پيان
٣. واٽ جنهنين کؤن سانگي ايندا، سائي واٽ مون ويان ويان
٤. **سچو** سائل آهي اوهانجو، سر سائين اڳيون سيان سيان

ڪافي جوڳ ٩٣٣

نينهڙا اپڻي نال لايوئي، تون تا رانجها تون هير سيال

١. تون تا تخت هزاريدا سائين، هڻ چاکاندي ڳڏئي چال
٢. اپڻي نال ڪريندئين آپي، عشقي والڙي ڳجهي ڳالهہ
٣. ظاهر ويس چؤپارا آها، جهنگ سيال پي تيڏڙي جال
٤. اندر باهر توهين وسدا، **سچو** ڪائي نہ شئي شڪال

Scanned by CamScanner

كافي جوگ ٩٣٤

مهٽي ماهيدي ڏيندا

سانون مايا لوڪ سارا

١. وچون سيالیان هڪ اسان نون، نينهن اُنهيندا نيندا
٢. تخت هزاريدا رانجهو سائين! اٹان سو چاڪ سڏيندا
٣. پچ پچ آيا راج پياٹا، ونجهلي آڻ وڃئيندا
٤. ڳجهيان ڳالهين ڪر ڪر رهيان، **سچو** ڪون بره بچيندا

كافي جوگ ٩٣٥

مئين تا سوين هو سوين، سؤ هزارين ڪُون ڏيسان ڏوراپي

١. يار دي پارؤن آون نياپي، ٻيلي نوين هو نوين
٢. دل دي اندر دُود بره دا، ٻيلي ڏوين هو ڏوين
٣. بار بره دا چاون ڪيتي، ٻيلي ڳنوين هو ڳنوين
٤. نال پياري راند رووڻ دي، ٻيلي روين هو روين
٥. سڃٹاندي پيرين سڻ **سچو** سائين! ٻيلي پوين هو پوين

كافي جوگ ٩٣٦

عشقاندي ديري ديري، دلبر آوڻ هيئي

١. ڪڏهڻ ٹيسين ڏينهن اُهوئي
آءُ ڪي وسين تون ويڑهي ويڑهي
٢. وس اساڏا ڪوئي نہ لڳندئي
مولي تسان ڪون ميڙي ميڙي
٣. دم اسان ڪنون دُور تہ جاوين
سدا هوين شال نيڙي نيڙي
٤. تيڏيان قدمان ٹوُن رانجهن سائين
گهول گهتان سپ ڪيڙي ڪيڙي

Scanned by CamScanner

۵. لٹـــي اســـان ٹون **سچو** ســائـين
جهـنـگ سـيـالـيـنـدي جهـيـڑي جهـيـڑي

كافي مارئي ۹۳۷

متان مُنڊ مارن تئون وهين آسرو لاهي
۱. بـنـد تـنـهـنـجي بـاب ۾، اصـل ڪـوڻ آهـي
۲. سڳ اسانجو سومرا، ڇنڊ جيهو ناهي
۳. پـريـن نـيـندا پـاڻ سـان، سڳر ڏي ساهي
۴. نَير هي جي نينهن جا، ڪير سگهي لاهي
۵. رکج مُنهن مليـر ڏي، ٹاه نـه پـيـو ٹـاهي

جهولٹو جوگ ۹۳۸

ساڻي ساري سنيها هي، چئج پنهونءَ کي بيراڳي آهيان وو
۱. حـال ڏسـيـو ٹـو جو وڃين، سـارو عـرض ڪـريـن وو
دلاسـو ڪـو دوسـت ڏنـهـن، وٹـي جلـد وريـن وو
۲. ڪـارو ڪـج نـه ڪـيـچ ڪـي، ڇپـر تـانـه ڇڏيـن وو
پـانـهـي پـائـي پـانـهـنـجي، ڳولـن سـاڻ گـڏيـن وو
۳. تـوسـان عُمـر گـذاريـان جا ڪـين هـت هُئـان وو
ڳالـهـيـن ٹُنـهـنـجن ڳاريـو جاڻـي رت روان وو
۴. ڏوريـنـدي مون ڏونـگـريـن، گـهـٹـا ڏيـنـهـن ٹـيـا وو
پُڏا هـونـدا هـوت تـو، جي **سچوءَ** سڏ ڪـيـا وو

جهولٹو مارئي ۹۳۹

ڪانگل ساري سنيها هي، چئج مارن کي ويراڳي آهيان
۱. اوهـان پـاجهـون آءٌ گـهـٹـيـرو، مـحـلـن ۾ مـانـدي
قـسـمـت قـيـدالمـاءَ جي، ارادي آنـدي

Scanned by CamScanner

٢. چانـــور چا چُورمـــان، آڇن نِتُ نـــوان
ڏونـرا پُسـيـون ڏيـهـ جا، سـاريـون هِتُ روان
٣. زهـر پـيـالا سـوز جا، اوتـيـون آءٌ پـيـان
اوهـان پـاجهـون سـپـريـن! مـران آءٌ کـي جيـان
٤. ڏکـن کـارڻ ڏيـهـ ۾، نـپـايـس اوهـان
سچو اکـڙيـن مـؤن هـاري، رت رُوان

جهولٽو مارئي ٩٤٠

جاليُئي جن سان ٽي وو، سي تا مارو کيڙ ويا
هوءِ هوءِ حالڙو کنهن سان ڳرهيان
١٠. پـکـا پـٽـي اُتـهـون، ويـا پـرئـين پـنـڌ کـٽـي
راتـو ڏيـنـهـان روح کـي، اوڏنـهـن گـهـر گـهـٽـي
٢. گـهـڙي جا هُت گـهـاريـان، سـا ويـڙيـچن نـه وڻـي
جهـلـيـان شـال وجي اُن، پَهُن جي بـ پـٽـي
٣. مـون مـن مـانـدو مـارئـين، ڇاڻـي هـک ڏڻـي
پـکـا پـائـر کـنـڊئـين، هـو ويـنـا حـال هـڻـي
٤. جدائـي کـؤن جهـانـگـيـڙن، مـنـهـنـجي بـاب بـڻـي
سچو سـنـگـهـارن جا هِت، ويـنـي ڳڻ ڳڻـي

کافي مارئي ٩٤١

سومرا سائين! توکي وو ڳالهيون چوندیس آءٌ حال جون هوءِ هوءِ
١. عـمـر ابـاڻـي پـار ڏي، کـرڙ کـکـوريـا کـي کـي
٢. کـوکـڙ چُونـڊيـان کـانـڊ سـان، پـٽ چڙهـي پـيـکـي
٣. سـگـر کـين سـفـرا، سـئـين جان سـيـکـي
٤. **سچو** سـنـيـاران تـن جون، جتـي جڙيـا جيـکـي

Scanned by CamScanner

داستان يارهون پوربي جي كافين جو

كافي پوربي ٩٤٢

سانون عشق لڳا يار پياريدا سانون نيٽين قوت نظاريدا

١. سُٹي آوازان عاشق جهولن، نوبت نينهن نغاريدا
٢. هير نماڻي جهنگ دي ڇڻي، رانجهن تخت هزاريدا
٣. ٻنهان لوكان نون اجل مريندا، عاشق قتل نظاريدا
٤. الفقر فخري والفقر مني، وت كيها كم پساريدا
٥. اكيان نال جو عاشق ماريُو، كيها كيس كٹاريدا
٦. اينما تولو فثم وجه الله، ٹيو ڳولا اهين وو اشاريدا
٧. **سچو** سنيها كِيكَر پهچي، ناهي سو كم هركاريدا

كافي پورب ٩٤٣

تيڈي چشمان كيتا چُورُ ميڈي دانياوي
كهنون آكان ڳالهه اهين حالدي

١. بُلي شاه كُون بيراڳي كيتوئي، جنهندا شهر قصُور
٢. نازنينان دي نال پيارا، سُولي چاڑهيُئي منصور
٣. خوني نيٽين تيڈي كيڈا كيتا، كرمل نال كلور
٤. سرمد كنون لت ڈئي كُهايُئي، وره نيتا وهلور
٥. شمس الحق دي كل كلايُئي، مُلكين وچ مشهور
٦. قتل تُساڈي تنهان وو قبوليا، جي هوندي وچ حضور
٧. **سچو** حيرت دي وچ هووين، ٻئي محو كرين مذكور

كافي پوربي ٩٤٤

پُتلي ديوچ ڳالهيان يار كريندا ني
كيهان كيهان سي تعجب جيهان

١. تند تهيندي دست سچڑ دي، سؤ كرائيندس چاليان
٢. آپ هليندائس، آپ چليندائس، رنگ ڈيكي رنگ واليان

Scanned by CamScanner

٣. ڪنهان پتليان نون خرقا ڏيندا، ڪِنهان نون شالي شاليان
٤. ڪيئي ٻوليان آپ ٻوليندا، هڪ هويان هرتاليان
٥. بن بازيگر ناچ نچنديان، ڪڏهان نہ هوندیان خاليان
٦. پتلي اُتي نام **سچو** ڏر، باتيان ڪري ٻرجهاليان

ڪافي پورب ٩٤٥

اکيان تيڏيان عُقاب وي
عاشق مار شڪار ڪتوني
١. غمزي نال گلابي هوندیان
ڏونهين نين نواب
٢. دل تي درد مندان دي دم دم
شوقي آون شتاب
٣. شير ڪڏهان گاه نہ ڪاون
اُنهاندا قوت ڪباب
٤. دائم پيوَن چشمان تيڏيان
شوري مست شراب
٥. قتل ڪيتا اکيان تساڏيان
سچو لڳ ثواب

ڪافي پورب ٩٤٦

آهي مون عين عذاب وي ميڏي دانيان وي
جيڏ منهنجو ميان جوگيڙن ري الله
١. ساميئڙن ري وي ميان سرتيون! الله، جيئڙ جُٹن هاب، وي ميڏي دانيان
٢. اڳيائن وي ميان ٽيئڙس اڳهين الله، ڪُسي ڇو نہ ڪباب، وي ميڏي دانيان
٣. هجر هلاڪي وي ميان آهي تو تا الله، بابوين جو باب، وي ميڏي دانيان

Scanned by CamScanner

۴. مونهين مٹي وي ميان، انهن جو پلو ميان، آهي اڄ عتاب، وي ميڏي دانيان
۵. **سچو** سنگت وي ميان! تن جي ٿئين الله، پيچين هي ڇونہ حجاب، ميڏي دانيان

ڪافي پورب ۹۴۷

آخوند سبق پڙهايا وي ميڏي دانيان وي
اُهي سيئي ميان عشق وساريا، وي ميان
۱. حُسن هاديدي وي دل ميڏي تي ميان
هوجي حڪم هلايا، وي ميڏي دانيان وي
۲. زيران زبران وي وسر ڳيوسي ميان!
ورهين مينهن وسايا، وي ميڏي دانيان وي
۳. مُلان سانون وي جيوين پاڙهيندئين ميان!
پني سوز پسايا، وي ميڏي دانيان وي
۴. ڪيئي مسلي وي سانون آکيندئين ميان
سي تاياد نہ آيا، وي ميڏي دانيان وي
۵. نال ڪرم دي، سُڻ **سچو** وي ميان
ويڙهي يار وسايا، وي ميڏي دانيان وي

ڪافي پوربي ۽ ڏناسري ۹۴۸

تيڏيان اکيان بحري باز، دليان مارکي ڦوت ڪريندیان
۱. يا وت باشي برهي دا، يا وت شاهين يا شهباز
۲. مشتاقاندي مارڻ ڪيتبي، پلک ڪرن پرواز
۳. ڪڏهان مئين تا مول نہ ڏيکيا، نيٹان وچ نياز
۴. **سچو** يار دا هووي سدائين، نال نماڻيان دي ناز

ڪافي پوربي ۹۴۹

هئي هئي هن جي حال، وي ميڏي دانيان وي
سڳر ٽيس نہ ساميڙن جي
۱. منهنجو آهي وي ميان ڪم ڪاپڙين ۾، ناتہ جوڳي آهن جال

Scanned by CamScanner

٢. ويم ويساهي نڪري اوهيئي، رات لانگوٽيا لال
٣. ڳوليان ڦوليان واڙين تي، جي ڪهي ويڙم ڪالهه
۴. ڪات اُتي ڪنڌ آڻ ڪپاوڻ، لاهي جيءَ جنجال
۵. منجهه گداوَ وري من گڏجن، جنجا خواب خيال
٦. راتو ڏينهان آهي هوتن جي، **سچو** ساه سنيال

ڪافي پوربي ۹۵۰

ڪيهي آک سڏايئين ڳالهه. مئين شرط پيا وچ وچ شه دي

١. آب اواگهه وچ غوطا ماريم، پچي ولڙ دا خيال وساريم
چُڪ پئي قيل مقال، وي ميڏي دانيان وي
٢. آءُ اچانڪ وچ پئي مئين. لڙ لهر دي نال هڪ ٿئي مئن
پهريم ويس وصال، وي ميڏي دانيان وي
٣. تانگها لنگهه ڪر تار پيوسي، تن من لهرين وچ ڏتوسي
جوٽي ڇوڙ جنجال، وي ميڏي دانيان وي
۴. ايڏون اوڏون آواز هُليا. سر تي آ ڪر سارا اُجهليا
هادي والڙا حال، وي ميڏي دانيان وي
۵. ٽوپي وانگي ٽُپ ڳئي مئين، ساري سڀ پروڙ پئي مئين
سچو دست وکال، وي ميڏي دانيان وي

ڪافي پوربي ۹۵۱

تيڏيان اکيان لال

شوقي يار شرابي هوندیان

١. پانهان ٻڌ ڪر دُور ڪڙوتن، ڪيفي ڏيڪ ڪلال
٢. ڏيڪ پتنگ پرواز ڪريندي، تيڏي مُک شعال
٣. دليان دي ني سؤدي وچ سائين! ديدان ڏونهين دلال
۴. **سچو** صفت تمام نہ ٿيوي، ڦرنديان بي خيال

Scanned by CamScanner

كافي پوربي ٩٥٢

كل اهين كل پيئي، ميڏي دانيان وي

صورت مُورت هكا جا جاتيم ميان

١. سمع بصر مؤن وي ميان! سر اهيندي وو اها جا تل پيئي
٢. دم الف نون وي ميان! آدم كيتا وو اها عجائب اُل پيئي
٣. ظاهر ڏيكڻ وي ميان! غير الله دي وو، جهوك كنون جهل پيئي
٤. سائي ڇوڙڻ وي ميان ناهي مناسب وو، ڳالهه! جائي ڳل پيئي
٥. نال يقيني وي ميان! صحي **سچو** دي وو ايڏنهن اهل پيئي

كافي پوربي ٩٥٣

كهڙي ڳالهيون يار، كيتئي بيراڳي اسانكي

١. درد مندیءَ جي دل تي، باري چاڙهيئي بار
٢. اصل كؤن آرام وجايا، جاني تنهنجي جار
٣. مون كي يار جدائي ماريو، آءٌ روان زارو زار
٤. كيئي دانا ديوانا كيڙا، تنهنجي حُسن هزار
٥. غمزي ساڻ غلام كيا سي، **سچو** ري سردار

كافي پوربي ٩٥٤

عشق كري اُل الان، ميڏي دانيان وي

كيتئي بانكي منصوراندي جيهي نون مليان ميان

١. عاشق اينوين ڦرن اُداسي، جيوين باغ بنا بُلبلان. ميڏي دانيان وي
٢. عشقدي آهه تيز تكيري، قتل كري كُل كُلان. ميڏي دانيان وي
٣. پار محبوباندي مشتاقاندي، پوندي وجي جُل جُلان. ميڏي دانيان وي
٤. محبت تيڏي مشهورِ هُئي، هوءِ ڳئي هُل هُلان. ميڏي دانيان وي
٥. سِر سُولي دي سالك سرهي. غازي كرن غُل غُلان. ميڏي دانيان وي

Scanned by CamScanner

٦. اهي آرانپي عاشقان نون پاون. مول نہ چاٹن مُلان.ميڈي دانيان وي
٧. گلا غيبت گار ملامت. سِر غازيان گل گلان. ميڈي دانيان وي
٨. صاف **سچيڏنا** عشق دا مشرب پُل نہ ٻئي کنهن پُلان. ميڈي دانيان وي

کافي پوربي ٩٥٥

سر اساڏي ساوڙ، ميڈي دانيان وي
کيها لحاظ لوکاندا وو سانون ميان

١. سِر دي تمنا چوڙ کراهڙ، عشقدي بات الاوڙ
٢. آپ صحي کر حال حَلاج دا، سر ميدان ستاوڙ
٣. سانگي ست کر کم کنهاندا، ڏيک اجل ڏهون آوڙ
٤. عشق صادق منصور دا هيئي، اها بازي گم بناوڙ
٥. سر ميدان دي جي تون مڙندئين، هيئي آپ لڄاوڙ
٦. **سچو** سارائي مشکل بازي، عاشق نام سڏاوڙ

کافي پوربي ٩٥٦

اکيان لڳيان ڏاڍي جاءِ
عشق ديواني مئين کيتيان

١. لڳي جنهان نون سيئي چاٹن
خبر لوکان نون ناءِ

٢. عالم وچ پئي هُل حُسن دا
جلوه جاءِ بجاءِ

٣. درد اِهين دا اور نہ آهي
پاجهون درس دواءِ

٤. سک **سچل** کوٹن سنهيون!
رات ڏينهان هي هاءِ هاءِ

Scanned by CamScanner

كافي پورب ٩٥٧

واه ٻاروچي ٻولي، هوئين گهولي ميان

١. انا الحق منصور الايا، كيتس حشر هولي
٢. من خدا عطار الايا، هُڻ ڇُل پئي اِها ڇولي
٣. خود خدا هون آكيا قلندر، راه لڌايس اها سولي
٤. عشق بُلهي دي سر دي اُتي، تيغ اجل دي تولي
٥. **سچو** نال سدا سُک هووي، عشق واليا ندي ٽولي

كافي پوربي ٩٥٨

خوني عجب خمار وي، تيڏي روز بروز مشتاق مريندیان

١. درد مندیان ديان دليان كُون، سائين شوق كرن شكار
٢. چشمان وو ڇڙواڳ تساڏيان، ڦرديان بي اختيار
٣. قتل كيتا تيڏي سهڻي چالي، عاشق لک هزار
٤. كالين كجلين تيڏيان، چشمان نيڻن ناز نظار
٥. **سچو** ڏيک سينگار سڄڻ دا، سِرُ ڏيوَن سردار

كافي پوربي ٩٥٩

نال ياراندي ياري ميڏي دانيان وي
ساڏي لڳڙي روز ازل كون سائين

١. ٻانهان ٻڌكي پيش پوائين، نال سانياندي زاري
٢. عقل علم تي شرم حيا كنون، عشق كيتي بيزاري
٣. نال خواهش دي آپي ڇاڻي، بره ڇاتوسي باري
٤. اڳڙ اساڏي نال فضل دي، آءُ هادي هكواري
٥. دوستي تيڏي دلبر سائين! اسان اصل اختياري
٦. معلوم تئيكون يار پيارا! ڳالهه **سچو** دي ساري

Scanned by CamScanner

ڪافي پوربي ٩٦٠

تيڏيان چشمان گهتديان چاڪ
دردمنداندي دليان ڪون

١. مشتاقاندي مارڻ ڪيتي، ڇُست ڦرن چالاڪ
٢. هي هئي تيڏي خونين دي هي، هر ڪنهن طرفين هاڪ
٣. ناز غماز سيتي عاشق ڪون، ڪر ديان هن هيراڪ
٤. غرض نہ ڪهندي رڪديان، ڦرديان بانو، ريان بِي باڪ
٥. سر گهنڻ بن ڪڏان نہ رهنديان، ورهين ڏيوَن واڪ
٦. جادو جوڙ **سچو** نون مارن شاهي سي لولاڪ

ڪافي پورب ٩٦١

ٻنهان ڳالهيان ڏُون هُڻ ڳيان وي ميڏي دانيان وي
اڙي سنيان وي، مئين ٻنهان ڳالهيان ڏون

١. وِرد وظيفا ميان ست گهتياسي الله. دست بره دي مئين پيان وي
٢. تُسان سيالیان وي ميان! سيئي سياڻيان الله، مئين ديواني ڏيان وي
٣. خيال سڃڻ دي ٻاجهون ڪو دم الله، سردا ناهين سيان وي
٤. نين **سچل** وي وچون هميشہ الله، وهنديان نير ديان نيان وي

* هن ڪافي ۾ بہ فقط ٻہ بند هئا، ان کي مڪمل ڪيو ويو آهي (ن.ش)

Scanned by CamScanner

داستان بارهون پيلي جي ڪافين جو

ڪافي پيلو ٩٦٢

ڪيها شڪ گمان، دانيان وي
سڀ ڪنهن صورت سير تساڏا
١. لک پوشاڪان وي ڪرڪي
عاشق ڪيتئي همہ حيران
٢. شاه منصور نون وي سرڪپائي
ملهه ڪڙا ميدان
٣. او بي تون هين اي بي تون هين
آپ ڪرين ارمان
٤. مُلان ٽيڪر ڏيوين فتوي
آپ ٽيوين قربان
٥. **سچو** هويا نام تساڏا
ڪردئين آپ بيان

ڪافي پيلو ٩٦٣

بره ڪيتس بي حال، دانيان وي
آئڪي ڏيڪين حال وو ميان
١. آپڪون پاسي مُول نہ چوڙين
ميان! ماهي توئي نال
٢. بٹ ڪيڙاندي مجلس ڏيوان
وو پيا سو هُڻ خيال
٣. **سچو** آتي رحم ڪيتوئي ميان!
اپٽي قُرب ڪمال

Scanned by CamScanner

كافي پيلو ٩٦٤

مئين مُئي هويان، ڏولیا تون نا چر لاوين

١. جيندا جيندا هووين ڏولیا، تيري بندي هويان
اهين جگ ساري ديوچ تيري نال لوئيان
جنديان تائين ڏولیا، پهون من پاوين
٢. آهين دانهين کر کي ڏولیا، رين وهاڻي
توبن کٹان قردي وتان مئين وڳاڻي
آءُ وَسُ ويڑهي ڏولیا، دُور نہ جاوين
٣. پن وڇوڑيا گهولیا، آءُ گڏ جالين
نال اساڏي تيڏيان، مِٹيان جو ڳالهين
اوڳڻ ڏيکين ڏولیا، چتڑا نہ چاوين
٤. ڏينهن گذاريئي ني مئين ڏيهه وچ گهٹيري
آءُ اوراهون ڏولیا وچ نہ پريري
مِهر پويئي ڏولیا، سچو کنين آوين

كافي پيلو ٩٦٥

آئين سو ڳالهه سڻائين، وهنيا کانگل تون پلي آئين

١. خط جو آندي يار سڄڻ ڏهون، هلي سو نال پڙهائين
٢. آءُ تہ جوڑيون جاءِ اکين ۾، اڄ اوڏاهون آئين
٣. سگهڙو سگهڙو آءُ اسان ڏنهن، ڏينهن گهٹا ڇولائين
٤. اچون اچون تون ڇونہ اچين ٹو، محرم راز رَلائين
٥. نانءُ الله جي يار سچوءَ کي، مُحبن ساڻ ملائين

كافي پيلو ٩٦٦

پول پکي پرديسيئڑا وي تون
کهڙي ديسؤن آوندئين

Scanned by CamScanner

١. هٿ وچ مُرلي پيرين گهنگهرو
گلي گلي وو بجاوندئين
٢. اُتون آياهين پيرون لنگڙا
اٿان تہ پانءُ پرياوندئين
٣. جڏهان تون آيون ڏونڊ محل وچ
تڏهان تون ڪيا ڪجهہ ڪاوندئين
٤. جڏهان تون آيون پالاپڻ وچ
هر ڪسي نون پاوندئين
٥. جڏهان تون آيون مد گهر ديوچ
عادانت پُل جاوندئين
٦. لالا موهن لڄ نهين آوندئي
ذرا نهين شرماوندئين
٧. **سچو** ذات صفات دي وچ
سهجؤن آءُ سماوندئين

ڪافي پيلو ٩٦٧

سانون لايوَ تار ڏوليا، تيري ننگ دي رهسان

١. ڪڙي ڪڙي ويڪان مئين، تيڏڙيان راهان ڏوليا
قابو ڪيتوئي ساڏيان پيان ڪُل واهان ڏوليا
اگڙ تون آوين ساڏي، روندان زارو زار ڏوليا
٢. تو بن ماندي ٿيان ساري ساري رينان ڏوليا
نماڻيان دي سڪنديان سدا تون بنا نينان ڏوليا
مهر پويئي سهٽا آوين ڪنهن وار ڏوليا
٣. پُڇ آندا رانجهان راڄ پاٽا
سُنهن الله دي هي ميڪون پهون من پاٽا

Scanned by CamScanner

سڀ وي سيالیان وچون نہ ڪيتس هير شڪار ڏولیا
۴. اهين جوڳي جيها مئين تا ڪوئي نہ ڏٺا ڏولیا
هُڻ تا مايو مئيڪون پهون لڳا مٽا ڏولیا
عشق دي خواهش ويڪو، چوڙيس تخت هزار ڏولیا
۵. اساڏڙي ڦيرڙا پاوندا ڏولیا
درد فراق ڪنون ونجهلي وڃاوندا ڏولیا
انهان دي آوازان اسان نون ڪيتا بيقرار ڏوليا
٦. اهين ديان خبران آکان مئين ڪهنون ڏوليا
چيٽڪ لايئي سهٽا آڻ کي مينون ڏوليا
هِڪ واري هر ڪوئي مردا سچو بارو بار ڏوليا

ريختو پيلو ٩٦٨

مجھ کوں اس حسن تيرے، يار جو ديوان کيا
جادوسے چشم تيرے، مجھ کوں مستان کيا
ميں کوں ديوانگی ہوئی، ديکھ بسيہر کالے
تيرے زلف پريشان مجھ کوں پريشان کيا
۲--- سوں فوج حسن کی ہر دم
سارے دن نہ عالم سارے کوں حيران کيا
۳۔ تيزی کی سجن، جن کوں لگی
--- پکی کوں اس برہے بيران کيا
۴--- ايك نگھ سے نی، سچُو کی دل جان
--- تيرے ابرو مڑگان کيا

Scanned by CamScanner

كافي پيلو ٩٦٩

عاشق ڏسڻ ۾ آيو محبوب گل سناسي
عبرت عجب عجائب اسرار رنگ عباسي

١. بر هي جي اک ببيني كائي مثال چيني
توڙي رنگؤن رنگيني، چينيءَ جي مٽ نه كاسي
٢. گل آب جاءِ جاتي، محبوب راز تاتي
عاشق ڏسڻ كؤن كاڻي، رهندو پتنگ پياسي
٣. صورت ۾ جاءِ دم جي، دم ري نه صورت كم جي
دم ۾ جا لذت غم جي، وه واه ڳالهه خاصي
٤. ابليس جي وڏائي، هر ساس تي سوائي
جيوڻ ته دم پلائي، نه ته تحت نحس ناسي
٥. ثابت **سچل** سچا ري، يارن جي ياد ياري
وحدت جنين وساري، تن تن مٽي اڻاسي

كافي پيلو ٩٧٠

ڏاڍا جو لڳڙا فراق، دانيان وي،
بار بره دا يارا

١. اگڻ اساڏي آوين پيارا وي
ناته مران مشتاق
٢. اندر تون هين باهر تون هين
پهرين هر پوشاك
٣. **سچو** هيئي تيڏي ڏيكڻ دا
اكيان كُون اشتياق

Scanned by CamScanner

داستان تيرهون سسئي ۽ ڪوهياري جي ڪافين جو

ڪافي سسئي ۹۷۱

گولن جي آءٌ گولي
پاروچاٽي ذات جي
۱. سمجهي سگهان ڪينڪي
اي پاروچي جي پولي
۲. عبث آءٌ پي ناهيان
ڳالهه ڪيس ڪنهن ڳولي
۳. ڪري ڪوهيارل ويو
هينئڙي اندر هولي
۴. روئي اُنهن واسطي
چڪ ڪيم هي چولي
۵. ڏسان اکڙين سين
پاروچاٽي ٽولي
٦. **سچو** صدقي تن تؤن
جند جهين هت ڪهولي

ڪافي سسئي ۹۷۲

يار لڳي آءٌ هلندي توسان وو، رهنديس ڪيئن پنيور ۾
۱. پاءِ رڪاب پرين جي، هئي هئي هاريون هوسان
۲. پائي مُندڙان پُور مؤن، راه تي روسان
۳. اوهان پاجهون سپرين! ڇاهي منهنجو لوءَ سان
۴. سُورن سِهرا سر تي، پارؤن تنهنجي پوسان
۵. **سچو** ساعت نه رهي، دم پاجهون دوسان

Scanned by CamScanner

كافي سسئي ٩٧٣

ڪر پاڻ ڪي سجود
تون آهين جاءِ سجود جي
١. تون هين عابد آهين
تون هين معبود
٢. هيڏي هوڏي نہ ڏسين
تونمڙيوئي مقصود
٤. سچو سمجهہ ڳالهڙي
مُحب آهي مؤجود

كافي سسئي ٩٧٤

گولي جي گفتار
پُڌيوَ پاروچن ۾ ڪا
١. ڪُتاڪان قريب جا
هينئڙي منجهہ هزار
٢. آءٌ پيادي نا پچان
سارو ساٺ سُوار
٣. انهن ڪارڻ آئيو
روئڻ ڙارو زار
٤. لڏم پير پنهون ۽ جو
منجهؤن گرد غبار
٥. اچي شال پنيور ۾
پاروچو پيهار
٦. پاڻون پاڻهي پانهنجي
دوست نہ ڪجو ڏار
٧. ڪن سچوءَ ڏي سچ جي
منجهؤن نينهن نهار

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ٩٧٥

هُوان پــاروچي نــال وو نــال
پـلـڪ نـه پـري پـريـن ڪـؤن

١. ورهـيـه ويـڙهـ ڳـذري
هَي هَي هـهـڙي حـال وو حـال

٢. سـاجن تـنـهـنـجي سـور جي
ڪريان ڪنهن سان ڳالهـ وو ڳالهـ

٣. ٿـي ڳـذاريـان ڏيـنـهـڙا
تـنـهـنـجي خاص خيـال وو خيـال

٤. پُٽـيءَ لـڳل پـانـهـنـجي
پـنـهـون سـائـي پـال وو پـال

٥. سـاه **سچوءَ** جو صدقي آهي
اُتـــــــــون آل وو آل

ڪافي سسئي ٩٧٦

نينهن نهوڙي آهيان، هاڻي جيڏيون! ڪاڏي وڃان

١. پـنـڌ پـري ٿـيـو پـريـن جو، عـشـق الاريـو اڃان
٢. ڪـتـڻ وڻـڻ نـه ٿـئـي، جرخو ڦـيـرائـي پـيـان
٣. پـريـن لايـون پـٺ ۾، عـشـق سـنـديـون سـي جنجان
٤. مـوڻـڻ واري ڪـڏهـين **سچو**، نـه مصلحت مڃان

ڪافي سسئي ٩٧٧

سڳـهـڙو لـهـج سـنـيـال
هـادي! هـن جي حـال جي

Scanned by CamScanner

١. ڪوتهه ڪريو قال ڪي
آڻـــي ۾ احـــوال
٢. سگهو موڻج سپرين!
تـوريءَ ڪـيـر ڪـشـال
٣. فـنـا ڪـريـو فـراق ڪـي
ويـجهـو ڪـريـو وصـال
٤. گـهـٽـا لايـوَ ڏيـنـهـڙا
مـاريـس هـن مـثـال
٥. اوهان ٻاجهون سپرين!
هـهـڙا ٽـيـڙم حـال
٦. اگڙ هـن جي آءُ تـون
سچو مَـــجُ ســـوال

ڪافي سسئي ٩٨٧

ٻاروچا ميان هيئن نہ چڏيو هي، نيو نماڻي ساڻ

١. سُڌِ تهنڪي سوز انهيءَ جي، جنهن لڳو ٻاروچاڻو ٻاڻ
٢. ٻانـهـي گـولـي تـانـهـنـجي، پـنـهُون پـاڻ سـجاڻ
٣. پـــريـــن! ڏســـج پـــاڻ ڏي، آهـــيـــان آءُ اڃاڻ
٤. بـــخش **سچوءَ** ڪي سپرين! سندو نـينـهـن نـيـاڻ

ڪافي سسئي ٩٧٩

هـــيءَ نمـــاڻـــي نـــال
نـــجو اداڙي اوڻـــيـــو
١. هيءَ ڪميڻي ڪوڙي
بـره ڪـئـي بـيـحـال

Scanned by CamScanner

٢. پئي ايندي آنهنجي
جيهي تيهي حال
٣. پرين نيندا پاڻ سان
پلا پنهنجي پال
٤. اوهان ٻاجهون سپرين!
جيئڻ آهي جنجال
٥. ٻاروچا تا ٻاجهه پئي
سچو سڪ سنيال

كافي سسئي ٩٨٠

ٻاروچا پئي ٻاجهه، ڇپر هُن كي هيئن نه ڇڏيجو

١. مهر نه لاهيو مُون پرين! مٿان هن محتاج
٢. آهي هن عاجز جي، توتي لالن لاج
٣. هيءَ پٽيءَ پئي تنهنجي، منجهؤن ساري راج
٤. ڳچيءَ پائي كپڑو، ات كريان ايلاج
٥. ٿي پورهايت كيچ ۾، كندين هزارين هاج
٦. اوهانجي ته اچڻ لئي، **سچو** وجهي ٿو واجهه

كافي سسئي ٩٨١

يار تئيكون اسان ڏنهن آوٿا
ول نهين پيچي ووني جاوٿا
١. ڳالهين نه لڳين لوك دي، عشق اساڏڙا چاوٿا
٢. جي تون عاشق نانءُ اساڏيدا، خون جگر دا كاوٿا

Scanned by CamScanner

۳. هڪ خيال ڏرين وو دل تي، غير خيال اڏاوٽا
۴. سانپ **سچو** ري سور اساڏا، ڳلي ڳلي نهين ڳاوٽا

ڪافي سسئي ۹۸۲

ساري ڏيهه نه ڏي ڙي، پانهنجي دل سمجهه سنياڻين
۱. ڳالهه پچين جي پرين جي، حرف حال ئي جا هي ڙي
۲. اچل نه ٽڪر پٽر جان، نينهن پاڻ ئي سان ني ڙي
۳. هاريون انهيءَ حال جو، قرب سجاڻي ڪي ڙي
۴. پاٽهين آهن پڌرا، **سچو** سالڪ سي ڙي

ڪافي سسئي ۹۸۳

توريءَ ڳالهڙيون، ڪنهن سان ڪنديس آءٌ ور واڳ ورائي
۱. واٽ نه وندر جي لهان، وڃيس مُونجهه مُنجهائي
۲. سڪ تنهنجي سپرين! ڏونگر ٽي ڏورائي
۳. هيڪلڙي هيءَ حب ۾، والي ورهُ وسائي
۴. طعنن شهر پنيور جي، وڌم تن تپائي
۵. جيهو تيهو سپرين! **سچو** سندن سڏائي

ڪافي سسئي ۹۸۴

شوريدن ڪوڻ حال، پڇج وڃي پوءِ هُوءَ ۾
۱. مجلس وڃج اُن جي، تا ڏسني خاص خيال
۲. آگهه لهج اُن حي، تا تو وڻ ٽڻ آه وصال
۳. ورق وسارج وچ جا، تا فارغ ٿئين في الحال
۴. عقل اڇلج آب ۾، تا بره ڪرئي بيحال
۵. جي تون وسهين ويسلا، هي **سچوءَ** سچ سوال

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ٩٨٥

پانهن جي آءٌ پانهي، آهيان پاروچي جي ذات جي

١. ڪيم جهليو مُون جيڏيون! دوسن جي ديواني آهيان
٢. آءٌ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، شاهن جي ڪا شاني آهيان
٣. اٽن اوٽارن تؤن، ڪوڙيون آءٌ قرباني آهيان
٤. جي مون پچو جيڏيون! سُورن ۾ ساماڻي آهيان
٥. پچو **سچوءَ** ڪؤن سرتيون! مُحبن جي مستاني آهيان

ڪافي سسئي ٩٨٦

اهين سئنسار ۾ يار تماشا وو ڏيکڻ آيا هي

١. رنگا رنگ وچ يار پياري، عجب جيها رنگ لايا هي
٢. انوري سهيان جُهمر مارون، اڄ سارا ڪم سجايا هي
٣. لک لک ڦيريان دلبر ڏيندا، ناچو ناچ نچايا هي
٤. بيرنگي لهين رنگ دي اندر، **سچو** آپ رَلايا هي

ڪافي سسئي ٩٨٧

پنهنجو ڪيو هي تا پنهنجو ڪيو، مونکي يار پُنهڻ ڪوٺي

١. دوست گڏيو دلجاءِ ٽي، وچؤن سارو وڇوڙو ويو
٢. آدر ٽي ارواح ڪي جيڏيون، ڙي، منهنجو جيئڙوجيو
٣. رهجي اچي يار سان، ڏاهيون اهو ڏسڙو ڏيو
٤. اڳڻ آسروند جي اچي ميان! لالن پاتو ليو
٥. ساه **سچوءَ** جو سرتيون! نيٽن سندي ناز نيو

ڪافي سسئي ٩٨٨

هتؤن اُٿي تنهنجا هوت ويا، تون تا پي نہ ڪوشش ڪرين

١. پير پُٽنِ تون نہ ڪٽين، پُڏيون سي ڳالهيون ڪرين

Scanned by CamScanner

٢. توکي تا ترسائيو، پاڃاڻي پنڌ پرين
٣. اڻي ڪر پنڌ پهاڙ جا، متان تون پوئتي ورين
٤. **سچو** پُڇج سپرين ميان! متان تون تا ڏهرين

ڪافي سسئي ٩٨٩

گولي مان سڏين، اُنهن جي ني آهيان جيڏيون ري

١. پڪا پڪن سامهون، وري مان اڏين
٢. آريجا عاجز کي، ڇپر تانڻ ڇڏين
٣. پاروچا تا پاجهه پئي، گولي ساڻ گڏين
٤. هُون هميشه مُون پرين، لحظي تا نه لڏين
٥. اصل لاکون آهيان، هُهين آءٌ هڏين
٦. اَڻ مُلهه پانهون آهيئي، **سچو** پاڻ سندين

ڪافي سسئي ٩٩٠

تيڏي نيٽاندي ناز، ماري وي پيارا
مئين ڳئي، دل هٿ نهين ميڏي

١. سر عشاقاندي ستان ڏيندیان، چشمان بحري باز
٢. پانهون ٻڌ ڪر در تساڏي، ڪرن نوڙت نياز
٣. دردمندیان ديان دلين لٽيندیان، تيڏيان اکيان دا اغماز
٤. اکين ساڏيان سڻ **سچو** ري، شوقي هِن شهباز

ڪافي سسئي ٩٩١

پرين پرديسي، وو مولي ملايا سانون

١. جڏهان تڏهان وي اسان نماڻيان نون، نال ڪائي نيسي
٢. ويڙهي اساڏي هوون سدائين، ول پڇي هويسي
٣. لک دِلاسي حال اساڏا، ڏيک نماڻيان ڏيسي
٤. سڳ **سچو** هي وو در جهنيدا، پيرين انهاندي پيسي

Scanned by CamScanner

ريختو سسئي ٩٩٢

آئو سنوري يارو، هي عشق انتظاري
آرام نهيں گهڑي کا، هي بهت بي قراري
١- هي زار زار رونا، يهي کام عاشقون کا
گاري سي گل پائيگي اور عجز نياز زاري
٢- کيا خويش کيا قبيلي، سب سون جدا هوا هي
عاشق اٹهائي سر پر، برهي کا بار باري
٣- يهي هاتهه سب صنم کي چهٹ کي خدنگ خوني
عاشق کون آ لگا هي، ناگه گلي کا کاري
٤- شاه عشق چڑها هي، آءُ ديکهه سچو تماشي
اس عقل ديکهني سي، ايك بار هي فراري

ريختو سسئي ٩٩٣

اس درد سون ري تجهه کون، ساري خبر پڑيگا
دم عشق سون ري عاشق، سولي اوپر چڑهيگا
ديکهه حُسن عاشقان کون، ديوانگي جو هوتي
يهي پيچ زلف کي ميں، دل عشق سي اڑيگا
٢- شاه حسن چڑها هي، نازون کي فوج سيتي
غمزي کا وه کٹك کر، عاشق سي اب لڑيگا
٣- برهي کا بادشاه جب، دل پر مکان کيتا
اسلام کفر کو تب، يه تاب سي تڑيگا
٤- نينان کي ديکهني سي، آهو خراب هوتا
کيا چندر کيا ستاري کوزش سچو کريگا

Scanned by CamScanner

كافي سسئي ٩٩٤

مونكي ماريو مونجهاري، ووءِ ووءِ سانگي مون سيئي كيا
١. سوز تنهنجو سپرين! هت ڪُوكان ٿو كاري
٢. انهيءَ ٻاجهون سرتيون! هي گوندر گذاري
٣. ڏاڍي ذات جتن جي، جي عاشق ويا آزاري
٤. وندر جي تہ وڻن ۾، ٿي كيچي نهاري
٥. **سچو** سپرين كي، تون ويهہ نہ وساري

كافي سسئي ٩٩٥

كنهن لڳ ڏونگر ڏوريان، جيڏيون ري!
مُحب آهي منهنجي من، ميان
١. وفي انفسكم افلا تُبصرون، كاكيون! كجو هي كن
٢. اسين تو سان پرين تون ڳولين، اولانيا هي اچن
٣. پاڻ سنيالج پانهنجو، پرين ائين چون
٤. اهڙي اوڏائي ۾، ورهي مينهن وسن
٥. **سچو** سيئي پري پيا، جُدا ڇاتو جن

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ٩٩٦

يار ٻيلي ري، متان مونکي هت ڇڏين

١. هيءَ نماڻي عشق اوهان سان
هي مُحب ميلي ڏي پاڻ غريب سان گڏين

٢. ڪنهن در ڏيندیس دانهن پيارا
پُورن پيلي ڏي آڻي پڪا اوري اڏين

٣. لهه **سچوءَ** جي وو سُڌِ سڃڻ سائين سويلي ڏي
يار ايندين تون ڪڏين

ڪافي سسئي ٩٩٧

نانَونِ حق ڇپايو، ٻلو جيڏيون! وو هوءِ هوءِ هوءِ

١. هينڌي ڪي حيرت يار وي، آهي اُهائي، وي ميان لهرن بحر لنگهايو
٢. هينڌي سان لائن يار وي، رمز اِهائي، هاديُ هيئن سمجهايو
٣. جان جسم جي يار وي، ڏئي ڏيکاري. لک لکوٽي ٽي آيو
٤. رنگ برنگ ۾ يار وي طرحين طرحين، يار **سچوءَ** رنگ لايو

ڪافي سسئي ٩٩٨

پرين منهنجي اڳڻ الله توکي آڻيندو

١. اڇڻ سندي انجي ٽيندیون واڌايون، جگ مبارڪ ڏيندو
٢. وري وسائج پنهنجون جايون، ٽورو مون تي لک ٽيندو
٣. ٻلو پنهنجا هٿڙا ڪري ٻلايون، لڳين مون لائيندو

Scanned by CamScanner

۴. خبران کين جون اسانڊي آيون، توکي پرين ساڻ نيندو
۵. ويو فراق فنا ٿي، وصل ٿيون وايون، **سچو** نانءُ سڏيندو

کافي سسئي ۹۹۹

وري آءُ وطن، منهنجا ساريو نيڻ سکن
موٽ سلامت سپرين!

۱. اکڙيون اوهيڑا ڪري، واٽ ڏسيو ونجهلن
۲. پرين پرديسن لاءِ، جهوريءَ نيڻ جهڄن
۳. عمر اباڻي پار ڏي، وڃون ٿيون چمکن
۴. ميڙائي جا مينهڑا، ويجهو شال وسن
۵. اَلهه آندا مُون پريں! دارو درد مندن
۶. **سچل** سِڪ سبيل ٿي، پاروٺن جا پرين

کافي سسئي ۱۰۰۰

منهنجو سگ نہ سياپو، ڪاکيون! ڪيچ ڏٺين سان

۱. هتوٺن هلي اتهين، آءٌ ڪنديس ڙي ڪاپو
۲. پانهي خان پروچ جي، ٿيس لاهي لاڳاپو
۳. شال نہ ڏڪيءَ ڪي ڏين، ڪنهن ڏوهوٺن ڏوراپو
۴. جيڏيون هِن مئي جو، آهي جانب جياپو
۵. **سچو** سڃڻ سان ڪندو، منهنجو مولي ميلاپو

کافي سسئي۱۰۰۱

رويو حال چوان، الله جي اوڻي آيم اوڏاهون

۱. پايو پاند ڳچيءَ ۾، آءٌ پيرين تن پوان
۲. سرتيون! انهيءَ سوز جي، ناهي سُڌِ اوهان

Scanned by CamScanner

٣. سڪن مٿي ڪينڪي، آءٌ مٽيان سور سنوان
٤. سچڙ سچڙ ٿي ڪريان، ٻيون لاتيون ڪين لوان
٥. جوش تهين جا جاڻ ۾، مونکي آهن نِت نوان
٦. **سچو** اکڙين مان ٿيا، ريلا رت روان

ڪافي سسئي ١٠٠٢

تئيڪون اسان ڏهون آوٽا، جاني ول نہ جاوٽا

١. اسان اُتون دلبر سائين، ٻلا چت نہ چاوٽا
٢. تيڏي طرفؤن طعني تهمت، ميڏي دلڪون ٻاوٽا
٣. نانءُ تساڏا راتو ڏينهان، ڳلي ڳلي وچ ڳاوٽا
٤. ڏونهين جڳ وچ تيڏا دلبر، سانون درس ٻاوٽا
٥. سر افرازي اها **سچو** ڪون، تيڏا مهٽا لاوٽا

ڪافي سسئي ١٠٠٣

هيڏي اچڙ جي آهہ ڙي، پانڌي يار پرين ڪي

١. پريان ري پرديس ۾، آهي اسان هاءِ هاءِ ڙي
٢. وهڙ ڪارڙ يار سچڙ جي، جي ۾ جوڙيم جاءِ ڙي
٣. پوٽيون هِت پٽايان، لکين لالن لاءِ ڙي
٤. سڪ سچڙ جي ساه ۾، ساڻي تانہ سماءِ ڙي
٥. سدا **سچوءَ** ڪي آهيئي، دوستن جي واءِ واءِ ڙي

ڪافي سسئي ١٠٠٤

توڏي هُين ڪا تياري، اجهي اڄ سي ايندئي ميان!

١. رکج وڏو آسرو جي تون محب ماري، آهي نال نہ نيندئي ميان
٢. اچي اکڙ تانهنجي ڏيندئي سي دلداري، سنوان طالع ٿيندئي ميان

Scanned by CamScanner

۳. وٽي گهٽي يار کي زور نہ زياده زاري، وري پوءِ نہ ويندئي ميان
۴. آهي هٿ حبيب جي، ڳالهہ **سچوءَ** جي ساري، توکي ڏاڻ سي ڏيندئي ميان

کافي سسئي ۱۰۰۵

لٽي هلاکي هاڻي، دوست وسي منهنجي ويڙهي

۱. کوٽي کيوَ پانهنجو، پرين پاٽون ڇاڻي
۲. ناحق اوتيم هوت ريءَ، پنبڙين مؤن پاڻي
۳. سيئي آيا هُيس جنين لاءِ، جيڏيون ڏي جوڳياڻي
۴. وٽي وهاريئون ويجهڙو، **سچو** سو سڳ سجاڻي

کافي سسئي ۱۰۰۶

مونکي مُرکڻ سان تون کيئن ماري وئين

۱. رکبُي پڇنديءَ پانهنجي، موٽي ڏوراپا ٿو منکي ڏئين
۲. آءٌ ايلازڙ دوست توئي کي، يار وجي اتي ياکي ٿئين
۳. آءٌ مُئي تا گهوري جاني، سدائين سو تون تا جئين
۴. کهڙي ڳالهيؤن يار سڃڻ ريءَ، هيءَ نماڻي نال نہ نئين
۵. آهي **سچو** جيئن يار توئي سان، هُج تنهن سان تون بي تئين

کافي سسئي ۱۰۰۷

مٽان ڏوراپو کو ڏيو
ري ساڻيو! مونکي

۱. هيءَ کنيزک مُلهہ خريدڻ
کين هٿؤن مون ٿيو

۲. حرف اسان تي آهي اصل کؤن
وقت ويسر ۾ ويو

Scanned by CamScanner

۳. پلؤ پائي مديون
پيش پنهونءَ هي پيو
۴. **سچو** ڪوٽي پانهنجو
پاڻ قربن ڪيو

ڪافي سسئي ۱۰۰۸

مُکا دلاسا ڏيئي، ري سجن مونڏي صبح

۱. دوستن دلداريون ڏنيون، حال ڏسي تا هيئي
۲. پسي عيب اساهنجا، مهر پنهونءَ کي پيئي
۳. وريو ورق وصال جو، وائي هجر جي ويئي
۴. ماريون مُلاقات جا، وس ڪيا هُيمِ ڪيئي
۵. **سچو**سيئي آئيا، جيءَ گهريا هُيمِ جيئي

ڪافي سسئي ۱۰۰۹

مونکي تنهنجو آءِ، اچڻ جو وڏو آسرو

۱. جوڙي ڇڏيم وو جائيون، ميان الله، لُون لُون ۾ تولاءِ
۲. اڳڻ آسروند جي ميان الله، پير مبارڪ پاءِ
۳. ڪڏهن ڪڏهن ٿو ڏسان ميان الله! توکي جاءِ بجاءِ
۴. ٿو گذاري گوندرين، ميان الله **سچو** تهنجي ساءِ

ڪافي سسئي ۱۰۱۰

آءُ ڪانگا ڪا ڪر ري مونسان هرهر پيو ڪر ري.مٿي ڳالهه پرين جي

۱. ڏاها ڏئوڪي وجي، اوهي پرين ڪهڙي پر ري
۲. ڪي حال پچيائون هن جو، ڪا ڪندا ويچاريءَ ور ري
۳. محبن هي ميلاپ جي، ڪا ڪندين پيٽي پر ري

Scanned by CamScanner

۴. آءٌ توئي توڻ صدقي، هوئين دوستان در ري
۵. پريان سندي پار جي، آهي سڪ **سچوءَ** کي سر ري

کافي سسئي ۽ سارنگ ۱۰۱۱

اُهي بَڙيون ٻاروچا اڄ اڳڙ منهنجي ايندا

۱. هيءَ شريڪت ڪا ڪندي اڙي سرتيون! سائن ساڻ ناهيان شانياڻي تن جي جان پرجهي ڏنم پاڻ ٻانهي ڪري پانهنجي اُهي صاحب سڏيندا
۲. اُٺئي ويڻي تانهنجون هن واتين وروهان ڏين سيئي سرتيون مونکي لکين ٽيون لُوهان اهو اٽم آسرو گولي گڏيي گڏيندا
۳. ڪيئن جون مونکي خبران، آڻي پانڊيءَ پهچايون هُيون هوتن سنديون هيڏي ورڙ جون وايون **سچو** جن جو آهين، سي ڇن نہ ڇڏيندا

کافي سسئي ۽ سارنگ ۱۰۱۲

اُهي ڪاڪيون ڪوهيارا اڄ اڳڙ منهنجي آيا

۱. پيهي پاڻهين آئيا، جن ڏور ٽي ڏسايو هٿؤن جنين هينئڙو، اديون مون ٽي ڪسايو جنجي ڪارڙ جيڏيون! مون ٽي پانڊي پچايا
۲. هُيس جنين ڪاڻ آءٌ آيل اُبائون دل ۾ دردمنديءَ جي وڏو وِرهُ وڏائون پوتيون پٽايم جن لئ اوهي مولي ملايا
۳. واعدا پنهنجا سرتيون! اُهي پاڻهين پاريائون نماڻيءَ جي نجهري اچي پڪا اڏيائون

Scanned by CamScanner

اُنهن کارڻ ڪاڪيون! مون ٿي وره وسايا
۴. ڪرم ڪيائون پانهنجو هاڻي حال ڏسي هيئي
وائي فلڪ فراق جي، هاڻي وڇوڻ ئي ويئي
سچو گڏيو سڃڻا، جنهن ٿي ڪانگ اُڏايا

ڪافي سسئي ۱۰۱۳

پاروچي لوڻ لائي، وو ميان، ڪوهياري لوڻ لائي
۱. ڳالهه نه ڳرهڻ جهڙي، ڏاڍي سور سلائي
۲. سرتيون! مون سان سُور ۾، پينر ڪا نا پائي
۳. هير وڻي سا هانوَ ڪي، ڏانهن عجيبن آئي
۴. سر ڏيڻ سڃڻ ڪي، **سچو** آهي سڃائي

ڪافي سسئي ۽ پيروي ۱۰۱۴

ڪيچي ويڙهه ڪالهه
آءٌ ٿي وره وسايان
۱. مانَ نماڻي هُنِ جي
سگهي لهن سنيال
۲. پينر آهِ پنيور ۾
جيڻ منجهه جنجال
۳. جن لئي ڏونگر ڏوريان
سيئي ڏسان شال
۴. آءٌ پيادي نه پڃان
ڏاڍا ڪاف ڪشال
۵. مون جياريو جيڏيون
سندن خواب خيال
۶. ساڻ **سچوءَ** ڪن سپرين
پلائي جا پال

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠١٥

پُڇيون ڪين پرين ميان! حال منهنجي جون خبران
ساڻيوڙي پانڌيوڙي

١. آهي ٻاجهه ٻروچ ڪي، مٿي معذورن ميان
٢. ساه سڪي ٿو جن لئي، سي مُون کي سارن ميان
٣. هِن دم دلاسا ڏنا، سرتيون! ساڻيڙن ميان
٤. تون هِت ڪهڙي ڳالهه ۾، تو هُتِ ياد ڪرن
٥. تون جنين جي آسري، سي توکاءِ ڇڏن
٦. **سچو** سنگت پانهنجي، مانَ غريب گڏن

ڪافي سسئي ١٠١٦

ڪجو ائين ويساه، سرتيون! منهنجي ڳالهه سچيءَ تي

١. آيو ڪنهن تا ڳالهه ڪؤن، شُهدائي ۾ شاهه
٢. لڏم هڻي هوت جو، ريجهائي مؤن راهُ
٣. جوئي هدايت ۾، سوئي آهي گمراه
٤. احمد صه علي عه هڪڙو، آهي پاڻ الله
٥. ساڳين آتوَ پاڻ، سو ڇئو جو ارواح
٦. **سچو** سچيءَ ڳالهه ۾، ڪهڙو ڪيم گناه

ڪافي سسئي ١٠١٧

آءُ هلي ڏس حال، منهنجو ٻاروچاڙي ميان

١. راتو ڏينهان رُوح ۾، تنهنجو خاص خيال
٢. اوهان ٻاجهؤن سيرين، ساعت ٻايان سال
٣. مون تا نماڻيءَ سان، ڪر ٻلائي ٻال
٤. سارڙ سِکڻ آنجو، مونکي مِلڪ آئون مال
٥. مرشد سارو ميجيو، **سچوءَ** جو ٻه سُوال

Scanned by CamScanner

كافي سسئي ١٠١٨

اِهو ڏاهيون ڏَسُ آهِ، سانول اِتي وسي ٿو

١. قولَي لهج پاڻ مؤن، پري نہ پيرا پاءِ
٢. دائم آهي دوست جي، تنهنجي جيءَ ۾ جاءِ
٣. كنهنجي كارڻ ٿي كرين، هاري ري هاءِ هاءِ
٤. سوئي ڏسندڙ سُٹندڙ، پاٹئين ڳالهيون ڳاءِ
٥. سارا ڏونگر ڏورئين، كاكي ڏي كنهن لاءِ
٦. **سچو** اوڏو ساه كؤن، كير چوي تا ناهِ

كافي سسئي ١٠١٩

وجي كا منٹ كري، منهنجي يار كي وو

١. هوءِ سدائين ساڻ مون، پرين نہ وچ پري
٢. حال نماٹيءَ جو ڏسي، وري سو پوءِ وري
٣. وٹي كا دامن دوست جي، اكين تا آب پري
٤. ساريو توكي سپرين! هِت مريض مري
٥. رُسنِ نہ تن سان جن ريءَ، **سچو** نہ ساه سري

كافي سسئي ١٠٢٠

جو ٿو ڳولين يار. سو تا تو ۾ آءِ

١. ڈونگر كيڈا ڈورئين، چؤ تون كني لاءِ
٢. هيڈي هوڈي نہ وجين، پاڻ ئي ۾ مُنهن پاءِ
٣. دل واري خاني ۾، سندي جانب جاءِ
٤. اهڙي اوڈائي جي، **سچو** كل نہ كاءِ

كافي سسئي ١٠٢١

مونڈي واڳ ورائيندا، سرتيون! سگهڑا ٻيليڑا كوهيارا

١. پكا پكن سامهون، اوري آڻي آڈيندا
٢. پينر هن پنيور جا، وري پاڻ وسائيندا

Scanned by CamScanner

٣. سيئي ڏسنديون سرتيون! روندا هوت كلائيندا
٤. پاڇاڻي جا پاڻهين، پكا پاڻ پڇائيندا
٥. سور **سچو** ري هوت سان هي غريب گڏائيندا

كافي سسئي ١٠٢٢

ڏونگر ڇو ٿو ڏكائين، پير پيادين جا ميان

١. پنڌ كرن جي هوت پنهونءَ ڏي، تن ڇو روهه رهائين
٢. اهو ڏوراپو ٿيندئي اوڏاهين، ڇو طالب ٿو ترسائين
٣. هيئن تو گهرجي عاشقن سان، ميان كا مدد كرائين
٤. سمجهي ڏسج ساڻ ڏكوين، پانهڻ كيئن ٿو پائين
٥. هُو جي منجهن اچي توئي ۾، سي هوتن ڏانهن هلائين
٦. كر كو ٿورو سگ **سچوءَ** سان، مُحبن ساڻ ملائين

كافي سسئي ١٠٢٣

مونكي آدر ڏي، ميان! سهڻا ساٿيڑا ڏي

١. وجي ڇڄج پرين كي، حال منهنجو هي ڏي
٢. پريان سندي پار ڏي، قاصد اچن كي ڏي
٣. واعدا پارجِ پانهنجا جاني كيڙئي جي ڏي
٤. هو جي كيو ڳالهڙيون، ساه نه وسرن سي ڏي
٥. سچو سنگت پانهنجي، نانؤ ڏڻي جي ني ڏي

كافي سسئي ١٠٢٤

كالهه قاصد اوڏاهون آيا، جاني ايندئي اڄ جائي

١. اسين تا اوڏاهون اڄ آيا سي، هُئن اچڻ جا سعيا، كيچ هُئي هي وائي
٢. سكين سارين وو جن كي ميان والي پوءِ ورايا، اچي ٿيندئي ڏك پائي
٣. ڏينهن گهٽا تو وو هوت پنهون ري، ورهي مينهن وسايا، آئي اوڏاهون واڏائي
٤. اجهي ايندئي وو سپرين! ميان ڏينهن گهٽا جن لايا، كل نه پوندئي كائي
٥. **سچو** سكندي وو سال ٿيا، ميان ڏكيا مُون ڏينهن لنگهايا، وجي هي عُمر اجائي

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٢٥

مونکي آڏر ڏيجو، سڪئو ساٿيڙو پسان

١. اڳڙ آسرونڊ جي، پَلي پريجو
٢. مُئي ڇو نہ جياريو، اوهين الله لڳ اچيجو
٣. ڪڏهن ايندم سپرين، ڪو ڇگو سُپ ڇئيجو
۴. سڪان ساريان جن کي، سي گولي ساڻ گڏيجو
۵. پڪا پڪن سامهان، اوڏا آڻي اڏيجو
٦. **سچو** سنگت پانهنجي، سائين لڳ سڏيجو

ڪافي سسئي ١٠٢٦

گهوري جاني ري جدائي، گڏ گهاريون، هوءِ هوءِ هوءِ

١. معلوم توکي مُون پرين! سائين سا ڳالهہ سپائي
٢. شال ڪنن سان نہ سُٹان، آءٌ تنهنجي وڃڻ جي وائي
٣. توسان ڇنڻ ڪاڻ تا، يار نہ مُون لڙه لائي
۴. پن وڇوڙي جي شاهي دلبر! ورسان گڏ گدائي
۵. ساڻ **سچو** هوءِ ميان سپرين! سائين تون گڏ سدائي

ڪافي سسئي ١٠٢٧

مونکي مُحب ويو ماري، ڪنهن دَرِ ڏيان دانهڙي

١. سوز تنهنجو سپرين! ڪُوڪان ٿو ڪاري
٢. هوت نماڻي هِن کي، ويهہ نہ وساري
٣. نيو پورهيت پاڻ سان، پنهنجي ڪِ قطاري
۴. ويو پاروچو نڪري، عاشق هي آزاري
۵. راتو ڏينهان سپرين! **سچو** سگ سنياري

Scanned by CamScanner

كافي سسئي ١٠٢٨

مونكي دوست ڏنيون دلداريون
جيس آءٌ تا ني وو جيڏيون
١. پاجهه پاروچا تو پوي
سُٹي ضعيف جون زاريون
٢. سٹيون سيئي سڃڻن
عاجز جون آريون
٣. لٿا فلك فراق جا
آءٌ تا گڏ گذاريون
٤. توكي تا تر جيترو
وار نه وساريون
٥. سيئي **سچو** آئيا
جن لئي جهُونگاريون

كافي سسئي ١٠٢٩

هوت اوهان تي آهي
ننگ نماڻي جو
١. هيءَ كنيزك مُلهه خريدڻ
سگهُ ٿي كو ساهي
٢. جيئن هلايو تيئن هلان ٿي
ڏور وڏي تو ڏاهي
٣. هي پاڃاڻي پرين سا پرتيو
باب سنديؤ توڙي ناهي
٤. ساه **سچوءَ** جو، در تنهنجي ڏنهن
هڏ نه آسر لاهي

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٣٠

ڪنهن حال چوان هي
اديون ڏي واويلا وو

١. ڏيرن ڏئي ڇڏيا
موتي سُور نوان هي

٢. مهٹا محبوب جا ڏنا
پاڻ اوهان هي

٣. سکن اُتي سرتيون!
ڏيان نہ سُور سَنوان هي

ڪافي سسئي ١٠٣١

آءُ وري تون تا ويهہ، سچڻ آءُ تا تنهنجڙي آهيان

١. آهون عاشقن جون سُٹي، ڇڏ پرين پرڏيهہ
٢. پکن پاپاٹن جي، آءُ پرين تون پيهہ
٣. اصل لاکون آهي هي، ڏاها تنهنجو ڏيهہ
٤. **سچو** چوي سپرين، آءُ ساري ساٹيهہ

ڪافي سسئي ١٠٣٢

ڳالهيون ڳڻ تنهنجا يار، سچڻ مونکي روز رُوارن ٹا

١. سر تي سوز فراق جا باري چاڑهيئي بار، سچڻ ايڏنهن نيڻ نهارن ٹا
٢. منهنجو اندر اڏ ڪيو، جانب تهنجي جار، سچڻ! مونکي ماٹا تنهنجا مارن ٹا
٣. پرين پاڙ پانهنجا جي ڪيڙئي قول قرار، سچڻ منهنجو جِيءُ جيارن ٹا
٤. ماٹهو شهر پنيور جا، مهٹا لک هزار، سچڻ مونکي ڏيهہ ڪوٹ ڏيارن ٹا
٥. قاصد چَون وو ڪيچ جا، تو هت سار سنيار، سچڻ توکي **سچو** پاڻ سنيارن ٹا

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٣٣

هوت ٻاجهون هِت هُوان، ڪهڙي طرح جيڏيون!

١. ماريون محبوبن جي، روئي ساريون سارُوان
٢. ڪوڙين قرباني ٿيان، ساجن ايندو سُئان
٣. .....
٤. .....

ڪافي سسئي ١٠٣٤

پاڻ کي يار نہ ڄاتوم، پينر پُلي آهيان

١. ٻُڌيس ٻيائي ۾ جو، پاڻ نہ سڃاتوم
٢. موڳائي جي مُونجهہ ۾، ٿي وِرهُ وسايوم
٣. اَٽڻ وِهڻ پانهنجو، هي پينر ٿي پانيوم
٤. خاص مُناري خاڪ جي، سو سرتيون سمايوم
٥. ڏسڻ ٻُڌڻ هڪڙو، هي ڪاڏنهن الايوم
٦. ينطق واري رمز ۾، هِيءُ سِرُ سلايوم
٧. نالو آدم جو رکي، هِن حيرت هلايوم
٨. نانوَنِ منجهؤن نانهہ ٿي، هت **سچو** ٿي آيوم

ڪافي سسئي ١٠٣٥

هلان ٻنهل توساڻ، ساڻ هلي تنهنجي گولي ٿي گذاريندیس

١. چلي پيٽيون چپرين، سنگت تہ توئي ساڻ
٢. ڪوجهي ڪاري هان تنهنجي، پنهل پاڻ سڃاڻ
٣. توري توريندو ڪيترو، محبت وارو ماڻ
٤. توڙ نباهج تون ڏٽي، سهٽا **سچل** ساڻ

Scanned by CamScanner

كافي سسئي ١٠٣٦

١. سان تي هادي، والڙا حال وي ميان. ٻي ڪوڙي ني ڄاڻن قال وي
منطق علم تي ڪوڙ ڪهاڻي، نا وچ ڪنز قدوري ڄاڻين
ڪافيه تي اعتبار نه آڻين، اي سڀ تال پخال
٢. نا وچ مُصلي نا سئلي، نحو صرف سڀ روگ رسالي
ڪالي مَسُ تي ڪاغذ ڪالي، ڪوڙي قيل مقال
٣. ڪم نهين اهو وچ ڪتابين. نا وچ سُود نه وچ ثوابين
عالم ڏيڪ ڀُلائن بابين، مستي دي ڳالهه محال
٤. پڙهيي سبق پڙهاون ڪيئي، لهندي ٻولي سِرُ نه سوئي
عشق ڪنون ٿي دور اهيئي، هي سڀ خام خيال
٥. ناوچ ورد وظائف آوين، نا وچ ڪشف ڪرامت جاوين
بره وچي تون بهرا پاوين.ڏيسئي قرب ڪمال
٦. ديس ڇوڙيون پرديس ڦريندي، نال ڪتابان اُٺ ڀريندي،
صري تي لاهور لڙيندي، توڙي عرب چلن الحال
٧. ڪفر ايمان جڏهان وو هڪ ٿيوي، عشقدا پيالا تڏهان پيوي
ساڻ سلامت سوئي نيوي، اي تا خاص خيال
٨. ورق وچي دا هيئي وسارين، ڳالهه هاديدي سيا سنيارين
نال اُهيندي عمر گذارين، جُوئي ڇوڙ جنجال
٩. **سچو** سارا سِرُ سبحاني، جي تون ڄاڻي جڏ ڪٽ جاني
ينطق وائي لات لساني، اي سڀ ايڪ جمال

كافي كوهياري ١٠٣٧

كندي سا كيئن قرار، جيڏيون! جنهنجو جيئڙو جتن سان
١. وره وارن ڪي سرتيون! ويجهي آهي وٽڪار
٢. ٻڙيون ٻاروچن جو، نينهن لڳم نروار

Scanned by CamScanner

۳. محبت ڳڏي نہ ليي، خرچين لک هزار
۴. ڏسنديس اکڙين سان، ڪاڪيون ڙي ڪوهيار
۵. ڇڏي لاڳاپا لوڪ جا، عشق ڪيُرِ اختيار
٦. سدا آهي **سچوءَ** ڪي، پينر بره بهار

ڪافي سسئي ۱۰۳۸

ڏاڏو جدائي جل ميان ووءِ ووءِ ووءِ ووءِ جيڏيون! مون وٽون هوت مهل

۱. اچي ويهَ اکين ۾، پاسي ٿيءَ نہ پل، ميان ووءِ
۲. ڪيچ وڃڻ ڪم ڪهڙو، ڳالهه سانول اها سَلِ
۳. مُئي ڪان منهنجا پرين، چوري يار نہ چل ميان
۴. ڪري ڪشالا ڪاف ۾، لڏم ڪوهيارل ميان
۵. **سچوءَ** جي نہ ساه سان، هُياسي رلل ميان

ڪافي سسئي ۱۰۳۹

حق ٿيا اثبات جڏهان، تڏهان گم هويا اِهو دعويدار

۱. ٿي منصور ماريسان هڪدن، اناالحق واليان اظهار
۲. عين ڪيتي تون گهارين اٿان، لهه ڳئي پي گرد غبار
۳. زنگ لٿا ظلماتي والا، ذاتي نُور هويا نروار
۴. لنگهه ڳئي ڏينهن خزان دي، ڪليا باغ بسنتُ بهار
۵. پول پنان هُڻ حق سچاتا، **سچو** ساروئي سينسار

ڪافي سسئي ۱۰۴۰

اُتي پيو وڃي خيال منهنجو، جتي دم قدم جي جاءِ نہ آهِ

۱. لامڪان مؤن لهر لڙهي، جنهن مٿي سپ هوءِ هواءِ
۲. وحدت جي درياه منجهاروُن، تون بي وڃي موج مناءِ
۳. بره توتي بادل آندو، اناالحق هي هڪل سُواءِ
۴. قطرو پاڻ نہ پائنج، عاشق ساروئي تون بحر سڏاءِ

Scanned by CamScanner

٥. ٻئي جهان هڪو ڪر ڄاڻين، جلوه تنهنجو جاءِ بجاءِ
٦. **سچو** آهين سِرُ سُبحاني، ظاهر جو تون نانءُ وجاءِ

ڪافي سسئي ١٠٤١

اديون اُهي اڄ آيا، ڏيهه جنين لئي ٿي ڏوريان

ڏيو مبارڪ وو سرتيون مونکي، ميان مولي سي مُحب ملايا
چرخو ڪيهو آءٌ چوريان
در پيهي سي مون آئيا، سائين الا، جن لئي مُون وره وسايا
پاڻ مٽائين گهوريان
پرڏيهه ويا ها وو مُون پرين، سائين الا، واليءَ سي پوءِ وراي
تڪ ڪيها ٻيا ورايا
سچو اتي وو دوست گڏيوسي، ڏينهن گهٽا جن لايا
وندر ڪنهن لئي ووڙيان

ڪافي سسئي ١٠٤٢

مان اڇن اُهي ڪائون، مُئي ويا جي ماري

١. سُپيريان ريءَ سرتيون! ميان آهيان آءٌ اُپائون، وِهان سي ڪين وساري
٢. پرين ڏسن وو پاڻ ڏي، ميان آهيان ڏهارڻ آئون نينداسي نال قطاري
٣. اچي اسان وٽ سپرين! ميان اديون ڏي شال اوڏاهون، مان ڪوڏينهن گذاري
٤. آيا قاصد ڪيچ جا ميان! ائين سو مونکي اُتائون، يار سڃڻ توکي ساري
٥. آڏيءَ رات وو اُٿي ڪري ميان! جت ويا هُئر جائون، تائون سا نِتُ نهاري
٦. هاري توسان هوءِ جي ميان! ڪي جي قول ڪيائون، پرين اُهي سپ پاري
٧. ويهين وسارين وو اتهين، ميان! هي جانڪار ڇيائون، **سچو** دوست سنپاري

ڪافي ڪوهياري ١٠٤٣

پلو آءٌ تان يار سڃڻ جي، ٻانهي گولي آهيان آءٌ تان

١. آءٌ نماڻي عيبن هاڻي، ڏوهن ۾ آءٌ تا اولي آهيان

Scanned by CamScanner

٢. جيهي تيهي آهيان ڏي جيڏيون! جانب جي آءٌ تا جهولي آهيان
٣. پلپل پڇن حال منهنجڙو، ڳالهه اُنهيءَ جي تا ڳولي آهيان
٤. هيڏي هوڏي نه وڃان، مُحبن جي آءٌ تا ٽولي آهيان
٥. ڏس **سچوءَ** ڏي سپرين! ناتو ڇڏ هِت ڇولي آهيان

كافي كوهياري ١٠٤٤

آءٌ ويندي پُنهڙ جي پار، ميان ٽڪيس كين ٽرن ۾

١. مون مَنُ گڏي گونڊرين، كيچي ٽيم قرار
٢. جات جتن جي جيڏيون! جيءُ وڏو آ جار
٣. كندي وجي كيچ ڏي، كنيزاڻي كار
٤. آهي كاڻ قريب جي، وڃڻ مون وٽكار
٥. پوڻ اٽم پند ۾، دوست پٽيءَ درڪار
٦. سارو كم **سچوءَ** جو، آهي اُنن جي اختيار

كافي كوهياري ١٠٤٥

مونكي نال نئين ني، اهو كيچيڙن جو قافلو ميان
اگڻ شال اچي ني، اهو سپرين جو ساڻڙو

١. پٽيءَ هوت پنهونءَ جي ميان! هلڻ ساڻ هئين ني
٢. پُڇاڻا پرين جي تون، جِندُ كيئن جيئن ني
٣. وڏي ٻاجهه پروچ كي، اُتي چون ائين ني
٤. **سچو** چَون سُڌير ٿي، پوندي، مهر منئن ني

كافي كوهياري ١٠٤٦

آءٌ ٻانهن جي سا ٻانهي
آهيان عبدار ميان

Scanned by CamScanner

١. عُمر سڀائي ڪوڙ ڪمايم
بخش اهو مونکي جاني
٢. روز ازل ڪؤن ابد تائين
آهي ڪچيءَ منهنجي ڳاني
٣. ڏوه ڏنگايون ڏِس نہ منهنجيون
مُحب ڪرين مهرباني
٤. ڪيئن **سچوءَ** جي دل سا دلبر!
دوست ڪيوَ ديواني

ڪافي سسئي ١٠٤٧

سو ڏاڍن جو آهي ڏيهہ، جاني نينهڑو وو نيڻن لايو

١. جاتي پهچ نہ پکي ميان الله! سو سيڻن جو ساڻيهہ
٢. جي ٿي وڃان در دوستن جي ميان! چمان پيرن ڪيهہ
٣. ڪوٽيو ڪُهن سپرين ميان الله! وڃي پکڙي تن پيهہ
٤. **سچو** عاشق جي آهين ميان الله! وادوڙين وڃي ويهہ

ڪافي سسئي ١٠٤٨

واڳان ڦيري آءُ هيڏي آءُ
اوريون پاڻ ۾ مِڻيون ڳالهيون

١. اوهان ٻاجهون وي سپرين!
هاڻي ڏنم سور سماءُ
٢. نهارينديِ واٽڙيون
هاڻي سڪ چڪايم ساءُ
٣. پرين سنديِ پار جو
هاڻي لڳي ٽڏو واءُ

Scanned by CamScanner

۴. **سچوءَ** جو نـي مُشـڪـل آهـي
هـاڻـي تـوري هـت هَلاءُ

ڪافي سسئي ۱۰۴۹

اکيان تيڊي نال لڳيان، هڻ لڳيان

۱. سـرتـي ڳنڍم ماهـي والـيان سڳيـان، هِن سـڳيـان
۲. نـينهن ديان نؤبتان دل اساڊي تي وڳيان، هو وڳيان
۳. بره تـيڊي ڪنـون سڀ سيالين ڀڳيان، هن ڀڳيان
۴. نـال اساڊي ڳالـهـيـان تـيڊيـان، اڳيـان هـن اڳيـان
۵. عشق جنهان نون **سچو** آهـ، سي وت تڳيان هِن تڳيان

ڪافي سسئي ۽ ڪوهياري ۱۰۵۰

مُون ۾ عيب اپار، سڃڻ تهنجي ڀانهڙي آهيان

۱. ڀانـهـن جي آءٌ ڀانـهـي آهيان، ساري سڀ ڄمار
۲. هـوان هـمـيـشـه هوت سـان، شـال نـه ٿـيـان ڏار
۳. اوڃڻ ڪـنـديـس اکـيـون، پـٿـر ڪـنـديـس وار
۴. پـاڻ تـوئـي تـؤن صدقـي! سِسِي سـاڻ ڪـپـار
۵. ساه **سچوءَ** جو سوگهو ڪيڙو، رکي يارانو يار

ڪافي سسئي ۱۰۵۱

هِيءَ ڇڊيج هُو وڃيج، متان ڪابي ڳالهه پچيج

۱. دُئي واري دام ڪـؤن، پـهـريون طـالـب پـاڻ ڪـڍيـج
۲. مـرشـد جيئـن فـرمـايـو، واقـف سـوتـا ڏَسُ وڃـيـج
۳. سِرُ سـهـي ڪـر پـانـهـنجو، پـيـا آڏاڻـا ڪـيـم اڏيـج
۴. لاري لڳ نـه ڪـنـهـن ٻئي، عاشق! انهين پـنـڌ پئـيـج
۵. ويـسـه واري واٽ تـي، **سچو** ري تـون سِرُ سـٽـيـج

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٥٢

آڏو مانَ اچن، وو ڏسي هِن جو حال پلو

١. هوجي ڪَيَڙِم ڪاف ۾، ڪُوڪان پون ڪن
٢. ڪيچيڙن جا ڪاڪيون! تا رهبر وات رَسن
٣. خبران ڏڪن سنديون، اڳيون پاڻ پچِن
٤. پاروچا پاجهه پئي، چگي آءٌ چوَن
٥. پنڌ ڪريندي پرين ڏي، سر پرزا پي ٿين
٦. **سچو** پنهنجي سات سان، نماڻي بہ نين

ڪافي سسئي ١٠٥٣

سات سلامت آيو، لکي پاروچل جو

١. ڏينهن فراق جا لنگهيا اسان تؤن، مولي سي مُحب ملايو
٢. ميلاپي جو مهر پئي تان، واليءَ ورق ورايو
٣. وڙ پانهنجي ڏي پاڻ ڏنائون، ويڙهو هي يار وسايو
٤. ميرا لاهي اڇا ڪياسي، جو تن تا نينهن نيايو
٥. ڏيو مبارڪان سيئي **سچوءَ** ڪي، جو سُورن اڄ سِڏايو

ڪافي سسئي ١٠٥٤

هِن جو شرم سيوئي آهي، تا پير مُغان تي

١. وري ڏنائون پاڻ ڏي پاڻهين، نا تہ هُوا حال اسان هي
٢. اُهي پاڙيائون پاڻهين پانهنجا، هوجي قول ڪيائون ڪي
٣. جن پياريو پُر پيالو، شال ساقي جين سي
٤. سدا اُهي وسن اسان وٽ جاني جيءَ جا جي
٥. سِرُ **سچوءَ** ڪي ڏسيو ڏهاڙيون، پنهنجي يار هٿؤن ڏي

ڪافي سسئي ١٠٥٥

گولن جي آءٌ گولي، خان پاروچا تنهنجي

١. آءٌ نہ ڪنديس ڪڏهين، پانهپ ريءَ پولي

Scanned by CamScanner

٢. سُڌ اچي لهه سگهڙي، آهيان سا عيبن اولي
٣. هِن ڏُهارڙ جهڙي کا لهندين ڪوٽن مؤن مس ڪولي
٤. نانءِ سائين جي يار سچڙ ري! ڪر **سچوءَ** سان سولي

ڪافي سسئي ١٠٥٦

آءُ وري تون تا ويهه، ڙي سچڙ! آءُ تاتنهنجڙي آهيان

١. آهون عاشق جُون سُٽي، ڇڏ پرين پر ڏيهه
٢. پڪي پاڇاڻين جي ميان، آءُ پرين تون پيهه
٣. اصل لاکون آهيئي، هِيءُ ڏاها تهنجڙو ڏيهه
٤. **سچوءَ** جو ني سپرين! آءُ ساري ساڻيهه

ڪافي سسئي ١٠٥٧

مئين ڪن جالين وو سهڻا پرديسڙا

١. اسان نماڻيان ٿُون نانءُ سائين دي، ورق وڇوڙيدا والين
٢. طعنه ٿُهمت تيڏي طرفون ،ڏيون سپ سيالين
٣. دل ميڏي ڪنون وسر نه ويندياں، ڳجهيان تيڏيان ڳالهين
٤. آوين تون پيارا اَگڙ اساڏي، حرف هجر دا ڳالين
٥. در تيڏيدا وي **سچو** آها، سو اپڻا سگ سنيالين

ڪافي سسئي ١٠٥٨

پوءِ هِت ڪيئن ڪندي
پاجهون يار جي آئون

١. پيرين پوندي پرين جي
ڳچيءَ پائي گندي
٢. وهي ٿي واکا ڪيون
نيٽن منجهؤن نندي

Scanned by CamScanner

٣. سپ پر سندين آهيان
چگي توڙي مندي
۴. دل **سچوءَ** جي سرتيون!
بره تهين جي بندي

كافي سسئي ١٠٥٩

هن جو شرم سيوئي
آهي تا پير مُغان تي
١. وري ڏنائون پاڻ ڏي پاڻهين، نا تہ هوا حال اسان هي
٢. اُهي پاڙيائون پاڻهين پانهنجا، هو جي قول كيائون كي
٣. جن پياريو پُر پيالو، شال ساقي جين سي
۴. سدا اُهي وسن اسان وٽ، جاني جيءَ جا جي
۵. سِرُ **سچوءَ** كي ڏسو ڏهاڙيون، پانهنجي يار هٿون ڏي

كافي سسئي ١٠٦٠

يار پنهڙ پيغامي، كڏهن مُكو كو نہ مونڏي
١. روزانو لكون يار اوهانكي، هن جو ساه سلامي
٢. اوهين نہ ايندؤ اسين ايندا سين، اها اسان انعامي
٣. پرين ڏسجو وڃ پانهنجي ڏي، آهن عيب اسان ۾ عامي
۴. جان جثي ۾ جانكي آهي، ٽيندي نہ طالب تمامي
۵. ڳالهيون اوهانجون پارڻ پارن، وسنديون سي كين وسامي
٦. ڏئي اسانكي ڦٽ فراق جا، ٽئين تون يار آرامي
٧. در اوهان جي جي يار **سچوءَ** تا، مجي سا آهي غلامي

كافي سسئي ١٠٦١

ناهي هن درد جو دارون، توئي وٽ يار طبيبا
١. تِر تفاوت درد نہ ڏيندي، چوڙين جا سير سرارون

Scanned by CamScanner

٢. ڦڪي ڏيڻ سان هِي وجي ٽو، هينڙو هاڻي هيڪارون
٣. سوز گداز ني وي غم فراقان، لايون ٽا قول قطارون
٤. دوا درد جي سوئي ڏيندو، جو ايندو پرين پارون
٥. ناز پرين جيون يار **سچوءَ** جي، هن تا ساه سنڀارون

كافي سسئي ١٠٦٢

اکڙين اسرار، مونکي ڪو جو ڪيو ميان

١. اُنهن تا ڏيکاريو، ڪاڪيون ڙي ڪوهيار
٢. تهين ڏهاڙي ڪيو، بره بي اختيار
٣. ڏونگر ٽو ڏورائي، چشمن جو چمڪار
٤. ناز نيٽن جو سرتيون! ووڙائي وڻڪار
٥. سوز سڃڻ جو سرتيون! **سچوءَ** کي سينگار

كافي سسئي ١٠٦٣

سانون ماركي يار مُسافر! ڪيڏي ويندئين
سڃڻ ڪتلي لائي ني ڏينهان اڻان، وچ قاصد ڪونہ پٽيوئي

١. سيرين شهر بازارين تئيكون، ڳول رهيان، لنئون لڳڙي مئيكون
سڃڻ سانون بره بچيوئي، ڏاڍا تانہ ڏيه ڏسيوئي
٢. ننگ اساڏا وو يار تساكون، چوڙين مُول نہ يار اسانكون
ميڏي طرفون پيغام وو راه وچي جيكس كونہ رسيوئي
٣. تانگهہ تساڏي راتو ڏينهان، كاهل كيتيان تيڏي نينهان
ساڏا حال ڏيكين كريال جاني جيئڙا كيون كسيوئي
٤. عشق اسان تي كيتيان اليلان، هاڻي وانگڻ وو كيتس پيلان
وي سڃڻ تيڏي بره مينهنڙا، ڏاڍا اسان تي وو آڻ وسيوئي
٥. دل **سچو** دي وو لڻ نيتوئي، جيهي پانيو وو اوئين كيتوئي
وي سڃڻ عاشقان مار نظاريدي نال، پچي سهڻا هينڙا هيوئي

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٦٤

پيو ڪير پڇي ٿو حال منهنجو، خان ٻاورچل ٻاجهون

١. توريءَ آهيان يار سچڙ ميان! آءٌ اُداسي اَهنجو
٢. جهين ڪنهين سان پيڄ ناهوسين، غرض رکي سو نہ ڪنهنجو
٣. خيال اسان ڏي آهي جنهين جو، آءٌ پي آهيان تنهنجو
٤. اسان ڄاتو اتو صحي سڃاتو، عاشق آهين تون اسانجو
٥. دَرؤن پيهي پاڻ پڇندو آهين، **سچو** تون ڪي سهنجو

ڪافي سسئي ١٠٦٥

ڪري سانگ پرين وري آيم، اُهي ديس اساڏي الوالو

١. وري وطن آئيا، پينر ٽيڙم پلو پلو
٢. پرين اڳون پيشوا، هاريون! مون سان هلو هلو
٣. اصل لاڪون آهي اُنهن سان، روح منهنجي جو رلو
٤. انهن ٻاجهون ناهي ڪو، ڳولڻ مونکي ڳلو ڳلو
٥. سِرُ سچڙ جو لوڪ ڪي، ساهيڙيون نہ سلو سلو
٦. **سچو** سچيءَ سِڪَ ۾، شال نہ پوندو وَلو وَلو

ڪافي سسئي ١٠٦٦

ڪيچن جي ڪِ ڪاهِ، متان وهين ڪين وساري

١. ڏسندئين ڏونگر چوٽئين، بلوچاڻي باه
٢. قولج پاڻ فقير ٿي، وندر جي وڙاهه
٣. ساري شهر پنيور جا، لاڳاپا سپ لاهه
٤. متان وهين مات ڪري، ڏنگر ڏورج ڏاهه
٥. عرض وجي ڪر روبرو، ٻيا ساڻي ڪيم سنباهه
٦. پانهي ٿج پروچ جي، ڪوتون سگ نہ ساهه
٧. روح رهي هت هوت ريءَ، **سچو** ڪنهن نہ صلاح

Scanned by CamScanner

كافي سسئي ١٠٦٧

وڃي ڏيه پرين، ڏي ساڻيو! منهنجو ڏيجو سنيهو

١. اوهان پاجهون سپرين! ڏکيا ڏينهن لنگهن
٢. ويٺا ڏسون واٽ ڙيون، اکڙ مات اچن
٣. ڪونه ورندي ٽو ڏئي، وندر جي بي وڃن
٤. ڏکيا آهي ڏينهڙا، جي پاسي کان پرين
٥. پينر! شهر پنيور ۾، شال کو پيرو ڪن
٦. ويچاريءَ نه وساريو، جا لڳي ساڻ لکن
٧. جيهو تيهو آهيئي، **سچو** سڳ سندن

كافي سسئي ١٠٦٨

ڏي ساڻيو! منهنجي يار جي کا ڳالهه اچي مُونسان ڪريو

١. آهي آرامي ڪي يار اسانجو، ٻڌي سا ووءِ ووءِ وريو
٢. جي هيڪند ٽيان هوت سان، تا ڪاج سيو موُن سريو
٣. ٻيهر مونسان ڪيڇ ڏي، ڪي وکان ٻڌي ڇو نه ٻريو
٤. ڏوٺ ڏوراپو يار سڃڻ تي، متان ڪو پانڌيو ڏريو
٥. سوز **سچوءَ** جو سُنگ سُٽڻ سان، ڳوڙها سو ڳاري ڳريو

كافي سسئي ١٠٦٩

ديس ڇڏي پرديس ويو، هاڻي هوت مونکي هيئن ماري

١. اُنهن پاجهون سرتيون! هي گوندر ڏينهن گذاري
٢. راتو ڏينهان روح منهنجو، سات ڏٽين کي ساري
٣. دُعا ڪريجو جيڏيون! شال وهنم کين وساري
٤. ساريو صورت سڃڻن، هيءَ ڳالهه اسانکي ڳاري
٥. ويو ويساهي نڪري، چار ڳهڙيون هنت گهاري
٦. راهان اچڻ اُن جون، **سچو** نِتُ نهاري

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٧٠

تاڏي مُنهن نہ پيو، ڏي منهنجو جاڏي لوڪ لڏي ڏو

١. جيڪو هئڙس جڏيون! ساڳي آءٌ ڏيو
٢. پاڻ ئي پُنهڻ آهيان، ڇاڏو ڪونہ پيو
٣. ظاهر منهنجي ذات کي، ڪيڇن پاڻ ڪيو
٤. **سچو** سارو سچ ڏيو، وڇوڻ وره ويو

ڪافي سسئي ١٠٧١

پاڻ پرين اهو آهي متان، پينر پولو پانيو

١. جنهن تي آهي تنهن تي آهي، نانءُ ٻئي تي ناهي
٢. پاڻ پنهنجو صحي ڪيوسين، ڪيچ وڃوڻ ڪين ڪاهي
٣. هُئڻ تنهنجو اوهين نہ ڇاڏون، ڇئو تڏهين ٻيو ڇاهي
٤. **سچو** ساري صورت اُهائي، لوڏا لَڪن جا لاهي

ڪافي سسئي ١٠٧٢

تنهنجي پاندي پيغامن، الله منهنجو جيءُ جياريو

١. هيءُ تا تن توان ڪيوڙي، ساڏي سلامن
٢. تو تؤن آءٌ قربان ڏيان، ڏنهن آئين عجيبن
٣. منهنجو چت چريو ڪيو، هن نينهن جي نياپن
٤. درد مندي جي دل کي، ڪيو قابو ڪلامن
٥. ڪيائون ياد فقير کي، يار پچاڻا پرين
٦. ڪيؤن مهرؤن پانهنجي، گوش ڏئي غلامن
٧. منهنجو وره وڏايو، اُن جي انجامن
٨. جيهو تيهو آهيئي، **سچو** سڳ سندن

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٧٣

اڄ اهو ساڳين مُون سيجاتو، آهي ٻڙيون ٻاروچو
١. اصل لاڪوڻ آهي انهن سان، هن نماڻيءَ جو ناتو
٢. اچي ڏٺم اوچتو ميان! پيچ جنهن مونسان پاتو
٣. ڦريس ڦيريدار جان، ڇاڻ نه مُون هئين ڇاتو
٤. لٿو لحظي هڪ ۾، اديون ڏي اوراتو
٥. صدقو **سچو** تنهن تؤن، عشق جنهن توسان لاتو

ڪافي سسئي ١٠٧٤

آءٌ ويندي پُنهل جي پار، ميان ٽڪيس ڪين ٽرن ۾
١. مُون من گڏي گوندرين، ڪيچي ٽِيُمرِ قرار
٢. ذات جتن جي جيڏيون! جيءُ وڏو آهه جار
٣. ڪندي وجي ڪيچ ڏي، ڪنيزاڻي ڪار
٤. آهي ڪاڻ قريب جي، وڃڻ مون وٽڪار
٥. پوڻ اٿم پنڌ ۾، دوست پُڇيءَ درڪار
٦. سارو ڪر **سچوءَ** جو، آهِ اُنهن جي اختيار

ڪافي سسئي ١٠٧٥

ڏينهن پڇاڻون آئين، پلي آئين، ڏي يار منهنجا
١. اڳڻ اسانجي هوت ٻاروچا! پير اچي پائين، پلي پائين
٢. پري اسان ڪوڻ يار پرين ڏي، ڏينهن گهٽا ڇو لائين، ڪيئن لائين
٣. ڏوهِ ڏنگايون يار سڃڻ ڏي، ڪيئن پلي ڏنهن پائين، ڇو پائين
٤. هيئن نه گهرجي يار توکي، ڇِتُ ڇُڪيءَ تؤن ٿو چائين، ڪيئن چائين
عرش ڪرس تؤن اچي اتاهين، من **سچوءَ** جي مائين، پلي مائين

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٧٦

محبوب مُک وڪلايا ني يار، ويڪ شمع شرمايا وي الله

١. جڏهان راه پچائي مستي، ڦر مارڳڏس هيءَ هستي
جيوين ڪليا تي گل دستي، پُرجام شراب پلاياني
٢. تيڏي حُسن ڪيتا حيراناً، جيوين شمع آتي پروانا
هويا صورت ۾ ديوانا، چا پاند حجاب آنايانی
٣. گهتدا وتدا دام زلف دي ڏوري، دل نيتي ساڏي زوري
تن من اندر هئي لوري، چا باري بره بچايانی
٤. **سچو** آيا سلامت جاني، هويا صورت دا لاثاني
تيڏي قدمان تؤن قرباني، چا مولیٰ مُحب مِلاياني

ڪافي ڪوهياري ١٠٧٧

شوق تساڏي شور مچايا، نهين سانون جهل ڏيندا

١. نال زوري دي زور گهتيندا، بره بادل برسيندا
٢. عقل شرم تي حال حيا ڪنون، ڏيڪ نماڻيان نون نيندا
٣. زاهد عابد مُلا فاضل، تاب اهين ترسيندا
٤. زهد عبادت تقويٰ ڪنون، وت پهلي ست ستيندا
٥. اولي وچ سموند نہ اٽڪي، هوءِ هوا وچ ويندا
٦. ڪؤن عشقدي گهوڙي ڪُون، اور واڳين بنڌ جهليندا
٧. سيني وچ **سچو** دي ميان! بره بور بچيندا

ڪافي سسئي ١٠٧٨

اوري آڻ سي اوري ڙي الله، جنين ڪاڻ سڪيس سال

١. ڏَسُ نہ مونکي ڪو ڏئي، ڏيهہ رهيس آءٌ تا ڏوري ڙي الله
٢. واٽ جنين ڪؤن لنگهيا، گهوري هي جند گهوري ڙي الله
٣. هيڪند تون ڪر هوت جي، ساڻ ٽڪي ڪنهن ٽوري ڙي الله
٤. ساه **سچوءَ** جو تهن ڏهاڙي، ويا چاڪ وجهي چت چوري ڙي الله

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٧٩

پيو ڪير حامي منهنجو ٿيندو، لکي هاروچل هاجهون

١. دردمندن جي دل انهيءَ ڪي، پاڻ ڏيندو ڏلاسو ڏيندو
٢. ڪين ڇڏيندو ڇپرين، سوئي نال نماڻي نيندو
٣. اکڙين سان سيئي ڏسنديون، اڳ آرياڻي سو ايندو
٤. پاڻ پنهنجو يار پيارل، ساڻ غريب گڏيندو
٥. ڏنگاين ڏي ڪين ڏسندو، بديون تا بخشيندو
٦. مهر پنهنجي ساڻ ڪنهن ڏاڙي، **سچو** سو نانءُ سڏيندو

ڪافي سسئي ١٠٨٠

آءٌ وڃان تو تؤن گهوري گهوري، گهوري ميان

١. ڏونگر رهيس ڏاکڙا، تنهنجي ڪارڻ ڏوري ڏوري
٢. ٿر ٿڪائي وي آهيان، اڃ آرياڻي تون اوري اوري
٣. ٻلا هن ٻنيور ۾، ٿر نہ رهنديس توري توري
٤. مونکي وڏو مون پرين، جهٽڪ اوهانجڙي جهوري جهوري
٥. **سچوءَ** جو ني سپرين! هينڙو نيو هن هوري هوري

ڪافي سسئي ١٠٨١

پانڊي ڏلاسو ڏي مُون، ايندا آرياڻي ڪي اوڏا

١. آڌيءَ رات جو وو ڪيائون سانباهو، حال ڪيا تن هي مُون
ويا تا ترڪي توڏا
٢. ڪير قبول وو پنهونءَ ڪارڻ، ڏک سوين ني سي مُون
لَڪ ڏئي لک لوڏا
٣. محبت ڪؤن تا مُنهن نہ موڙيان، پُرزا ٿيان هِت جي مُون
گسي وڃن توڙي گوڏا

Scanned by CamScanner

۴. سر تا صدقي آهه **سچوءَ** جو، ڪاڪيون چون هِت ڪي مُون
درد ڏيـــنـــدو ســـؤ ڏوڏا

ڪافي سسئي ۱۰۸۲

اڙي جيڏيون! مونکي ڇوٽيون پرين ڏنهن جهليو

۱. وهان ڪيئن ڀنيور ۾، جو روح اُنهن سان رليو
۲. ساڻن ٽيندس سنگتي، جو هوت هاڙي ڏي هليو
۳. مونکي نه ڪريو منٽان، من تا مُحب مليو
۴. پريان سندي پار ڏنهن، پاڙيچيون نا پليو
۵. سڃڻ ساروپانهجو، سِرُ **سچوءَ** ڪي سَليو

ڪافي سسئي ۱۰۸۳

ڪي ايندا هيڏي ايندا، الو وهنيا ٻاروچا

۱. ساڻي مونکي سچ چئو، دوست دلاسو ڪو ڏيندا
۲. هوندا ڪي مونوٽ هوت هميشه، وري ڪي پوءِ تي ويندا
۳. هيڪند شهر ڀنيور ۾، ساڻ ٽڪيءِ اچي ٽيندا
۴. ٻاروچا سي ٻاجهه پئي، آءٌ چگي ڪي چيندا
۵. سُور **سچوءَ** جا سرتيون! نال پنهنجي ڪي نيندا

ڪافي سسئي ۱۰۸۴

پاٹهي پئيوَ سُڌ سُورن جي وو، عشق لڳوَ جي اديون!

۱. ساري خبر وڃي تن ڪؤن پڇجو، جي وره سڃڻ جي وڃيون
۲. ڪين لِکن سي لوڪ اڳيون، جي آهن ڏکن جون ڏڏيون
۳. مُحب مسافر ٽيا جنين جا، ڪُوڪان اُهي لک ڪنديون
۴. وره ولوٽيا جي وهنديون، تن جي نيٽؤن نير جون نديون
۵. پارؤن پرين جي سڏو سپيئي، لوڪ ڀلي ڏئي بديون
۶. اڳيون پويون سڀ معافي ڪيون، تهن مُحب **سچوءَ** جون مندیون

Scanned by CamScanner

كافي سسئي ١٠٨٥

متان ڏوراپو كو ڏيو
ري ساڻيو مُنهنجو متان
١. هي كنيزك مُلهه خريدڻ
كي هڻڻ مون ڏيو
٢. حرف اسان تي آه اصل جو
وقت ويسر ۾ ويو
٣. پلئي پائي مَديون!
پيش پنهونءَ جي هي پيو
٤. **سچو** كوڻي پانهنجو
پاڻ قربن كيو

كافي سسئي ١٠٨٦

آهي بي نام نشان، سر انهي جو ناهي امكان
١. طرحين طرحين پوشاكان پهرئين
كُل يوم هُو في شان
٢. ظاهر ذات صفات سهي كر
سري سره انسان
٣. منصوري آهي راهُ اهوئي
جوش تهين ۾ ءِ جولان
٤. غرض گداگر يار اچي ڏو
ناتہ **سچو** ساروئي سلطان

كافي سسئي ١٠٨٧

ذري ذري كن چشمان چُور
نين اسانكي ڏيون وهلور

Scanned by CamScanner

١. تن من سپ تاراج ڪرن ٿيون
ديدن جو آهِ هي دستور
٢. خوني وتن خيال پنهنجي سان
ڪسن شهزادن جو شعور
٣. ناز نياز سان هڪي واري چاڙهن
سُولي تي منصور
۴. ساڻ ڏسڻ جي مشتاقن سان
ڪيفي ڏاڍو ڪن ڪلور
۵. **سچو** ڪير ويچارو
وجهن ڦيري دل، ڪرن فتُور

ڪافي سسئي ١٠٨٨

وٽي پاروچي ٻولي، سدا تا ساه منهنجي ڪي

١. هُئي پناه ۾ يار سچڙ جي، پاروچي جي ٿولي
٢. پاروچاٽي ذات جي، گولن جي آهيان گولي
٣. ڪاڪيون! ويندیس ڪيچ ڏي، ڏونگر پايان ڏولي
۴. **سچو** سام اُنهي جي، آهيان عيبن اولي

ڪافي سسئي ١٠٨٩

هُتوُن هوت هلي، ري عاشق دلاسو ڏيندو

١. وجهج ڪم ڪريم تي، پي ڳولج ڪام ڳلي. پاٺهين تووٺ ايندو
٢. پڪا پڪن سامُهٽا، تنهنجي ماڳ ملي، اوڏا آڻي اڏيندو
٣. اچڙ سندي اُن جي، ويندو روح رلي، ٿورو ٿوريائي ٿيندو
۴. ڳجهي هوتن من ۾، سا ساڻين ڳالهه سلي، پُنهڙ پاڻ سان نيندو
۵. مِهر پنهنجي، سان تو پرين، انهيءَ پت پلي، ري **سچو** نانؤ سڏيندو

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٩٠

وڃي پڪا پڇائيج، تون ساڻي ڏي سڄڻ يار جا

١. هي تا حال حقير جو، وڃي سارو سُٽائيج
٢. هي نياپو نينهن جو، وڃي پانڌي پهچائيج
٣. پاند ڳڇيءَ ۾ يار کي، پارڻ مون پائيج
٤. پهر پاروچا وري وو اچي، وره سائيج
٥. **سچوءَ** ڏي ڪڻ سپرين، کي چگو چوائيج

ڪافي سسئي ١٠٩١

مونکي تنهنجڙو آءِ
اڇڻ جو وڏو آسرو

١. جوڙي ڇڏيم جايون
لڻ لڻ ۾ تولاءِ

٢. ڪين جُڙي ٻيو جيءَ ۾
تنهنجي سڪ سواءِ

٣. ڪڍن ڪڍن ٿو ڏسان
توکي جاءِ بجاءِ

٤. هِت گذاري ڏينهڙا
سچو تنهنجي ساءِ

ڪافي سسئي ١٠٩٢

پاڻهين پارڻ يار، قاصد مونڌي اڃ آيو

١. اڇڻ سندي اُن جي، اٿي ويا آزار، ٿورو ڪيڏو تن لايو
٢. ڏنا دلاسا دل کي، رهبر رات هزار، سندن رُوح جو رايو
٣. هيڏي هوڏي نہ وڃين، اچج ۾ اعتبار، محبت مڙيوئي مايو
٤. اڇڻ جا محبوب ڪيا، پڪا قول قرار، **سچو** تو ڏي هُئن سايو

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٩٣

ماريو هوت وڃن، لا ڪنهن درِ ڏيان دانهنڙي پلولو

١. ڪاڪيون! ڪڏهن ڪينڪي، منهنجي منٺ مڃن لا
٢. پٽي پيس جن جي، سي پي سور سڃن لا
٣. دعا ڪريجو جيڏيون! پيرو تانءِ پيجن لا
٤. اهو اٿم آسرو، ڏيندا آب اُجن لا
٥. **سچو** سُمهي ڪينڪي، رُوح تہ ڪانءُ رُجن لا

ڪافي سسئي ١٠٩٤

اچي ڪونہ اوڏاهون، ماڻهو شهر پنهور ۾

١. منهن ڪري انهيءَ پار ڏي، ميان! ويڻي ڪير الاهون
٢. ڏسي حال حقير جو، ميان! اچن مانَ اڳاهون
٣. ڪو پل پاڃاڻين ڪؤن، پري ٿي نہ پرانهون
٤. ٿر ٿڪائي آهيان، ميان! پڪا اڏج اوراهون
٥. سُٽي موٽ **سچوءَ** جون، آرياڻي تون آهون

ڪافي ڪوهياري ١٠٩٥

سا ڪندي ڪيئن قرار، جيڏيون! جنهنجو جيئڙو جتن سان

١. وره وارن ڪي سرتيون! ويجهو آهہ وٽڪار
٢. پڙيون پاروچن جو، نينهن لڳم نروار
٣. محبت ڪڏهن نہ ليي، خرچين لک هزار
٤. چڏي لاڳاپا لوڪ جا، عشق ڪَيُم اختيار
٥. سدا آهي **سچوءَ** ڪي، پينرا بره بهار

ڪافي سسئي ١٠٩٦

سرتيون! منهنجو ساه

هاڙهي سي هوت وڃي ويا

Scanned by CamScanner

١. ڪونہ ڪميٽيءَ جو ٿئي
هادي ۽ ريءَ همراه
٢. پينر شهر پنيور ۾
آٽيندن الله
٣. هنڌون جنهين هوت ويا
روئي چُمان سو راه
٤. پر ڏيهين تي ناه ڪو
وريتيون! ويساه
٥. آهي رفيق رُجن ۾
سندو سوز سپاه
٦. ناهير ٻئي ڪنهن لوڪ جي
پاڙيچيون پرواه
٧. معاف سچوءَ ڪي سي ڪندا
جيڪي ڏوه گناه

ڪافي سسئي ١٠٩٧

رات رهبر مونڊي آيا
خان پاروچل جا ميان
١. هتون وجي اتي ٿئين آرامي
ڏينهن گهٽا چو تو لايا
٢. لڳ اسان جي ڦرين اُداسي
ورهي تو مينهن وسايا
٣. طرف تنهنجي سُڻ ري عاشق
پنهنجا مون ساڻ سنيايا
٤. چاڻ تحقيقون آهن اسانجا

Scanned by CamScanner

ايڏهن اچڻ جا سعيا

۵. ڏينهن گهٽيرا ڪاڻ اسانجي
سچو تو پنڌ پچايا

ڪافي سسئي ۱۰۹۸

اڙي اَلو اَلو
رانول آيو راڄ ۾

۱. ويڙا سُور سنڈو ڪري
اڄ پينر ٽيڙم پلو

۲. جنهن ساعت گڏيا سپرين!
سا ساعت ڪهين نہ سلو

۳. ڳالهہ نہ ڪريو ڪا پي هِتوڻ
هاريون اوهين هلو

۴. ڏهاڙي ڏسڻ ڪوڻ
وار نہ پوندو وَلو

۵. اصل آهہِ اُنهن سان
روح منهنجي جو رَلو

۶. **سچو** گڏيو سچڻا
ڪرن لڳو ڪَلو

ڪافي سسئي ۱۰۹۹

اوهين سيئي چونہ چاڻو
نانؤ مَتِم آهي ڪهڙو

۱. اسر اصل ڪوڻ وره وڏايو
صورت هي سجاڻو

۲. پاڻي منجهوڻ پارو ٽيو پيدا

Scanned by CamScanner

واءُ عجب ڪوئي واٽو
٣. شاه جهان جو پانهو ٿي ڪر
وائي هِن وڪاٽو
٤. ڏسي تماشو اهو سو سارو
وتي تاپاڻ ويڳاٽو
٥. نانءُ وارو سُنوري سرتيون!
ٿيو هت ڪين نماٽو
٦. مستيءَ واري ساک نہ سلَج
سچو تون ٿي سياٽو

ڪافي سسئي ١١٠٠

ساريو ڏينهن رُوان ري، هُيس جيڪي هوت پنهون سان وو
١. پُڌڻ وارونـاهـِ ڪـو، جنـهـنـڪـي حـال چوان ري
٢. قـاصـد اچي ڪـو اوڏاهـون، پـيـريـن تـنـهـن پـوان ري
٣. ڏڪـايـو تـا ڏيـل ڪـي، اديـون اڄ اوهـان ري
٤. اُنـهـن پـاجهـون سـرتـيـون! نِتُ نِتُ سُور نـوان ري
٥. مـاريـون محـبـوبـن جي، طـلـب نـاهـِ تـوهـان ري
٦. غرض نہ رکان لوڪ جو، هِڪُ سائين هُون سنوان ري
٧. **سچو** پاجهون سوز جي، پيون لاتيون ڪين لوان ري

ڪافي سسئي ١١٠١

پنهنجي ذات لکائي، ڪيئن پي ذات سڏايان
١. ظـاهـر ڪـريـان ذات ڪـي، تـاهـي بُت پـيـجايـان
٢. مـنـصـوريءَ جي مـوڄ ۾، ٿـو انـاالحـق الايـان
٣. وادي ۾ محـبـت جي، سِرُ گـهـوري گـهـمـايـان

Scanned by CamScanner

۴. اعليٰ اعظم شان جي، نوبت نينهن وڃايان
۵. ظاهر باطن هڪڙو، آءُ تا حُڪم هلايان
٦. **سچو** سارو سچ ٿيو، هي حڪمت چلايان

ڪافي سسئي ۱۱۰۲

محبوبان وي ميندي لائي، عاشقاندي گهر رنگ وي

۱. عقل علم سڀ ڇوڙ ڏتوسي، نينهن وڃايا سو ننگ ري
۲. مئين رانجهن دي رانجهن ميڏا، نهين سو ڪيڙيندي منگ ري
۳. نال رانجهو دي سُنوري سنيان، عشق اڙايا انگ ري
۴. ڳالهه سچي سڻ **سچو** دي، ڏک چڪايا ڏنگ ري

ڪافي سسئي ۱۱۰۳

لڳيءِ دل جو دارون ناه ڪو ڊولڙ پيارا

۱. عشق جُون واڻان هرن لاڻان تنهن مون نڪرن درد جُون ڇاڻان
پوءِ ٿيون پون هي پچارا
۲. عاشق ٿا ڪن درد جون دانهان. عشق منجهارؤن هي آهان
روون آهـــي زارو زارا
۳. آءُ تا ٻانهي، تون تا سائين. پاند ڳچيءِ وچ پلؤ پائين
اچڻ جا ڪر قول قرارا
۴. ڳالهيون مون سان تو جي ڪيون.مُور نہ مونکؤن وسريون
دم دم تنُهنجو ياد يارا
۵. هيڪر مونکي جاني جياريو. ڳالهين تنهنجن ڳجهن ڳاريو
وصل جا ڪر وري وارا
٦. **سچو** تون تان ٿي نہ ماندو. پرين تنهنجو الله آندو
سڃڻ ساڻ ڪر الغارا

Scanned by CamScanner

كافي سسئي ١١٠٤

ڏي جيڏيون! آءٌ تا حال پنهڙ سان كندي

١. اصل لاكون آهيان! سائين! بلوچاڻي بندي
٢. وس ناهر وار جو، آهيان سائن سندي
٣. كندي وجي كيچ ۾، دانهون سي دردمندي
٤. سُڌ لهنداسي وري، ٻڙه جنين جي ني بندي
٥. **سچو** اڳيون سڃڻا، ڳچيءَ پائي گندي

كافي سسئي ١١٠٥

اديون ڏي اڄ آءِ
اسان مُحبن جو ميلو

١. دلبر سكندي ڏينهن ٿيا
سپنيريان جي ساءِ
٢. فنا كيائون فراق كي
پُڏو جاءِ بجاءِ
٣. ڏک لنگهيا، سُک آئيا
لڳڻي ٿڏڻي واءِ
٤. جنهن ساعت گڏيا سپرين
سا **سچو** ساعت سُهاءِ

كافي سسئي ١١٠٦

پينر ڏي! بيوس وجي آءٌ پيان

١. وس نه آهيان پانهنجي واكو كَيُر بيوس مئين، ديوانڏي ٿيان
٢. لوك ساروئي سرتيون! روح نه اچي رس، حالوٗن هُڻ مئين ڳيان
٣. ڏاڍو مُون سِر آئيو، كوئي نه اچي كَس، قابو عشق كيان
٤. بره واري بات كوٗن **سچو** نه كري بس، مهٽا ڏين سنيان

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪوهياري ١١٠٧

آءٌ ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پرين سان ڙي جيڏيون!

١. جيهي تيهي يار سڃڙ جي، چگي توڙي مندي
٢. آءٌ تنين جي آهيان، بره جنين جي بندي
٣. اڻ مُلهه پانهي آهي، سپ پر سائن سندي
٤. **سچو** ساريائي دلڙي، رند تنين جي رندي

ڪافي ڪوهياري ١١٠٨

ڙي جيڏيون هاڻي شال ٿئي
منهنجو پاڙو پرين سان ڙي جيڏيون!

١. مون مُئي تا گهوري
جاني شال جئي
٢. هِن تا پُور پرائيو
هاريون هوت وئي
٣. پاروچي تا پاجهه پئي
هي تانال نئي
٤. سارو مطلب مُون ٿيو
پٽي، هوت پئي
٥. شال **سچوءَ** کي سپرين!
ڏوراپو نه ڏئي

ڪافي سسئي ١١٠٩

مؤجان ڪيئي لک گوناگون ٻيلي، آءٌ تکيريان پيان

١. ڏيڪ احوال اساڏا سارا، پڇ ڳيان سپ سهيان
٢. دين دنيا ڪنون ٻاهر پيان، شرم حيا ڪنون ڳيان
٣. سر **سچو** دي ساوڻ وانگون، نينهن ديان نيان نيان

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪوهياري ١١١٠

پانهي پاروچي جي، آهيان وي آهيان

١. پريان سندي پار ڏنهن، آسرو هڏ نہ لاهيان وي لاهيان
٢. صورت وارا سپرين! آءٌ نماڻي ڇاهيان وي ڇاهيان
٣. هُو تا سائين آءٌ تا گولي، سگ نہ ساڻن ساهيان وي ساهيان
٤. ڏينهن لنگهير هت ڪيترا، ڪيچ وٽن ڏي ڪاهيان وي ڪاهيان
٥. هُئڻ **سچو** ري آهِ تنهين سان، اُنهن ٻاجهون ناهيان وي ناهيان

ڪافي سسئي ١١١١

ڇڏي هوت حجت ڙي ٽيس آءٌ نانءُ نماڻي ميان

١. اچي مون کي ڪينکي، منجهان لوڪ لذت ميان
٢. وڏو آهي مامري، مون کي تا محبت ميان
٣. ويا نڏر کان نڪري، اوڻي رات اڇت ميان
٤. سُور تنهنجا سپرين! رڳيائي راحت ميان
٥. مونکي ٽيلڙ آئيا، پيرن سان پزبت ميان
٦. **سچو** سڪ اوهان جي، واڳيو ۽ وحدت ميان

ڪافي سسئي ١١١٢

ويهي آءٌ ڪوه ڪندي
جيڏيون ڙي ٻنيور ۽
١. چوندیس حال حبيب کي
ڳچيءَ پائي گندي
٢. ڪٿي سا ڪيڏي وڃي
جا بره ٽُنهنجي بندي

Scanned by CamScanner

٣. جيهي تيهي حال آهيان
سچو صاحب سندي

كافي سسئي ١١١٣

جاني اڻان ڦيرا پايا، وه واه كيها رنگ لايا وي

١. غمزي نال حُسن دي چُردا، رک ٽور عجب دي ٹُردا
هٽكي هوري مُول نہ مڙدا، كؤن ڦيرائي رايا
٢. اي جو مار زُغا بادشاهي، كر ڦردا بي پرواهي
اسرار دي ڈي اوگواهي، شهہ سرمد نون مارايا
٣. اس عشق دا كيها بانا، هر هك نون پرايس جانا
ڈي حُلاج خُودي دا خانا. تنهن سولي پكڑچڑهايا
٤. سر عاشقان دؤڑ كريندا، سر كلونتري گهت چريندا
اوجو نعره سخت مريندا. تنهن هر جاءِ حكم هلايا
٥. **سچو** جوئي وو سهندي هاسي، سو آكي پلئي پياسي
نؤ بهار خوشي وچ ٽياسي، اينوين كرم بنايان فرمايا

كافي سسئي ١١١٤

پلي كري آئين، هت تون گهرجين يار

١. هت تنهنجي گهُر گهٹي هُئي، دوست منا دلدار
٢. جاڈي تاڈي تجلو تنهنجو، عجب تنهنجا چمكار
٣. هي پي هويي هك ديس تنهنجو، چين كندين چوڈار
٤. اچي ٽئين هك **سچوءَ** سان، لاهي پيائي بار

كافي سسئي ١١١٥

سَلِ سؤداگر يار، ڙي ميان! كهڙي ديسؤن آئيندائين

١. ظاهر ٽئين تون وو اچي زمين تي، كٹي كٹوريءَ بار

Scanned by CamScanner

٢. هلي اُتاهون وو اچي اتاهين، هنجين سو پوتي هار
٣. طرحين طرحين اچي ڪيئي هِت، صورت جا سينگار
٤. شاه آهين تون يا تہ گماشتو، لايئي ڪِ قطار
٥. اچي پياسي سُڻ **سچو** ري، شوقون منجهہ شمار

ڪافي سسئي ١١١٦

سانون نينهن نباهڻ آيا وو
الغرضان دي نال ني اپنان وي
١. روز ازل دي نال ڏاڍي دي مئين تا
نينهڑا لايا وو
٢. سهج ڪنون مئين اپڻي سر تي
ورهي مينهن وسايا
٣. جيءَ منجهيئي جيڏيون!
محبت مچ مچايا
٤. وچ **سچو** دي تنهن تا آپي
نعره نينهن وڳايا

ڪافي سسئي ١١١٧

ڪُل نبيان دا سر تاج محمد صہ
بحر عرف امواج محمد صہ
١. "قاب قوسين او ادنيٰ" ميان
تيي اشرف شب معراج محمد صہ
٢. امت ڪيون غم ڪاوي
جين دي تون هين هويا لاج محمد صہ

Scanned by CamScanner

٣. سچو ڪون وت ڪوئي غم ناهي
لاڻا سڀ احتياج محمد صہ

ڪافي ڪوهياري ١١١٨

اٽئي مُون ۾ عيب اپار، سڃڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان
ميان تهنجي گولڙي آهيان

١. اوڇڻ ڪنديس جي اکيون
پٽر ڪنديس وار

٢. هِيءُ سِرُ صدقي تو ٿُون
سِسيءَ ساڻ ڪپار

٣. پانڊي پوري نہ ٿئي
ڪتيم سڀ ڇمار

٤. ساه سچوءَ جو سوگهو ڪيڙو
رکي يارانو سو يار

ڪافي سسئي ١١١٩

اديون ڏي آهيان
ٻانهي ساڻ ڀاروچي جي

١. ڏکيا سکيا ڏينهڙا
شال لعلن ساڻ لنگهايان

٢. هينڙي کي ني جيڏيون!
کهڙا سور سلايان

٣. وندر سندي واٽ تي!
چاهُون سِرُ چلايان

Scanned by CamScanner

۴. وهان آءٌ ڪيئن ويسلي
هو ويندا ڇو نہ ورايان
۵. ڪيهي پئي تا ڪيچ ڏڻين ڏي
سچو ميڙ سنياهيان

ڪافي سسئي ۱۱۲۰

جُهلييو جن تي حال
انهن کي آءٌ ڪيئن نہ سڃاڻان
۱. مڃن ماضي ڪينڪي
نڪو استقبال
۲. لکو ناهي لوڪ ڪوڻ
اُنهن جو احوال
۳. جي مُون پڇو جيڏيون!
آهي ورهہ وصال
۴. ووءِ ووءِ ٻاجهون تن کي
نڪو قيل نہ قال
۵. **سچو** سُجاتو تن کي
جنکي عشق ڪمال

ڪافي سسئي ۱۱۲۱

جي وڃي حب وجن ڙي
اُنهن کي ڪيئن نہ سڃاڻان
۱. ڇڏي لاڳاپا لوڪ جا
پريان پنڌ پون
۲. ڏونگر سي ڏورينديون
محبت جن کي من

Scanned by CamScanner

٣. آيل عاشقن جون
ڪُوڪان پيڙهه ڪن
٤. اديون هِن ارواح کي
تاسف ڏنو تن
٥. **سچو** صدقي اُن تان
جي وٽي درد وڃن

جهولٽو سسئي ١١٢٢

مونکي ميڙين سگهو آڻين الله وو ميان ٻاروچا

١. اُنهن کارڙ کاکيون! وجهان وڃاڻا وهنيان ٻاروچا
سانول پنهنجو سرتيون سوَن ۾ سڃاڻا
٢. پيهر شهر ٻنيور ۾، آڻين الاهي
پيرين پئي تن کي ٿيون صلاحي
٣. اوڏنهن آڏيءَ رات جا کانگل اُڏايان
جي پري آهيان تن ڪؤن تاپي سندين سڏايان
٤. ڪڏهن مُکو ڪونکو، پرين پيغامي
اصل لاکون اُن جو، آهي ساه ته سلامي
٥. ڪڏهن ايندم سپرين، ٿي پوٽيون پٽايان
سچو سوالن سان اُهي ويندا ورايان

کافي سسئي ١١٢٣

وندر آءٌ ويندياس، وٽي اهو سوز سڃڻ جو
وٽي اهو پور پرين جو
١. پيرين پئي پِر جي، ڳوڙها ڳاڙيندياس

Scanned by CamScanner

٢. ڪاڻ ڪوهيارل ڪاڪيون! جهولا جهليندياس
٣. آهن ۽ دانهن سان، ڪرڳل ڳاريندياس
۴. پاجهون پاروچل جي، ساڻيهه ساڻيندياس
۵. پنهون وٽي تا پاڻ سان، اديون آڻيندياس
٦. پاڻ پنهنجو پُور مؤن، چُنجين چاڙهيندياس
٧. سرُ پانهنجو سرتيون! گهوريون گهوريندياس
٨. وٽي مُهار مَينِ جي، لوءِ ڏي لاڙيندياس
٩. **سچو** پاجهون سوز جي، پيا ورق واريندياس

ڪافي سسئي ١١٢۴

ذاتي منجهه ذات ڇپائي، بازي جا يار بنائي

١. هاديءَ حقيقت حال جي، مونکي ساري سڻائي
٢. سپ ڪنهين ۾ سڃڻن، پنهنجي نؤبت وڃائي
٣. ڪاڻئين اناالحق جي، تن چوٽ ته ڇلائي
۴. انا احمد بلا ميمي، اِها معني مڙيائي
۵. ڪاڻئين مسيتن ۾ ٽيو خاصو خدائي
٦. موٽ مڙهن وچ ۾، تنهن مالها ڦيرائي
٧. ڪاڻئين وٽ نه وار جي ٽي، ڪاڻئين جدائي
٨. ڪاڻئين مٽي تخت جي، ڪاڻئين گدائي
٩. اندر باهر هڪڙو آهي، صورت سڀائي
١٠. ڳالهه نه سمجهڻ جهڙي، پِرَ سيا سمجهائي
١١. ڪافر مومن هڪڙو، **سچو** پوڙج پيائي

ڪافي سسئي ١١٢۵

سهڻي سڃڻ سان نينهڙو لايوسي

١. ورد پڙهيم ٽي وچ ۾ اديون ڙي! آڏو عشق آيوسي

Scanned by CamScanner

٢. سڀ وساريان ڳالهيون ڏسڻ سان، ڏاڍو پور پايوسي
٣. ٻَنِ وجهي ٻيون ڳالهڙيون، ڳلي ڳلي سو تايار ڳايوسي
۴. اول وقت عجيب جي، سرتيون ڙي! انهيءَ گهور گهايوسي
۵. **سچو** سَوَ مبارڪان! چاهوَن سِرتي برهہ چايوسي

ڪافي سسئي ١١٢٦

دوســـــت دلاســـــو ڏجي
ڏاهـا ڏڪويـن کـي ميـان
١. اول لائـــي پـــوءِ نـــہ چنـــجي
پـــرت نـــبـــاهـــي نـــجي
٢. پرجهي ڏسج پرين پانهنجو
هيئن نہ ڪا پُل ڪجهہ ڪجي
٣. ڳالهيون منهنجون يار پاروچا
راتـو ڏيـنـهـان هـن هـجي
۴. ورهہ وارن سـان يـار ڏهـاڙي
ڏک پـــائـــي اچي ٿـــجي
۵. قاصد ايڏهن جا چون ائين مُون
هـوت ايـنـدئـي اڄ اجهـي
٦. ڏنگاين ڏي ڏِسُ نہ منهنجي
سڀ اوهانکؤن ٿو سجهي
٧. اچڻ ڪـارڙ هـوت اوهـانـجي
سچو فـالان ويـنـو وجهـي

ڪافي سسئي ١١٢٧

پڇي پاهڙ ٿي پاسي، متان ڏاڍو ڏک پويئي

Scanned by CamScanner

١. پنهونءَ سندي پار ڏي، اسين تا پنڌ پياسي، ترس اهو مان ٿيئي
٢. ڇو ٿو مُهين پير مُئي جا، اڳهين نينهن نياسي، ڏک ويا ڏير ڏيئي
٣. رڻ ڙي ڏونگر حال **سچوءَ** جو، وندر جي اسين وياسي، ڇگيان پاٽيئي هوت ڇيئي

كافي كوهياري ١١٢٨

توڙي پٽئي لڳئي سارو جگ ميان تا پي ڇا ٿيو ناهي منتا ۾ مطلب

١. نفي، سِري خفي، توڙي جاري ٿئي قلب
٢. ڳالهين ڪئي ڪين ٿئي، منصوري منصب
٣. ڪاڻ تماشي ڪيترا پڇن پار عرب
٤. ڪري ڏکارين ڪيترو، عالم کي بي عجب
٥. نفل نمازان ورد وظيفا، اهو ڪوڙ ڪسب
٦. دائره دعوت جا ڦرين، ڪرين تسخيرات طلب
٧. پاجهون مهر الله جي، **سچو** ٿئي نه سبب

كافي سسئي ١١٢٩

اري الوالو مونکي يارمليو، جيءَ جان جنهين سان جار لڳو

١. لنگهيا اسان تؤن ڏينهن خزان جا، سرتيون اڄ بهار لڳو
٢. هُئا سين ڳولا جنهنجا اسين، ميان سو تا اڄ شڪار لڳو
٣. ڳلي ڳليءَ ۾ تال تماشا، ڇهڇٽو ڇؤڏار لڳو
٤. رنگا رنگ بيرنگيءَ وارو، شهر بحر بازار لڳو
٥. اڳڻ اهي ئي پيهي آيم، بره جنهن سان بي اختيار لڳو
٦. پانهون ڏنيون ڳل يار اسانکي، نينهن جنهن سان نروار لڳو
٧. مرشد هاديءَ عبدالحق جي، وَتُ پُٽيءَ پيزار لڳو
٨. **سچو** حجاب ويا هڪ ٿياسين، دمبدم ديدار لڳو

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١١٣٠

اوڏانهون جي اچن ڙي جيڏيون اُنهن
آءٌ ڪيئن نه سڃاڻا

١. پريان سندي پار جيون، ڪيهيون ڳالهيون ڪن
٢. مون هن نماڻيءَ کي، دلاسا ڏين
٣. ساه منهنجو سرتيون! نيو نياپن
٤. هي بُت بيراڳي ڪيو، ڪاڪيون ڪيڃيئڙن
٥. **سچو** ڃونءِ سُڌير ٿئين، تو هُتِ پاڻ پڃن

ڪافي سسئي ١١٣١

اڙي جيڏيون! منهنجو جيئڙو وڃيو سڃڻ وڃي

١. چرخي مُنا تاڙيون، پينر سپ ڪائي پڃي
٢. درد منديءَ جي دل اهائي، مَتِ نه ڪنهنجڙي مڃي
٣. طرف تنهنجي يار **سچو** ري، سوز ته پنهنجڙو سڃي

ڪافي سسئي ١١٣٢

ڪيڃيئڙن جي ڪاڻ، جيڏيون!
منهنجو جيئڙو جهڃي ٿو

١. پريان سندي پار ڏنهن، الله اوني آڻ
٢. ڇڏي شهر پنيور کي، هاڙهي ويندي هاڻ
٣. رُئڻ ڪؤن جهلن سيئي، رُئن اکڙيون اُکاڻ
٤. جيءُ وڏائون جار ۾، پاروچاڻي پاڻ
٥. سڳهو ايندو سپرين! پينر منهنجي پاڻ
٦. **سچو** آءٌ تا آهيان، پريان جي بي پِرياڻ

Scanned by CamScanner

كافي سسئي ١١٣٣

جن لائـي تـوڙ نـبـاهـي
آءٌ صدقي وڃان تـن تـئون

١. سڀابس آهي اکڙين کي
جن وئـــي دل ورائـــي

٢. ڀلي ڀاڄي پرين ڏنهن
اڄ اســـان ڏي آئـــي

٣. راتـو ڏينـهـان آهـيـئـي
وات انـــهـــن جي وائـــي

۴. ڏهـاڙي ڏسـڻ سـان
مـحـبـت آڳ مـچائـي

۵. ووءِ ووءِ وائـــي وات ۾
سچوءَ آهـــي ســـدائـــي

كافي سسئي ١١٣۴

وڃـــي خبـــر خاطـــي آيـــو
خيـر صـلاح جي مـونڊي

١. پـار پـنـيـور جي اڄ صُبـح تـا
هـو ڏڻـن کـي سـعـيـو

٢. طرف تنهنجي آهِ اصل ڪؤن
روح ســنـــدن جو رايـــو

٣. نينهن جي نياپن جڙ اسانکي
مُحـبن سـاڻ مـلايـو

۴. ٿـيـان قـربـاني آءٌ تـنـين تـؤن
جن نـيـنـهـن نـيـايـو

Scanned by CamScanner

۵. ايندئي اُهي جن جي ڪارڻ
ويٺي تو وِرهُ وسايو
٦. پوي پرين وٽ هاڻ تنهنجو
سچو ري پنڌ سجايو

ڪافي سسئي ١١٣٥

اهي ڏوراپا ڏيئي
موتي مُڪايار مونڌي
١. هُوءَ جا ڳالهڙي ڪالهه ڪئي سُون
ڪيئين وسري تو ويئي
٢. اسان ٻاجهون سُڌ ري عاشق
ڏينهن گذاريوَ ڪيئي
٣. ڪهڙين ڳالهين ۾ تون آهين
پرت منهنجي تو سان پيئي
۴. چيئي مُنجين ٿو هٿ پاڻڌين جي
حال اسان هٿ هيئي
۵. ڏوه گناه وو تنهنجا بخشياسي
سچو ري يار سييئي

ڪافي سسئي ١١٣٦

حيلا ڪيم هزارين، مان ٿڪن مُون وٽ رات
١. ڪره قطاري هليا، بودا پلاڻي پرپات
٢. آءٌ سُتي هُو هليا، تو ڏن جي ڪيو تات
٣. سور ڏنائون سُوڪڙيون، ڏک ڏنائون ڏات
۴. پرين ماڏي موڪلي، ڏانهن **سچو** سوغات

Scanned by CamScanner

كافي سسئي ١١٣٧

پاهڙ ڏي پرڏيهي، ناهي ايذائڙ توکي
ناهي واجب پرڏيهي ادا ايذائڙ توکي

١. ڏيندئي ڏوراپو يار اسانجو، وڃ توئي جي ويهي
٢. پير ڦيهين ٿو نِتُ نماڻي جا، ڳالهه ڪريان پي ڪيهي
٣. هي اُميد وو هُئي نه توڏنهن، جبل ڪئي مون سان جيهي
٤. جيهي ڪندين ڪوه اسان سان، ڳالهه ڪنديس هُت تيهي
٥. **سچوءَ** سجاتو سنگ توئي کي، آهي عادت تو ايهي

كافي سسئي ١١٣٨

فاني ٿيندين ڇا
جهڙو آهين تهڙو هوندين

١. سُڌ پنهنجي سر جي
ڪامل پيڙئي ڪا
٢. آوازي اناالحق جي
ڳالهه نه سمجهئي سا

كافي سسئي ١١٣٩

اجهي آيم هوت، منهنجي دل ديواني جن ڪيئي

١. هوندا اکڙين ۾ مونکي، تا پئينِ موت
٢. سرتين سرهائي ڏئي، قاصد وچي کو ته
٣. اوچتو لعلن .....
٤. **سچو** سپرين سان، رتي هڏ .....

Scanned by CamScanner

داستان چوڏهون ديسيءَ جي کافين جو

کافي ديسي ۱۱۴۰

يار دي کيتي جوڳڻ ڏيان. حال برہ دا سنائون کيها
ڳالهه هادي دي الاوڻ ناهين

۱. عرض لوکاندا کيها مئيکون، دست سڃڻ دي پيان پيان
۲. کرين نصيحت مُلا نہ مينون عشق هادي دي ليان ليان
۳. آکڻ اساڏا رک نہ دل تي، مين ديواني ڏيان ڏيان
۴. وس اساڏا کوئي نہ آها، هوش کنون مين ڳيان ڳيان
۵. مهڻا تيڏا مشر هويا، سڻ رهيان سڀ سنيان سنيان
۶. **سچو** قناتان يار سڃڻ ديان، آءُ نيڻان تي نيان نيان

کافي ديسي ۱۱۴۱

آءُ کي تا اوڏي آئي
جهاڳيا مُون جبل جال

۱. سل ڏي ساڻي کيچ کاڻي ڏيو
کل الله لگ ڏي تون کائي
۲. اوني ادا ڏي ٻُڌيئي کا
وري ورڻ جي هيڏي وائي
۳. شهر پنيور ڏي پيرو کندا کو
ڏادي اسان سان هوت لائي
۴. اگڻ تنهنجي سُڻ **سچو** ري ميان!
جاني اچي ڏو رات جائي

کافي ديسي ۱۱۴۲

کندي آءُ کوه رهي رهي
الله جيڏيون! هتي هوتن ري

Scanned by CamScanner

١. انـــدر وره وڃـــاڻ كـــيـــا، مـــيـــان
لـؤن لـؤن منـجهـ لـهـي لـهـي
٢. ڇڏي شهر وي ميان پنيور كي، ڀلو ميان!
وينـديس كـيچ كـهـي كـهـي
٣. كونهي منهنجو وي ميان كوهيارل ري الله
ســـرتـــيـــون! هِت ســـهـــي
۴. قول پاريندو ني وي ميان پانهنجا، ڀلو ميان
پـــاروچل ڀـــهـــي ڀـــهـــي
۵. **سچو** گڏيم وي ميان ساڻ جا ڀلو ميان!
پـنـڌن مـنـجهـ پـهـي پـهـي

كافي ديسي ١١۴٣

پاڻ سجاڻڻ آيو ڙي سچڙ، پاڻ سجاڻڻ آيو
كـم نـ هـئـڙس كـو ٻـيـو
١. پاڻون ڄاڻي پاڻ سان، هِت لؤن تا لائڻ آيو ڙي سچڙ
٢. عيش منجهارون نكري ميان هِت، ورهُ وسائڻ آيو ڙي سچڙ
٣. سولي ء تي منصور ٿي هِت، سر سلائڻ آيو ڙي سچڙ
۴. مصر جي بازار ۾ هِت، مُلهـ وكامڻ آيو ڙي سچڙ
۵. **سچو** ري سنسار ۾ هِت، پير گهمائڻ آيو ڙي سچڙ

كافي ديسي ١١۴۴

آوڻ دي كوئي يار نون هوئي، آوڻ دي كوئي يار نون
١. آءُ ري ساڻي هجر ميڏي دي، كائي آگهـ هئي دلدار نون
٢. چشمان تي چُمر چاوڻ اسانُون، پيران دي پيزار نون
٣. دارو اِهـو ديـدار سچڙ دا، بـرهـي دي بـيـمـار نـون
۴. **سچو** دا اهو ڏيوين سَنيها، ساڻيان دي سالار نون

Scanned by CamScanner

كافي ديسي١١۴۵

پريـن سـان پـت پـري
ڏي جيڏيون! منهنجي
١. دعا كريجو جيڏيون!
وري سـوهـوت وري
٢. ڏونگر مُون ڏورائيو
سـنـدي ذوق ذري
٣. صحي سجاتم پاڻ كؤن
پُنهون ناهي پري
۴. تون كيئن سري سپرين!
توريءَ مون نه سري
۵. راتو ڏينهان سگ **سچو**
ڳڻ ڳايون پيو ڳري

كافي ديسي ١١۴٦

كڏهن اَلاجي ايندين
پيهي پڇڻ پنهون يار
١. پاڻ پنهنجو پاڻهين
ساڻ غريب گڏيندين
٢. پكا پكن سامهٹان
اوري شال اڏيندين
٣. اهو اٹم آسرو
چپر تانه چڏيندين
۴. سگ پانهجي دَرَ جو
سچو نانءُ سڏيندين

Scanned by CamScanner

كافي ديسي ١١٤٧

پـــاڻ پـــنـــهـــون آءٌ آهـــيـــان
اڙي پـيـنـر پُلي نـاهـيـان

١. ٽيو ٽيون مُنكر ڳالهه انهيءَ كؤن
چئو ٻيو تڏهن ڇاهيان

٢. كـيـچ پـنـيـور بـي وَسُون اسانـجي
كهڙي طرف آءٌ كاهيان

٣. هـركـو چوي تـا سـهـسـين عـاشـق
نانءُ پاڻ ئي تؤن لاهيان

٤. هِت هُتِ آهي ميان صورت منهنجي
ٽاه نـكـو ٻـيـو ٽـاهـيـان

٥. پنهنجو پاڻ ئي ساريان **سچو** ري
نـيـنـهـن اهـوئـي لايـان

كافي ديسي ١١٤٨

مـــون ســـاري ســـجاتـــي
بـــازي بـــازيـــگـــر جي

١. مستيءَ مؤن منصور جو
سُورهيه ٽئين جي تون جماعتي

٢. سُورهه بـاسج سِرتـي
تـون كُسـڻ جي كـاتـي

٣. غيـر نـــ آڻـج وچ ۾
آهـين ظـاهـر تـون ذاتـي

٤. متـان پـائين پـاڻ كـي
تـــــون **سچو** صـفـاتـي

Scanned by CamScanner

ڪافي ديسي ١١٤٩

مونکي هيئن نہ ڇپر ڇڏ، ڏي اڏي پلو پنهڙ يار

١. پرين پاڇاڻي پانهنجي، گولي گولن گڏ ميان
٢. تون تا صاحب سپرين! هِيءَ ڏُهارڻ ڏَڏِ ميان
٣. آءٌ اوهانجي آهيان، هُون هئون هڏ ميان
٤. تنهنجي صاحب سپرين! شال نہ سکان سَڏِ ميان
٥. جايون جانب پانهنجيون، اکڙين ۾ اڏِ ميان
٦. **سچو** سپ لاڳاپا لاهي، پُني لعلن لڏ ميان

ڪافي ديسي ١١٥٠

آءٌ اوهان تؤن گهوري
اڏي ڪيچيو ساڻ نيجو

١. راتو ڏينهان روح کي
آهِ اوهانجي جهوري

٢. دام وڏيوَ دل کي
هن ڏکن جي ڏوري

٣. وهان وهِڻ نہ ٿئي
ڏاڍي سالايوَ لوري

٤. ڪرڻ مناسب ناهِ تان
ساڻ ضعيفن زوري

٥. **سچوءَ** سندي ساه کي
سندوَ سڪ سڳوري

Scanned by CamScanner

داستان پندرهون مومل ۽ ڪيڏاري جي ڪافين جو

ڪافي مومل ۱۱۵۱

ولها وري آءُ، مونکوئن موٽ نہ مينڊرا

۱. ميان مون کوئن نہ مٽين، سوڍل سائين ساءُ
۲. شانن سان وو رکي شريڪت، هيءَ ڪميني ڪاءِ
۳. هو جو اچي ڏٽ ڏنهن، وٽي آهو مون واءُ
۴. هيءَ هيءَ هن جي حال جو، لهہ سائين لڳ سماءُ
۵. **سچو** ڪندا سي سگهڙو، پاڻوئن ڇاڻي پرچاءُ

ڪافي مومل ۱۱۵۲

آءٌ تا ڏيهاڙيون زارو زار، ساريو روان ٿي
هِت ڳالهڙيون گهٽيون گهٽيون ڪريون ڪريون

۱. ڪڏنهن هُيڙوَ سپرين! پاڇاڻين سان پيار
۲. ڪامل آهيان ڪاڪ ڪوئن، تو بنان بيزار
۳. ايندو هُئين اڌ رات جو، ڪاهي ڪرهہ سوار
۴. ماري مونکي مينڊرا، وَلها هِيءُ ويچار
۵. وسي تنهنجي وِرهَ جو، بادلُ هِت بسيار
۶. ڏِسي وڏ وڙائي تانهنجي، هو ڏڪيءَ ڪي ڏهڪار
۷. **سچو** سڳ اوهانجو، تهن ڏي نيڙ ڪٽو نروار

ڪافي مومل ۱۱۵۳

آءٌ تا روز رُوان ساريون
سوڍا ٿُهنجيون ڳالهيون ڪيتريون

۱. پُڌي ورج ولها
زور منجهيون زاريون

Scanned by CamScanner

٢. سڪ سنديو ڪيون ڪيترين
جيءَ انـــدر جاريـــون
٣. راڻـا رُسـڻ تـنـهـنـجي
ڪُوڪـان هِت ڪـاريـون
٤. ويـنـي ڳرهـيـان ڳالـهـڙيـون
هـنـجون هِت هـاريـون
٥. سـچـو سهندا سپرين
عـاجز جون آريـون

ڪافي مومل ١١٥٤

حال منهنجي هاءِ هاءِ، وو
توريءَ لهن هي ڏينهڙا ڏينهڙا
١. آهـي هِن احـوال تـي
ولـهـا تـا واءِ واءِ
٢. دوست تنهنجي ديس جي
اُڪـنـڊ اسـانـکـي آءِ
٣. ڏسيون ڏهاڙيون رُوان
جانـب تـنـهـنـجي جاءِ
٤. ڪاڪ نہ لڳي ڪَسِ مون
سـوڍل تـنـهـنـجي سـاءِ
٥. سـوڍا سـتـاري ڪـري
پـيـر اڳڻ مـنـهـنـجي پـاءِ
٦. درد منديءَ جُون دانهڙيون
والـيءَ لـگ ورنـاءِ
٧. سوال سچوءَ جا سپرين!
لالـن دل سـان لاءِ

Scanned by CamScanner

كافي مومل ١١٥٥

اڳڙ نماڻيان دي آيا، وو جاني
جيءُ اساڏي نال جليندائي
١. پهلي ڏينهن مين اپڻي سرتي
ورهي مينهن وسايا
٢. ڏَسُ سڃڻ دا ڏيهين پوندا
مين اڻان درسن پايا
٣. پهي پوڻي نون مين آگ جلايا
چرخا ول نہ چايا
٤. اپڻي مينون سُڌِ نہ هوئي
مين لڳين مُشڪ نہ لايا
٥. اپڻا ڪرم وو ڪيتوني
ڪيڏا ٿيا **سچو** بخت سوايا وو

كافي مومل ١١٥٦

مونكي كانڈ بنان هي كاك، ووءِ ووءِ
ڪوڙي آهي ني وو ڪاڪيون هوءِ هوءِ
١. سويل ٻاجهون سرتيون! هي مري ٿي مشتاق
٢. منهنجو ساهہ سُڌير ٿئي، اچي جي اوطاق
٣. سڦري آهي سون ڪوڻ، خاص ڌڻ جي خاڪ
٤. سُڌ اچي لهہ تنهن جي، چُور ڪئي چوڻطاق
٥. وجهي ويچاريءِ ويو، اديون ري اولاڪ
٦. تن **سچوءَ** جو عشق اوهانجي، چيري ڪيڙو چاڪ

Scanned by CamScanner

ڪافي مومل ١١٥٧

پئي پيش پرين ڪي پاڻ
آءٌ چوندیس هلي حال هي
١. توتؤن آهي مينڌرا
ڪاڪ ساري قربان
٢. دل ڪي ديوانو ڪيو
هيڪر تنهنجي پاڻ
٣. نامیا ڏسج ننگ ڏي
آءٌ تا ٿيس اچاڻ
٤. آندم هيٺ عتاب جي
سچو پنهنجي ڇاڻ

ڪافي مومل ١١٥٨

منهنجو سوڍل سارئي ساه وو راڻا
رُسامن سان ماريئي ووي يار ري
١. ويٺي ڪڙهان ڪاڪ تي، آڻيندوءِ الله
٢. هِيءَ مُئي جا مينڌرا! توڪي ڪيهو پرواه
٣. سندو اچڻ تانهجي، روز نهاريان راه
٤. گهر اوهانجي ٿي گهران، چت اوهانجو چاه
٥. مهر مٿو تو ناه ڪو، جيڪس هنجو بخت سياه
٦٦. ڪوڏؤن قرباني ڪري، **سچو** ساه پساهه

ڪافي مومل ١١٥٩

مونکي تنهنجي سار سنيار
وو ڇڏ رُسامان تون آءٌ منهنجا يار ري

Scanned by CamScanner

١. ڏوه نه ڪوئي تو ڏيان
آهي مون ئي سر ميار
٢. سڪ سوراخان مون ڪيا
هينئڙي منجهه هزار
٣. موٽ مران ٿي مينڊرا
برهي چاڙهيُئي بار
٤. ويٺي ڪري ڪاڪ ۾
هيءَ ويچاري ويچار
٥. **سچو** سيئي آئيا
جي دل گهريا دلدار

ڪافي مومل ١١٦٠

ڏاڍي دي نال زاري، وو
اسان غريبان دا حال نه ڪوئي
١. مين ايٽاڻي نينهن ڪي ڇاٽا
بره چاڙهيي ني باري
٢. ابرو مزگان تير وسائيندي
چشمان چوڏس چاري
٣. چلنگيان وو ڇُڙواڳ حُسن ديان
ڇڙه وتن چوڏاري
٤. شاهان نون شهه زور مريندیان
مين تا ڪوڻ ويچاري
٥. دؤران دؤر پوندي آوي
قاتل فوج قهاري
٦. **سچو** ٿيُ صدق تنهان تؤن
جنهان ڪيتي جندُ پياري

Scanned by CamScanner

كافي مومل ١١٦١

راڻـــي ســـنـــدو راز
مونسان كيڏو ئي آهِ
١. كاكيون آڏو كانڌ جي
نڏـــو وڻـــي ئـــاز
٢. پانهان پانهن جان پڏي
كـــرڙ نِتُ نـــيـــاز
٣. هيءَ هيءَ آهي حُسن جو
مـــاريـــون غـــم غمـــاز
٤. **سچو** پريائڙ پرين جو
آهـــي ســـاڙ ايـــلاز

كافي مومل ١١٦٣

مـــيـــنـــڌرا آءُ مـــيـــان!
هت ويڻي كانگ اڏايان
١. تو ساريندي سپرين!
هـــت ســـويا ســـاه ڏيـــان
٢. راڻـــا رتـــي راز جي
كـــاجا آهـــي هِيـــان
٣. كامل كنڈيءَ كاڪ جي
آءُ جانـــي كـــئـــين جيـــان
٤. شـــال اوهـــانـــجو اڳتـــي
سچو نـــيـــنـــهـــن نـــيـــان

كافي مومل ١١٦٣

سانون رهڻا ديس تساڈي، نال هادي دي ڦرڻا ڦرڻا
١. دُونهان پاءِ كي در تيڈي تي ميان! پول كي پانهپ پهڻا

Scanned by CamScanner

٢. طعني تُهمت سڀ لوڪان دي، سر تي سارا سهٽا
٣. گلا غيبت نانءُ ٽيڏي دي ميان! خاص ڳلي وچ ڳهٽا
٤. **سچو** ساعت دور نہ ٽيوي، واعدي آتي وهٽان

ڪافي مومل ١١٦٤

هَي وي سئيان ويل اهائي، گذر گئي رات سپائي

١. دوست مظاهر دي وچ آيا، آپ ڪنون چا آپ لڪايا
رنگان وچ ڪوئي رنگ ڇپايا وه جا بازي يار بنائي
٢. وه جو ڪيها پير بنايس. تعجب جيها جو رنگ لايس
شاه هويا هُڻ چاڪ سڏايس پير حقيقت هي سمجهائي
٣. جاڏي ويڪان تاڏي ماهي، ذات صفات جا هڪا آهي
گم ٽئي هت شاهنشاهي اندر باهر اها وائي
٤. انا احمد آپ الايس. من رآني دم صحي
وچ درازين پير گهمايس **سچو** تنهن تهون پائي

ڪافي مومل ١١٦٥

چُرڻ پُرڻ وارو ڪير، هيءَ
ڳجهارت ڪوئي ٻيجي
١. ڪير چوي ٿو ڪير ٻڌي ٿو،
هيءُ ٻينر عجب جيهو ٻير
٢. سڌ تنهنکي سر انهيءَ جي
جي ڪوئي پائي ايڏنهن پير
٣. گم ٽيڻ بنا ڪوئي نہ لهندو
گهٽ انهيءَ جو گهير
٤. يار يگانو **سچوء** سان ٿو
ڪري سريرون سير

Scanned by CamScanner

داستان سورهون ڪليان جي ڪافين جو

ڪافي ڪليان ١١٦٦

محبوب ڳولي ڏس من ۾ الله!

١. واه ڪاريگر ساز بنايئي، ڪن فيڪون جي ڪُن ۾ الله
٢. بي فائدو بازار گهمين ٿو، گل ڦل باغ بدن ۾ الله
٣. چوري چوري سير ڪرين ٿو، تنهنجو ڇاهه چمن ۾ الله
٤. سچل سائين صحي ڪر ڄاتم، يار گڏيو ڪک پن ۾ الله

ڪافي ڪليان ١١٦٧

محبوب مٿو آهي من ۾، معشوق مٿو آهي من ۾

١. بي فائدو بازار گهمين ڇو، اٿئي بلبل باغ بدن ۾
٢. پيائي سان ٿو پاهر ڳولين، اٿئي بربحر ۽ بن ۾
٣. چارا چوري، چليو ڏسين ڇو، اٿئي سو چاند چمن ۾
٤. زلف زنجير ڪؤن زاهد ڇڳا، آهي ظاهر پرست ظن ۾
٥. عاشق سوين احوال ۾، آڪن اَناالحق اَنَ ۾
٦. ست زيور سينگار ڪري ني، دوس تہ آيو درسن ۾
٧. ڪل يوم هو في شان، آيو ورنهه هر ڪنهن وَنَ ۾
٨. چيديون تا چار اٿو ميان، پرين پيارل پن ۾
٩. دلبر ديرو دائم دل تي، ڇو ديکين درپن ۾
١٠. ڪر ٿيو آهين ڪين سُٹين ٿو، اٿئي قُدسي ڪلام ڪن ۾
١١. مرشد ڪامل سانول سپرين، آيو صاف صحن ۾
١٢. فيض فاروقي فائق بخشيو، فهمائي هِن فن ۾

ڪافي ڪليان ١١٦٨

جاڳ جاڳ جند جانيان، پلا جيئڙا هيئي ننڊ اجائي

١. جائي ننڊ جي نال صحبت دي، سائين ننڊ سجائي
٢. فذڪروني اذڪرڪم يارو، انهين ويساه وجائي

Scanned by CamScanner

۳. جائي ننڊ جي نال غفلت دي، سائي ننڊ اجائي
۴. دم حياتي يار **سچو** دي، بنان سو بره بيجائي

كافي كليان ۱۱۶۹

ڊولڙ سائين نهين دلبان كنون دُور، رانجهن سائين

۱. لُون لُون دي وچ ماهي، نيڙاندي وو حضور
۲. هردم حاضر تا هئين، يك مُو فرق نه مُور
۳. ڏس اهوئي هادي والا، نُور اعليٰ نُور
۴. بات بره دي آكڙ مشكل، **سچو** رهڙ صبور

كافي كليان ۱۱۷۰

كردئين لك قبائين تون، يار الا الا وو ڀلا ڀلا

۱. تون هيئين منصورسڏاوين، اناالحق فرمائين تون
۲. آپكون آپ سجاڙ جو ٻينئين، شاه گداءُ سڏائين تون
۳. كڏهان كريندئين كر سگهيري، كڏهان مدت تي ترسائين تون
۴. كڏهان نكالان عرض كريندئين، كڏهان سرچاوين تون
۵. **سچو** مُول نه پاسي آهان، آكين تون اكوائين تُون

كافي كليان ۱۱۷۱

مُكڻا يار ويكائين تون، چگا ٿيوئي شال ڀلا ٿيوين سانون

۱. نِتُ نِتُ وي نانءُ الهه دي، هر دم ڦيرا پاوين تون
۲. هووين هميشه يار اسان كيني، هكدم دُور نه جاوين تون
۳. تيڏي كيتي كسديان وتديان، اگڙ اساڏڻي آوين تون
۴. نال تساڏي هوءِ جي رهيان، چِتُ اسان نه چاوين تون
۵. نال **سچو** دي سُهڻا سائين! نوين نوين غمزي لاوين تون

Scanned by CamScanner

كافي كليان ١١٧٢

ساڏڙا يار سڏائين تون، وو شُڪر آکان الحمد آکان

١. ٿيوان قربان تُسان ٿون، نؤ نؤ حُسن وکائين تون
٢. حال اساڏا ڏيڪ ڪراهُڻ، مُنجندئين لک دعائين تون
٣. عشق ديان چٽکان چوڙيندئين، سوهزار هوائين تون
٤. روز بروز جو مُنجدئين ساڏهون، نويان نويان سروپاوين تون
٥. سيني دي وچ يار **سچو** دي، هڪو هڪ سمائين تون

كافي كليان ١١٧٣

رُخ رانول يار ويکائين تون
آوي چگا ٿيويئي شال پلا ٿيوئي
خوني چشمان نون ڪريندیان
تير تکي چٽکائين تون
عشق ڪيڏي اٽکاءِ کي دلبر
بره ڏاڍا بچائين تون
ڏيکڻ سيتي مشتاقان نون
ديدان نال دپائين تون
اوگڻ ڏهون ڏيک نہ ميڏي
پير اگڻ ول پائين تون
نانءُ هادي دي نال **سچو** دي
ڳجهيان رمز رلائين تون

كافي كليان ١١٧٤

هر جا حڪم هلائين تون
وونی يار پلا وو پلا
١. جوڳي ٿي ڪر جڳ وچ آکي
انگ پيوت رمائين تون

Scanned by CamScanner

٢. رنگا رنگي ويس جو ڪرڪي
چير آڻان چمڪائين تون
٣. جوڀن جلوه ڪرڪي آندئين
آپي نچين نچوائين تون
۴. نعرا مار اناالحق والا
برسر دار چڙهائين تون
۵. آپڪون آپي ڏيکي ڏکالي
سچو نانءُ سڏائين تون

ڪافي ڪليان ١١٧۵

تو ۾ تند تنوار
پڌين نٽي پوڙي الا
١. ڳالهه اِهائي ميان ناهي سلڙ جي
خرچين سولک هزار
٢. ساٹيڙن ميان ڪيا هي سڏڙا
لاهي سڀ ميار
٣. دم غنيمت جا هت آهن
ڏينهن دنيا ۾ چار
۴. **سچل** آهي عشق منجهاروٗن
تڳان تنهنجي تار

ڪافي ڪليان ١١٧٦

هڪ رانجهو ساڏي نال
ڪيڙا ڪيا ڪراسين ميان
١. ڪڏهان لاڪرناحق پئي وو ميان
اوڙا پاڙا ميڏي خيال

Scanned by CamScanner

٢. غرض اساکون لوکاندا کيها
نال جاني ساڏي جال

٣. نال اساڏي سُنوري سنيان
ڳجهي رانجهودي سا ڳالهه

۴. رانجهو دي کارڙ کيئي سِکديان
نا مئين هير سيال

۵. ڏون ڏُون بيعان کيها کريندي وو
هکوبيع بحال

٦. **سچو** نہ حاجت عرض کرڙ دي
ميڏي سا کيهي مجال

کافي کليان ١١٧٧

يار ڏاڍا رنگ رسائين تون
وو تين اُتي مين صدقي ٿيوان

١. جوڙ سينگار کي بن ٺن آئندي
فوجان حُسن چڙهائين تون

٢. چيرا جوڙکي سِر دي اُتي
کر جنسار وکائين تون

٣. مشتاقان دي مارڙ کيتي
اکيان باز بنائين تون

۴. کرکي ويس ويڙهاکيان والا
چٽگان چره چلاوين تون

۵. اپٽي حال دي ڳالهه سڀائي
سچو کُون سمجهائين تون

Scanned by CamScanner

كافي نٽ كليان ١١٧٨

تُسان ڏِسندي هو بديان ميريان، اسان تا ديواني

١. حال اساڏا معلوم تيڪون، بره چاڙهيي اهي باني
٢. تسان مريندیان هو سيئي سيالیان، ٽوڪان ڪيئي لک طعني
٣. اپٽي سِر تي سيي چاتم، نينهن دي اها نشاني
٤. **سچو** جيهي در سايان تي، هوسن ڪئي وي مستاني

كافي كليان ١١٧٩

ڪروڙين لک پڙه پڙه ڪي تيڪون سرسات ڪيا ڪيتا
نمازان پڙه ڪي روزا ڏر اسي طاعات ڪيا ڪيتا

١. ڪيا نفي ڪيا روحي ڪيا سري
ڪيا خفي دين درجات ڪيا ڪيتا
٢. مڪي ڪي طرف حاجي هوڪي زيارت مُقبران ڪيتي
چلي بيت المقدس ڏهون ڪعبہ قبلات ڪيا ڪيتا
٣. گلين دا پوش ڪر پئيئي تہ مين صافي سُون صوفي هون
مڪر ڪي تاج سر پهري دغل دلقات ڪيا ڪيتا
٤. رجاعت خلق ڪي ڪيتي، وظيفہ ورد پڙهندائين
گهتيندئين مُک اُپر برقعہ اهين رُجاعات ڪيا ڪيتا
٥. ڪيهي سُوره بنائيندئين، ٻڌائيندئين بند حرفت دي
ڪهي هر ڪوئي اچا فُقراهين حرفات ڪيا ڪيتا
٦. شرف شاهي دا گم ڪيتئي، قدر اپٽا نہ چاتائي
اڪيندئين لاالہ الاالله نفي اثبات ڪيا ڪيتا
٧. مُنائيندئين وال ڏالهي سي، پهريندئين هاٿ ڪا چوتا
ڪُلهي پرچائيندئين ڪُتڪي اهين فعلات ڪيا ڪيتا

Scanned by CamScanner

٨. جماعت جوڙڪي ٻيٺئين اسلي لوڪوڻ بتائيندئين
ڪيا مَسلي مسائل ڪيا، اهين جماعات ڪيا ڪيتا
٩. ٽـ ڪٽ اڇا ڪسب هوتا ڪيا ياروري انحد هئي
ديڪا ٽُم نُور ڪا شعلا ٽـ هـم تجلات ڪيا ڪيتا
١٠. ٽناسي بن يقينا ڪر، نـ ٽيسي حاصلات ڪائي
ڏُوجهي حيلاگري هوسي ادب اوقات ڪيا ڪيتا
١١. **سچو** سِرُ آپٽا ڇاٽين، پڇاٽين آپٽي صورت
تو ٽُم ڪياهوڪيا هو تم دگر ڪرامات ڪيا ڪيتا

ڪافي ڪليان١١٨٠٠

مُون سان تون آهين آهين، ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن

١. اسان نماڻن تؤن سُهٽا سائين! هٽ متؤن متان لاهين لاهين
٢. آءٌ ڪنيزڪ تون تا سائين، سگ نـ تنهن سان ڪو ساهينّ ساهين
٣. ڪڏهن آرامي ڪرين اسانکي، ڪڏهن ڇين ٽو باهين باهين
٤. ڪڏهن منصوري دم اناالحق، ڪڏهن ڏسين ٽو ڦاهين ڦاهين
٥. حاضر ناظر آهين اسان سان، ڪيئن چوان تا ناهين ناهين
٦. استغفرالله ڳالهـ اهائي، جو ڪجهـ مونسان تونْ ناهين ناهين
٧. **سچو** جي عاشق آهين اسانجو، ٽج نـ درد جو دانهين دانهين

ڪافي ڪلياڻ ١١٨١

تيڏي ناز نماڻياندي مين ماريان، تيڏي ناز .

١. مشتاقاندي مارڙ ڪيتي، شوقي چڙهن شڪاريان
٢. چشمان تيڏيان گل گلابي، خوني ڦرن خماريان
٣. عشاقان نون آءٌ ڪرا هُڙ، مارن ڪجليان ڪاريان
٤. غمـزي رمـزي ڏاڍي لـڳڙي، ٽـيـوان وارڙ واريـان
٥. اڳون سُهٽياندي سُڙ **سچو** سائين، پاءِ پلؤ ڪر زاريان

Scanned by CamScanner

كافي كليان ١١٨٢

عشق تيڏي دي مين ماري، نِتُ نِتُ كران زاري

١. اڳڙ اسا ڏي وي آوين پيارا آءُ ڏيوين دلداري
٢. مين تا تئين تؤن وي سُهٽا سائين! ٿيوان وارڙ واري
٣. مستي ڏيکي کيون تون دلبر، لاءِ کڙا هُڙ ياري
٤. چشمان تيڏيان چيٽڪ لايا، خوني ڦرن خماري
٥. بره تساڏي ميان بخشش کيتي، **سچو** کُون سرداري

كافي كليان ١١٨٣

هُڙ آيا سچڙ آيا
سؤ کريان شُکراني

١. کتلي مدت ماهي ٻاجهون
وِرهه دا مينهن وسايا
٢. معاف کيتا نهين سنيان اسان ٿون
جي ڏک وچ ڏينهن لنگهايا
٣. آپي ڇاڙي رانجهن سائين
جهنگ دا پنڌ پڇايا
٤. جوڳي هوکر نال مهر دي
تنهن **سچو** دا پاڙ وسايا

كافي كليان ١١٨٤

رهٽا راوي دي کنار
رانجهو نال ٻهٽا

١. جهنگ سيال پي ڇوڙ کرا هڙ
ويسُون تخت هزار

Scanned by CamScanner

٢. مئينون ماهيدا سنوري سنيان
نينهن لڳا نروار
٣. ابر اکيندا اينوين سو وسدا
جيوين سي ميگهه ملهار
٤. ٻيلي ويسان ماهي والي
تر ترينديان تار
٥. اگڙ **سچو** دي رانجهن آيا
کر جوڳياندا جنسار

کافي کليان ١١٨٥

کڏهن اسانوٺ ايندا
کهه کانگا پرڏيهي
١. هوندا اسان وٺ هوت هميشه
وري پوءِ نه ويندا
٢. کندا آرامي روح اسانجو
وري کي بره بچيندا
٣. هجر فراق ني معاف کنداسي
کي ڏاڙ ڏکيءَ کي ڏيندا
٤. پکا پکن سامهان
کي اوڏا دوست اڏيندا
٥. مُنهن مقابل محب مونکي
کي **سچو** نانءُ سڏيندا

کافي کليان ١١٨٦

لَؤن وِجي کيئن لايَوَ، پرين ڇاتَوَ پرديسي
١. پِر پَروڏوَ کين سهيليون! تيلهان آڏو ڏک آيوَ
٢. ڏينهن گذريو غم انهيءَ جي مِ، ڳالهه جنهين جي ٿي ڳايوَ
٣. دانهون فريادون کرين ڇو هاڻي، سڪ **سچو** سيبايوَ

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١١٨٧

انهان اکيان نُون سنيان مين تا آک آک رهيان

١. ويڙهي پرائي وي ميان وره وهاوڻ، پڙ ٽڳان دي ني پيان
٢. آکڻ ميڏي تي لڳديان ناهين، شرم حيا ڪنون ڇيان
٣. مصلحت ڪنهن دي مُول نہ منديان، ڏونهين ديوانيان ٿيان
٤. جهليان پليان نهين سي رهنديان، ٿاه اهين وچ ٿهيان
٥. **سچو** نماڻان ڪيا ڪريسين، جو آپ آڻان وچ رهيان

ڪافي ڪليان ١١٨٨

لؤن مُون سان جا لايوَ يار، ويڙهي هن ويهي

١. درد منديءَ جي دلڙي دلبر، گهوٽ اکين سان گهايوَ
ڇالهه ڪريان ٻي ڪيهي
٢. مشتاقن کي مُحب مارين ٿو، تڪ اهائي آيوَ
جيهي وڻيو ڪيو تيهي
٣. ڇالهه انهين جي سُڌ نہ مون کي، پاڻ پرين پُرجهايوَ
رمز ڇُجهيءَ دل ريهي
٤. پارؤن پنهنجي ڪيئي قاصد، هن ڏي هوت هلايوَ
ڏيهه گڏيا چڙ ڏيهي
٥. دل **سچوءَ** جي دلبر سائين! دردن ساڻ ڏپايوَ
نينهن اوهانجڙي نيهي

ڪافي ڪليان ١١٨٩

هوئي وو تساڏي نال زاري
لاهه حجاب تون مُکڙا وکاوين

١. قسم سائين دي ميڪون
تيڏي هڪالٽيجي ياري

Scanned by CamScanner

٢. اڳڻ اسان وو نماڻيان دي
آوين ڍولڻ هڪواري
٣. هجر تساڏي ڪاهل ڪيتا
دوست ڏيوين دلداري
۴. نانءُ ڏڻي دي دوستي دي وچ
گهتين نہ دلبر گهاري
۵. زُهد عبات تقويٰ ڪنون هُڻ
بره ڪيتي بيزاري
٦. جلوه ڏيڪ جمال تساڏا
عشق ڪيتي اظهاري
٧. ڪتلي توڙين ڇپسين يارا
هوءِ هوءِ حُسن هزاري
٨. آگهہ حال احوال دي تيڪون
آهِ **سچو** دي ساري

ڪافي ڪليان ١١٩٠

ڪيئي ڏڪ جا ڏينهڙا لنگهايم
سُڻ تو بن منهنجا سائين
١. ڳالهيون ڪندي مُون ڪيئي سر تي
ڏڪ جا مينهڙا وسايم
٢. پرين اوهانجي پار جا ٿي
ڏهاڙي پنڌ پڇايم
٣. سڪ اوهانجي سپرين ميان!
سارائي سُور سلايم
۴. **سچل** سيئي آئيا جن لئي
فالان روز وجهايم

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١١٩١

جو هومِ ورونهن وارو، جيجان گڏيم سو تا جوڳيڙو

١. اڳين پوئين ڳالهه جو، خيال سليائين سارو
٢. سُورن جي سوغات سان، آيو اوڏنهن وڃارو
٣. پسڻ سان پيدا ٿيو، سيني منجهه ستارو
٤. صورت تنهنجي سڦري، مشعل مُنهن موچارو
٥. جُڙي ويٺو جان ۾، برهه انهيءَ جو بارو
٦. آهه **سچوءَ** جو سرتيون! اهو اکين جو اجهارو

ڪافي ڪليان ١١٩٢

مين رانجهو هڪ ٿيسان، ڪيڙا سَتِ گهتيسان الله

١. ظاهر ناهي جڏهان ذات ڪيڙاندي، تڏهان عشق رانجهو دي ريان
٢. در رانجهو دي مين وڪاڻي، ڪيهان اسان تي بيعان پيان
٣. جِنهان دي آهس روز ازل ڪنون، پُڪي انهاندي مين پيان
٤. غرض ڪنهاندي سانون نہ ڪائي، هوش ڪنون مين ڳيان
٥. دعويٰ اسان تي ڪنهندي نہ لڳدي، سڻو سپي تسان سنيان
٦. ڪيون وهائيندئين سُڻ **سچو** ري، نديان نيڻون نيان

ڪافي ڪليان ١١٩٣

تون تا پهنجو پاڻ پَساءِ

شوق تنهنجو مونکي يار شفيع

١. هن جي اکڑين ۾ اچي
جوڙي ويهج جاءِ
٢. نامياڻا نانءِ ڏڻي جي
پير اسان وٽ پاءِ

Scanned by CamScanner

٣. اڳي پـــوءِ بـــي آســـرو
تـنـهـنـجو اسـانـكـي آءِ
٤. اڄ بـــي واٽ نـــهـــاريـــان
لالـــن تـــنـــهـــنـــجي لاءِ
٥. آءُ اڳُڻ آســـرونـــد جـــي
سچو كـيـم سـكـاءِ

كافي كليان ١١٩٤

ماري ويو كالهه رات، سونهن پريو سو تا ساميئڙو مونكي

١. راتـو ڏيـنـهـان رُوح كـي
طـلـب تُنـهـيـنـجي تـات
٢. كـين سجاتم سـرتـيـون!
تـا كـهـڙي آهـي ذات
٣. سُور نـه جهـلـڻ جهـڙو!
هـاريـون ڙي هـيـهـات
٤. اٽـئـي پـهـر تـنـهـنـجي
وائـــي سچوءَ كـــي وات

كافي كليان ١١٩٥

آءُ كـانـگـا كـر ڳالـهـه
پريان سندي پار جي وو ميان
١. مُون سـان كـري كـالـهـه وئـين جي
اُهـي تـا واعـدا پـال
٢. هِن غريـب سـان پـريـن گـڏائـج وي
بـره كـيـس بـيـحـال

Scanned by CamScanner

٣. هيڏي اچڻ جي وي ميان، هُئي انهن کي الله
کاتا قيل مقال
٤. پاجهه پئي تا وي ني پاروچا الله
هي نماٽي نال
٥. ياد کرن ٿا هِت توئي کي الله
وجهه نه جيءُ جنجال
٦. فذکُروني اذکرکُم پلو ميان!
پئين تون کيهي خيال
٧. قول پرين وي ميان کيا جي توسان
سي تا سپ بحال
٨. دل ٻڌل آهِ وي ميان! تو ءِ پرين جي الله
سچو تون پاڻ سنيال

کافي کليان ١١٩٦

کين وساري ٿو ويهون ويهون، آهن کيهون اسانجيون ڳالهيون

١. ساه سيون تا ياد کرين سي، آهن عجائب جيهون جيهون
٢. کهڙي ڳالهيون عاشق اسانکي، ڏک ڏوراپا ٿو ڏيهون ڏيهون
٣. اهي عتاب تون رکين ٿو کيها، پکي اسانجڙي پيهون پيهون
٤. هن پڇاڻون متان اسان تي، ڳالهيون رکين تون ايهون ايهون
٥. سچو اسانجو تون، اسين سو تُنهنجا، ڳالهيون کرين ٻيون کيهون کيهون

کافي کليان ١١٩٧

هوت ڏٺئي هيڏي ايندا
کِي ساڻي مونکي سڃ ڇئو
١. هتؤن پٽي پکڙا
هُت کي آڻي اڏيندا

Scanned by CamScanner

۲. پنهنجي وڙڻ پاڻ سان
هي، غريب گڏيندا
۳. ڏک پائي سي سپرين!
ٿوريائي سان کي ٿيندا
۴. درد منديءَ جي دل تي
دانهه دست ڏريندا
۵. ڏوڙا طالع مون ٿين
جڏهن **سچو** نانءُ سڏيندا

کافي کليان ۱۱۹۸

اڄ سڄڻ پاڻ ايندئي
جن لئي نهاريئي ٿي واتان
۱. متان لاهين آسرو
حال پائي اچي ٿيندئي
۲. عجيبن جي اچڻ جون
ماڻهو مبارکُون ڏيندئي
۳. پڪا پکن سامهون
آڻي دوست اڏيندئي
۴. متان ماندي تون ٿئين
گوشي پاڻ گڏيندئي
۵. توکي ڄاڻي پانهنجو
سچو يار سڏيندئي

کافي کليان ۱۱۹۹

اوري کانگل آءُ
کين جي خبر ڏي کا

Scanned by CamScanner

١. پِريان سندي پار جو
لهي سو اچ سماءُ
٢. ڳالهن ٿُهنجين مؤن سرير کي
اچي سو منهنجي ساءُ
٣. منهنجو ٿئي هِت ڪينکي
ٻاجهون سوهوت هلاءُ
٤. سُورن ڪارڻ سُڻ ڏي ساڻي!
جيڪُس ڇٽيم ماءُ
٥. **سچو** دوستن جي در جو
اصلون آهي غريب گداءُ

ڪافي ڪليان ١٢٠٠

پانڊي پيغام پهچاءِ
منهنجا محبن کي ميان
١. اڪڙين کي اصل ايڏنهن جو
وڏو اوسيڙو آءِ
٢. ڏاها وڃج ڏيهه اُنهي ڏي
جاتي جانب جاءِ
٣. ادا ڏي ساڻي پارؤن اسانجي
پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ
٤. راتو ڏينهان آهِ ڏهاڙيون
هينئڙي کي هاءِ هاءِ
٥. دوستن سندي در جو
اصلؤن **سچو** ٿو سڳ سڏاءِ

Scanned by CamScanner

كافي كليان ١٢٠١

جيجان زُلفن واري، اُنهيءَ سامي‌ءَ مَنُ موهيو

١. باه بره جي اندر اسانجي، ويو سو پهڳڙ پاري
٢. هجر فراق ني وو يار اسانكي، ڪُوكان ٿو هت كاري
٣. جوڳي ڪَيَڙُوَ جيءُ اسانجو، مُونجهه اها ٿي ماري
٤. اچڻ سنديون يار اوهانجون، واتان سو نتُ نهاري

كافي كليان ١٢٠٢

منهنجا واقف يار اسدائين تون جي جيئندين

١. راتو ڏينهان رُوح منهنجي كي، تنهنجي سار سنيار
٢. تحفو هن كي آهِ اهوئي، تنهنجي پيرن جي پيزار
٣. اچڻ اوهانجي جِي وينا وجهايون، فقيرن كؤن ڪار
٤. ڳالهيون سنديو ساريو، **سچوءَ** كي اچي ٿي اُچنگار

ريختو كليان ١٢٠٣

بيمار ہوں تيرے بره كا،چھوٹن ميرا مشكل ہوا
يه درد ميرا ديكھ ،افلاطون لايعقل ہوا
يہی درد تيرے عشق كا مجھ كوں غنيمت ہے صنم
وه جوں اندھاری رين ميں،مشكل كشا مشعل ہوا
جس سے فلك نے كل ملك، دھرتی پون كيتی ابا
او ئی بار باری بره كا،آدم اوپر نازل ہوا
٣۔ اے يار تم آتا نہيں،مجھ پر شفا بخشی كرو
اس درد ميرے كی دوا،آون تيرا ايك پل ہوا
٤۔ جب درد غم دل كو لگا،اس كی دوا پوچھن نہيں
اس درد سوں سارا سچُو،مقصد ميرا حاصل ہوا

Scanned by CamScanner

ریختو کلیان ۱۲۰۴

بیمار ھوں تیرے بره کا، چھوٹن میرا مشکل ھوا
یه درد میرا دیکھ، افلاطون لا یعقل ھوا
۱- یھی درد تیرے عشق کا، مجھ کوں غنیمت ھے صنم
وہ جوں اندھاری رین میں، مشکل کشا مشعل ھوا
۲- جس سے فلك نے کل ملك، دھرتی پوں کیتی ابا
اوئی بار باری بره کا، آدم اوپر نازل ھوا
۳- اے یار تم آتا نھیں، مجھ پر شفا بخشی کرو
اس درد میرے کی دوا، آون تیرا ایك پل ھوا
٤- جب درد غم دل کوں لگا، اس کی دوا پوچھن نھیں
اس درد سوں سارا سچو، مقصد میرا حاصل ھوا

کافي کلیان ۱۲۰۵

آئین هلي هن جاءِ وي
هڪ ساعت کارڙ تون سانگيئڙا
۱. ڪاگهڙي نياه نه چاڙج
پيچ نه تنهن سان پاءِ وي
۲. الدنيا ساعة
اهو نقطو دل سان لاءِ وي
۳. جاڏنهن آئين تون وڃارا
وري وڃڻ اوڏنهون آءِ وي
۴. دنيا ۾ دم ڪيتي گذاريئي
سچو سڃڻ جي ساءِ وي

Scanned by CamScanner

كافي كليان ١٢٠٦

پاس كيڙي كُون جو ڏيسين. رانجهو ست گهتيسين

١. اها نصيحت سُڻ اساڏڙي، پيڙاندي ننگري جي ويسين. يار ڏوراپي ڏيسين
٢. پاجهون دلبر كائي ساعت، اوراندي نال اليسين، سُهڻا ڏور ستيسين
٣. رانجهي كنون تحقيق چاڻي، پچي كو وال وليسين، ماهي گولا سڏيسين
٤. رانجهي دي طرفون طعني تهمت، ساري جهنگ دا جهليسين، آپي هٿ گهتيسين
٥. هٿون ماهيدي سُڻ **سچو** ري. پيالا عشق پليسين، يار بي آپي مليسين

كافي كليان ١٢٠٧

نوكر ٿيسان، پلا چيري والي يار دا
نوكر ٿيسان، پلا كلنگي والي يار دا

١. پيان گالهيان سپ دوستي، پاجهون، سنيان سپ ستيسان
٢. دامن سچڻان دي دست اساڏي، اور نه كنهن دي مڻ ٿيسان
٣. چوري گهڙي دوست ماهيدي، بسم الله كر پيسان پيسان
٤. نال سهڻي دي **سچو** ري، نينهڙا نيبه نيسان نيسان

كافي كليان ١٢٠٨

لاهين رمزان والي يار، ميان سائين! دلڙي اساڏي لڻي

١. دلڙي اساڏي آچر كركي، نال چشماندي چُڻي
٢. زهر پيالا محبت والا، گهٽ پريندي گهڻي
٣. منزل دُور اڃانگيان پٽيان، حُب ماهي نا هُڻي
٤. سا مر روئي راتيان ڏينهان، يار كنون جاڻڻي
٥. سك **سچو** كون ساوڻ كيتا، سا رت مول نه مڻي

كافي كليان ١٢٠٩

اهي اكيان كنهين نه لكيان، نال ماهيدي رنگ رتيان

١. ويكڻ رانجهي دي كنّون هور نه مائيئي، رب ڏيكڻ كيتي ڏتيان
٢. مصلحت ميڏي مُول نه گهنديان، ويڑهي رانجهو دي جي وتيان

Scanned by CamScanner

٣. عشق ماهي دا غالب هويا، وسريان ٻيان ڳالهين ڪتيان
٤. مين رانجهن دي رانجهن ميڏا، اهو ڪيڙا ڳهول مين ڳهتيان
٥. ڏينهان هوندیان درس ديوانيان، راتين سي سڪ نہ سُتيان
٦. اڳهين عشق پرايا جنهان، ڪوئي ڏيوي تنهان متيان
٧. نال سڄڻ دي **سچو** رهن مستانيان، محبت مئي پي جي متيان

ڪافي ڪليان ١٢١٠

آءٌ تا ڪالهه اڏامي
وڃي پيُس پرين وٽ

١. هُت قبوليت تنهنجي
حلقه بگوش غلامي
٢. مهر متوئي ناه ڪو
عاشق ٿج تون آرامي
٣. اصل لاڪون تنهنجو هي
پاڃي آهي پيغامي
٤. ويس برابر اوڏهين
ويٺس ڪين وسامي
٥. مونکي ڪيائون تانهنجو
سچو يار سلامي

ڪافي ڪليان ١٢١١

ڪالهه جو ڪانگ اڏاڻي، پلو ڪي وئين پرين وٽ
١. گهٽي توسان ڪا ڪئي، اڳيون يار سياڻي
٢. پرين ڪي تا پڇيو، ڏيج دلاسو هاڻي
٣. ساري مونکي ڏيج سنيها، الله ڪارڻ آڻي

Scanned by CamScanner

۴. پرين سندي پار ڏي، عاشق ڇونہ اماڻي
۵. آئين اڏامي اوڏهون، **سچوءَ** ساه سيباڻي

كافي كليان ۱۲۱۲

سهڻا ڏوجها ول نہ ٿيسين، جوئي بڻين سوئي بڻين ميان

۱. عشق آواز جو آپون آندوئي، اهو سو شال وڻين وڻين ميان
۲. آپڻي وچ آپي آندائين، پيا تا كون آڻين آڻين
۳. اور نہ كوئي ڄاڻي ٿساكُون، آپكون آپ ڄڻين ڄڻين
۴. **سچو** هوكر سهين رنگان وچ، هكو هك ڳڻين ڳڻين

كافي كليان ۱۲۱۳

كوڙي كيتئي ڳالهہ پنهنجي
كالهہ كانگا چيئي مونكي

۱. جيكس كينكي ڏر وئين تون
واٽ ڏسي هو ٿئين اهنجي
۲. عجيبن جي آڏو وجي تو
كچي كيئي سا منهنجي
۳. وري برابر وئون اوڏانهين
سائين كندو ميان سنهنجي
۴. تنهنكي سوئي توڙ رسائڻ
وٽي جو دامن كنهنجي
۵. اصل لاكون **سچو** سپائي
طاعت مجي آهي تنهنجي

كافي كليان ۱۲۱۴

لؤن اچي پاڻ لايو، ناتہ مونكي كل نہ هوئي

۱. اصل لاكون عشق لالڻ جي، ڳالهہ اها خوش آيوَ
۲. درد فراق جي ڏنيوَ امانت، اها سانول سيبايوَ
۳. عرش كُرسي تاكين قبولي، أها اسان ڏي هوت هلايوَ

Scanned by CamScanner

۴. ڳالهه پرجهڻ جهڙي نا هُئي، پاڻ سڃڻ سمجهايوَ
۵. ڏينهن انهي جي يار **سچوءَ** ڪوڻ، سچي سا ڳالهه سلايوَ

ڪافي ڪليان ۱۲۱۵

آڪ عشق! تون عالم دي وچ، ڪيها سئيل ڪريندئين
۱. ڪڏهان قاضي ڪڏهان مُلا، ڪڏهان مست مريندئين
۲. ڪڏهان هوڪا هوڪ ڦريندئين، ڪڏهان چوٽ چڙهيندئين
۳. ڪڏهان ليلي ڪڏهان مجنون، ڪڏهان سبق پڙهيندئين
۴. عاشق عشق معشوق هڪ ٿي، اکيان آڪي اڙيندئين
۵. ڪڏهان سلڪ سلوڪي هوندئين، ڪڏهان **سچو** نال لڙيندئين

ڪافي ڪليان ۱۲۱۶

آءٌ پنهون پاڻ آهيان
ڪاڪيون مُنجان قاصد ڪاڏي
۱. اها صورت سهنجي ڏٺيم
ساڻي پيا ڪئين سنيهايان
۲. ڳالهه پري هُئي ٿي پئي اوري
ڪيڏي سي ڪانگ اڏايان
۳. مُدعا مطلب هُو ميڙيوئي
پوٽيون سي ڪيهون پٽايان
۴. سڌ پئي مُون سر انهيءَ جي
ڪيچ پنيور کي پايان
۵. **سچوءَ** منجهؤن ٽيو سچ پيدا
ڪيهون ڪوڙيون ڳالهيون ڳائيان

ڪافي ڪليان ۱۲۱۷

پرين هي پيغام
ساري ساڻيو ڏيجو

Scanned by CamScanner

١. ڪڏهن ڪندو پار اسانجي
اچـــڻ جـــا انـــجام

٢. پـاهون پـڌي يـار سڃڻ ڪـي
ڏيـجو ســي سَوَ ســلام

٣. در اوهانجي جي يار پنهون ري
ٿـئـي نـه طـلـب تمـامُ

٤. شوق اوهانجي شـور مچايو
ڪـيـاسـين هُل هـنـگـام

٥. جيهو تيهو آهي اصل ڪؤن
سچو ســو گـولـو غلام

ڪافي ڪليان ١٢١٨

آيا ڏنوَ آيا ڏنؤ، چؤ ڪي پانڌي آيا

١. پـريـن ڪـي هـن پـار ڏي، سَل ڪـي سـاڻـي سـعـيـا
٢. طرف اسانجي ڪهـ ري ڪانگل، روح سندن جا رايا
٣. ڪين آئين ارمان جي تو ڏيـنـهـن گـهـٽـا ڪـين لايـا
٤. وري سگهو ميان تون وئون اوڏاهين، جو سُورن اسين ستايا
٥. **سچو** ساري ٿو ميان گهٽو سنپاري، سڃڻ پي ڪي سڪايا

ڪافي ڪليان ١٢١٩

عـشـق ڪـيـهـا ڪـيـهـا هـونـدا
اري مـايـو نـهـين ڄاڻـان

١. عاشق اُنهان ٿُون آکن سپيئي
راتـو ڏيـنـهـان جي رُئـنـدا

٢. عـشـق سـيـوئي هـئـي مـلامت
لـوڪـان ٿُون نـهين پـائـيـندا

Scanned by CamScanner

۳. عقل شرم سيي دُور سڏين
عشق جهين ڏهن آئيندا
۴. ساه سچو دا روز ازل وي
وره ڪنون نهين واندا

ڪافي ڪليان ۱۲۲۰

عشق ڪنون قاضيا، مين پيرين پايان ڇيريان
۱. هٿ بزارين ڳلي بہ ڳلي، ڦرڪي ڏيوان ڦيريان
۲. جان جسم ديان ڏونهين انجامت ٽيان، مين ٽيريان
۳. عشق واليان نُون روشن هويان، اُهي راتيان انڌيريان
۴. عشق ديان هونديان سُنوري سنيان، اهي ڳالهيان اويريان
۵. فوجان حُسن ديان سر سچو دي، آءُ چڙهيان سِر سيريان

ريختو ڪليان ۱۲۲۱

قاضی تم کیا کہوں، جو یار موجدار ہوا
یار موجدار ہوا، لہر بحر دار ہوا
۱۔ الف کی جو گودڑی میں، اور کو دیدار ہوا
جنہاں دل دھیان لایا، تار میں ہشیار ہوا
۲۔ سرخ لال لباں پر، رخ پہ محراب ہوا
یا تو وہ مست ہوا یا تو خلیدار ہوا
۳۔ خاکی پاء کے گودڑی میں، اور کو اسرار ہوا
جبے میں آپ ہوا، یا تو او بیزار ہوا
۴۔ سچو اوئی نام کرکے، آیا چوگان میں
سولی اتے مست ہوا، یا تو او ہسوار ہوا

Scanned by CamScanner

ریختو کلیان ۱۲۲۲

دلبر کے در اوپر، میں دیوانہ ہورہا ہوں
یار وے اس جہاں سوں، بیگانہ ہورہا ہوں
۱۔ دیکھن سیتے فہم عقل، ہم سوں اڈر گیا
وہ زلف پیچ پیچ میں، ستانہ ہورہا ہوں
۲۔ معشوق آج سر پر، چیرا بنا کے آیا
میں اس حسن شمع پر، پروانہ ہورہا ہوں
۳۔ آج یار کوں جو تیر، وساون دا خیال ہے
سینہ سچُو سپر کر، نیشانہ ہورہا ہوں

کافي کلیان ۱۲۲۳

کلنگيء والا يار، شال جيوين لک ٹيوين
يار سدا جگ هوين
۱. ٹيڈي کارڙ مين جو کريسان، صورت دا سينگار
۲. ملک سارائي، ملک ساڈي، کيا جي تخت هزار
۳. سپ سيالیان تين تؤن صدقي، جا کيٹئي هير شکار
۴. مين تا کوجهي، کر پي کوجهي، تون صورت دا سردار
۵. **سچو** نماڻا در ٹيڈي تي، روندا زارو زار

کافي کلیان ۱۲۲۴

هوسان سا ٹيڈڙي نال، وو ميان
جهوکان وسني شال رانولا
۱. نال اساڈي نانءُ سائيندي، آءُ جاني گڈجال
۲. جيهي تيهي وو ٹيڈي هويان، جيوين وٹئي تيوين پال
۳. سيني اندر سانپ رکيسُون، گجهي سا ٹيڈڙي گالهه
۴. مين تا صدقي وو تو تؤن هوسان، کيٹئي چاکاندي چال
۵. **سچو** نماڻا در ٹيڈي دا، پلا سو تنهن ڈهون پال

Scanned by CamScanner

ریختو کلیان ۱۲۲۵

سنورے آج سر مورے، بره باران آیا ہے
کرم کر کے صدف اوپر، ابر نیسان آیا ہے
زلیخا کی طلب سیتے، تمنا ملھ وکاون کی
مصر بازاریں چنچل، کنوں کنعان آیا ہے
بره لاون کی خواہش سوں، ظہورا کر اوئی بیچوں
اسی جگ میں وہی ساجن، بنی انسان آیا ہے
۳۔ لٹك نی زلف دلبر بنده، چیرسرپر گلابی کا
قتل کے عاشقاں سیتے، جوکر طوفان آیا ہے
۴۔تجلی دیکھ کر موسیٰ، رہا مدوہش مستی میں
شعاع شمع کے اوپر، پلٹ پروان آیا ہے
۵۔سچو کر گوئی سرمیدان، سری آگے سریجن کے
ہلاں کر حسن دیاں دلبر، سرِ چوگان آیا ہے

ریختو کلیان۱۲۲۶

جھیل رے من جھیل مالھاں، ہمیں پیالا جھیل جی
جیسی رنگ سی بانسی آیو، تیسی راکھو مئیل جی
۲۔ اره مکھ سی ہانسی آیو، صورت مکھ سی پھول جی
پھول میں ہك رتن پھجی، پر کھلیواش ٹول جی
۳۔ جندر ماتھے سورج پانی، بھر میں اٹھو مئیل جی
شکت شیجی بھر نه کھوٹی، ایسا عنبر بھیل جی
۴۔ آئو تو کس رنگ ۔ ۔ ، اور جائو تو کس سنگ سے
امر گھر کی خبر ناہیں، کیا ہوویں رنگ جی
۵۔ ساس موں اور ساس پوچھو، آج رے تم پانج جی
ذات میں ہوئی ذات بولیا، سبھ سچو ہے سانچ جی

Scanned by CamScanner

كافي كليان ١٢٢٧

كڏهن ايندين هك ٽيندين
نتُ نهاريون سنديئي واٽڙيون
سانول كنهين سانگ سان
اڳڙ اسانجي ايندين
اهو اٽؤن آسرو
بديون تا بخشيندين
كنهن ڏينهن هن ڏكي كي
دوست دلاسو ڏيندين
پرين نيندين پاڻ سان
چپر تانه چڏيندين
ٽوري گهٽين ڏينهڙي
گولي ساڻ گڏيندين
پكا پكن سامهون
اوري آڻي اڏيندين
سو ڏينهن ٽيندو كهڙو
سچو كري سڏيندين

كافي كليان ١٢٢٨

مَنُ موهي منهنجا جاني!
گهٽا لايئي ڏينهڙا
١. صورت تنهنجي سپرين
مُورت كئي مستاني
٢. پرين اوهانجي پار جو
گوندر ٽيو گذراني

Scanned by CamScanner

٣. روز ازل کـؤن ڏِنـوَ اسـانـکـي،
نـينهن پنهنجو نيشاني
٤. اگـڙ اسـانـجي آءُ پـيـارا
مُحب کريان مهماني
٥. پيريءَ جا **سچو** ڏينهن وسارج
ٿـيـئـي جمـال جُوانـي

کافي کليان ١٢٢٩

ذات بـره دي کـيـهـي
اڙي امان نهين ڇاڻان مين
١. کم عاماندا اهو ناهين
نـينهن ڇاون کي نيهي
٢. پير بهانا ڇڙ کريندا
پکي آندا جنهن پيهي
٣. هجر گهتيندي وچ دروني
کـري ديـوانـي ديـهـي
٤. **سچو** سوئي سِرُ ڳاڙيندا
اُنـهـين ساعـادت ايـهـي

کافي کليان ١٢٣٠

عـشـق سـچي ديـان ڳالـهـين
اڙي امان مئينون ڀاونديان
١. عشق ميڏي ديان ڳالهين سڀيئي
سُٹـن سـپ سـيـالـين
٢. کهُ کبڙيديان پَٽُ ديان سوڙيان
ساڙ گهتان سي نهالين

Scanned by CamScanner

۳. حال ميڏا تا ايها جيها
نال ميڏي ڪيوين جالين

۴. **سچو** سِرُ تي عشق دي سِهري
وسر ڳيم ٻيان چالين

ڪافي ڪليان ۱۲۳۱

سالڪ راه سڃاڻي
پاڻُ نظر ۾ آڻين

۱. جاءِ نظر جي آهين اصل ڪؤن
يار يقينئون ڄاڻي

۲. پاڻ وڃائج نُور نظر ۾
تہ وسرئي ٻي آکاڻي

۳. فنا ڪؤن اڳي بقانہ ٿيندين
جيئن پارو ۽ پاڻي

۴. صورت منجهان ٿي ٻي صورت
وڃون ساگرد اُڏاڻي

۵. هاديءَ حقيقت هيءَ سمجهائي
سچو ساه سيباڻي

ڪافي ڪليان ۱۲۳۲

ڪيهي ڳالهيون چرلايوئي
ميڏا وي ميان سائين الله

۱. ڏوه ثواب تي ڏيڪ اساڏا
يار متان چت چايوئي

۲. طرف تساڏي نينهن دي نياپي
گهنڪي قاصد آيوئي

Scanned by CamScanner

۳. نانءُ سائين دي متان تون لاهين
پيچ جو اسان نال پايوئي
۴. اول اســـانـــون ڏي ڏيـــكـــاري
پچي كيون آپ چپايوئي
۵. طـرف **سچو** دي سُهٽا سائين!
ڏاڍا تـابـره بـچايـوئـي

كافي كليان ۱۲۳۳

بره جي بازار، جيكا ڏسڻ ايندي

۱. جيكا جو ڏسندي ني ميان! تجلو تنهنجو الله
رهـنـدي سا كين قرار
۲. سؤدو جا كندي ني ميان! سر جو پلو الله
وهـنـدي سا كين قرار
۳. چؤسُول آڏو وي مـيـان سُرخي مـائـل
تـيـز گـهـمـي تـلـوار
۴. جي كنهن چمكو وي ڏٽو تنهينجو الله
سا سِرُ ڏيندي سردار
۵. **سچو** انهيءَ وي ميان سير ۾، پلو الله!
وهي كُسڻ جي كار

كافي كليان ۱۲۳۴

يار سانون نہ وسارين، مين تا هووان تيڏي نالي

۱. مـين تـا تـيـڏي تـون تـا مـيـڏا، صـاحـب آپ سـجاڻـين
كهہ كيڙي دي كُوڙي اٽالي
۲. نال كرم دي سائين ڏيك اسان ڏهون، اپٽا كر كيون نہ چاڻين
لاهين اسان ٿون كُل كشالي

Scanned by CamScanner

٣. ڳالهين اساڏي نال جي ڪتوئي! سائين! اُهي سي ٻيڻين نہ وسارين
تن من ڪُون هويا تسالي

۴. دل اساڏي دلبر منگدي، لوڪ ساريدي قطارين
وچ ڳهندي مت مسالي

۵. دل **سچو** دي روز ازل دي ڪيتي، سا نينهن نماڻي
هوئي رانجهو دي حوالي.

ڪافي ڪليان ١٢٣۵

يار سچڙ ڪيئن سري
توکي اسان ٻاجهون

١. اسان نماڻن ڏي سُهٽا سائين لا
دوست نهارج وري

٢. توکي قدر ناهي ڪو ٻلو
چيٽڪ ڪيڙس چري

٣. اچي **سچوءَ** جي نه وي ميان
ايڏهين سندي درد ڏري

ڪافي ڪليان ١٢٣٦

مونسان تو ڪيون ڪيون، سُهٽا!
اُهي ڳالهيون ڳالهيون

١. سي نہ وڃن وسري ٻلو ميان!
ڇڳيون اوهان جي ڇيون ڇيون

٢. اوهان ٻاجهون سپرين! ٻلو ميان
نينهن وهايون نيون نيون

٣. لکون ڪيون سين جي لوڪ ڪوڻ ٻلو ميان!
پڌر اُهي اڄ ٻيون ٻيون

Scanned by CamScanner

۴. ڳجهيون سي ڳالهيون يار **سچوءَ** ڪوڻ
ڪين وسري سي ويون ويون

ڪافي ڪليان ۱۲۳۷

ڪڏهان شاه امير بٽيندائين، ڪڏهان پير فقير سڏيندائين.

۱. ڪڏهان آپ ۾ صُلح ڪريندائين، ڪڏهان آپ دي نال اڙيندائين
۲. ڪڏهان هوڪا سچ ڦريندائين، ڪڏهان سولي اوپر چڙهيندائين
۳. ڪڏهان ڪُفر ايمان ٿون مجيندائين، ڪڏهان آيت معصف پڙهيندائين
۴. ڪڏهان **سچو** حاڪم هوندائين، ڪڏهان آپي دُهل وڄيندائين

ڪافي ڪليان ۱۲۳۸

نِتُ اُهي مونکي ميان! ڳالهيون اورڙ آيون، ري آيون

۱. هُو جي ڪيڙئي ڳالهيون، اسان سان ڪيئن سي وسرن وايون، وي وايون
۲. هو جي ڳجهڙيون پرين پُرجهايون، اُهي مون دل سان لايون، وي لايون
۳. ڪين جيون خبران پاروُن اوهانجي، اڄ توڙين تا نايون وي نايون
۴. موتيو وڃين ٿو پرين تون پوئنان، پير اسانوٽ پايون وي پايون
۵. سانيڙ ٿين سي ڪين **سچوءَ** ڪي، ڳليءَ ڳلي ۾ ڳايون وي ڳايون

ڪافي ڪليان ۱۲۳۹

ياد مونکي اڄ پيون
مٽيون ڳالهيون سُهٽا تهنجيون

۱. رهيون آهن رُوح منهنجي ۾
ڪين وسري سي ويون
۲. ويٺا ڏسون ٿا واٽ اوهانجي
دوست دلاسو ڪو ڏيون
۳. **سچو** آهي سڳ در تنهنجي جو ميان!
نال نباهي سو نيون

Scanned by CamScanner

کافي کلیان ۱۲۴۰

آءٌ تا تنھنجڙو آھیان، یار مونکي ڇو ٹو ڇڏین

۱. تون تا منھنجو آھین اصل کؤن، کنھن نہ ٻئي درکاھیان
ھُوت ایندین ھت کڈین

۲. آءٌ نماڻي عیبن ھاڻي، سگ نہ ساڻوَ ساھیان
پکا اوري آڻي اڏین

۳. توڙي سیاڻیں توڙي نہ ڄاڻین، لالچ تابي نہ لاھیان
ساڻ گولیء پاڻ گڏین

۴. آءٌ تا ٻانھي تون تا سائین، آءٌ غرب سا ڇاھیان
نانءُ **سچو** کري سڏین

کافي کلیان ۱۲۴۱

تنھنجو درد اصل کائون اختیار کیوسین میان
تنھنجن سخن سچن اُتي اعتبار کیوسین میان

۱. کي ٹا پچن پرین کي کُرسي یا عرش اُتي
تنھنجن اکین منجھان سُھٹا اسرار ڈٹوسین میان

۲. کي تا تابع تجلي یا شُعلي نُوري یارو
اسان صورت ھِن ۾ تا دیدار ڈٹوسین میان

۳. تنھنجو حُسن ٻنھي جھانین یار سڃڻ صحي کیوسین
تنھنجي سچيءَ ڳالھہ ھن تي اقرار کیوسین میان

۴. ھو جو کیڙوَ مونسان سو پانھنجو واعدو پاریو
سرُ ساھہ مٹائون صدقي، صد بار کیوسین میان

۵. **سچو** سگ دروازہ آھي، روز ازل کؤن میان
تو پیر عبدالحق جو پیزار کیوسین میان

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١٢٤٢

اُنهن جادوگر چشمن، بيران ڪيوسين ميان
انهن نيٽن سندي نازن، حيران ڪيوسين ميان
١. راتو ڏينهان دل ڪي، هي آهي پريشاني
انهِن غمزن ڳجهن رمزن، ديوان ڪيوسين ميان
٢. هِي هِي فرياداں وي يارو ڪنهن ڪي سُٽايان
خوني هن خُمارن، مستان ڪيو سين ميان
٣. ميڊان منجهه **سچو**، تهدليون آيو آهي
انهن تارن سندي تيرن، نيشان ڪيوسين ميان

ڪافي ڪليان ١٢٤٣

اڳي ڪڏاهان نهين سو ڏيکيرُ، صورت تانہ سجاڻان
١. ڪيون ڪريندا سٽوري سنيان، نال ميڏي ڪيئي ماڻا
٢. ڳل ڪي ڪفني دست پهوڙا، آءُ ملينداپاڻا
٣. مين اُهوئي رانجهن آهُس، تيڏي سو در وڪاڻا
٤. طعني تهمت سپ لوڪاندي، **سچو** ري ساهہ سيباڻا

ڪافي ڪليان ١٢٤٤

ساڳيو مون تا سجاتو
اُهو جيڏيون يار منهنجو
١. اصل لاڪون آهي انهيءَ سان
هن نماڻيءَ جو ناتو
٢. تہ ڪو ٽيڪر جوڳي ايندم
جاڙ هيئن مون جاتو
٣. ڏسي صورت ساريُئي سُهڻي
عشق انهي سان مون لاتو

Scanned by CamScanner

۴. هيءَ نماڻي عيبن هاڻي
پيچ پاڻهي تن پاتو
۵. سهو **سچو** ري ڏسي اسانجي
چِتُ نه دلبر چاتو

كافي كليان ۱۲۴۵

سچا سي سُخن هادي، جا يارو اڄ ياد آياسي
تنهن ڏينهن لاكون اڄ تائين اُهي بر چشم ڇايا سي
۱. كيو تا قول سائين هي، مڙن آڏو پكو مونسان
هونداسين دم بدم توسان، انهيءَ واعدي وٺاياسي
۲. ڏيوهي تن طاعت ۾، گڏيو هي جان جانان سان
پري ڇاٽيجو پاڻ ئي كي، لاري هِن يار لاياسي
۳. روزا كيئي نفل نمازان، توڙي سؤ ورد وظيفا
سپيئي لڳ ظاهر آهن، سبق ساجن پڙهايا سي
۴. پئو جي خيال خاصي ۾، سڃاڻو پانهنجي صورت
پُڌي پولي ڏسي ٿو كير فكر پيا سپ ڦلاياسي
۵. ويٺو منجهه بادشه محلي، پولي ٿو كئين اُهو پوليون
اُهو بادشه اُهو بنگلو. نه پئي پولي پُلاياسي
۶. جيكي كيا دوستن مونسان. اُهي ڳڻ تانه وسرن ٿا
هُنا گڏ جي حبيبن سان. ڇڳا سي دم لنگهاياسي
۷. شكر الحمد لله. ٿو پڙهان لك بار شُكرانا
اُهي پيهي پكي آيا، جنين لئي پنڌ پڇاياسي
۸. **سچو** سگ آهِ دروازي ازل جي روز سانئن جو
پنهنجو سي كيئن ڇڏيندا هي توڙي عيبن اٺاياسي

Scanned by CamScanner

كافي كليان ١٢٤٦

وجي اكيون كاڻي لايئي، حال حقيقت جي سان
فكر انهي ۾ ميان! ڏي فنا تون پاڻ پنهنجو پاڻ ئي

١. اهڙي ڳالهيون سُڻ ري عاشق! سارو عشق سو وڏايئي
٢. محبت وارو دل جي اندر، ڏاڍو كو مچ مچايُئي
٣. كنيئي پلك ۾ پاٽهي، پولي كنهن ته پُلايُئي
٤. جي ٿئين عاشق يار **سچو** ري، ائين سو عشق كمايُئي

كافيُ كليان ١٢٤٧

پكيئڙا ٿون سنيالين
آپ ڳوڙهي كنون بچالين

١. ڏكيا سُكيا ڏينهڙا
پئيٿا آكيري جالين

٢. داڻي كارڙ سنگ تي
كيون آپكون ڳالين

٣. جي مين كنون پچين ڳالهڙي
تا اوڏنهن نه پالين

٤. **سچو** حرفين حرمين والي
آپ كنون تون والين

كافي كليان ١٢٤٨

پانهنجا واعدا پاريا پاريا، سانول سائين

١. هوجي كيائون اصل اسان سان، سي قول نه يار وساريا
٢. ڏينهن اُهي مونكؤن تانه وسرن، جي مُون گڏ گذاريا
٣. سخن سچائي يار سچڙ جا، سي هن ساه سنياريا
٤. اُنهن كارڙ شهر بحر هي، مُون تا نِتُ نهاريا
٥. دوست **سچو** جا دُور هوا جي، سي والي هِت واريا

Scanned by CamScanner

داستان سترهون کنيات جي کافين جو

کافي کنيات ۱۲۴۹

پـانـهـو پـانءِ مَ پـاڻ
تـوهين مـالـک مُـلـک جو

۱. لاخيـر فـي عـبـدي
اهـو اتـئـي اُهـيـاڻ

۲. پـاڻ پـنـهـنـجو پـاڻـهـين
صـورت مـنـجهـ سُجاڻ

۳. تون ئي چاڻندڙ سيکي ميان!
تـئـين کـيـئـن اَچاڻ

۴. الله الله چو چويـــــن
پـــاڻ ئـــي الله چاڻ

۵. **سچو** سـائـين هـکـڙو
نـاهـي شـک گـمـاڻ

کافي کنيات ۱۲۵۰

صـــورت ســـپ ســـلـــطـــان
پـاڻ ڏسـڻ آيـو پـنـهـنـجو تـمـاشـو

۱. کـاڻـئـين حـنـبـل شـافـعـي، کـاڻـئـين مـالـک نُـعـمـان
۲. کـاڻـئـين پـڻـي پـوڻـيـون، کـاڻـئـين پـڙهـي قُـرآن
۳. کـاڻـئـين انـاالحـق چـوي، کـاڻـئـين قـيـرائـي فـرمـان
۴. کـاڻـئـين طـفـولـيـت ۾، کـاڻـئـين پـيـر جـوان
۵. کـاڻـئـين مِـيـرُ وزيـر ٿـيـو، کـاڻـئـين ٿـيـو دربـان
۶. کـاڻـئـين احـمـد بـلا مـيـمـي، کـاڻـئـين هـنـومـان
۷. **سچو** پـيـو صـبـر ۾، هُـوءِ حـيـرت ۾ حـيـران

Scanned by CamScanner

كافي كنيات ١٢٥١

زوري نال ميڏي دل دلبر نيتي وي

١. دوست ميڏا پرديس سڌاڻا، تنهندي كيتي وتون ويڳاڻا
گهٽي زهر دي مين پيتي

٢. بره ڏيكو سانون كيها كر كيتا، دين كُفر كُون اُنهين يكسان نيتا.
وسرئي منبر واعظ مسيتي

٣. پاءِ پلؤ هُڻ كيتي سي زاري، فوج حُسن دي مين وت ماري
يار ميڏي نال ڏاڍي كييي

٤. نال سچڙ دي لاتيسي بازي، ويك كيڏار تي كيتي آزي
مين هاري، پياري جيتي

٥. آءُ اچانك ول پكڙيس پانهان، پيان كُل ساڻون وساريس واهان
ليئي نال **سچو** دي دل ليتي

كافي كنيات ١٢٥٢

ميكون تون پالين وو
جيهي تيهي آهيان تيڏي

١. اڳڙ اساڏي آوين پيارل
ورق وڃوڙيدا والين

٢. تيڏي طرفون طعني ڏيندیان
سانون سپ سيالين

٣. هجر تساڏي كاهل كيتا
آءُ جاني گڏجالين

٤. دل اساڏي تون وسر نہ ويندیان
ڳجهيان تيڏيان ڳالهين

Scanned by CamScanner

۵. اپڻي در دا دوست پيارل !

سچو سڳ سنيالين

ڪافي ڪنيات ۱۲۵۳

مين ڪنين جالين، وو سهڻا پرديسي

۱. اسان نماڻيان ڻون نانءُ سائين دي، ورقِ وڇوڙي دا والين
۲. طعني تهمت تيڏي طرفون، ڏيون سپ سيالين
۳. دل ميڏي ڪنون وسر نہ ويندیان، ڳجهيان سي تيڏيان ڳالهين
۴. آوين تون پيارا اڳڻ اساڏي، حرف هجر دا تالين
۵. در تيڏي دا **سچو** آها، سو اپڻا سڳُ سنيالين

ڪافي ڪنيات ۱۲۵۴

تيڏا درسن پاوڻا وي

هُڻ هي نماڻي نون ميان

۱. جو ڪجهہ ڪرسان وي هُڻ ڪريسان

ميان ول اڻان نهين آوڻا

۲. بار بره دا وو باري آها

سر اسان تا چاوڻا

۳. سوال **سچو** اڳون سياندي ميان!

سارا عرض سُڻاوڻا

ڪافي ڪنيات ۱۲۵۵

ڪاڏي ويڙا وو پرين، پاڙيچا ميان!

۱. جاڏي هليا وو تهدل تاڏي، هل تون هينئڙا وو
۲. محبن مونسين وو عجب جيها، ڪئي ڳڻ ڪيئڙا
۳. گوندر گاڏئون وو ڏينهڙا، هت جالڻ ٿيا جيئڙا وو
۴. هن اجايا اُنهن پاجهون وي، جي پل پيئڙا وو
۵. **سچوءَ** سندا سانول پاجهون وي، هي حال ٿيئڙا وو

Scanned by CamScanner

داستان ارڙهون وهاڱ جي کافين جو

ريختو وهاڱ ١٢٥٦

میری جند جان قربان ہے ،بہاء بہاء جان قربان ہے
ایہا کوئی تکسیری آوے ،پڑی یہی گوئی میدان ہے
١-پچھانا سرّ جس اپنا، اوئی انا سرّ انسان ہے
بڑی ہے بات برھے کی ،ہوئی مشکل نہ آسان ہے
٢-ارسطو کیا جی افلاطون ،اسی حیرت میں حیران ہے
یہاں سیمرغ کا سارا،عجب کوئی آشیانہ ہے
٣- اوئی ظاہر ائوئی باطن ،یہی ہم تم بہانا ہے
کفر اسلام کے گھر سوں،نکل باہر جو فرمان ہے
٤-سنو منصور کی صافی ،اناالحق کہت سلطان ہے
اسے کیا عشق کوں روشن ،بڑا اس کا بیاباں ہے
٥-اسی خواجہ کی خدمت میں ،ہمارا سو سلاماں ہے
سچو اس شاہ کا تہدل غلاموں کا غلاماں ہے

کافي وهاڱ ١٢٥٧

رانجهو چاڪ ٿي آيو، نچاڻان کهڙي ڳالهه ڪئن

١. پڌرو وجهي پاڻ کي، لالن پاڻ لڪايو
٢. بنگلي ۾ آدم جي، ساجن پاڻ سمايو
٣. سوئي چوندڙ سوئي ٻڌندڙ، ڪيان ئي ڪونہ ڪنايو
٤. مارائيت شيءَ الا ورائيت الله فيه، فائق هيئن فرمايو
٥. لوڪشف الغطاءِ ما انت يقينا، حيدر هي رنگ لايو
٦. ماڻهو جي مظهر ۾ آڻي، سونينهن نوايو
٧. سچوءَ جي صفت ۾ الله ايئن الايو

Scanned by CamScanner

ڪافي وهاڳ ١٢٥٨

ياد مونکي اُهي آيون، وو يار!
ڪيئي ڳجهيون جي ڳالهڙيون هوءِ هوءِ

١. اوهانجي ٻي وو اچڻ جون، ٽيون وري هت وايون
٢. درد منديءَ جي وو دل کي دلبر، وره ويجي ڪي لايون
٣. نانءِ سائين جي سهٽا سائين، چِتُ نہ وچ مون تان چايون
٤. آءُ تا ڏينهڙا گڏ گذاريون، هِت وينا وِرهُ وسايون
٥. ڏوهن سچوءَ جن ڏي نہ ڏسو، هِت ٿا سندوَ سڏايون

ڪافي وهاڳ ١٢٥٩

دلبر دي دلبريان ڪارڻ اي من ميڏا برياني

١. آيا هئي نماز دا ويلا. منجهيان ملهيا هئي جو ٻيلا
مين تي ماهيدا هُڻ ميلا، لوڪان ليکي ٽريان ني
٢. گهوگهن مٽ منڌاڻي مٽيان، طعني ڏيون سي ڇٽيان
گهول رانجهو تؤن سيي گهتيان، سويلي ڪٽيان ڇڙيان ني
٥. سچو سوز سنيال ڳڌاسي، ول ول اپٽي جان ڏتياسي
٦. نعرا جگ ۾ نينهن مرياسي، سولي تي سر دريائي

ڪافي وهاڳ ١٢٦٠

پُور پرين جي هي ماريان
عشق سڃڻ جي چاڙهيان

١. دوست بنان درماندي
دم هتي ڪيئن گهاريان

٢. سر سڃڻ ٽون صدقي
واريون آءٌ ڪي واريان

Scanned by CamScanner

٣. ڳالهيون ڳجهاندر جُون
آءٌ پرين سان پاريان
٤. سگهو موڻج سپرين!
ڏهاڙيون ويڻي نهاريان
٥. محڪم محبت وڏيون
جاري مڻي جاريان
٦. هو جي ڪير پاڻ سان
ڳالهين انهن ڳاريان
٧. مجلس محبوبن جي
ساعت ساعت ساريان
٨. **سچيڏنا** ساهڙ ريءَ
ڏم مڙيئي ڏاريان

ڪافي وهاڳ ١٢٦١

سنيان ميڏي دل تي، ماهي ديان جهوڪان

١. عجب تماشي يار ميڏي دي، آءٌ لڪان وچ لوڪان
٢. لؤن لؤن ديوچ لڳ جو رهيان، ناز پرئي ديان نوڪان
٣. پارؤن تساڏي جهنگ ساري دي، چُم چايم ٽوڪان
٤. روز ازل ڪنون سر **سچو** ري، محبت لايان موڪان

ڪافي وهاڳ ١٢٦٢

پن جيڏ منهنجو جيڏيون! سُک ڪيها سڃڙ ري

١. سُکن وڏيس سرتيون! آءٌ پرين ڪانءُ پري
٢. ڏک ڇڳيرا وو دوست جا جي، قادر ڪرم ڪري
٣. سوئي عاشق ڪوڻجي، جو محبت منجهه مري

Scanned by CamScanner

۴. ڪاڪيون! مونکي ڪينڪي، ٿي ساجن ريءَ بہ سري
۵. جيڪا اديون عشق جي، آئي هيٺ اري
٦. تنهن جان جُٹو قربان ڪيو، زودئون منجهہ ذري
۷. **سچو** سوز انهن جي، ڳاري منجهہ ڳري

ڪافي وهاڳ ۱۲٦۳

احوال عشق لائي، سِرُ سره سلائي

۱. سسي شيخ عطار جي
ٿو چوٽين چلائي

۲. ڏسيو تماشو تيغ جو
ڪُوپن ڪنڌ ڪپائي

۳. دين ڪفر مؤن نڪري
ٿو اناالحق الائي

۴. واديءَ ۾ وحدت جي
ڪوڙين سر گنوائي

۵. **سچوءَ** کي تنهن صفت ۾
سائين مانَ سڏائي

Scanned by CamScanner

داستان اوٽيهون ڪؤنسي جي ڪافين جو

ڪافي ڪؤنسيو ١٢٦٤

بُسطامي ڪيهي بات ڪهي هي ڪوئي سمجهڻ والا هوءِ
١. "انا احمد بلا ميمي"، اهو سرور حرف سندوءِ
٢. "سبحاني ما اعظم شاني"، پير نہ ڏرٽا پوءِ
٣. فرمودو "مارئيت الا" جو، ڪل لهي هيءَ ڪوءِ
٤. "ليس سوالله" سخن جُنيدي، سالڪ سمجهج سوءِ
٥. "اسجدوني" تبريزي آکيا، منجهہ عُليل الوءِ
٦. وچ چوڳان حُسن حَلاجي، غازي ماري گوءِ
٧. اندر باهر اُهين هڪ دي، آهي هي سيا هاءِ هوءِ
٨. مچلي آب ڪنون هي غافل، پاڻي ڪر ڪر روءِ
٩. سچو صبر اتاهين ڪرٽا سيڪنهن صورت سوءِ

ڪافي ڪؤنسيو ١٢٦٥

حرف الله تي معنيٰ هُو، ظاهر هوتي باطن هو
١. اوئي اندر اوئي باهر، اوئي آها موبمو
٢. هر ڪنهن جاءِ ظهورا تنهندا، هر ڪنهن ڪوچي ڪُوبڪو
٣. آپ پهريندا لکين لباسان، هر ڪنهن خاني خوبخو
٤. اوئي روندا اوئي هسدا، صاحب سوئي سوبسو
٥. "وهو معڪم" اِها اشارت، جانب وسدا جوبجو
٦. آپ ڪنون ڪڏهان خيال نہ باهر، **سچو** پهندا روبرو

ڪافي ڪؤنسيو ١٢٦٦

جهيل ري من جهيل مالهان، همين پيالا جهيل جي
جيسي رنگ سي هانسي آيو، تيسي راکن ميل جي
١. ارم مڪ سي هانسي آيو، صورت مُک سي ڦولجي

Scanned by CamScanner

قول ۾ هڪ رتن پنهجي پر ڪليواش ٽول جي
۲. چندر ماڻي سورج پائي، پر ۾ اڻو سيل جي
شڪت شيجي پر نہ ڪوٽي ايسا عنبر پيل جي
۳. آئو توکس رنگ سي اور جائو توکس سنگ سي
امر گهر ڪي خبر ناهين، ڪيا هويلا رنگ جي
۴. ساس سُون اور ساس پوچو، آج ري ٿُر پانچ جي
ذات ۾ هوئي ذات بوليا سپ **سچو** هي سانچ جي

ڪافي ڪؤنسيو ۱۲٦۷

محبوبان ني ميندي لائي وي، عاشقان دي گهر رنگ وي
۱. علم عقل ڪٿي ڪم نہ آيا، وو نينهن وجايا ننگ وو
۲. ڇٽڪيا تير برهه دا ڪاري، لڳا نينهن نسنگ وو
۳. سُک واليان نون خبر ڪيهي، وو دُک چکايا ڏنگ وو
۴. نال رانجهو دي روز ازل دي، قلم ولايا انگ وو
۵. هڪ دل آهي رانجهو نيتي، مئين نهين ڪيڙيدي سنگ وو
٦. **سچو** عاشق آفرين صد ورهه گهتيا هي ونگ وو

ڪافي جهنگلو ۱۲٦۸

محبوبان ني ميندي لائي
عاشقاندي گهر رنگ وي
۱. علم عقل ڪٿ ڪم نہ آيا
وو نيهن وجايا تنگ وو وي

Scanned by CamScanner

٢. ڇُٽڪيا تير برهه دا ڪاري
لڳا نينهن نسنگ وو وي
٣. سڪ والیان نون خبر ڪيهي
ڏک چکايا ڏنگ وو وي
۴. نال رانجهو دي روز ازل دي
قلم ولايا انگ وو وي
۵. هڪ دل آهي رانجهو نيتي
مئين نهين ڪيڙيندي منگ وو وي
٦. سچو عاشق آفرين صد
ورهه گهتيا هئي ونگ وو وي

ڪافي ڪؤنسيو ١٢٦٩

ڪل نه پوندي ڪائي
عجب جيهي اسرار اُنهي جي
١. هئي حلاج ذرو سُڌِ سر جي
تنهن سسي ڪوڏ ڪپائي
٢. لاهي حجاب حجاب وڏائين
هيءَ حرفت يار هلائي
٣. **سچو** سوئي صاحب آهين
پر سپ ۾ ذات سمائي

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪؤنسيو ۱۲۷۰

محبت جو مان ماريو، ڏي آءٌ ڪاڪيون!
ڪنهن سان وره وراهيان

۱. عقل شرم سڀ ڇوڙ ڏتوسين، جان عشق ڏنو اولارو
۲. اکيان کول تہ ظاهر ويکين، سير سڃڻ جو سارو
۳. پُرجهي پير اوڏاهين پايو، هوت اٽؤ هاڪارو
۴. سهسين جُون ٿو سريون ڪپائي، رکي ڪنڌ ڪٽارو
۵. محبت مؤن منصور وجهايو، ڳچي ديوچ ڳارو
۶. سڀ **سچيڏنا** ڇوڙ سنباها، وره ڪيو جان وارو

ڪافي ڪؤنسيو ۱۲۷۱

سنيو! سهڻي يار دي ڀاجهونہ ڀهون ڀهون ماندي هان

۱. معلوم تيڪون حال اساڏا، ورهہ ڪنون نهين واندي هان
۲. نال ڪرم دي ڏيڪ اسان ڏهون، سُور اٽان ڀيٽي ڪاندي هان
۳. اڳڙ اساڏي آءٌ پيارا، حال ڪنون هُڻ جاندي هان
۴. نال لوڪاندي وو ڪم نہ ميڏا، ٽُسانڪون مين ڀاندي هان
۵. **سچو** اپنا سگ نہ ڇوڙين، پاند ڳچي وچ پاندي هان

ڪافي ڪؤنسيو ۱۲۷۲

جنهنجي آهيان عشق اندوهي، تنهن ڀاروچي کي ڀاجهہ پوي
آءٌ حال چوندیس روئي، تنهن ڪوهيارل کي ڪهل پوي

۱. سانہ ڇڏيجو ڇپرين، جا لعلن تو سان لوئي
۲. پريان سندي پار ڏنهن، قاصد اچي ڪوئي
۳. سوئي ايندم سُپرين! جانب جيءَ جو جوئي
۴. پورهيو ڪندي پرين، ڳچيءَ پائي اوئي

Scanned by CamScanner

۵. سمر ٿيڻم سُڄ ۾، جا حُب توي سان هوئي
٦. اکيون عجيبن ڏي، بيٽيون جُهڙ جهوئي
۷. **سچو** سڳ اوهانجو، پُور وڏا جنهن پوئي

كافي ڪؤنسيو ۱۲۷۳

اي پرين تون پاڙ پهنجا، قول جي تو كالهه كيا

۱. منجهه جدائي تانهنجي، هَي هت اسان هي حال ٿيا
۲. مون تا ملڻ لئي تانهنجي، ڪوڙين ڪهڙا ٿي خيال كيا
۳. حال منهنجي كي ڏسي، ڪئين پلا تو پال كيا
۴. سڏ **سچوءَ** سڪ سوز مؤن، جاني اوهانكي جال كيا

كافي ڪؤنسيو ۱۲۷۴

چوكرين ٿو ارمان وي
جيكي آهين سوئي ٿيندين

۱. اُتر اوپر اولهه ڏكڻ
سر زمين چا اُهو آسمان

۲. پاڻون چاڻي پير گهمايُئي
ٿي صورت ۾ انسان

۳. اٿڻ وهڻ چاڻ اهوئي
آهِ كُل يوم فَهو في شان

۴. كل شيء يرجع الي اصله
قادر ٿيو قُرآن

۵. هادي، حقيقت هي پرجهائي
سچو تون سلطان

Scanned by CamScanner